ڀٽائي



انور پيرزادو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٿائي

مضمونَ، مقالا، ليڪچرَ، انٽرويو،
تبصرا ۽ سلسلا

انور پيرزادو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كتاب: ٻٽائي

ليکڪ: انور پيرزادو

ڪمپوزنگ: ڪامران ڪمپوزر

ٽائيٽل: شفيع پيرزادو

پريس: الجنت پريس ڪراچي

ڇپائي جو سال: ڊسمبر2007

تعداد: 1000

قيمت: 250

ڇپائيندڙ: انور پيرزادو اڪيڊمي.

A-64 فيز_1، گلشن حديد ڪراچي.

021_4711070

0334_3007566

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ســٽاءُ....

. پنهنجي پاران	1
. هڪ عشق جو تعارف.......... انور ابڙو	3
. ڀٽائيءَ کي رسالي ۾ ڳوليو	12
. ڀٽائيءَ جي تصوراتي تصوير	15
. ڀٽائي ـ سنڌ جي دائمي دردن جو شاعر	17
. ڀٽائي ـ سنڌ جو ثقافتي وحدت الوجود	24
. ڀٽائي ـسنڌ جو سياسي وحدت الوجود	27
. ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ سياست	39
. ڀٽائي ـ سنڌ جو ماضي، حال ۽ مستقبل	45
. ايڪويهين صدي ۽ ڀٽائي	52
. ڀٽائيءَ جي ترقي پسندي	62
. ادب ۾ ترقي پسندي ۽ ڀٽائي	69
. قومي ۽ طبقاتي سوال ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي	71
. پورهيي جو جمالياتي نظريو ۽ ڀٽائي	75
. ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو جاگيردا دشمن پهلو	81
. ڀٽائيءَ جي مادي روحانيت يا روحاني ماديت	85
. ڀٽائي ماديت پرست هو	90

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

. وَرُوائيءَ جو جي لِهين	93
. ڀٽائيءَ جي ڪيڏاري ۾ جماليات	99
. وڏا وِهائُو	105
. ڪريان هوندَ ايئن!!	108
. مَ چَئُ چنائون	112
. مارئي ڪير هئي	116
. ڀٽائيءَ کان انٽرويو	120
.آنداٺون عميق مان	124
. ڀٽائيءَ جو نظريو	213
. ڀٽائي سنڌ جي قومي وحدت جو اڏيندڙ شاعر	225
. سچ تا مرد چون، ڪنهن کي وَٽي نہ وَٽي	239
. فنا جو فڪر	245
. شاهہ لطيف پنهنجي دور جو سچاڻ اِنسانُ	249
. پريمَ تنهنجا پارَ	255
ڀٽائيءَ جي شاعراڻي عظمت جو لڪل راز	261
. لطيف جو لوڙهو	264
. پٽَ تي ميلا	267
. انور پيرزادي سان ڳالهہ ٻولهہ	274
. انور پيرزادي سان ڳالهہ ٻولهہ	279

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي پاران

”انور پيرزادو اڪيڊمي“ جيڪا انور صاحب جي لاڏاڻي ڪانپوءِ سندس ٽيجهي جي موقعي تي وجود ۾ آئي هئي تنهن انور صاحب جي سموري تخليقي ۽ تحقيقي مواد کي ڪتابي شڪل ڏيڻ جو جيڪو سلسلو شروع ڪيو آهي تنهن جي هيءُ ڪتاب ٻي ڪڙي آهي. ان کان اڳ 2007 ۾ چاليهي جي موقعي تي انور پيرزادو اڪيڊمي سندس مشهور شارٽ ڪالمن تي ٻڌل سلسلي”متان وساريو“کي ڇپائي چُڪي آهي. انهيءَ ڪتاب جي ريڪارڊ وڪري جو عالم اهو هو تہ ڇپائي ڪانپوءِ جي ٽن مهينن اندرئي اهو هٿو هٿ مڪمل طورتي وڪرو ٿي ويو. سنڌ کان علاوه هندستان ۾ بہ هن ڪتاب جي نہ صرف طلب ٿي پر اتي پبلشرن بہ سنڌ کي سمجهڻ لاءِ ان ڪتاب کي وري ڇپائڻ جي ضرورت کي محسوس ڪيو.

اسان کي پيٽائي متعلق انور پيرزادي جو هيءُ ڪتاب آڻيندي ان ڪري بہ بيحد سُرهائي ٿي رهي آهي تہ هن ڪتاب جي هڪ وڏي وقت کان ڊيمانڊ هئي. هيءُ ڪتاب سنڌ جي تمام وسيع ادبي حلقي جو هڪ وڏو خواب هو ڇاڪاڻ تہ اُهو حلقو انور پيرزادي جي پيٽائي متعلق هن جديد نقطئہ نظرکانسواءِ پيٽائي جي تاريخ کي اڌورو تصور ڪري رهيو هو. سو هيءُ ڪتاب جڻ تہ پيٽائي جي تاريخ جو هڪ روح آهي، جيڪو پيٽائي جو نئون تعارف پيش ڪري رهيو آهي.

پيٽائي صاحب سان انور پيرزادي جو جيڪو عشق هو تنهن جو اندازو انهيءَ حقيقت مان لڳائي سگهجي ٿو تہ پيٽائي سندس سجاڳ جو هڪ وڏو ۽ مشهور حوالو رهيو آهي.

انور پيرزادو اڪيڊميءَ انور پيرزادي جي پيٽائي متعلق سنڌيءَ ۾ لکيل

مضمونن، مقالن، سلسلن، تبصرن، ليڪچرن ۽ انٽرويوز تي ٻڌل مواد کي سهيڙي ان کي ڪتاب شڪل ڏني آهي. هن ڪتاب ۾ ريڊئي رسالي ۾ پڙهيل سلسلي ”آنڌائون عميق مان“کي بہ شامل ڪيو ويو آهي جنهن لاءِ اها وضاحت پيش ڪرڻ ضروري آهي تہ انور صاحب جي پيڻائي متعلق هن موضوع وار سلسلي کي جيئن تہ ريڊيو انتظاميہ مڪمل طور تي هلائي نہ سگهي هئي تنهنڪري اهو موضوع وارو سلسلو نامڪمل رهيو جڏهن تہ انور صاحب ان سلسلي جا اڍائي سئو موضوع طئي ڪيا هيا بهرحال اسان ان نامڪمل سلسلي کي هتي جيئن جو تيئن شامل ڪيو آهي جيڪڏهن اهو موضوع وارو سلسلو پورو ڪيو وڃي ها تہ ”آنڌائون عميق مان“ نالي پيڻائي متعلق انور پيرزادي جو هڪ الڳ ڪتاب اچي وڃي ها. اهڙي نموني 70 جي ڏهاڪي ۾ برسات مئگزين ۾ ڇپيل تحقيقي سلسلو”ور وائيءَ جو جي لهين“ جنهن انور کي پيڻائي جو ترقي پسند شارح طور متعارف ڪرايو پنهنجي وجود ۾ هڪ الڳ ڪتاب آهي. ان لحاظ کان اسان سمجهون ٿا تہ”انور پيرزادو اڪيڊمي“ هن املهہ مواد کي سهيڙي ڪتابي شڪل ڏئي ڪري اها امانت سنڌ جي ادبي تاريخ جي حوالي ڪري ڇڏي آهي جيڪا ڪتابي شڪل کان رهيل هئي.

انور پيرزادو اڪيڊمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ عشق جو تعارف

هيءَ تحرير انور پيرزادي صاحب جي هِن ڪتاب جو مهاڳ بلڪل بہ ناهي. هيءُ ٻن شخصيتن (هن ڪتاب جي ڪردار شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ هِن ڪتاب جي ليکڪ انور پيرزادي صاحب) جي زندگي، علمي ۽ تخليقي پورهيي تي تفصيلي بحث بہ ناهي. هِن تحرير جو مقصد ڪِجهہ سمجهائڻ بہ ناهي، ڪجهہ سُلجهائڻ بہ ناهي، بس، هيءَ اُن عقيدت ۽ عشق جو مختصر تعارف آهي، جيڪا عقيدت ۽ جيڪو عشق نئين دور جي هڪ ڪمال جي شاعر (انور پيرزادي) جو هڪ ٻئي عظيم شاعر (شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ) سان هو، جيڪو ڀٽائيءَ جي لفظن ۾ چوندو هو:

اڄ معذور هُئان، الا! ڇَڳِي مر تِئان!
رِڙهان ۽ رُئان، پُنيَ سَڱِرِ ساٿَ جي!

هِن ڪتاب جو ليکڪ مُهين جي دڙي جي ڪُک مان اُٿي آيو هو، هُن سنڌوءَ جي ڪنارن سان سفر ڪيو هو، هُن ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ سنڌ جي تاريخ، سنڌي قوم ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سونهن کي ڳولڻ ۽ پرکڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هُن اهڙي ڳولا لاءِ ويرانا وَسايا هئا، جبلن ۾ ترسيو هو، سمونڊ سيويو هو، سنڌو ڊيلٽا ۾ ويو هو ۽ ٻيلن ۽ برپٽن ۾ پَڪا اڏيا هئا. پنهنجي زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ هُن جي لاءِ جيڪڏهن ڪو وڏو ذڪر هوندو هو تہ اُهو ڀٽائيءَ جي شاعري ۽ جيڪڏهن سندن وڏي ۾ وڏي سڪون واري ڪا جاءِ هوندي هئي تہ، اُها ڀٽ شاهہ هوندي هئي. انور پيرزادي صاحب کي "هيءَ ڀونءِ تہ ڏاڍي ڀانءِ" آئي هئي، پر اڄ کان هڪ سال اڳ (7 جنوري، 2006ع) تي هُن وري بہ مُهين جي دڙي جي "مٽيءَ کي وڃي پنهنجي ماتي سان لاتو".

ويو سڄ وٽن تان، راسيون رَتائين،
مون کي مارڀائين، اڍيون اونداهي ڪري. (ڀٽائي)

ڀٽائي سائينءَ سان انور صاحب جي بي انتها عشق جي پسمنظر ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ هوندي هئي. هُو دراصل سنڌ کي ڀٽائي سائينءَ جي معرفت سمجهڻ جي جستجوءَ ۾ رهيو. انور پيرزادي صاحب جي شخصيت جا تمام گهڻا حوالا آهن ۽ سيئي حوالا پنهنجي جاءِ تي ڏاڍا معتبر آهن. هِن ڪتاب ۾ هُو ڀٽائيءَ جي هڪ جديد شارح جي صورت ۾ سامهون اچي ٿو.

پنهنجي لاڏاڻي (1752) ڪان پوءِ وارين اٽڪل اڍائي صدين ڪان ننڍي يا وڏي سطح تي ڀٽائي بحث هيٺ آهي. ڪو ڪيئن ٿو چوي، ڪو ڪيئن ٿو چوي؟ ڪي پڇن ٿا ته: شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪير هو؟ ڇا هُو ڪو ولي هو؟ درويش هو؟ پيرُ هو؟ پهتل بزرگ هو؟ ڪاني ڪرامت وارو ڪو مرشد هو؟ يا اجا ڪا ٻي هستي هو؟ ڪي چوَن ٿا ته، هُو سنڌ وَستيءَ جو اُهو رهنما آهي، جنهن وستيءَ جا جڏهن سيئي پاسا درد سان پرجي اُٿلي پيا هئا، تڏهن هُو سفر تي نڪتو هو. هو جهرجهنگ ويو هو، سنياسين، جوڳين سان مليو هو، عام ۽ خاص سان مليو هو، رڻ پٽ، بيابان، درياءَ ۽ جبل گهميو هو، پنهنجا پير پِٽون ڪيا هئائين، اکين ڪي اوجاڳن سان عشق ڪرايو هئائين ۽ پوءِ ڪراڙ جي ڪنڌي تي اچي ويهي دنبوروڪٽي جيڪا ڳالهه چئي هئائين، اُن کي ماڻهو اڄ سنڌ ۽ انسانيت جو آئين ۽ منشور چون ٿا.

ڪي پڇن ٿا ته، جيڪڏهن هُو شاعر آهي، ته سندس شاعِريءَ جي سيج تي ڪهڙا گهوٽ وينل آهن؟ ڪهڙا جنگ جا ميدان سجايل آهن؟ ڪهڙا تاريخ جا سچ بيان ڪيل آهن؟ ڪهڙا انوکا عشق بيان ٿيل آهن؟ ڪهڙين دلين جي ڏرتين جي زلزلي جو ذڪر آهي؟ ۽ هُو پنهنجن بيتن ۽ واين ۾ ڪهڙن ماڻهن سان مخاطب آهي؟ جيڪڏهن هُو فلسفي آهي، ته سندن فلسفي جي سرزمين ڪهڙي آهي؟ جيڪڏهن هُو سماجي علمن، مختلف ٻولين، لهجن ۽ راڳن جو ڄاڻو آهي ته، انهن علمن ۾ سندن رُتبو ڪير طي ڪندو؟ ۽ جيڪڏهن هُو عاشق آهي، ته سندن محبوب ڪير آهي؟ جيڪڏهن هُو پاڻ محبوب آهي ته، سندن عاشق ڪير آهي؟ ۽ جيڪڏهن هُو رهنما آهي، ته پنهنجي قوم کي نجات جي ڪهڙي واٽ ڏسي ٿو؟

انور پيرزادو صاحب ڀٽائي سائينءَ جي شاعري، فلسفي، عشق، سندس

پرين، سندس ٻولي، سنڌ جي اينٿروپولاجي، سنڌ جي تاريخ، ثقافت ۽ سنڌ جي پراڻي ۽ نئين دور بابت سندس شاعريءَ جي اهميت بيان ڪري ڪيس ”سنڌ جو سياسي ۽ ثقافتي وحدت الوجود“ ۽ ”سنڌ جي ماضي، حال ۽ مسقبل جو شاعر“ قرار ڏيئي، سندن سوچ جا جيڪي سچ بيان ڪري ٿو، انهن ۾ انور صاحب جي عقيدت ۽ عشق شامل هوندي به، اُنهن ۾ هِن جو منطق، عقلي ۽ علمي دليل شامل آهن. انور صاحب پيڙائي سائينءَ جي شاعريءَ جي ٽيندڙ غلط تشريح جي خلاف بحثن جي بنياد تي هڪ ڊگهي جدوجهد ڪري، پيڙائي سائينءَ جي اُها تصوير پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، سندن اُهي خيال واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، سندن اُهو فڪر ۽ اُهي هيروز بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جن تي اڳ ۾ رڳو پَڙ پيل هئا. انور پيرزادي صاحب پنهنجي روشن شعور، تجربي ۽ مشاهدي جي بنياد تي پيڙائي سائينءَ کي سمجهڻ ۽ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هُن سنڌ ۾ پيڙائي سائينءَ جو چڻ ته نئون ۽ درست تعارف ڪرايو آهي.

انور پيرزادو صاحب پيڙائيءَ کي ڳولي ٿو سندس اُن اصلي روپ ۾، جيڪو روپ ”پريم تنهنجا پارَ ڪهڙا چئي، ڪهڙا چوان“ آهي. پيڙائيءَ وٽان انور پيرزادي صاحب کي جيڪي ڪجهه حاصل ٿيو، اُن جي ذريعي هُن پنهنجن هِنن مضمونن ۾ پيڙائيءَ جي ذهني اڏام جا پيرا ڪنيا آهن. هُو پيڙائيءَ جي پيرن پٺيان هليو آهي. هُنَ پيڙائيءَ جي اکين جي روشنيءَ سان دنيا کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هُن ڪٿي به نلهي عقيدت ظاهر ڪندي پيڙائيءَ جي شاعريءَ جي غلط تشريح ناهي ڪئي، هو هڪ جديد علمن جو ڄاڻو ۽ پيڙائيءَ جو جديد ۽ پختو شارح بڻجي جيڪا به ڳالهه ڪري ٿو، اُن ۾ پيڙائيءَ جي شاعري آئينو بڻجي اڳيان اچي ٿي.

انور پيرزادو صاحب، پيڙائي سائينءَ جي فڪر، ٻولي ۽ اُن ۾ موجود شاعراڻي حسن کي انڪري ئي گهرائيءَ سان سمجهي ۽ اُها اسان کي سمجهائي سگهيو آهي، جو هُو خود هڪ عملي ماڻهو هو. هُن جو عوام سان سڌو رابطو هو. سنڌي ٻوليءَ تي هُن کي دسترس حاصل هئي. سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي تاريخ

سان گڏ هُن دنيا جا سيئي سائنسي، سياسي، سماجي ۽ اقتصادي علم ۽ نظريا پڙهيا هئا. هُن عالمي ادب پڙهيو هو. هُن دنيا ۾ آيل انقلابن جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪيو هو. هُن قيد ڪاٽيو هو. هُو پاڻ عشق جي آڳ ۾ جليو هو. هُو محقق هئڻ سان گڏ، شاعر، ڪهاڻيڪار، مضمون نويس ۽ صحافي پڻ هو. هُن پيتائيءَ تي اڳ ۾ ٿيل سمورو تحقيقي ڪم پڙهيو هو ۽ هُن پٽ شاهه جي راڳائين ۽ ڏورانهن علائقن ۾ آباد پيتائيءَ جي پارڪن سان بار بار ۽ تفصيلي ملاقاتون ڪيون هيون. انور صاحب سنڌ جي ڪنهن به علائقي مان جڏهن پيتائيءَ سائينءَ جو ڪو نئون بيت لهي يا سندن ڪنهن بيت ۾ استعمال ٿيل لفظن جي صحيح معنيٰ ٻڌي ايندو هو ته اُها سيني دوستن کي ايتري ته خوشيءَ سان ٻڌائيندو هو، جو محسوس ٿيندو هو ته، هُن کي ڪي وڏا قيمتي هيرا جواهر هٿ آيا هجن. سنڌ جي ويهين صديءَ جي ستر واري ڏهاڪي ۾ شعوري طور تي بالغ ٿيل هيءُ نسل ڏاڍو سچو، ڏاڍو بي خوف ۽ ڏاڍو ڏاهو رهيو آهي. اِنهيءَ ڏهاڪي ۾ ڪراچيءَ ۾ جن ماڻهن دونهين دُکائي پيتائيءَ سائينءَ جي ترقي پسند، قوم دوست، امن دوست ۽ انسان دوست نظريي کي هڪ مشن جي طور تي ماڻهن تائين پهچائڻ شروع ڪيو هو، اُنهن ۾ انور پيرزادو، عبدالرحمان نقاش، فقير محمد لاشاري ۽ بدر ابڙو سرفهرست هئا. انور صاحب جو اِهو رياض ته سندن زندگيءَ جي آخري ڏهاڙن تائين جاري رهيو.

پيتائي سائينءَ تي سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر تمام گهڻن محققن ڪم ڪيو آهي. هر ڪنهن پيتائي سائينءَ کي پنهنجي علم، عقل ۽ تجربي آهر سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر انور پيرزادي صاحب پيتائي سائينءَ جي شاعريءَ جي معنيٰ ۽ مفهوم هڪ نئين ۽ غيرروايتي انداز ۾ بيان ڪيو آهي. پيتائي سائينءَ بابت هِن جي خيالن ۾ ڪٿي به ڪو ابهام ناهي. هِن پيتائيءَ جي فڪر جي جيڪا تصوير ڪشي ڪئي آهي، اُن ۾ ڪٿي به ڪو ڏنڌلو پن ناهي. البت انور صاحب کي اِهو ڏک ضرور هوندو هيو ته، نئون سنڌي نسل پيتائيءَ جي ٻوليءَ کان اڻڄاڻ بڻجي ويو آهي. تڏهن ئي ته هُو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي روايتي انداز ۾ وڏو ٺهڪ ڏيئي هيڏي وڏي طنز ڪري ويندو هئو ته:"هاڻي اسانکي

پنهنجن نوجوانن کي ڀٽائي سنڌي ترجمي سان پڙهائڻو پوندو."

هِن ڪتاب ۾ انور صاحب جا بيان ڪيل خيال سندس ذاتي خيال هوندي بہ هڪ وڏي اڪثريت جي خيالن جي نمائندگي ڪن ٿا. هُو ڀٽائيءَ کي پڙهَ مان نڪري پڙهَ ۾ بيٺل ڏيکاري ٿو. انور صاحب محقق کان اڳ هڪ تخليقڪار هو، تنهن ڪري ئي هُو جڏهن هڪ عظيم شاعر تي لکي ٿو، تہ اُن جي درد کي، اُن جي دانهن کي ۽ اُن جي ڌرتيءَ جي چيخ جي شدت کي چڱي طرح سمجهي هڪ ڏاڍي پراثر لهجي ۾ اُن عظيم شاعر جي شاعري ۽ فلسفي جو حسن بيان ڪري ٿو. ايچ ٽي سورلي، علامہ آءِ آءِ قاضي، جي ايم سيد، رسول بخش پليجي، انور پيرزادي، ڊاڪٽر تنوير عَباسي ۽ بدر ابڙي ۽ ڀٽائيءَ جي اصل فڪر ۽ فلسفي سان گڏ سندن شاعريءَ جا سمورا انساني ۽ ڪائناتي پهلو جنهن انداز ۾ بيان ڪيا آهن، اُن ڪانپوءِ ڀٽائيءَ جي شاعري، فڪر ۽ فلسفي جي غلط تشريح ڪرڻ جي ڪنهن ۾ بہ همت نہ ٿيندي.

هُو ڀٽائيءَ جا وڏا وارث پيدا ڪري ويا آهن. انور صاحب ڀٽائيءَ سائينءَ جي چونڊ شاعريءَ جي انگريزيءَ ۾ امڙ ايلسا قاضيءَ جي ڪيل ترجمي کي سيني ترجمن کان بهتر سمجهندو هو. اِهو ئي سبب آهي جو اِهو ترجمو سندن ليپ ٽاپ ۾ هروقت موجود رهندو هو.

انور پيرزادي ڀٽائي سائينءَ کي هر لحاظ کان ڊاڪيومينٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ڀٽائيءَ جا ماڳ ۽ مڪان، ڀٽائي جا رندَ ۽ رستا، ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل ٻوليءَ جا پس منظر ۽ ڀٽائيءَ جي فڪر جا محرڪ، ڀٽائيءَ جي دور جي هڪ وڏي صوفي، انقلابي، شهيد شاهہ عنايت جي واقعي جو ڀٽائيءَ جي شاعراڻي شان سان تعلق، ڀٽائيءَ جي دور جا سياسي ۽ سماجي طوفان ۽ سنڌ جي ماڻهن سان سندن عشق کي هُو سندن شاعريءَ ۾ ڳوليندو هو. هُو ڀٽائي سائينءَ جي شاعريءَ جي هرهڪ موضوع کي جنهن انداز ۾ بيان ڪري ويو آهي، اِهو ڪم بہ رڳو انور صاحب ئي ڪري پئي سگهيو.

آ اِن سان گڏ انور پيرزادو صاحب ڀٽ شاهہ تي ٻاروهي لڳندڙ ميلن، ادا ٿيندڙ

خاص ثقافتي ريتن رسمن، پٽائيءَ جي راڳائين، ڪراڙ ڍنڍ ۽ ڀٽ شاھ جي مسئلن بابت نہ صرف سنڌي ۽ انگريزي ٻولين ۾ لکندو رهيو، پر هُو انهن جي فوٽوگرافي بہ ڪندو رهيو. هُن پنهنجي فوٽوگرافيءَ جي صورت ۾ بہ هڪ وڏو رڪارڊ ڇڏيو آهي. انور پيرزادو صاحب هڪ بهترين فوٽو گرافر بہ هو. هُن پٽائي سان لاڳاپيل اُنهن سيني شين جون ائين تصويرون ڪييون، جيئن ڪو پنهنجي محبوب جون ڪيندو آهي. هُن چاهيو هو تہ هُو پٽائيءَ سائينءَ کي هر طرح سان رڪارڊ ڪري. سو، جنهن شخص وٽ اهڙو مشاهدو، اهڙو تجربو، اهڙو علم ۽ اهڙو عشق هجي، اُهو جڏهن پنهنجي محبوب تي ويهي لکندو، تہ اُن ۾ ڪيڏو نہ سچ هوندو.

پٽائي سائينءَ سان انور صاحب جي عقيدت ۽ عشق جا پيرا ڏاڍا پراڻا آهن. هِن اول پنهنجي ڳوٺ جي مڪانن ۽ اوتارن تي فقيرن جي واتان پٽائي سائينءَ جي شاعري ٻڌي، پوءِ پنهنجي وڏي ڀاءُ فقير يارمحمد کان پٽائيءَ جا بيت ٻڌا، پوءِ هُن پاڻ پٽائيءَ جي شاعري پڙهي، بعد ۾ اِهو سمورو ورثو پنهنجي ذهن جي گودڙيءَ ۾ سنڀالي کڻي هُو اُنهن ماڳن مڪانن، علائقن، رستن، جبلن ۽ ٽر ٻر ۾ رليو، جتي پٽائي سائين ويو هو يا جنهن جو پٽائي سائينءَ جي شاعريءَ ۾ ذڪر هو. هُو هر اُن ماڻهوءَ سان مليو، جنهن جي دل ۾ پٽائي رهندو هو ۽ هر اُن علائقي ۾ ويو، جنهن جي ٻوليءَ جي لهجي کي پٽائي سائينءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ جاءِ ڏني هئي. ڀٽ شاھ انور پيرزادي جي لاءِ ٻيو ٻلهڙيجي هو. هُو پٽائي صاحب جي درگاھ تي هر هفتي ويندو هو، اُتي ادا ٿيندڙ هر رسم ۾ شرڪت ڪندو هو ۽ جيڪڏهن ڪيس ٻيا بہ ڪي واندڪائيءَ وارا ڏينهن ملي پوندا هئا تہ، هُو اُهي بہ ڀٽ شاھ تي ئي گذاريندو هو. هُو اُتي ٿيندڙ سماءَ ۾ گم تي ڪجهہ نہ ڪجهہ نئون ڳولي کڻي ايندو هو ۽ پوءِ اُهو اچي دوستن ۾ ورهائڻ ۾ مصروف ٿي ويندو هو.

انور صاحب هِن ڪتاب ۾ شامل مضمونن ۾ ايڊيٽنگ ڪرڻ جو ارادو رکي پيو، پر هُن جي حياتيءَ هُن کي ايتري مهلت نہ ڏني. تنهن ڪري انور پيرزادو اڪيڊميءَ بغير ڪنهن ترميم يا تبديليءَ جي، انور صاحب جون پٽائي سائينءَ بابت ستر جي ڏهاڪي کان وٺي 2006 تائين مختلف وقتن تي لکيل هي لکڻيون سهيڙي ڇپائي رهي آهي. انور صاحب جون اِهي تحريرون ڪجهہ

سلسلن تي پڻ ٻڌل آهن: مثال جي طور تي، ”وروائيءَ جو جي لهين“ جي عنوان تحت لکيل سندن مضمون 1970 جي ڍاڪي ۾ يوسف شاهين صاحب جي برسات رسالي ۾ ڇپيا هئا. اهڙي طرح ”آنداڻون عميق مانڻ“ جي سلسلي هيٺ لکيل سندن موضوع وار مضمون 1980ع جي ڍاڪي جي آخر ۽ 1990ع جي ڍاڪي جي شروع ۾ ريڊيو پاڪستان، ڪراچيءَ تان پڙهيا هئائين.

انور صاحب نئين دور ۾ پٺائيءَ جو هڪ تمام گهڻو سرگرم ترجمان هو. هُو انگريزي ۽ سنڌي ٻولين ۾ پٺائيءَ تي لکي، مختلف ماڻهن جو پٺائيءَ جو گائيڊ بڻجي ۽ مختلف محفلن ۾ پٺائيءَ تي ڳالهائي هُن پٺائيءَ جي پڙهندڙن ۽ سمجهندڙن جو هڪ وڏو حلقو تيار ڪري ورتو هو. ڪيترن نوجوانن ته پٺائي صاحب کي انور صاحب جي معرفت سڃاتو هو. هُو ماڻهو، جنهن جي گفتگو پٺائي سائينءَ جي بيتن کان سواءِ اڌوري هوندي هئي. اهُو جڏهن پٺائيءَ سائينءَ جو بيت پڙهندو هو، ته پٺائيءَ جو درد ۽ خيال آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي ويندو هو. 2004ع ۾ مان هڪ وڏي حادثي جو شڪار ٿيو هوس. انور صاحب فوري طور تي اچي پهتو، چيائين: ”بابا، پٺائي سائين وڏو ويڄ آهي، اوڏانهن هل.“ پوءِ انور صاحب، محمد علي پناڻ ۽ مان پٽ شاهه تي وياسين. اُتي مون ڏٺو ته، جڏهن اسان پٺائي سائينءَ جي درگاهه ۾ داخل ٿياسين ته هُن پٺائيءَ جي روضي جي چائنٺ تي بي انتها عقيدت وچان جهڪي، اُن تي هٿ تري رکيائين، روضي تي گل ٿي رکيائين، پوءِ دعا گهري، ٻانهون ٻڌي، پنيءَ پير پٺائي سائينءَ جي والد شاهه حبيب جي روضي ڏانهن هليو. مون اُن لمحي سوچيو هو ته،” هيءُ ڪميونسٽ به رهيو آهي، پر پنهنجي مرشد سان ڪيتري نه عقيدت رکي ٿو!“ پر انور صاحب پٺائيءَ سائينءَ جي شاعريءَ جي جڏهن تشريح ڪري ٿو ته اُتي هُو ائين ٿي ٿو وڃي، ڄڻ پٺائي سائين جو مريد نه، پر ڪو وڏو عالم هجي.

انور صاحب پنهنجي زندگيءَ جي آخري سالن ۾ ڊاڪٽر محمد علي پناڻ کي ساڻ ڪري پٽ شاهه تي وڃي ٽِڪندو هو. جڏهن به ڪنهن صدمي جو شڪار ٿيندو هو ته، پٺائي سائينءَ کي دانهن ڏيندو هو ۽ اُن دانهن جي ايف آءِ آر پٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ تي مور فقير جي مڪان تي رکيل ”ايف آءِ آر بڪ“ ۾ داخل ڪندو ويندو هو. سندس اِهي لکڻيون پڻ سندن تخليقي عمل جو هڪ جاندار تسلسل ۽ پيٽائي سائينءَ سان هڪ وڏي اُنسيت جو اظهار آهن. انور صاحب تہ دانهن تہ پيٽائي سائينءَ کي پنهنجي مشهور نظم: ” اي چنڊ پيٽائيءَ کي چئجان“ ۾ بہ ڏني هئي. اِن مان اوهان اندازو لڳايو تہ، هُو دردڪان خالي، پيٽائي تي رڳو ڪتاب لکڻ وارن محققن مان نہ هو، پر هُو عاشقن جي اُن سلسلي مان هو، جن کي دنيا جي ڪا پرواهہ ناهي هوندي. هُن سڀ عشق ائين ڪيا.

انور پيرزادي جي وڏي پٽ، نوجوان ليکڪ ۽ صحافي زرار پيرزادي ۽ ٻن شاعرپٽن زيد پيرزادي ۽ امر پيرزادي جو پنهنجي والد سان عشق هو. اُن عشق جو اِهو ثبوت آهي، جو هُنن هڪ سال جي اندر انور صاحب جو هيءُ ٻيو ڪتاب (پهريون ڪتاب ”متان وِساريو“) ڇپايو آهي. اِنهن هيءُ ڪتاب ڇپرائي، ڄڻ تہ هڪ نئون انور پيرزادو صاحب سنڌ کي ڏنو آهي. زرار پيرزادو اڄ اڪيلو آهي، مٿس ڏاڍا وڏا بار پيا آهن، پر اُن جي باوجود هُو وڏي سليقي ۽ صبر سان انور پيرزادي صاحب جي ورثي کي سنڀاليندو ۽ اُن کي سنڌ ۾ ورهائيندو پيو اچي. هُو انور صاحب جي جيئري تہ هُن جو تمام گهڻو خيال رکندو هو، پر اُن جي لاڏاڻي کانپوءِ هُن جو جيڪو خيال رکي رهيو آهي، اُهو بي انتها واکاڻ لائق آهي.

انور صاحب نئين دور ۾ پيٽائيءَ جو هڪ اهڙو شارح، عاشق ۽ عالم رهيو آهي، جنهن جي هر مضمون، هر مقالي، هر تقرير ۽ هر تحرير دليلن تي ٻڌل آهي. انور پيرزادو صاحب سڄي عمر شائونزم جي خلاف جدوجهد ڪندو رهيو، پر ڪڏهن ڪڏهن پاڻ کِلي چوندو هو، ”ماڻهو مون کي پيٽائيءَ جو شائونسٽ چوندا آهن.“ سو، جيڪڏهن ڪير پيٽائيءَ جي شاعريءَ کي سمجهي ويندو آهي، تہ اُهو انور پيرزادو بڻجي پوندو آهي.

انور ابڙو

12 ڊسمبر 2007ع، ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي چنڊ پٽائيءَ کي چئجان!
هي ماڻهو تنهنجن ٻيتن کي
ڏرتي کان ڌار ڇڏي ٿا ڪن
ٿيون وايون تنهنجيون وارَ پٽن
۽ سرڙا تنهنجا اوسارن
هي ارهي سرهي دانهن ڏجان
اي چنڊ پٽائيءَ کي چئجان!

ـ انور پيرزادو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنائيءَ کي رسالي ۾ ڳوليو

ڊاڪٽر سورلي ارڙهين صدي جي پوئين اڌ واري سنڌ بابت لکيل ڪنهن به تاريخ کي مڪمل، مستند ۽ ڀروسي لائق نہ ٿو سمجهي. هي دور پنائي وارو هو. يعني 1689ع کان 1752ع تائين وارو دور۔هن دور جي تاريخ جا ڪتاب: تاريخ معصومي، تاريخ طاهري، تاريخ سنڌ ۽ تحفہ الڪرام وغيره. ڊاڪٽر سورلي مطابق اڻپورا آهن ۽ اها اڻپورائي خاص ڪري ان لحاظ کان منجهائيندڙ آهي تہ انهن تاريخ جي ڪتابن ۾ عام ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ، پئداواري رشتن ۽ ثقافتي قدرن بابت ڪجهہ بہ لکيل ڪونهي. ان ڪري ڊاڪٽر سورلي جي لفظن ۾ اهي لکڻيون ڪنهن يورپي تاريخدانن لاءِ غير سائنسي آهن. ان جو هڪ سبب اهو بہ آهي تہ اهي سڀ تاريخون درٻاري قسم جون آهن.

جيڪڏهن هن راءِ کي مڃيو وڃي تہ پوءِ ٻي ڪا بہ واهہ ڪانهي سواءِ ان جي تہ پنائيءَ جي دور جي سماجي، اقتصادي ۽ سياسي تاريخ پنائي جي ئي ڪلام ۽ رسالي مان تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ۽ اهو سچ آهي تہ سچي تاريخ رڳو سچو فنڪار ئي لکي سگهي ٿو.

ان جي ابتڙ پنائي جي دور بابت اسان وٽ ايتريون تہ بي بنياد روايتون ۽ هٽرادو ڏند ڪٿائون گهڙي تيار ڪيون ويون آهن، جو ڪو حساب ئي ڪونهي. اڄ تائين بہ اسان پنهنجن وڏڙن کان جيڪڏهن ڪو پنائيءَ جو نهايت سريلو بيت ٻڌندا آهيون تہ ان سان گڏ هڪ قصو بہ بيان ڪري ٻڌايو ويندو آهي. جنهن کي نہ هوندو آهي منڍ نہ پڇڙي ۽ اڻ ڄاڻائي وچان اسان جا ڪيترائي ماڻهو پنائي کي بہ سڏيءَ يا اڻ سڏي طرح قصا گو شاعر سمجهندا آهن. پنائيءَ ان الزام جي ترديد پنهنجي هيٺين بيت ۾ هن ريت ڪئي آهي:

مارئي ناهہ ملير ۾، نڪي .وٽ همير
پنهون ڪينهي ڪيچ ۾، نڪي سنڌ امير
مومل ڪينهي ماڙئين، گنجي ناهہ فقير
وَرُ چڙيو واهڙ تري، ساهڙ منجهہ سرير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قُبن ڪينهن پير، مرشد مساڻن ۾.

اها نفي ٻڌائي ٿي ته ڀٽائي جي دلچسپي سُر وار قصن ٻڌائڻ ۾ ناهي، ير انهن ڪلاسيڪل قصن جي ڪردارن جي اوٽ ۾ ڀٽائي سچ ۽ ڪوڙ وارن تاريخي ڪردارن جي ويڙهاند ۽ پنهنجي من جي رد عمل واري آنڌ مانڌ بيان ڪئي آهي. ان جي باوجود ڀٽائي کي پٽ شاهه واري روضي ۾ تلاش ڪيو پيو وڃي. هن کي پير سمجهي هن ڪان پٽ جي صدا هنئي پئي وڃي ۽ استخاراڻون ڪيون پيون وڃن. هن 21 هين صدي ۾ اڃا به ڪي ماڻهو آهن، جيڪي ڀٽائي کي"امي" چون ٿا. باوجود ان جي ته ڀٽائي پنهنجي شاعريءَ ۾ يارنهن ٻولين جي لفظن کي استعمال ڪيو آهي.

ڀٽائي نه رڳو گهڻيون ٻوليون ڄاڻندو هو(جيئن هن جي ڪلام مان ظاهر آهي)، پر انهن ٻولين تي هن کي ايتري ته مهارت حاصل هئي، جو انهن کي سنڌي شاعري جي فني تاڃي پيٽي ۾ پڻ ڪاميابي سان اُٽي سگهندو هو.

مون کي ڏنءِ ڏيئي، وڃي ڏوليو ڏٽ قرارئو.

هتي عربي ٻولي جي اسم"قرار"کي سنڌي فعلي صورت ۾ ڦيرائڻ جي ڪماليت به نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي". اديون عبداللطيف چئي، پرين اسان جو هميشه حُسناڪ ـ وائي

"حسن"عربي زبان جو اسم آهي جنهن سان ڀٽائيءَ هڪ نئين سنڌي صنت "حسناڪ" جوڙي ورتي.

"ٻيا در تنين حرام، اِي در جنين ديکيو." هتي هندي لفظ"ديک" مان سنڌي جو فعل"ديکيو" ناهيو ويو.

۽ هوڏانهن سرُ بيراڳ هندي شاهد آهي ته ڀٽائي هندي ٻولي پڻ وڏي حد تائين ڄاڻندو هو.(ٻانهي خان شيخ شاهه جي مرتب ڪيل رسالي ۾"بيراڳ هندي" سُر طور شامل ڪري چڻ دعوي ڪئي آهي ته ڀٽائيءَ هنديءَ ۾ به شاعري ڪئي آهي.)

ارسنگا، ننهن ـ سپيون، ڏند ته ٻئيه ٻاڻ.

(ارسنگا"تاڻيل اُرهه")

ڀٽائيءَ جي پرک خود هن جي ڪلام جي روشني ۾ ڪئي وڃي. ارڙهين

صدي عيسوي ۾ سنڌ اندر اچ ڪان سياسي گُهٽ ۽ پوسٽ الائي ڪيترائي دفعا وڌيڪ هئي. ان ڪري ان دور جي شاعرن طرفان علامتي شاعري ڪرڻ فطري ڳالهہ هئي. پٽائيءَ جي ڪلام ۾ علامتي شاعريءَ وارو حصو ان ڪري"نڌڻڪو گهوڙو" ٻڌجي"غيباڻن هسوارن" جي هٿ چڙهي ويو آهي. پر پٽائيءَ جي رسالي ۾ اهڙي شاعري بہ تمام گهٽي انداز ۾ ملي ٿي جيڪا علامتي ناهي. سڌي سنئين آهي ۽ ان ۾ پنهنجي دور جا سچا پچا تاريخي، سماجي ۽ سياسي حوالا ملن ٿا ۽ سنڌ چٽي نظر اچيٰ ٿي.

مثال طور:

معلم ماڳ نہ اڳٿين، قلنگي منجهہ قريا.

قلنگي، فرنگي لفظ جي ئي پڙهٽي يا بگڙيل صورت آهي جنهن جي معنيٰ آهي "يورپ جا رهاڪو"يا يورپي ماڻهو.

پٽائي جي دور جي تاريخ شاهد آهي تہ ان وقت پورچوگيز سائنسيٰ ترقي ڪري دنيا جا سامونڊي رستا معلوم ڪري هندي سمنڊ ۾ لامارا ڏيندا هئا. ايسٽ انڊيا ڪمپني جو نندي ڪنڊ ۾ اچڻي هلي قائم ٿيڻ يورپي بينڪيت جي قائم ٿيڻ جي پهرين ڪڙي هئي. پٽائي جيئن تہ پنهنجي ڏرتي جو سچو، ضمير وارو ۽ غيرتمند عوامي شاعر هو، ان ڪري هن ڪنهن بہ قسم جي بينڪيت قبول ڪرڻ ڪان ظاهر آهي تہ انڪار ڪري ڇڏيو هو ۽ سنڌ جي ماڻهن کي انهيءَ يورپي يلغار ڪان اڳوات خبردار پئي ڪيائين.

بندر جان پئي، تان سڪاڻيامَ سمهو
ڪپر ٿو ڪُنَ ڪري، جيئن ماتي منجهہ مهي
ايڏو سور سهي، ننڊ نہ ڪجي ناڪئا.

هنن بيتن جي ڪا بہ روحاني معنيٰ ڪانهي ۽ نہ علامتي۔

پٽائيءَ جو رسالو سنڌ جو انسائيڪلو پيڊيا آهي. جنهن ۾ سماجيات، حيوانيات، نباتات ۽ ماحوليات سميت سنڌ جي ذري ذري جي تصوير چٽيل آهي. ان ڪري پٽائيءَ کي رسالي ۾ ڳولڻ گهرجي. اهڙي کوجنا دوران سنڌ بہ رسالي مان ملندي، پنهنجي حقيقي پس منظر ۾۔

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀٽائيءَ جي تصوراتي تصوير

شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي شبيھ ڪھڙي ھوندي؟ ان سوال جو جواب ڪنھن مصور جي تخليقي تصور لاءِ ڏاڍي اوکي آزمائش ٿي سگھي ٿي. ڇاڪاڻ تہ ڀٽائي جي اصلي تصوير ملڻ ناممڪن آھي، ان ڪري انساني تصور ئي ان سلسلي ۾ ڪا مدد ڏئي سگھيَ ٿو. ان ڪي سنڌ جي تاريخ جي بدنصيبي چئجي يا سترھين صدي عيسوي جا ڪلور پر اھا حقيقت آھي تہ ڀٽائي جي دور (1689_1752ع) جي اصلي تاريخ بہ ملي نہ ٿي سگھي، نہ سنڌ، يا ھند ۾ ۽ نہ انگلستان ۾.

بھرحال، پوءِ بہ دنيا اھڙي انساني ڪاوش ڪان وانجھيل ناھي ۽ ڪيترن لطيف جي عاشقن پئي ڪوشش ڪئي آھي تہ ڪنھن نہ ڪنھن طرح ڀٽائيءَ جي تصوير جوڙي وجھجي. ظاھر آھي تہ ان لاءِ ٻيو ڪو بہ وسيلو ڪو نہ ھو سواءِ رسالي جي _شاھ جي رسالي ۾ ۽ ڀٽائي جي بيتن مان ڀٽائيءَ جي جيڪا تصوير ابري ٿي. مصوروٽ آخري سھارو اھو ئي ٿي سگھي ٿو.

ان حوالي سان اسان ڪي ڀٽائي جي ھڪ تصوير سندس رسالي جي برٽش ميوزيم ۾ رکيل قلمي نسخي ۾ ڇپيل ملي ٿي، جنھن ۾ سندس نراڙ ڪشادي، اکيون وڏيون ۽ ڇيندڙ نڪ ڊگھو، ڇاپئين ڏاڙھي ۽ مٿي تي تُرڪي ٽوپي پھريل آھي، جنھن کي ڦندڻ ناھي. ان تصوير ۾ لطيف سائين کي پلٿي ماري ويٺل ڏيکاريو ويو آھي ۽ ھٿ ۾ وڄٽو ڏنل اٿس.

ڀٽائي جي ٻي تصوير ھندستان جي ڪنھن آرٽسٽ ٺاھي آھي، جنھن ۾ سندس مٿي تي وڏا وار آھن، جن جي وچ ۾ سينڌ نڪتل آھي. سندن چھرو ڪشادو، اکيون ھيٺ جھڪيل، منھن ذري گھٽ مونن ۾، ھٿ ۽ پير ڪپڙن مان ٻاھر نڪتل، ڊگھو نڪ ۽ جاڙا ڀرون نظر اچن ٿا. ان تصوير کي دھليءَ ۾ ”شاھ لطيف بين الاقوامي ڪانفرنس“ دوران پذيرائي ملي آھي.

سنڌ ۾ ڀٽائيءَ جي ھڪڙي تصوراتي تصوير ھر درگاھ تي ٽنگيل ملندي آھي، جنھن ۾ ڀٽائي منھن مونن ۾ وجھيو ويٺو آھي. وصفن جي لحاظ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان هن جو نڪ ڊگهو، رنگ اڇو گورو، جاڙا پرون، جڏهن تہ پتائي گل خان نصير جي تحقيق وارو ڪهيري پروچ هجي.اها تصوير جيئن تہ بازاري آرٽسٽن جي ٺاهيل آهي، ان ڪري ان ۾ ڏيکاريل شبيهہ هڪجهڙي ناهي ۽ نہ ان تصوير جو معيار اوچو آهي البت اها شبيهہ سنڌ جا عام لوڪ ڊگهي عرصي کان ڏسندا اچن. سنڌ جي ٻن چترڪارن پتائي جي تصوراتي شبيهہ کي پنهنجي تحقيقي آرٽ جي مدد سان باضابطہ طور چٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

محمد علي پٺاڻ پتنيءَ هڪ وڻ هيٺان پتائي کي ويٺل ڏيکاريو آهي. منهن مونن تي رکيل اٿس. ٻئي ٻانهون مونن چوڌاري ورايل ڏيکاريون ويون آهن. هٿ ۾ تسبيح ۽ مٿي تي ڪلاهہُ رکيل اٿس."ڪاٿي رک ڪلاهُ، لاهي سرُ لطيف چئي" واري سٽ جي روشني ۾ شايد چترڪار اهڙو فيصلو ڪيو آهي. شبيهہ جي لحاظ کان هن تصوير ۾ پتائي جو چهرو موڪرو، نڪ ڊگهو، چاپئين ڏاڙهي، شهپر ۽ گهورينڌڙ اکيون نظر اچن ٿيون. لڳي ٿو پتائي ڪنهن سوچ ۾ گم آهي.

بدر ابڙو، سنڌ جو ٻيو آرٽسٽ آهي جنهن پتائيءَ جي شبيهہ جو هڪ مڪمل مجسمو گهڙي ٺاهيو آهي."جوڳيءَ کي جُڳ ٿيا، اپي ٿي پيرين ـ اکيون الک سامهون، پونءِ ڏي نہ پيري" وارين رسالي جي سٽن جي روشنيءَ ۾ ٺاهيل پتائي جي مجسمي کي سنڌي اخبارن ۽ رسالن جي سرورق تي ڏنو ويو آهي. بدر ابڙي جي تصور واري اک پتائي کي هڪ برجُستي شبيهہ ۾ ڏنو آهي. هن جي چهري ۾ عزم، اکين ۾ اٿاهہ حوصلو، ڪشادو منهن، نڪ ڊگهو ۽ چاپئين ڏاڙهي. مٿي تي گهاٽا وار، وچ تي سينڌ، جڏهن تہ بدر ابڙي واري تصوراتي تصوير"مونن ۾ منهن وجهڻ"، واري پتائي کان صفا مختلف آهي.

پتائيءَ جي ڳولا جاري آهي. هن جي تصوراتي تصوير کي مڪمل ڪرڻ لاءِ سنڌي قوم جا اچا انيڪ نسل پوئتي پيا آهن جن کي ايڪويهين صديءَ ۾ آرٽ سکڻ جون سهولتون بہ جهجهيون ملنديون ۽ اهڙي طرح انسان جي آڱرين وارو ڪمپيوٽر بہ پنهنجا جوهر ڏيکاريندو. سا تصوير ڪهڙي هوندي، ان جو جواب آئيندو ڏيندو. وقت ڏيندو ۽ تاريخ ڏيندي.

"پرنم تنهنجا پارَ ڪهڙا چئي ڪهڙا چوان."

پٺائي ـ سنڌ جي دائمي دردن جو شاعر

يورپي محقق ڊاڪٽر سورلي کي پٺائيءَ جي شاعريءَ ۾ ٻن اهڃاڻن سبب ڪان گهڻو جهنجهوڙي وڌو هو. هڪ ته هن انگريز مصنف کي اهو معلوم ڪري عجب لڳو هو ته جنهن دور ۾ ايشيا جي شاعريءَ لاءِ ٽي وڏيون ٻوليون، يعني فارسي، عربي ۽ هندي موجود هيون ۽ پٺائي اهي ٽيئي ٻوليون ڄاڻندو به هو، پر پوءِ به هن پنهنجي عظيم شاعريءَ لاءِ هڪ اهڙي غير معروف مقامي ٻولي جو انتخاب ڪيئن ڪيو، جنهن جي ان وقت هڪ"لساني لهجي" کان وڌيڪ حيثيت ڪانه هئي. البت جڏهن پٺائيءَ ان ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي ته ان کان پوءِ ئي دنيا کي سنڌي ٻوليءَ جي وسعت جو اندازو ٿيو. ظاهر آهي ته جيڪا ٻولي پٺائيءَ جهڙي شاعر کي پاڻ ۾ سمائي سگهي ٿي، اها دنيا جي عظيم ۽ سڌريل ٻولين مان ٿي ئي ٿي سگهي ٿي. ۽ ٻي ڳالهه جيڪا انگريز ماهر کي سمجهه ۾ نه آئي هئي، سا اها هئي ته پٺائيءَ پنهنجي اعليٰ شاعريءَ لاءِ جيڪي موضوع چونڊيا هئا، سي سترهين ۽ ارڙهين صدي عيسوي دوران دنيا جي عظيم شاعري جا ڪڏهن به موضوع نه رهيا هئا.

پٺائي جا ڪردار هئا:

ڪاريون، ڪوجهيون، ڪوڙيون، مُورنه موچاريون

يا وري اهڙا ماڻهو جو

"پانڌ جنين جي پاند سين، لڳو ٿئي لڄ"

اهڙن ڪردارن کي اهميت ڏيندي پٺائي لکيو هو ته

"فقيراڻي ويس، اَمُل ڏين اتوريا."

سو مڇيءَ جي ڇٻَ،بدبوءِ ۽ ڪکَ، پٺائيءَ جي خوبصورت شاعريءَ جو موضوع بڻجي امر مهڪ ماڻڻ لڳا. سو پٺائيءَ صاحب پنهنجي شاعري ۾ سنڌ ڌرتي تي چرندڙ پرندڙ هر شي ۽ هر زنده سوچ سان گڏ پنهنجي ماڻهن، عوام ۽ ڌڪويل انسانن جي خاص ڪري اهڙي ڪنهن به ننڍي وڏي جذبي ۽ امنگ کي

نظرانداز نہ ڪيو آهي، جيڪو شاعريءَ جو موضوع بڻجي سگهي ٿو.
ڊاڪٽر سورلي جي چوڻ مطابق انهن ٻن ڳالهين جي ڪري پيتائي هڪ منفرد شاعر آهي ۽ هڪ اهڙو راڳي ۽ ڪوي آهي، جنهن جهڙو سنڌ ۾ ٻيو اجا پيدا نہ ٿيو آهي.۽ اها ساڳي صورتحال صوفي ازم جي دنيا ۾ پڻ پيتائيءَ جي آهي. پيتائي صاحب جي مذهبي فلسفي تي وڌيڪ ڇنڊڇاڻ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن ان موضوع تي گهري تحقيق ڪئي وڃي تہ اها ڳالهہ واضح ٿي ويندي تہ پيتائيءَ پنهنجي دور جي سيني صوفين کا نہ ۽ ان دور جي مڙني رائج مذهبي عقيدن کان ڌار، هڪ اهڙي فڪر جو پوڄاري هو، جنهن هن کي سنڌ جي صوفين ۾ بہ هڪ منفرد مقام ڏنو.

منجهيل پڇن مذهب، تڙيل پڇن طريقا
اهي ٻئي فريقا، قادر ڪنهن کي نہ ڏئي

يا وري هي بيت جنهن ۾"قادر" جي معنيٰ ڏنل آهي ۽"پيتائي جو الله" ڪهڙو آهي، ان ڏانهن بہ اشارو ڪيل آهي.

سوچڻ جي اها ڳالهہ آهي تہ آخرڪار اهو ڪهڙو سبب آهي جو اڍائي سو سال گذرڻ ڪانپوءِ بہ هن شاعر جي شاعريءَ جي عوامي مقبوليت ۾ ڪو فرق نہ آيو آهي ۽ لڳي ٿو تہ ڏينهون ڏينهن پيتائي اسان جي زندگيءَ ۾ نئين سر داخل ٿي رهيو آهي. بہ اڍائي سو سالن گذرڻ ڪانپوءِ بہ هن جي شاعري سنڌ جي ڌرتي ۽ ماڻهن جي پيڙائن جو پڙلاءُ ٿي ٻري رهي آهي. آخر ان جو ڪو تہ سبب هوندو. ان ڪانسواءِ، وقت جي رفتار نہ رڳو پيتائي جي شاعري کي پراڻو نہ ڪيو آهي، پر ايئن لڳي ٿو تہ پيتائي سنڌ جي ماضي ۽ حال ٻنهي جو شاعر آهي.

سَرُ سُڪو، سال ٿيا، هنج هَريو ئي پير
ڪنگ ويچارو ڪير، جو رسي ان رمز کي.

ڪالاباغ ڊيم تي سنڌ جي مستقبل واري سنڌي شاعريءَ جي چٽاڀيٽي ۾ پيتائي صاحب جو هي بيت جيڪو پهريون نمبر حاصل ڪري سگهي ٿو.

اصل سنڌي آسري، آيون ڏور ڏري

کنيڙان پونء ڪري، پاٽان پير ڏکويا پکڙين.

شاعر جي اک جي ڪئميرا، سائيبيريا جي ڳڱ ٽيل پاٽي تان پڙکو ڏئي اڏاٽل پکين جو پيڇو ڪري ٿي ۽ هميشه جي هيرپٽاندر سنڌوءَ جي نيم گرم، سوسڙي ۽ اڇي اجري پاٽي ۾ land ڪرڻ لاءِ جهازن وانگي پکي جڏهن پنهنجا پير کنين جي اوٽ مان ڪڍي اکيرمان پاڻ هيٺ اڇلائن ٿا ته سنڌ جي ٺوٺ ڏرتي انهن نازڪ پکيئڙن جي پيرن جون ريشم جهڙيون ملائم ترپون ڏکوئي وجهي ٿي. شاعر جي اک جي ڪئميرا پکيئڙن جي پيرن جون ترپون ۽ انهن تي آيل سنها تلها زخمَ سهيڙي اهو فلم شاعر جي دماغ ڏانهن روانو ڪري ٿي ۽ شاعر جو من اٿل کائي ٿو. سنڌوءَ ۾ سوکهڙي تي پٽائي سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙو شعر چوي ٿو، جنهن ڪي سنڌ جي مستقبل جي شاعري چئي سگهجي ٿو. ان ڪري پٽائي جي شاعري سنڌ جي ماضي، حال ۽ مستقبل جي شاعري آهي.

سچ سياٽي جا ڪري، سائي سامي روءِ.

سو پٽائيءَ جي شاعراٽي عظمت جي راز جي ڳولا جاري آهي. ان سلسلي ۾ ڪجهه محقق پٽائيءَ ڪي پولارن ۾ ڳولي رهيا آهن ۽ ان لاءِ ستارن جو علم پڙهي آسمان کي گهوري رهيا آهن يا ڪاڳرن تي ابجد جي ارٿميٽڪ جو مذهبي حساب لڳائي ڪو نتيجو ڪڍڻ لاءِ عينڪن جا نمبر مٽائي رهيا آهن. انهن اسڪالرن لاءِ پٽائي صاحب چوي ٿو ته:

ڪوهُ ٿو ڪاڳر ڪورئين، وينو وجائين مس

ڏور تٽائين ڏس، اکر جٽائين جڙيا.

اوڏانهن، ڏس، جتان اکر ٺهن ٿا جڙن ٿا، ڳالهائجن ٿا، ايجاد ٿين ٿا. يعني انسان ڪي پنهنجي ادب جو فوڪس بڻاءِ ۽ ماڻهوءَ تي لک، ادب زندگي لاءِ تخليق ڪر. اڄ تائين سموري دنيا ۾ ادب جو اهو مڃيل نظريو آهي ته"انسان کي عظيم بڻايو وڃي." ۽ اهو ڪم پٽائيءَ شرڪ جي حد تائين ڪيو آهي جنهن لاءِ هن ڪي پنهنجي فاني زندگيءَ ۾ پوڳٽو به پيو آهي.

پٽائيءَ جي شاعراٽي عظمت جو هڪڙو راز اهو آهي ته هن سنڌي ماڻهوءَ ڪي پنهنجي من جي طاقتور خوردبيني هيٺ رکي ان جي مڪمل سماجي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي جي ماضي، حال ۽ مستقبل جو جائزو ورتو آهي. ۽ اهو ساڳيو مشاهدو انسان سان گڏ ڌرتيءَ جو به ورتو اٿس.

هن سلسلي ۾ ڀٽائيءَ مسئلي جي جڙ کي پڪڙي سوگهو ڪيو آهي. هن سنڌ ڌرتي جي تاريخ ۽ جاگرافي کان وٺي سنڌي ماڻهو جي ذهني اوسر ۽ قومي مزاج توڙي طبقاتي تضادن جو اونهيءَ اک سان مطالعو ڪيو آهي. جنهن ڪري هن جي شاعري هر دور ۾ نئين نڪور لڳي ٿي. ۽ ٻي اهم ڳالهه اها آهي ته ڀٽائي صاحب ان سلسلي ۾ صرف گهرو مطالعو ئي نه ڪيو آهي، پر عوام سان مڪمل ڳانڍاپو پڻ قائم رکيو آهي. جنهن لاءِ هن تي سختيون به آيون. هن جي زندگي تي قاتلانا حملا به ڪيا ويا جنهن ڪري هو انڊر گرائونڊ به رهيو ۽ جدوجهد ڪرڻ تي مجبور ٿيو ۽ پنهنجن ساٿين ڪاهوڙين، سامين ۽ صوفين سان گڏجي.

"پنيو پنج ڪٽي، لڪا پٽن لوڪ ۾."

واري زندگي گذاري، ڀٽائيءَ سنڌ جي ڪجهه اهڙن تاحيات قدرن ۽ مسئلن کي پنهنجو موضوع بڻايو آهي، جيڪي هر دور ۾ سنڌ جا دائمي دک درد رهيا آهن. اهي مسئلا موجوده دور ۾ به محسوس ٿين ٿا ۽ آئيندي به انهن جي توقع رکي سگهجي ٿي. هن مان منهنجي اها مراد ناهي ته ڪو سنڌ جا مسئلا مستقبل ۾ به حل ناهن ٿيڻا. پر ڪي مسئلا برابر اهڙا آهن، جيڪي ويجهي مستقبل کان خاصو ڏور تائين هلڻا آهن. مثال وسڪارو نه ٿيڻ ڪري ٿر، ڪاڇي، منڇر ۽ ڪوهستان ۾ ڏڪار پوڻ، اهي سڀئي باراني علائقا گڏبا ته سنڌ جي جملي پکيڙ جو اٽڪل 70 سيڪڙو ٿيندو. ان سان گڏ سنڌو درياهه ۾ ٻوڏ پڻ سنڌ واديءَ جو هڪ ازلي مسئلو آهي، وري ٻوڏن ۽ برساتن ڪري سنڌ وادي ۾ سمر جي وڌڻ جا به امڪان هميشه موجود آهن: ڇاڪاڻ ته سنڌ جي جاگرافي ڪجهه اهڙي قسم جي آهي. سنڌ جي اولهه ۽ اوير ۾ جبل آهن، وچ ۾ درياءَ وهي ٿو ۽ ٻن جابلو قطارن جي وچ ۾ موجود ڍريا هيٺاهين زمين کي سنڌ جي وادي ڪوٺجي ٿو. سنڌ جي واديءَ مان پاڻي کي نيڪال لاءِ رڳو ڏکڻ طرف ڪليل آهي ۽ سو به تڏهن بند ٿيو وڃي، جڏهن سمنڊ ۾ موج ٿي اچي. سو جڏهن سنڌ ۾ سنڌو درياءَ ۽ بارش جو پاڻي جمع

ٿئي ٿو تہ سمر جو آزار وڏي وچي ٿو، جنهن ڪري انيڪ بيماريون وبائي صورت اختيار ڪري وڃن ٿيون.سنڌ جي هاٺوڪي تاريخ جي ڪجهہ گذريل سال دوران ڳاتي ٿوڙ بخار سنڌ ۾ سوين لاش دفن ڪري ڇڏيا ۽ ماضي ۾ واجهائبو تہ معلوم ٿيندو تہ 1919ع واري وبا نظر ايندي جنهن ۾ انگريز مصنفن مطابق سنڌ ۾ ايترا ماڻهو مري ويا هئا، جو باقي جيڪي جيئرا ماڻهو بچيا هئا، اهي مئلن کي دفن ڪرڻ لا ناڪافي هئا. مٿان وري دارا شڪوهہ جا حملا هئا، جن سنڌو جي پاٽيءَ جو اڇو اجرو رنگ مٽائي ريٽو ڪري ڇڏيو هو. سو پوڙن، ڏڪار ۽ بيمارين کان پو سنڌ جو چوٿون ازلي مسئلو سنڌ تي ڌارين جون يلغارون آهن جيڪي اڳئين زماني ۾ جيستائين افغانستان هڪ منظم بادشاهت جو روپ اختيار نہ ڪيو هو، تيستائين خيبر لڪ ۽ بولان لڪ توڙي سمنڊ ذريعي عام جام هيون. پر اهو ڏسي حيرت لڳي ٿي تہ ويهين صدي جي هن آخري ڏهاڪي ۾ بہ سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاري سنڌي ماڻهن لا زندگي ۽ موت جو مسئلو پيدا ڪري ڇڏيو آهي ۽ سنڌي پنهنجي ڌرتيءَ تي اقليت ۾ تبديل ٿي رهيا آهن.

سو پناڻي صاحب سنڌ جي انهن دائمي مسئلن تي ٽي صديون اڳ جيڪا انتهائي فنائتي شاعري ڪئي آهي، ان جو سماجي ڪارج ڏور مستقبل ۾ بہ سنڌي ماڻهن کي لاپ ڏيندو رهندو ۽ هنن جون دليون گرمائيندو رهندو.

سوڪهڙي، ڏڪار ۽ بربادي‌ءَ تي ڏسو تہ پناڻي صاحب ڪيئن لکيو آهي، چئي ٿو:

سچ ڪِ سڪو ڍور، ڪنڌيءَ اڪ ڦلاريا
جنگن ڇڏيو جور، سر سڪو، سونگي ڳيا

اهو"ڍورو" جنهن مان پاٽي سُڪڻ جو پناڻي صاحب ذڪر ڪيو آهي، جا ڦٽل نشان اڄ بہ ٿر جي عمرڪوٽ تعلقي ۾ موجود آهن. ان بربادي‌ءَ تي اڃا بہ وڌيڪ ماتم ڪندي لکيو اٿائين:

جي تو هٽڙو سُون، ڪنڊا، ڍور ڏٺين جو
لامن مٿان پور، هوند نہ چاڙهيئي هيترو.

يا وري

ڪِنڊا تون ڪيڏو، جڏ پريو ڍور وهي

جسودن جيڏو تو ڪو ڳڏيو پهيڙو؟
ان سلسلي ۾ ٻيا ٻه ڪيترائي شاهڪار بيت رسالي ۾ موجود آهن.
مثال:

نہ سي ووڻ وڻن ۾، نہ سي ڪاتاريون
پسي بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي.

نہ ڪا بوءِ بازار ۾، نہ ڪا چلڙ چٽ
جتي ڏنيرين جي، اڳي هئي اڪٽ
سي پڙ پسي پٽ، ماڻهو وجن موتيا.

نہ ڪُتا نہ ڪوڪار، نہ سي سڏ شڪارئين
پنيو ڪڏي پار، جهنگل آهيڙين ڪي.

ان تباهيءَ جي عالم ۾ ماڻهن جي ڪهڙي حالت هئي. ان جو نقشو پنائي هن بيت ۾ چٽيو آهي:

اڏي اڏي اوڏ، چڏي ويا پيٽيون
ٽڪاٽا ۽ ٽول، پيا آهن پٽ تي.

يا وري

ويا سي وينجهار، هيرا لال وندين جي
تنين سندا پونئيان، شيهي لهن نہ سار
ڪُتن ڪٽ لهار، هاٽي انهين پيٽئين.

جُہ سي لوڙائو ٿيا، جنين سندي ڏير،
ماروئڙا فقير، ڪنهن در ڏيندا دانهڙي.

سو پنائيءَ جي شاعري جا دائمي قدر، سنڌ جا اهي دائمي مسئلا آهن، جيڪي هن عوامي شاعر پنهنجي سموري تخليقي سگهہ سان لفظن جي روپ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيش ڪيا آهن. هڪ يورپي محقق جو چوڻ آهي ته عام ڪري مصنف روزاني زندگيءَ جي سياسي مسئلن ۾ گهري دلچسپي وٺندا آهن پر ڏگهي تاريخي پسمنظر ۾ ملڪ ۽ ماڻهن جي سماجي زندگي تي ڌيان گهٽ ڏيندا آهن. ان جو نتيجو اهو نڪرندو آهي جو اهي عارضي سياسي مسئلا جلد ماضيءَ جي ڪباڙ خاني ۾ گم ٿي ويندا آهن ۽ ماڻهن جي حافظي مان اهي ليکڪ به غائب ٿي ويندا آهن. سو ڀٽائي انهن پارکو ڏاهن مان هو جن سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي سماجي تاريخ مرتب ڪئي ۽ سنڌي سماج جي تاجي پيٽي کي پروڙي ان جو اهڙو تاريخي چيد ڪري ويو، جنهن تي وقت جي دز ڪيترين صدين تائين چڙهي نه سگهندي.

”سارنگ کي سارين، ماڻهو، مرگهه، مينهون
آروڻ ابر آسري، تاڙا تنوارين
سپون جي سمونڊ جون، نئين سر نهارين
پلر پيارين، ته سنگهارن سک ٿئي.“

هي بيت ڏڪاريل ڏيهه جي هڪ درديلي دانهن آهي. ماڻهو، مرگهه (جبلن ۾)، مينهون (ڪڇي ۾)، آڙيون (درياءَ، ڍيلنا، ڍنڍن ۾)، سپون (سمونڊ ۾) ۽ پلر (ٿر ۾) ـ جڻ ته سڄي سنڌ هن بيت ۾ سمايل آهي، ڪوهستان، ڪڇو، درياهه، سمنڊ ۽ ٿر.

ڀٽائيءَ سنڌ گهمي ڦري، پنهنجي فوٽو گرافڪ ميمري يا تيز حافظي ۽ گهري مشاهدي جي مدد سان سنڌ جي ڏڪار واري دائمي درد ڏانهن اشارو ڪندي سنڌ جي هن ناسور جو علاج وسڪاري ۾ ڏٺو.

”قادر ڪرين ڪرم، ته ان جي وطن تي وس ٿئي“

اڄ (2003) ۾ به سنڌ ۾ ڏڪار آهي. اڄ به ان جو حل اهو آهي جيڪو مٿئين بيت ۾ ڄاڻايل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀٽائي ـ سنڌ جو ثقافتي وحدت الوجود

جيئو وچي ٿو تہ انگريزن جي اچڻ کان اڳ سنڌ اقتصادي لحاظ کان هڪ ڇڙوڇڙ علائقو هو. سنڌ بيشمار زرعي جاگيرن ۾ ڪيترين ۾ ورهايل هئي. سرو وچولو، لاڙ، ٿر، نارو، ڪاڇو، ڪوهستان ۾ پاٽيءَ وارا علائقا ڌار ڌار رياستون هئا، جن اندر وري ننڍيون ننڍيون رياستون هيون. پوءِ جڏهن 1936ع ۾ انگريزن سڪر ۾ دنيا جو وڏي ۾ وڏو بئراج ٺاهيو، تڏهن پهريون دفعو سنڌ هڪ متحده اقتصادي رياست طور دنيا جي نقشي تي ابري آئي.

اهڙي طرح سياسي لحاظ کان پڻ سنڌ انگريزن جي دور کان اڳ ۾ خيرپور رياست جي خاتمي تائين هڪ يونٽ ڪانہ هئي. مختلف دورن ۾ سنڌ جي مختلف علائقن مان ڀانت ڀانت جون سياسي تحريڪون هلنديون هيون. جن جو پاڻ ۾ ڪو گهڻو ڳانڍاپو ڪو نہ هوندو هو. انگريزن اچي جڏهن هتي چونڊون ڪرايون تہ ان ڪانپوءِ هتان جي سياسي ڪلچر ۾ ڳانڍاپو پيدا ٿيڻ لڳو. 1937ع وارين چونڊن ۾ سائين جي ايم سيد واري پارٽيءَ کي گهٽي کان گهٽا ووٽ مليا ۽ مسلم ليگ جو سنڌ ۾ اسڪور ٻڙي رهيو. اهڙي طرح 1946ع وارن چونڊن ۾ هندو مسلم ڇڪتاڻ سبب مسلم ليگ کي ڪافي ووٽ مليا. 1947ع ۾ پاڪستان ٺهيو تہ مارشل لائن مٿهن ڪيو. جنهن ڪانپوءِ ڊنگ واريون چونڊون گهڻو اڳتي هلي 1970ع ۾ وڃي ٿيون جن ۾ سنڌ هڪ آواز ٿي مرحوم ڀٽي جي پ پ ڪي ووٽ ڏنو. سو اهڙي طرح سياسي لحاظ کان سنڌ ۾ قومي اتحاد ڏاڍو دير سان ڏسڻ ۾ آيو. جنهن جا بنياد پڻ ڪڏهن لڏندا لمندا رهيا آهن. سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ هاڻي وڃي ان احساس پختگي حاصل ڪئي آهي تہ سنڌي هڪ قوم آهن. جڏهن تہ انهن جا ووٽ اڃا ورهايل آهن.

پر سنڌ جي اقتصادي توڙي سياسي قومي اتحاد پويان جيڪو دائمي قدر موجود آهي، سو آهي سنڌ جو ثقافتي اتحاد، جنهن جو اڏيندڙ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي آهي. سنڌ جي بي مثال شاعر هئڻ جي ناتي ڀٽائيءَ جيڪا

سنڌي ٻولي لکي آهي، ان ۾ سنڌ جي مڙني جاگرافيائي حصن جا لساني لهجا موجود آهن. ان ڪري رسالو پڙهي سري وارا ماڻهو وچولي ڪان واقف ٿي وڃن ٿا ۽ وچولي وارا تر ۾ رائج ٻولي سمجهي وڃن ٿا، جڏهن ته سنڌ جي پهاڙي علائقن جي ماڻهن سان پاٽيءَ تي رهندڙ سنڌين سميت مختلف ماڻهن جي سماجي عليڪ سليڪ ٿي وڃي ٿي. سو ان لحاظ ڪان ڏٺو وڃي ته پٽائي سيني سنڌين لاءِ هڪ اهڙو مرڪزي نقطو آهي جتي مختلف ڏسائن ڏانهن ڊوڙندا اچي گڏ ٿين ٿا ۽ اهڙي طرح سنڌي قوم وجود ۾ اچي ٿي.

لساني لحاظ ڪان سنڌين جي قومي وجود ڪي خلقي، پٽائيءَ اهڙي اتحاد ڪي ثقافتي تاريخ جي مهر هڻي ڇڏي آهي ـ پنهنجي رسالي ۾ تر وارن ماڻهن جي اٺي ويهٺي، لوڪ گيت، آسون ۽ امنگ، توڙي انهن ماڻهن جي پوشاڪ ۽ تاريخ جاگرافيءَ جو ذڪر ڪري پٽائي باقي سنڌين ڪي تر جي ثقافت ساڻ سلهاڙي ڇڏي ٿو. اهڙي طرح سنڌ جي ڪوهستاني علائقي جا جبل جهڙوڪ هاڙهو،گوندر، وندر، ڇپر ۽ پب وغيره ۾ جيت جٽيا، ماڻهو، پهون، جانور، ٻوٽا، پهاڙن جا پنڌ، رائو، وٽڪار، نانگ بلائون ۽ زندگي جو هر اولڙو ڏيکاري ٿو ائن جي اوڳر واري ٻوءِ تائين ماڻهوءَ ڪي محسوس ڪرائي ٿو. سنڌو درياءَ جي ٻنهي ڪنارن وارن ميدانن ۾ رهندڙ ماڻهن ڪي الهندي سنڌ سان واقفيت ڪرائي ٿو ۽ وري سر سامونڊي ۽ سريراڳ وغيره ۾ پاٽيءَ تي رهندڙ ماڻهن جي زندگيءَ جو عڪس ٿو ڇٽي. ان سان تر جي ماڻهن ڪي اندازو ٿي وڃي ٿو ته سنڌ جي هڪ علائقي ۾ پاٽي جي ڦڙي لاءِ انسان واجهائين ٿا ۽ ٻئي علائقي ۾ نندي ڪنڌ جي وڏي ۾ وڏي ندي وهي ٿي.

”مٺي متي مهراڻ جو، نه ڪو آر نه پار.“

سنڌ جي ثقافتي وحدت الوجود واري حيثيت پٽائيءَ گهر ويني نه ماٺي هئي. ان اعزاز حاصل ڪرڻ جو راز اهو هو ته پٽائيءَ سنڌ جو چپو چپو ڪري گهميو هو. سالن جا سال هنگلاج، لاهوت لا مڪان، گنجي ٽڪر، تر جي پٽن ۾، سنڌو درياءَ جي ٻيڙين تي ۽ انهن ماڻهن ساڻ رلجي ويو هو. جيڪي ”ڪاري ڪيڙائو“ هئا ۽ ”مٺي مٺي موٺيا“ هئا. ڪڇ، ڪيچ مڪران (سري) لنڪا، جيسلمير، ڪاڇو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوهستان ۽ ڪلاچي جو ڪن گهمي ڏٺو هئائين، جنهن ڪري هن کي سڄي سنڌ جي مجموعي ثقافتي تصوير سمجهه ۾ اچي ويئي هئي.

اچو ته ڀٽائيءَ کي نئين سر پڙهون ۽ هن رسالي ۾ جيڪي سنڌي لفظ استعمال ڪيل آهن، انهن جي جامع لغت تيار ڪريون. ان سان سنڌ جي لساني وحدت مضبوط ٿيندي. اهڙي طرح ضروري آهي ته ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ جيڪو سنڌي گرامر لکيو ويو آهي ان کي ڀيهر ترتيب ڏئي، ان جو مطالعو ڪريون، جنهن سان اسان کي سنڌي ٻولي سکڻ ۾ مدد ملندي ۽ اهو پڻ اندازو ٿيندو ته سنڌ جي ڀين جاگرافيائي حصن ۾ ڪهڙي سنڌي ٻولي ڳالهائي ويجي ٿي. اهڙي طرح اسان کي گهرجي ته رسالي ۾سنڌ جي ثقافت بابت جيڪي به حوالا آهن، انهن کي جمع ڪري سنڌ جي ثقافتي تاريخ يا ڊڪشنري لکون جنهن سان سنڌين جو قومي اتحاد مضبوط ٿيندو.

اچو ته ڀٽائي جي عظمت کي سلام ڪريون، جيڪو سنڌين جي مادي توڙي روحاني اڄ اجهائڻ جي سلسلي ۾ ڪنهن گروهه ۽ مرشد، پيغمبر، سونهين ۽ فيلسوف وانگي سنڌين جي رهنمائي ڪندي آسائتين غوزتن لاءِ اولاد جو آسرو بڻجڻ کان وٺي سياسي انقلاب جي هر اول رهنما ٿيڻ تائين سنڌين جي روح ۾ پاتال تائين لهي ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽائي_ سنڌ جو سياسي وحدت الوجود

هڪ يورپي محقق اي. ايس ٽريو وائيل چيو آهي تہ”عام طور تي ماڻهو پنهنجي روزاني زندگي ۾ سياسي معاملن کي انتهائي دلچسپ موضوع سمجهي ان تي ڀرپور انداز ۾ تبصرا ڪندا آهن ۽ دل کولي لکندا آهن، ڀلي تہ اهي موضوع اڳتي هلي ايندڙ نسل لاءِ بُسا ۽ ڦِسا ڇو نہ ثابت ٿيندا هجن. پر روزاني زندگيءَ جي سماجي مسئلن کي هميشہ گهٽ اهميت وارو ليکيو ويندو آهي. ڊاڪٽر سورلي مطابق اهو ئي سبب آهي جو ونسنٽ سمٿ، لين پول، مور لئنڊ سرڪار جهڙن وڏن سماجي تاريخدانن جو قلمي پورهيو 17 ۽ 18 عيسوي واري هندستان ۾ سماجي حالتن کي سمجهڻ لاءِ غير اهم ليکيو ويجي ٿو.

پر ان سلسلي ۾ جڏهن اسان شاهہ عبداللطيف پٽائيءَ جو رسالو پڙهون ٿا تہ ان ۾ اسان کي سنڌ جي اها سماجي تاريخ ملي ٿي، جيڪا 17 ۽ 18 صدي عيسوي دوران نہ تہ سنڌ جي مقامي تاريخدانن لکي آهي ۽ نہ وري انهن يورپي ليکڪن قلمبند ڪئي آهي، جيڪي هتي واپار سانگي اچي سهڙيا هئا. پر پوءِ حڪومت ڄمائي ويهي رهيا ۽ سنڌ کي برطانوي سلطنت جو حصو بڻائي ڇڏيائون. مقامي تاريخدانن جون مجبوريون ڪجهہ بيون هيون، جن ۾ ان ڳالهہ کي بہ خاص اهميت هئي تہ انهن مان گهڻا تاريخ نويس درباري قسم جا ماڻهو هئا. ۽ وري اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ ارغونن ۽ ترخانن توڙي عربن جي سنڌ تي حملن دوران سنڌ جا ڪتب خانا ۽ ادبي خزانا ساڙي رک ڪيا ويا هئا. باقي جيستائين يورپي تاريخدانن جو تعلق آهي تہ انهن جي سنڌ سان دلچسپي رڳو ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ واپار ۾ نفعي خوريءَ جي ڪري هئي ۽ جيئن تہ 1662ع کان وٺي 1758ع تائين ايسٽ انڊيا ڪمپني جو ڪاروبار سنڌ ۾ ٺپ رهيو هو، ان ڪري يورپ جا تاريخ نويس ان دور واري سنڌ جي تاريخ قلمبند ڪري نہ سگهيا، جيڪو پٽائيءَ جو دور هو. هيءَ ڳالهہ پنهنجي جاءِ تي اهميت رکي ٿي تہ جيستائين پٽائي جيئرو هو، تيستائين سنڌ جي سر زمين جا دروازا انگريز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بينڪيت جي سرچشمي يعني ايسٽ انڊيا ڪمپني لاءِ بند هئا ۽ جڏهن سنڌ جي هن مهان شاعر 1752ع ۾ وفات ڪئي ته ان کان ڇهه ورهيه پوءِ ٿي انگريزواپارين کي سن 1758ع ٻيو دفعو پنهنجيون واپاري ڪوٺيون سنڌ ۾ قائم ڪرڻ جي همت پيدا ٿي. ان لاءِ يورپي مصنفن جيڪي سبب ڄاڻايا آهن انهن ۾ سنڌ اندر فصلن جي تباهي، ڏڪار جهڙيون حالتون ۽ بدامني شامل آهن. پر جيڪڏهن عقلي بنيادن تي سوچجي ٿو ته ان ڳالهه جو وڏو امڪان نظر اچي ٿو ته سنڌ جي صوفين جي انقلابي تحريڪ جيڪا ڀٽائي جي دور کان اڳ،هن جي حياتيءَ ۾ ۽ ان کانپوءِ به جاري رهي هئي، جيڪا پنهنجي دور جي مقامي جاگيردارن، مرڪزي بالادست شهنشاهيت توڙي بيروني بينڪيت جي خلاف هئي، اها به ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي راهہ ۾ هڪ وڏي رڪاوٽ بڻي هوندي، سو بهرحال جيستائين ڀٽائي صاحب جيئرو هو، تيستائين انگريز ڪمپنيءَ جو منحوس پاڇو سنڌ جي سر زمين تان هٽيل رهيو ۽ ان وچ ۾ جهوڪ واري شاهه عنايت شهيد جي هارين واري انقلابي تحريڪ به جاري هئي جنهن کي 1718ع ۾ چيڀاٽي ختم ڪيو ويو. ڀٽائي صاحب ان ڏينهن پنهنجي ڦوهہ جواني ۾ هو ۽ هن جي عمر 28 کان 30 سالن جي وچ ۾ هئي.

سو هڪ سماجي مفڪر جي حيثيت ۾ ڀٽائي صاحب سنڌ جي جيڪا سماجي تاريخ لکي آهي، اهو هڪ اهڙو داستان آهي، جنهن کي نه نادر شاهي لشڪر سن 1739ع ۾ باهه ڏئي ساڙي سگهيو، نه احمد شاهه ابداليءَ جي گهوڙن جا سنب ان کي چيڀاٽي سگهيا ۽ نه انگريزن جون توبون 1843ع ۾ ان کي تباهه ڪري سگهيون. اهو علمي ۽ ادبي خزانو ان ڪري بچي ويو، ڇاڪاڻ ته ان کي سنڌ جي ڏتڙيل، ڏکويل ۽ پيڙهيل عوام پنهنجي دل، دماغ ۽ سيني ۾ سانديي رکيو هو_شاهه لطيف جي رسالي ۾ اسان کي اهڙا سوين بيت ملن ٿا جن مان پروڙ پوي ٿي ته 18 عيسوي جي پهرين اڌ دوران، جيڪو ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو دور هو، ان ۾ سنڌ جي سماجي بيهڪ ڪهڙي هئي، سنڌ جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، ريتون رسمون، اٿڻ ويهڻ، وڙهڻ جهيڙڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ڪهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نموني جو هو. ماڻهو انفرادي ۽ اجتماعي طور ڪيئن سوچيندا هئا، ڇا کائيندا هئا، ڪهڙي پوشاڪ پهريندا هئا، ڪهڙا فصل پوکيندا هئا، ڪهڙين جنسن جو واپار ڪندا هئا ۽ انهن جي ثقافت، تاريخ ۽ جاگرافي ڪهڙي هئي-اهڙي طرح سنڌ جي سماج جي تصوير ڏاهيندي ڀٽائي صاحب سنڌ جي مختلف جاگرافيائي حصن جهڙوڪ سرو، وچولو، لاڙ، ٿر، ڀاڻي وارا علائقا ۽ جابلوُ زندگيءَ جي انيڪ پهلوئن جي فلمبندي پنهنجي شاعراڻي اک واريءَ ڪئميرا سان ڪئي آهي ۽ ائين ٿو لڳي ته سڄي سنڌ تي هڪ وسيع خوردبيني ڪتل آهي، جنهن جي هيٺان چرندڙ پرندڙ هر شئي صاف نظر اچي رهي آهي.

ان ڪان اڳ جو پنهنجي ان دعويٰ کي ڀٽائي جي بيتن جي حوالي سان سچ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان، ان حقيقت کي چڱيءَ طرح سمجهڻ گهرجي ته دنيا جي ڪنهن به خطي ۾ وسندڙ ڪنهن به قوم يا عوام جي سماجي تاريخ لکندي ماڻهن جي سياسي زندگيءَ کي انهن جي سماجي زندگيءَ کان جدا ڪري نه ٿو سگهجي.

سماجُ ماڻهن پاران هڪٻئي سان گڏجي رهڻ واري عمل جو نالو آهي-۽ سياست ان طريقه ڪار ۽ سرشتي يا اصولي ڍانچي کي ٿو چئجي جنهن هيٺ مختلف قسم جا ماڻهو هڪٻئي سان گڏجي رهڻ لاءِ حڪومت جوڙيندا آهنُ. تهذيب ان مجموعي عمل جي ترقي يافته شڪل آهي، جنهن جو دارومدار ان ڳالهه تي آهي ته ماڻهو ڪيترو مهذب طريقي سان هڪٻئي ۾ گڏجي رهن ٿا ۽ هڪٻئي کي زنده رهڻ جو ڪيتري حد تائين حق ڏين ٿا. سو عوام جي سماجي زندگي ۽ سياسي زندگي ساڳي عمل جو نالو آهي. اهڙي طرح ادب ۽ سياست به برابر به مختلف علم جون شاخون آهن، پر ادب کي سياست کان الڳ ڪري نه ٿو سگهجي. ڇاڪاڻ ته ادب انساني زندگيءَ جو آئينو آهي، جنهن ۾ عوام جي سماجي توڙي سياسي، اقتصادي توڙي ثقافتي زندگي مختلف رنگن واري هڪڙي ئيُ تصوير ڏاهي آڏو اچي ٿي بيهي، اهو ئي سبب آهي جو سماجي فلسفي ۽ سياسي فڪر ۾ مون کي وحدت الوجود نظر اچي ٿو.

ڀٽائيءَ جي شاعري ۾ سياست بابت پراڻي ٿهيءَ جي مڙني دانشورن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محققن جو خيال آهي تہ رسالي ۾ اهڙي قسم جو ڪو موضوع ئي ڪينهي، جرمن محقق ارنيسٽ ٽرمپ، ڊاڪٽر سورلي، علامہ آءِ آءِ قاضي، ڊاڪٽر ائنيميري شمل، ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ هند -سنڌ جا ٻيا ڪيترائي ناليوارا اسڪالر ڀٽائيءَ کي سياسي مفڪر ڪري نہ ٿا مڃين. جيڪا سندن ذاتي راءِ آهي - البت هن علمي بحث جو فيصلو صرف ۽ صرف شاهہ جو رسالو ڪندو ۽ سنڌ جي تاريخ ڪندي، ان ۾ ڪنهن وڏي يا ننڍي، گهٽ يا وڌ پڙهيل محقق جي ذاتي تجزئي کي گهڻي اهميت ناهي. هتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ جيڪڏهن اڄ واري سنڌ ۾ زبان جو مسئلو هڪ حساس سياسي معاملو آهي، تہ فارسي ٻوليءَ خلاف ڀٽائي جا بيت ڪهڙي طرح غير سياسي آهن، جڏهن تہ ڀٽائي جي دور جي اها سرڪاري ٻولي هئي، ان لاءِ ڀٽائي تہ چيو هو تہ:

جي تون فارسي سکئين، گولو تنهن غلام

اهڙي طرح جيڪڏهن اڄ جي دور ۾ هاري پورهيت جي حقن جي وڪالت ڪرڻ سياست آهي، تہ پوءِ ڀٽائي جي انهيءَ بيت لاءِ ڇا چئجي، جنهن ۾ هن چيو آهي تہ:

پنڻ جي پورهئي مان ڪنهن نہ پريا پَل
هاري سي امل، هُرَ جنين جي هٿ ۾.

جيڪڏهن اڄ جي دور ۾ جيلن ۾ بند ماڻهن کي سياسي نظربند ڪوٺيو وڃي ٿو ۽ انهن جي آزاديءَ جا مطالبا ڪرڻ سياست آهي تہ پوءِ مارئي جي ڪردار، عمر جي قيد ۽ ڀٽائيءَ جي ”سر مارئي“ کي ڪهڙي طرح غير سياسي بحث قرار ڏئي سگهجي ٿو- ۽ ساڳي طرح جيڪڏهن اڄ جي دور ۾ ڪنهن ڌاري فوج پاران پنهنجيون سرحدون اورانگهي ٻئي ملڪ تي حملو ۽ ان حملي خلاف مزاحمت کي سياست سڏجي ٿو ۽ پوءِ 1739ع ۾ نادر شاهہ پاران سنڌ تي ڪيل حملي ۽ آندل تباهيءَ خلاف رسالي ۾ ڏنل اشارا ڪيئن غير سياسي آهن.

گهوڙا گهٽي پونءِ، ووءِ ووءِ وڃن نڳئا
مادر مٿان مون، ڪانگ لوندا ڪڏهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن جنرل ضيا جي دور ۾ ڳوٺ احمد خان برهماڻي، ڪسانو موري، لاڪاڻي ۽ ٻين بي شمار ڳوٺن کي تباهه ڪرڻ واري عمل کي ايمنسٽي انٽرنيشنل سياسي ڪارروائي قرار ڏئي ٿي ۽ جيڪو اديب يا صحافي ان تباهڪاري جو نقشو چٽي ٿو، ان کي جيل اماڻيو وڃي ٿو ته پوءِ پٽائيءَ جي هيٺين بيتن بابت اوهان جو ڪهڙو خيال آهي؟

نه ڪُتا، نه ڪوڪار، نه سي سڏ شڪارئين
جهنگل ڪڍي پار، اپو آهيڙين ڪي.

نه سي ووڻ وڻن ۾، نه سي ڪاتاريون
پسي بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي.

نه ڪا بوءِ بازار ۾، نه ڪا چلڻ چٽ
جتي ڏنيرين جي اڳي هئي اڪَٽَ
سي پڙ پسي پٽ، ماڻهو وڃن موٽيا.

چا پٽائيءَ جو هي بيت، مشاهدي جي لحاظ کان، اهڙو اشارو فراهم نه ٿو ڪري ته خود پٽائي صاحب پنهنجي زندگيءَ ۾ قيد ڪيو ويو هو؟؟

رات لڏم سُهنو ڪتيءَ ۾ خاصو
اٺا مينهن ملير تي، ٿيو تڙ تڙ تماشو
چوريان جو پاسو، ته جسو زنجيرن ۾.

يا وري:

ماڙيءَ چڙهي ڏنام پکا پنهوارن جا
هڪ اڳيئي سهڻا، ويتر مينهن اٺانِ
ڪهڙا ڏوهه ڪيام، جئن ٿر مارو آءٌ ماڙئين.

چا ماڙي رڳو محلات جي ڪنهن حصي کي ڪوٺبو آهي. چا اسان کي خبر ناهي ته جيل جي مين گيٽ وٽ جيل انتظاميه جي آفيسن واري حصي کي ماڙي چئبو آهي ۽ اڄ به هر جيل کي هڪ عدد ماڙي ٿيندي آهي، چا اسان ان حقيقت کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انڪار ڪري سگهون ٿا تہ پيتائيءَ جو”سر مارئي“ الف کان ي تائين جيل جي شاعري آهي ۽ هن مارئي کي هڪ بيت ۾”نظربندياڻي“ ڪوٺيو آهي.

اهڙي طرح جيڪڏهن اڄ جي سنڌ ۾ ڪالاباغ ڊيم خلاف هلندڙ مهم سياسي نوعيت جو مسئلو آهي ۽ ان مهم جو مقصد اهو خدشو يا يقين آهي تہ انهيءَ ڊيم ٺهڻ سان سنڌو درياءُ سڪي ٻيلاٽيون ٿي ويندو، تہ پوءِ سنڌ ۾ پاڻيءَ جي سوڪهڙي تي چيل ٻي شمار بيت ڇو غير سياسي شاعري آهن. سڀ کان وڏيڪ سياسي شاعري پيتائي صاحب اها ڪئي آهي جيڪا شهيدن جي شان ۾ لکيل آهي ۽ اها شاعري رڳو”سر ڪيڏاري“ ۾ ٿي ڪيل ڪانهي، پر ان جي ابتدا پهرين”سر ڪلياڻ“ سان ٿئي ٿي جنهن جو 13 هون بيت هيٺين ريت آهي:

سر ڊونديان، ڌڙ نہ لهان، ڌڙ ڊونديان، سر ناھ
هٿ ڪرايون آڱريون، ويون ڪپجي ڪانهن
وحدت جي وهاڻ، جي وياسي وڍيا.

هن بيت مان ظاهر آهي تہ هيءَ جنگ جي شاعري آهي _جنگ جي ميدان ۾ ٽڪرا ٽڪرا ٿيل لاشن جو ذڪر، جن جا ڌڙ سرن کان جدا ۽ سر ڌڙن کان ڌار لڳا پيا آهن _ هٿ، ڪرايون، آڱريون ڪپيل آهن ۽ انهن شهيدن جون زالون ڪهڙي حالت ۾ آهن، ان جو اندازو هن بيت مان لڳائي سگهجي ٿو:

ڇپر جيئن پهون، تيئن رڻ ڳجهن رانئيو
ونڪا ونڪن ڳڏيا، ڊوڙيو ڏين ڊهون
مُهاين وهون، نيرُ مهانگو ڪنديون.

جنگ جي هن سياسي شاعري ۾ ڏسو تہ پيتائي صاحب ڪيئن نہ فنائتي نموني سنڌ جي هڪ اقتصادي مسئلي جو بہ ذڪر ڪري ويو آهي. هن مان لڳي ٿو تہ سنڌ ۾ ايڏي وڏي پئماني تي ڪو قتل عام ٿيو آهي جو شهيد ٿيندڙ جوڌن جي زالن پنهنجن ڪپڙن کي نيروليءَ وٽان جڏهن نير رنگ ڏياريو آهي تہ سنڌ ۾”نير“ واري اقتصادي جنس جو ايڏي وڏي پئماني تي کاپو ٿيو آهي يا ٿيڻو آهي، جو پيتائي صاحب کي خدشو ٿيڻ لڳو آهي تہ سنڌ ۾ نير مهانگو ٿي ويندو _ ڪا بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شئي عام حالتن ۾ تڏهن مهانگي ٿيندي آهي، جڏهن ان جي رسد گهٽ ۽ طلب وڌيڪ ٿي ويندي آهي.

اهڙي طرح پيٽائي صاحب جنگ ۽ سياسي جدوجهد جي شاعري علامتي انداز ۾ جن ٻين سرن ۾ ڪئي آهي، انهن ۾ سسئي جا پنج ئي سر، گهاتو، رامڪلي، ڪاهوڙي، يمن ڪلياڻ ۽ سر ڏهر اچي وڃن ٿا. سر ڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ جنهن کي پيٽائيءَ جو مذهبي ڪلام وارو سر ليکيو ويندو آهي ان ۾ جملي 255 بيت آهن، جنِ مان ”اول الله عليم“ وارا رڳو 12 بيت آهن ۽ اهو بحث به پنهنجي جاءِ تي موجود آهي ته اهي 12 بيت ”حڪيم ڪتي“ نالي ڪنهن شاعر جا آهن. ان ڪان علاوه پيٽائيءَ جي رسالي جي انِ قسم واري ترتيب گنج ڪان پوءِ جديد رسالن ۾ موجود آهي. جڏهن ته گنج تائين رسالي جي سوين نسخن ۾ پهريون بيت يا ته ”وڏيل تي وايون ڪري...“ وارو آهي يا وري اهو آهي جنهن ۾ چيل آهي ته:

پر توو پرينءَ جو، جهڙُ جان جهالا ڏئي
آءُ تنهن آريءَ کي، روبو راهه ڏسان گهٽو.

سو لڳي ٿو ته جن ماڻهن پيٽائيءَ جي رسالي کي ترتيب ڏنو آهي، انهن پيٽائيءَ جي ڪلام ۾ سمايل روح کي ڇڏي، پنهنجي دلي خواهشن پٽاندڙ پيٽائيءَ جي ايڊيٽنگ ڪئي آهي جيڪا ڪن جاين تي سينسر شپ جو رخ اختيار ڪري ويئي آهي.

پيٽائي جي ذات ادب، سماج ۽ سياست کي پاڻ ۾ ڪيئن سمايو آهي، ان ڏس ۾ سڀ ڪان اڳ ۾ ڏسڻو پوندو ته ادب بابت پيٽائيءَ جو نظريو ”ادب برائي ادب“ آهي يا ”ادب برائي زندگي آهي“، جيئن اردوءَ ۾ چيو ويندو آهي يا انگريزي ۾ ”آرٽ فار آرٽ سيڪ“ ۽ ”آرٽ فار لائيف سيڪ“ چون. هن نظرئي کي ٺيٺ سنڌي ٻوليءَ ۾ سمجهائيندي پيٽائيءَ چيو آهي ته:

ڪوهَ ٿو ڪاڳر ڪورئين، ويٺو وڃائين مس
ڏور تڻائين ڏسُ، اکر جئائين جڙيا.

يعني پنن تي پيهه ڪرڻ يا ڪاڳر ڪارا ڪرڻ مان تيستائين ڪجهه نه ورندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيستائين ان قلمي ڪاوش جو لاڀ انسان کي نہ ٿو ملي، جيڪو اڪر جوڙي ٿو ۽ ٻوليءَ جو خالق آهي. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي تہ جيڪڏهن ڪنهن لکڻيءَ، ادبي تخليق يا قلمي پورهئي جو مقصد انساني زندگيءَ کي اجارڻ ناهي تہ پوءِ اهو مس جو زيان آهي، ڪاغذن جو ڪارو منهن ڪرڻ آهي. هن بيت مان واضح ٿيو پوي تہ ڀٽائيءَ جو ادب لاءِ نظريو زندگي سان لاڳاپيل آهي، انسان جي خدمت ۽ ماڻهپي کي هٿي ڏيڻ لاءِ آهي.

۽ پوءِ ان سوچ کي ذهن ۾ رکي جڏهن ڀٽائيءَ جو رسالو پڙهجي ٿو تہ لڳي ٿو تہ شاهہ لطيف"اکر جوڙيندڙ انسان" جو انسائڪلو پيڊيا آهي. ان سان گڏ اها پروڙ بہ پوي ٿي تہ پٽ جي شاهہ جو"انسان" هوندي تہ سچي ڌرتي تي پکڙيل آهي، پر ڀٽائيءَ جي ڌرتي سنڌ آهي ۽ سندس هيرو سنڌي ماڻهو آهي.

سائينم، سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

اهڙي پنهنجي رسالي ۾ هو سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي نہ رڳو جيئڻ جو تيئڻ تصوير چٽي ٿو ۽ ان تصوير کي خوبصورت ٺاهڻ لاءِ پنهنجي اٿاهہ شاعراڻي رنگ کي استعمال ٿو ڪري، پر هو اهو بہ ڄاڻائي ٿو تہ سنڌ ۽ سنڌي عوام کي هو ڪيئن ڏسڻ گهري ٿو. ڌرتي ۽ انسان ڪهڙي حالت ۾ آهن، انهن جو حقيقت پسندنگاهہ سان جائزو بہ وٺي ٿو ۽ ادب ۾ ترقي پسندي واري نظرئي پٽاندڙ ڌرتيءَ تي انسان کي سڀ ڪان وڌيڪ سکيو ستابو، مهذب، غيرتمند، آزادي پسند ۽ عظيم بڻائڻ جا جتن ڪندي سنڌي ماڻهوءَ کي سکيا بہ ڏئي ٿو. ۽ اها سکيا جيئن تہ انقلابي نوعيت جي آهي، ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ڀٽائي ترقي پسند شاعر هئڻ سان گڏوگڏ انقلابي پڻ آهي.

اول تہ هو پنهنجي دور جي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي جيئڻ جو تيئڻ تصوير چٽي ٿو. ۽ سنڌ جي جاگرافي بيان ڪندي چوي ٿو تہ:

ڪارا، ڪبر ڏيهہ ۾، ٻيا واريءَ منجهہ وڻاڻ.

ڀٽائيءَ جي هي سٽ پڙهي مون کي رچرڊ برٽن جي سنڌ بابت ڪتاب،"دي ان

هٿيپي وٿلي" ۾ اها سٽ ياد ايندي آهي، جنهن ۾ هن لکيو آهي ته"سنڌ جي ڌرتي، واريءَ، لوڻ ۽ پتر جي ٿهيل آهي."

دهشت دم درياءَ ۾، جت ڪڙڪا ڪُن ڪرين

مٿين سٽ سنڌو درياءَ جي تصوير آهي، جيڪا سانوڻيءَ ۾ چاڙهه جي موسم دوران چٽي وئي آهي ۽ جڏهن سنڌو مانو ٿي وهي ٿو ته هي مهان شاعر لکي ٿو ته:

ڪي جو ڪُن ڪرين، پنيءَ پُٺ جُهڻ پاڻ ۾.

سنڌوءَ سان جڏهن شاعر پيار ٿو ڪري ته چوي ٿو:

عطر ۽ عنبير جا، جر مان اچن جال.

۽ وري جڏهن مهراڻ سنڌ کي ٻوڙي ٿو ته ان کي پاراتو ڏئي چوي ٿو:

واهڙ وهين مَ شال، سڪي ٻيلاٽيون ٿئين
پسان تنهنجي پيٽ ۾، لاٽالوٽ ليار
جان تو سپ جمار، آسائتيون ٻوڙيون.

وري جڏهن سنڌ جي درياءَ ۾ پاڻي سڪي ٿو وڃي، فصل نه ٿا ٿين، مال، ماڻهو پکي ۽ پسون اڃ تا مرن ته ماتم ٿو ڪري:

سڄ ڪ سُڪو ڍور، ڪنڌيءَ اڪ ڦلاريا
جُنگن چڏيو جور، سر سُڪو سونگي ڳيا.

يا وري:

سَر سڪو سال ٿيا، هنج هريو ٿي پير
هي ڪنگ ويچارو ڪير، جو رسي هن رمز ڪي.

سوکهڙي ۾ ڪنڌي جي وڻ سان اورينڌي چوي ٿو:

ڪنڌا تون ڪيڏو، جڏ پريو ڍور وهي
جسودن جيڏو، تو ڪو گڏيو ڀهيڙو.

يا وري:

جي تو هٿڙو سُور، ڪنڌا ڍور ڏٺين جو
لامن مٿان مُور، موريءَ منجرنا ڪرين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُکي ڍور ڍيون ٿيو، ڪنڌيءَ ڏنو ڪائو
پاٽي پٽيهل ۾، اڳيون نہ آئو
ماڻهن ميڙائو، ڪنين ڪنين پيٽئين.

۽ پوءِ سماجي ۽ اقتصادي صورتحال بيان ڪندي ڪندي سنڌو درياءَ جو ذڪر ڇيڙي علامتي انداز سان وقت جي ظالم حڪمراني، سياسي ڏاڍ ۽ حڪومتي من مستي خلاف جهيڙيندي لکي ٿو:

متو آهين مڇ، ٿلهو ٿيو ٿونا هٽين
تو جا پائين اڇ، تنهن پاڻيءَ پُنا ڏينهڙا.

سنڌوءَ ۽ سنڌ جي ڍنڍن ۾ ڏور ڏيهن کان اڏامي ايندڙ سيلاني پکين، ڪونجڙين ۽ هنجن کي ماري شڪار ڪندا هئا.

سر ۾ پکي هڪڙو پارهيڙي پنجاهہ

هتي پکي علامت آهي اهڙي انسان جي، جيڪو هٿئين خالي، ڪمزور، اڪيلو ۽ هيڻو آهي، هو جدوجهد ٿو ڪري وڏن خوني، قاتل ۽ دهشتگرد حڪمرانن خلاف ان تيٰ پنائيءَ جو ردِ عمل ڏسو:

ماريءَ مرين شال، ڍپ وجنئي ڍيبون
جيئن تو اچي ڪالهہ، وڏو وچ ورهن ڪي.

ماري جنهن خوني حڪمران جي علامت آهي، ان جي تصوير پنائي هيئن ٿو چٽي:

ماري ميرا ڪپڙا، بغل ۾ بندوق
ماريو مير ملوڪ، لتاڙيو لڪ چڙهي.

سنڌ جي تاريخ ۾ خاص ڪري پنائيءَ جي دور دوران جيڪي هاڃا ٿيا آهن، انهن جي سڌي تاريخ نہ ٿي ملي، ان سلسلي ۾ مقامي توڙي غير مقامي تاريخ نويس خاموش آهن ۽ پنائيءَ جي دور کان اڳ ڊاڪٽر ايم ايڇ جهانگياڻي جي ڇوڻ مطابق 16 صدي عيسوي ۾ ارغونن ۽ ترخانن پاران سنڌ جي ڳوٺن کي

بار بار تباهہ ڪيو ويو. هتي جي سماجي، ادبي ۽ ثقافتي ادارن کي تباهہ ڪيو ويو. هتي جي مقامي دانشورن کي هتان لڏي وڃڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو ۽ هتي وچ ايشيا کان عالم درآمد ڪرايا ويا_ايتري تائين جو 1540ع کان اڳ چام نندي جي حڪومت ۾ سنڌي ٻوليءَ جو جيڪو مواد موجود هو، ان جو ارغونن جي زماني ۾ نالو نشان بہ نہ ملندو هو. ان ڪانپوءِ 1658ع ۾سنڌ اندر ايترا ماڻهو مري ويا جو آباديءَ جو وڏو حصو غائب ٿي ويو. اپريل 1660ع ۾، انگريزن جي دستاويزن موجب سنڌ اندر ايترا ماڻهو مري چڪا هئا، جو باقي بچيل جيئرا ماڻهو ان جي اهل نہ هئا تہ هو مري ويلن کي دفن ڪري سگهن. پٽائي صاحب جي ڏينهن ۾ نورمحمد ڪلهوڙي جي حڪومت دوران سنڌ اڳ ۾ دهلي سلطنت جي قبضي ۾ رهي. وري 1739ع ۾ نادر شاهہ جي حملي ڪري جڏهن دهلي سلطنت تباهہ ٿي وئي تہ سنڌ ايراني سلطنت جي غلاميءَ جو شڪار ٿي وئي تہ ساڳئي حڪومت دوران احمد شاهہ ابدالي جي ڏينهن ۾ سنڌ ڪابل سلطنت جو حصو ٿي وئي. البت ان وقت پٽائي وفات ڪري ويو هو. سنڌ جي تاريخ بابت جيڪي حقيقتون معلوم ٿيون آهن، انهن مطابق سن 1754ع ڌاري سنڌ اندر جملي 30 لک ايڪڙ زمين آبادي هيٺ هئي. ان ڪانپوءِ سنڌ ۾ زرعي آباديءَ جي تباهيءَ جو سلسلو جاري رهيو ۽ 1843ع ۾ جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي تہ ان وقت سنڌ ۾ جملي ڏهہ لک ايڪڙ زمين آباديءَ هيٺ هئي. بعد ۾ جڏهن انگريزن سکر بئراج تعمير ڪيو، تڏهن سنڌ جي زرعي آبادي وڌي ٽيڻي ٿي وئي. انهن حقيقتن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سنڌ جي زراعت جو زوال پٽائيءَ جي دور کان اڳ ۾ شروع ٿي چڪو هو. جيڪو اڳتي هلي وڌندو ويو ۽ ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ انگريزن جي دور تائين سنڌ ۾ آبادي گهٽجي ڏهہ لک وڃي بيٺي. ان اقتصادي بدحاليءَ سان گڏ پٽائيءَ سان گڏ پٽائيءَ جي ڌرتيءَ تي هڪ تہ ڌاري حاڪميت جا ظلم جاري رهيا ۽ ٻيو مٿان وري گهرو لڙائيءَ جو آزار هيو، جنهن سنڌ کي اندروني لحاظ کان تباهہ ڪري ڇڏيو هو.

پٽائي جي دور کان اڳ ۽ پوءِ وارين حالتن جو جيڪڏهن جائزو ورتو ويندو تہ اندازو ٿيندو تہ اسان جو مها ڪوي هڪ وڏي بحراني دور ۾ جيئرو رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جو هن جي ذات تي تمام گهرو اثر پيو ۽ جنهن ڪري هن سنڌ جي مظلوميت کي ڳاتو ۽ عوام سان جيئڻ مرڻ جو ناتو رکيو ۽ جيئن ته ڀٽائي جي ڪلام کي عوام پنهنجن سينن ۾ سانڍي رکيو هو، ان ڪري رسالي ۾ سنڌ جي سماجي ۽ سياسي تاريخ جا جيڪي اشارا ملن ٿا، اهي ئي تفصيل محفوظ رهجي ويا. باقي سنڌ جو علمي، ادبي ۽ تاريخي خزانو ڌارين حڪمرانن جي حملن ۾ ناس ٿي ويو. ان ڪري اسان لاءِ ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونهي ته ڀٽائيءَ جي رسالي تي جامع تحقيق ڪري سنڌ جي سماجي ۽ سياسي تاريخ جا وڃايل ورق ڳولي ايندڙ نسلن لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ سياست

ڪو بہ عوامي اديب يا شاعر پنهنجي دور جي سياست ڪان پاسو ڪري نہ سگهندو آهي. ڇاڪاڻ تہ هو جنهن ڌرتي جي حصي تي رهندو آهي، اتي انسان رهندا آهن ۽ جتي بہ انسان رهن ٿا، اتي هنن جي رهڻي ڪهڻي ڪنهن ضابطي هيٺ ٿئي ٿي. ڪنهن قانون مطابق زندگي بسر ڪن ٿا ۽ ڪا حڪومت هجي ٿي.
اهڙي طرح انساني معاشرو هر هنڌ ڪنهن نہ ڪنهن حڪومتي سرشتي ۾ رهي ٿو ۽ اهڙي سرشتي جي علم ۽ ان متعلق ڄاڻ کي سياست چيو ويجي ٿو. سياست جيئن ماڻهو جي ڌرتيءَ تي رهڻ واري قانون ۽ سرشتي کي ڇُئجي ٿو، ان ڪري انساني معاشري جو هر فرد ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾، سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح ملڪي سياست ڪان متاثر ٿئي ٿو.
سياست جي علم اڄ جي دنيا ۾ ترقي ڪري اهڙي نوعيت حاصل ڪئي آهي، جو هر انساني معاشري جو هر سماجي مسئلو ۽ هر اقتصادي گهرج هڪ لحاظ ڪان ان معاشري جي سياست جا مختلف پهلو ٿيو پون. ملڪي اقتصاديات جيڪڏهن سياسي مسئلن جي محتاج آهي تہ وري سياست بنيادي اقتصادي تبديلي نما جنم وٺي ٿي. هن سڄي ڦيري کي وري ان معاشري جي سماجي زندگي ڪوئجي ٿو. اهڙي طرح سماجي، اقتصادي ۽ سياسي مسئلا هڪ ٻئي سان ڳنڍيل ٿين ٿا.
البت سياست هڪ جدا علم آهي ۽ ادب پڻ هڪ جدا علم آهي. پر ادب ۽ خاص ڪري سچو ادب جيئن تہ انساني سماج جي زندگي جي مختلف جذبن، امنگن، خيالن ۽ احساسن کي قلمبند ڪرڻ جو نالو آهي، ان ڪري ادب انساني سماج جي هر دور ۾ تصوير چٽي موجوده ۽ ايندڙ نسلن کي آئيني طور ڏيکاريندو آهي، جنهن ۾ پاڻ کي ڏسي هر فرد اهو فيصلو ڪندو آهي تہ هو ڪيئن هجي. ڪيئن رهي؟ ۽ ڪهڙي طرح جيئي؟ هنن سوالن جي جوابن ۾ ماڻهو حال جي حالتن ۽ ماحول ڪان ڪڏهن باغي ٿي، تبديلي گهرندا آهن، جنهن کي

انقلاب چئبو آهي.

جيئن تہ سچو ادب ڪنهن سماج جي سچي پچي تصوير هوندو آهي، اهڙي تصوير جنهن ۾ نہ رڳو سماج جو جيئن جو تيئن اولڙو بڪندو آهي، پر اهو سماج ڪيئن هجي، ان ۾ انهن سوالن جا بہ رنگ پريل هوندا آهن. ان ڪري سماج جي ان تصوير ۾ سماجي مسئلن، اقتصادي گهرجن ۽ سياسي مامرن جا سڀ رنگ پريل هوندا آهن. ظاهر آهي تہ اهڙي تصوير چٽيندڙ فنڪار بہ انهن سڀني مسئلن ۽ انساني پهلوئن جو ڄاڻو هوندو آهي ۽ هن جو مشاهدو هر ڪنهن ماڻهوءَ کان تيز هوندو آهي. ان ڪري ئي هو اديب يا فنڪار هوندو آهي.

ڀٽائي بہ هڪ سچي عوامي شاعر وانگي ڏاڍو حساس ۽ تيز مشاهدو رکندڙ انسان هو. هن جي شاعري شاهد آهي تہ هن ارڙهين صدي عيسوي واري سنڌ جي گهڻو ڪري سڀني پهلوئن تي نهايت سنجيدگيءَ ۽ باريڪ بينيءَ سان ويهي لکيو آهي. ۽ انهن پهلوئن ۾ سياست جو پهلو پڻ موجود آهي. ان ڪان اڳ جو اسين ڀٽائيءَ جي بيتن جي روشني ۾ ڀٽائيءَ جي شاعري مان سياسي حوالا تلاش ڪريون، اسان کي ذهن ۾ رهڻ گهرجي تہ:

1. ڀٽائيءَ جو دور (1689ـ 1752ع) سنڌ ۾ ڦيرين گهيرين ۽ سياسي اٿل پٿل جو دور هو. جنهن جي تاريخ ڏاڍي طويل آهي. اقتدار مغلن کان ڪلهوڙن کي ملي رهيو هو. ڪلهوڙن ۽ مغلن جون گهرو لڙايون لڳيون هيون ۽ ان سياسي غيريقيني حالت ۾ سنڌ تي ڌارين جا حملا بہ ٿيندا هئا.

2. سنڌ، ڀٽائي جي دور ۾ بين الاقوامي سامراجي نظام ۽ اڻ سڌي بيٺڪيت جو بہ شڪار هئي. پورچوگيز ڊچ ۽ انگريز غير سرڪاري طور ۽ قانوني طرز تي سڄي هند ۽ سنڌ جي ڦرلٽ ڪندا هئا.

3. ڀٽائيءَ جي دور کي ٺيٺ جاگيردار دور سڏي سگهجي ٿو ـ سنڌ خاص ڪري مڪمل طور تي زرعي علائقو هو جنهن ۾ قديم جاگيرداري سرشتو هو.

4. ڀٽائي جي دور ۾ جيڪا حڪومتي سياست هلندي هئي، انهيءَ تي بہ مذهبي رنگ چڙهيل هوندو هو. ڪڏهن وحدت الوجود جو نظريو سياسي حڪمراني

هلائيندو ته ڪڏهن وحدت الشهود تخت تي ويهندو هو.

5.ڀٽائي هڪ نهايت دردمند ۽ سوريتو شاعر هو ۽ نه سياسدان. ان ڪري هن جي شاعري هڪ سياستدان جو انٽرويو ناهي، پر هڪ اهڙي تصوير آهي، جنهن ۾ سڀ سماجي، اقتصادي، سياسي، مذهبي ۽ نفسياتي رنگ موجود آهن.

6. سنڌ ۽ هند ۾ هارين جي پهرين بغاوت شاهه عنايت صوفيءَ هلائي هئي، جيڪا 1717ع ۾ ڪچلي وئي هئي. ڀٽائي ان دور ۾ پنهنجي ڀرپور جوانيءَ ۾ هو.

7. مولانا دين محمد وفائي مطابق، ميان نورمحمد ڪلهوڙو ڀٽائيءَ کي مارائڻ جون ڪيترين ئي ڪوششون ڪيون هيون، جيڪي ناڪام ٿي ويون. هالن جا مخدوم بلڙيءَ جا پير ۽ پليجا وڏيرا، ڀٽائيءَ جي سخت خلاف هوندا هئا ۽ هن تي ڪفر جون فتوائون ڪڍندا هئا. اهڙي طرح ان دور جي جاگيردار مُلن ۽ ڪٽرپسند مسلمان سياسي اڳواڻن سان ڀٽائي مهاڏو به اٽڪايو هو. جنهن جا نمونا هو چمڙا پوش ڪري جوڳين ۽ صوفين سان هنگلاج ۽ ٻين علائقن جي سير تي نڪري ويو هو. اهڙي طرح هڪ لحاظ کان ڀٽائي ڪيترو ئي وقت (خاص ڪري شاهه عنايت جي هارين واري بغاوت جي ناڪام ٿيڻ کانپوءِ واري دور ۾) انڊرگرائونڊ به ٿي ويو هو.

هاڻي ڏسو ته ڀٽائي هيٺئين بيت ۾ ڇا ٿو چوي:

معلم ماڳ نه اڳين، ڦلنگي منجهه ڦريا
ملاح تنهنجي مڪڙي، اچي چور چڙهيا.

هتي ڀٽائي سنڌ جي ملاح، سنڌ جي سمونڊ ۽ دريائن جي رکوالن کي خبردار ٿو ڪري ڦلنگين کان(يعني فرنگين کان) فرنگي ڇئجي ٿو يورپي ماڻهوءَ کي، ان دور ۾ يورپ ۾ صنعتي انقلاب اچڻ کانپوءِ پورچوگيزن سامونڊي رستا ڳولي لهڻ شروع ڪيا هئا ۽ اچي ڪراچيءَ کان سهڙيا هئا. ڀٽائي پورچوگيز دريائي ڌاڙيلن کان ديس جي ملاحن کي خبردار ڪندي ان وقت جي پرڏيهي جارحيت وارين سامراجي قوتن خلاف محاذ ڪڙو ڪيو هو.

ڀٽائيءَ جي دور ۾ مسلمانن جي ٻاهران آندل فارسي ٻولي سنڌ ۾ راڄ ڪندي هئي، ادبي ڍنڍورچي ۽ سياسي غلام عالم ان وقت چوندا هئا ته”فارسي

گھوڙي چاڙھسي" ۾ ڀٽائيءَ انھيءَ بيروني ثقافتي يلغار کي بہ رد ڪري ڇڏيو ۽ چيائين تہ:

جي تون فارسي سکئين، گولو توءِ غلام.

ڀٽائي ھيٺ ڄاڻايل ھڪ سٽ ۾ ٻانھين ٻاين جو ذڪر ڪيو آھي. ھي غلامي جو آخري دور بہ ڀٽائيءَ جي وقت جي مرڻينگ جاگيرداري سرشتي جي پئداوار ھو. ڀٽائي نہ صرف ھن سياسي صورتحال جي جيئن جو تيئن تصوير چٽي آھي، پر ان ۾ پنھنجي ترقي پسنديءَ جو بہ ثبوت ڏنو اٿس ۽ چيو اٿس تہ:

ٻانھيون ۽ ٻايون، پڪي سونھن پانھنجي.

يعني ڪا بہ قوم ۽ ڪو بہ ماڻھو پلي تہ پاڻ کي ڪو عظيم سمجھي ۽ ٻئي کي ڪمتر سمجھي، پر ھو سھڻو تڏھن ٿو لڳي، جڏھن ھو پنھنجي گھر ۾ پنھنجي ملڪ ۾ رھي ٿو ۽ سرحدون اورانگھي ٻين تي حملو نہ ٿو ڪري. ان لحاظ کان ڀٽائي بيروني جارحيت واري سياست جي مذمت ڪندي پرامن جيون گھارڻ واري نظرئي جي حمايت ڪئي آھي.

سرمارئي ۾ ڀٽائي پنھنجي دور جي حڪومتي سرشتي جو ھڪ عڪس ھيئن بہ چٽيو آھي:

ڳچيءَ ڳانا لوھ جا، زيريون ۽ زنجير
پيڪڙا پيرن ۾، ڪوٺين اندر ڪير
چاري چوگانن ۾، واھيت ڪن وزير.

اھو بيت جاگيرداري سرشتي جي ٺيڪيدارن طرفان قائم ڪيل جيلخاني يا (ڪنسنٽريشن ڪئمپ) جي تصوير چٽي ٿو.

ڀٽائي پنھنجي وقت ۾ مذھبي سياست کان نفرت جو اظھار ڪندي، ھندو ۽ مسلمان وچ ۾ فرقيوارانہ دشمني تي نھايت فنڪارانہ انداز ۾ وار ڪيا آھن ۽ ٻنھي ڌرين کي اھو ئي سبق ڏنو آھي تہ جيڪڏھن توھان پنھنجي مذھب ۾ دلچسپي ونو ٿا تہ ڀلي پوري ريت ونو، ھڪ ٻئي خلاف محاذ کڙا نہ ڪريو. ڀٽائي چوي ٿو:

منهن تہ موسيٰ جهڙو، اندر ۾ ابليس
اهڙو خام خبيث،ڪڏي ڪوهہ نہ چڙهيين.

۽ هندن کي چوي ٿو:

ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر مَ ڪوٺاءِ
هندو هڏ نہ آهيين، جٽيو تو نہ جڳاءِ
تلڪ تنين کي لاءِ، سچا جي شرڪ سين.

ڀٽائي پنهي مذهبي فرقن تي ان ڪري تنقيد ڪري ٿو ۽ سندن پاران هڪ ٻئي تي مڙهيل مذهبي غلبي وارن لاڙن کي نندي ٿو. ڇاڪاڻ تہ هنن جي مذهب ۾ دلچسپي گهٽ ۽ هڪٻئي خلاف نفرت ڦهلائڻ ۾ دلچسپي سرس ڏسي ٿو.

ڀٽائي جي هيئين سٽ بہ پنهنجي ليکي هڪ سائنسي سياسي حقيقت کي نشانبر ڪري ٿي، چوي ٿو:

ڏکيون جان نہ مڙن، تان ٻان پنڻ نا ٿئي.

يعني جيستائين ڦريل، ڏتڙيل، مسڪين ۽ ڏکويل پاڻ ۾ گڏبا نہ، اتحاد نہ ڪندا ۽ هٿ هٿ ۾ نہ ملائيندا، تيستائين پرماريت خلاف ممڻ نہ مچندو ڪا بہ هلچل پيدا نہ ٿيندي.

هي ۽ ٻيا ڪيترائي اهڙا بيت ملي سگهندا، جن ۾ ڀٽائي پنهنجي دور جا سڌا سنوان سياسي لاڙا بيان ڪيا آهن ۽ جيئن تہ ڀٽائي جي دور جا سياسي مسئلا گهڻو تڻو اڄ جي دور جا مسئلا بہ آهن، ان ڪري ڀٽائيءَ جي شاعري کي اڄ جي بہ ترقي پسند شاعري چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ ڪونهي.

ان کان علاوه ڀٽائيءَ "سر ڪيڏارو" لکي ثابت ڪيو آهي تہ هن جو پنهنجي دور جي سياسي واقعن ۽ انهن مان پيدا ٿيندڙ حق ۽ سچ جي جنگين ڏانهن ڪيڏو نہ توجهہ هو. ان سلسلي ۾ ڪيترين ئي جنگين جا حوالا ڏئي سگهجن ٿا، جن ۾ شاهہ عنايت جي هارين واري جنگ نمايان آهي. سر مارئي ۾ ڀٽائي وطن دوستي نيشنلزم جو نهايت موهيندڙ انداز ۾ ذڪر ڪيو آهي. سر سارنگ ۾ ماڻهن جي اقتصادي مشڪلاتن، سوڪهڙي، زرعي زبون حالي ۽ ڏڪار جو ذڪر ڪيو آهي ۽ آس ڪئي اٿائين تہ وسڪارو ٿئي، سارنگ سار لهي تہ غريب ماڻهو خوشحال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿين، ڏڪار لهي ۽ ترقي ٿئي.

اهو سڀ ڪجهه اهڙو ڪو به شاعر لکي نه ٿو سگهي، جنهن کي پنهنجي دور جي سياسي صورتحال جو مڪمل مطالعو نه هجي.

پيتائي ـ سنڌ جو ماضي، حال ۽ مستقبل

سنڌي ادب جي تاريخ ۾، اسان جو پيتائي، هڪ ٻيو موهن جو دڙو آهي، جنهن جي شاعري ۽ انقلابي فڪر تي هند سنڌ ۾ جيڪو ڪجهه سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيو ويو آهي سو اڻ پورو به آهي ۽ پيتائيءَ جي آدرشن سان اڻ ٺهڪندڙ پڻ. تازو هند جي سنڌي رسالي "ڪونج" جي ايڊيٽر هري موٽواڻيءَ هڪ ادبي ڪچهريءَ ۾ ٻڌايو ته هندستان جي سنڌي ادبي حلقن ۾ اجا تائين پيتائيءَ ڪي سرڳواسي ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي جي ڇڏيل صوفي ازم واري منزل تي رکي پرکيو وڃي ٿو ۽ اهڙي ڪا نئين تحقيق نه ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ پيتائيءَ جو پنهنجي دور جي مادي، سماجي، اقتصادي ۽ سياسي ماحول سان اتوٽ رشتو ثابت ڪيل هجي. اهڙي طرح هند سنڌ ۾ پيتائيءَ تي عام طرح جو ڪجهه لکيو ويو آهي، ان ۾ پيتائي جيڪو شاعر آهي، سو موجود ڪونهي ۽ پيتائي جيڪو سنڌ جي تاريخي ۽ سماجي فلسفي جو باني آهي، سو نظر نه ٿو اچي.

پليو سپ پنيون، جو پنيءَ هوت نه هليو
شهر سڄاتو ڪينڪي، آرياڻي اُتور
ماڻيو تنين مور، ڏيکيو جنين دل سين.

سو پيتائي جي رسالي کي دل سان گهڻ نقادن پڙهيو آهي.

ڏکويون ڏيهان، جيڪس لڏي ويئين
هاڻي ڪن مُلا، ڪيان سورن خبرون.

ان ڪري هُن ڪي صوفي چون ٿا. جڏهن ته پيتائي لا مذهب آهي.

نه ڪا دل دوزخ ڏي، نه ڪي بهشت گهرن
نه ڪو ڪم ڪفار سين، نه مسلماني من

سو هي، سو هو، سو اجل، سو الله

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سو پرين، سو پساهُ، سو ويري، سو واهرو.

هتي ڪجهہ ضمير ۽ ڪجهہ اسم جمع ڪيا ويا آهن. جن ۾ بذات خود الله تعاليٰ پڻ موجود آهي ۽ چيو ويو آهي تہ هي سڀ هڪ آهن. انهن ۾ هيڪڙائي آهي. اهي ڪردار جيڪي پيٽائي جي نظرئي مطابق بلڪل ساڳيا آهن. سي آهن:۔ هي، هُو، اجل(موت)، الله، پرين، پساهُ، ويري(دشمن) ۽ واهرو(يعني دوست). هن بيت مان خدا تعاليٰ بابت پيٽائيءَ جي نظرئي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

جي بي شرڪ پانئين پاڻ کي، تہ عين شِرڪ ايءُ
وجائي وجود کي، پاڻان پاسي ٿيءُ
هڏ هن ڪونهي هيءُ، هو پڻ ڪونهي هن ريءَ.

هن بيت جي آخري سٽ تي سوچڻ جي ضرورت آهي.“هو پڻ ڪونهي، هن ريءَ” يعني الله انسان کانسواءِ ڪجهہ ناهي. اهو انسان ئي آهي، جنهن جي ڪري هر ڪا شئي آهي. اهڙي طرح پيٽائيءَ جو مذهب جيڪو بہ هيو ان ۾ انسان هر ٻيءَ شئي کان اتم آهي:

سو نہ ٻي ڪنهن شئي ۾، جيڪي منجهہ تراب.

۽ هند، سنڌ کان ٻاهر وري پيٽائيءَ تي جيڪو اوائلي يورپي ادب ملي ٿو، انهيءَ ۾ پڻ ساڳي رٽ لڳل آهي تہ پيٽائي انساني زندگيءَ جي مختصر هئڻ ۽ انسان جي فاني هئڻ واري ڪيفيت کي محسوس ڪري دُنيوي مامرن ۾ ڦاسڻ کان آجو رهيو ۽ چارئي پهر الله الله پيو ڪندو هو. يورپي ۽ انگريزنقادن لاءِ برابر اهو مسئلو هو تہ هو ايتري سنڌي ڪو نہ ڄاڻندا هئا، جو پيٽائيءَ جهڙي وڏي شاعر کي پڙهي ۽ ڪڙهي سگهن. نہ تہ هنن کي ڄاڻ پئجي وڃي ها تہ پيٽائي جا چارئي پهر توڙي اٺئي پهر ڪيئن ٿي گذريا.

اٺئي پهر اداس ۾، چارئي پهر چري وو چري
تنهنجي درد فراق ۾، ويندس يار مري او مري.

پيٽائيءَ جو فڪر تمام چٽيو ۽ واضح آهي. مراقبو ڪري، چاليها ڪڏيندڙ جنوني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسلمانن لاءِ پيتائي تو چوي:

تهڙا نہ چاليها چاليهہ، جهڙو پسڻ پرينءَ جو.

۽ هي بيت"سر يمن ڪلياڻ" جو آهي، جنهن ڪي پيتائيءَ جو مذهبي سُر سڏيو وڃي ٿو. وري مراقبي وارن لاءِ چيائين:

"ويڙهيجي وينِي جا، وصل تنهن وڃائيو."

پر يورپي نقادن جو سمورو دارومدار هتان جي مقامي هندو ۽ مسلمان سنڌي اديبن تي هو ،جيڪي پيتائيءَ کي پڙهي ۽ ڌارين حڪمران دانشورن کي انگريزي ۾ ترجمو ڪري سمجهائيندا هئا. انهن مترجمن جي سهاري هيٺ انهن پيتائيءَ جي شاعري ۽ فلسفي جهڙن مشڪل فيلسوفياڻن مسئلن کي سميٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر اصل ڳالهہ اها آهي تہ پيتائيءَ کي سندس ٻولي ڳالهائيندڙن ڪيترو سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اسان جا ڪجهہ دانشور جن لاءِ اسان"نام نهاد" لکڻ، تاريخ جي رڪارڊ کي صحيح رکڻ لاءِ ضروري سمجهندا آهيون، اهي دعويٰ تہ پيتائيءَ جي نيازمنديءَ جي ڪن ٿا، پر آهن انهيءَ صف ۾ جتان پيتائي ۽ سندس ساٿي ڪردارن جهڙوڪ: ڪاهوڙي، لاهوتي، صوفي ۽ سامي وغيره تي قاتلانہ حملا ٿي چڪا آهن. جن ۾ بيشمار صوفي شهيد ٿي چڪا آهن.

نہ ڪي اسين ڇُهڙا، نہ ڪي اسين چور

هنگاما ۽ هور، ڪُتا ڪرين ڪن تي.

سنڌ جي هڪ حقيقي مها ڏاهي هڪ نجي ڪچهري ۾ چيو هو،"تہ جيڪڏهن توهان جو پيغمبر ۽ توهان جو عظيم شاعر توهان جي چوڻ مطابق "امي" ٿي سگهن ٿا تہ واقعي توهان سنڌي مسلمانن کي علم حاصل ڪرڻ يا ڪتابن پڙهڻ جي ڪا بہ ضرورت ڪانهي." سو اهڙي ڳالهہ ڪرڻ تہ پيتائي"امي" هو، خالص جهالت جو مظاهرو ڪرڻ آهي، بهرحال

جو وڙ جُڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن.

اهڙي طرح ريڊئي، ٽي وي ۽ سرڪاري دفترن ۾ ويٺل ترقي پسند ڪلاڪارن ۽ فنڪارن جي وات کي اسلام آباد مان آنڊل آرڊرن سان لنبي بند

ڪيو ويو آهي ۽ رجعت پسندن جي لوڙ جنهن کي ڀٽائيءَ جو پارکو مڃيو وڃي ٿو، انهن نامر نهاد دانشورن وٽ ان ڪان وڌيڪ ڀٽائيءَ تي ڪا تحقيق ڪانهي ته "رسالو قرآن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو آهي" ثبوت طور چون ته:

تو جي بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين.

دراصل هو ڀٽائيءَ جي بيتن ۾ قرآني آيتن جي معنيٰ کي وٺن ٿي ڪو نه ـ ڀلا ٻي علمن جو علم سان ڇا وڃي، جيڪڏهن هو واقعي ڀٽائيءَ کي پڙهن ته هنن کي محسوس ٿيندو ته ڀٽائي قرآني آيتن کي پنهنجي ڪردارن جي جوڙجڪ ۽ پنهنجي انقلابي نظرئي کي ثابت ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو آهي.

مثال:

ڪل شيءٍ الا اصله، ٿي جهجان جهانگين ڪاڻ.

هتي قرآني آيت جنهن جي معنيٰ آهي ته"هر ڪا شئي پنهنجي اصليت ڏانهن ويندي آهي،" ان کي مارئيءَ جي آخري فتح واري مقصد لاءِ ڪم آندو آهي ته مارئي هر صورت ۾ ملير ويندي ۽ عمر بادشاهه جي اها شڪست ٿيندي.

سگر ساهيڙين سين، ساٿيهه منجهه سٽيندي
عمر آءٌ ماروئڙن ڏي ويندي، ڏيهه ڏاڏاڻي پڪڙين.

هن خيال ۾ مٿي ڏنل قرآني آيت ۾ هڪڙي ئي مقصد ڏانهن اشارو ڏنل آهي.

وري جڏهن ڀٽائيءَ چيو ته:

ناز منجهاران نڪري، جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ
ته پيون پڻ بسمر الله چئي، راهه چمي ٿي رند.

هتي"بسمر الله" آڏر ڀاءُ جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيل آهي."الست بربڪمر"،"قالو بليٰ"،"ڪن فيڪون" ۽"ٻٽيو هو نه ٻت ۾ اجا ڪي آدمر"، اهي سڀ حوالا آهن، ان وقت جا، جڏهن هي دنيا پئدا ٿي هئي ۽ ڀٽائي صرف اها ڳالهه واضح ڪرڻ گهري ٿو ته مارن سان سنڌس ٻيچ ازل ڪان آهي، عوام سان ڳانڍاپو تڏهن ڪان آهي، جڏهن ڪان پورهيت جو هٿ پئدا ٿيو هو. جڏهن انسان ڄٽيو ويو هو. ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ اهڙا بيشمار بيت ملندا جن ۾ قرآني آيتون، سيڪيولر

غير مذهبي ۽ مادي مقصدن لاءِ استعمال ڪيل آهن.

”جي ماسو ملئي مال، تہ پوڄارا پرتئين.“

اسان کي ياد رکڻ گهرجي تہ ڀٽائيءَ جا سنڌي ٻوليءَ تي وڏا احسانَ آهن. ڊاڪٽر سورلي حيرت وچان لکيو آهي تہ،”جنهن دور ۾ فارسي، عربي، ۽ هندي زبانن جو ڏاڪو هوندو هو، تنهن دور ۾ ڀٽائيءَ اها عظيم شاعري ڪرڻ لاءِ اهڙي ٻوليءَ کي چونڊيو جنهن کي ننڍي ڪنڊ ۾ تمام گهٽ سڃاتو ويندو هو.“ ٻي ڳالهہ جنهن تي ڊاڪٽر سورلي کي اچرج آهي، اُها هيءَ آهي تہ فارسي شاعري جي جماليات عربي شاعري جي استعارن ۽ هندي شاعريءَ جي ڪلاسيڪل موضوعن کي ڇڏي ڀٽائيءَ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان اهڙين شين کي عظيم شاعريءَ جو موضوع بڻايو. جيڪي هن کان اڳ ڪڏهن بہ اهڙي وڏي شاعريءَ ۾ ٻڌڻ ۾ نہ آيا هئا.

ڪارين، ڪوجهيون، ڪُوڙيون، مور نہ موچاريون.

نہ ڪا ٻوءِ بازار ۾، نڪا چلڙ چٽ

نہ ڪُتا نہ ڪوڪار، نہ سي سڏ شڪارئين
جهنگل ڪيڏي پار، ايو آهيڙين کي.

سو ڀٽائيءَ جا اسان جي ٻوليءَ تي،اسان تي، سنڌ تي، سنڌ جي عوام تي ۽ سنڌ جي ماضي ۽ حال تي وڏا احسان آهن. جيڪڏهن سنڌ جو مستقبل انقلاب آهي تہ ان ۾ ڀٽائيءَ جي فلسفي کي مرڪزي نظرياتي حيثيت حاصل هوندي.

دائم جهليو دم، لڪا پٽڻ لوڪ ۾.

ڪير ماڻهو آهن ڀٽائيءَ جا اهي ڪهڙا ڪردار آهن. جن جي هن ٽيهہ اکري لکي. آهي ۽ جن جيّ زندگي جا 12 ڏينهن”سر رامڪلي“ ۾ لکيا اٿس،”رامڪلي“ جي ٻئي داستان جو پهريون بيت آهي:

ڪيم ڪاپڙين جي، پهرين ڏينهن پروڙ

سگها ساعت نہ هيڪڙي، چارئي پهر چُور
سدائين سيد چئي، هون سناسي ۾ سور
جوڳي ساڻ ضرور، لڪا پٽن لوڪ ۾.

اهڙي طرح هر بند کان پوءِ وراڻي ۾ لکي ٿو:"نانگا ٿيا نهال، لڪا پٽن لوڪ ۾." لکل بہ آهن. عوام سان رابطي ۾ بہ آهن ۽ ڳالهائين بہ ٿا. اهي ڪير آهي جيڪي:

"ڳجهہ نہ ڳالهائين، لڪا پٽن لوڪ ۾."

"سامي سون ٿيا، لڪا پٽن لوڪ ۾"

ڪريو سِڻ سهي، پنيو پنج ڪٽي
ڪنيو ڪدائون، لڪا پٽن لوڪ ۾.

اهو سمجهڻ ان ڪري بہ ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ پيتائيءَ جي عمر ان وقت 28 سال ڦوهہ جواني واري هئي، جڏهن 1717ع ۾ شاهہ عنايت جي هارين واري تحريڪ ڪچلجي وئي هئي ۽ بيشمار صوفي روپوش ٿي ويا هئا ۽ باقي شهيد
"ڪنهن جنهن ڪمائي لاءِ، لڪا پٽن لوڪ ۾."

جوڳين ۽ سامين جا 12 ڏينهن پڙهجن ٿا تہ لڳي ٿو تہ لاهوت جي پاسي جيئن ڪو انڊر گرائونڊ ٽريننگ سينٽر هجي، جتي جوڳي دائرن ۾ ڊونهيون دکائي "ڪنهن اونهي پهہ پيا" ۽ ڪاهوڙي پوءِ جاءِ بجاءِ اٿي ورهائجي وڃن ٿا. ڪڏهن سوچين ٿا، ڪڏهن پنهنجيون گوڏڙيون ٿا ڌوئن ۽ ڪڏهن وري لڪا پٽن لوڪ ۾.

اٿين ڏينهن اچي ويا، جوڳي جاءِ بجاءِ
سا پر سامي سکيا، جا پر جوڳ جڳا.

ويرو تار وجود ۾، ان کي رام رهيو ٿي آهہ
اسان کي پيتائيءَ تي نئين تحقيق ۾"سر ڪيڏاري" ۽ پيتائيءَ جي

سورمين وارن ڪردارن تي پڻ نئين روشني وجهڻي پوندي ۽ اهو سمجهڻو پوندو ته مارئيءَ جو داستان هڪ اهڙي قيديءَ جي ڪردار تي ڪيل شاعري آهي، جيڪو هڪ بادشاهه جي قيد ۾ آهي ۽ جيڪو پنهنجي ڌرتي ۽ عوام سان ائين سلهاڙيل آهي، جيئن ”ڳنڍيون منجهه ڳنڍير“ اهو ضمير جو قيدي پنهنجن مارن جي لڄ رکندي سمجهوتي ڪرڻ کان انڪار ٿو ڪري ۽ اهڙي طرح هڪ عوامي قيديءَ جو عزم هڪ هيڏي ساري ڏاڍ واري حاڪميت کي کٽي پٽ تي اڇلايو ڇڏي.

جي لوڻ لڳئين لائين، ڇيري ڇيري ڇم
ته ڪر مون اڳي نه ڪيو، اهڙو ڪوجهو ڪم
جان جان دعويٰ دم، تان تان پرت پنهوارسين.

سو پڙائيءَ تي، سائنسي انداز سان، موجوده سنڌ جي ڏوجهرن ۽ عوام جي پيڙائن جي روشني ۾ نئين تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي. اسان ۽ سنڌ جو ماضي، حال ۽ مستقبل!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڪويهين صدي ۽ پيٽائي

پيٽائي سنڌ جي دائمي دردن جو شاعر آهي. سنڌ جا دائمي درد ڪنهن خاص صدي تائين محدود ناهن. دائمي جو آهن. انهن جو دائم ۽ قائم رهڻ سنڌ جي جاگرافي، تاريخ ۽ معاشي حالتن جي ڪري آهي. ان ڪري پيٽائيءَ جي شاعري بہ دائمي آهي. ٿر، ڪاڇي ۽ ڪوهستان ۾ جيڪو ڏڪار ايندو رهيو آهي، اهو بہ سنڌ جي تاريخ جو صديون پراڻو درد آهي. ٿر ۾ وسڪارا ٿي وڃن تہ ٿر ڪشمير ٿي پوندو ۽ وري ٿر ڪانڻ سارنگ رسي وڃي تہ ٿر بر ٿي ويندو. واري ٿي واري هوندي ۽ ان ۾ پوريل چوپائي مال جي هڏاون پيجرن کي تيز هوا ظاهر ڪندي ۽ ڏيکيندي رهندي. ڏڪار ۾ ٿر جي ڏهرن ۾ ميٺوڙي رنگ جي واري ٿي نظر ايندي، جنهن جي وچ ۾ ڪٿي ڪٿي ڪنڊيءَ جو وڻ اپيو نظر ايندو ۽ بس. ۽ جڏهن وسڪارا ٿيندا تہ پيٽون ۽ ڏهر ساوا ٿي ويندا ۽ هيٺانڪانڻ.وليون ڪنڊيءَ جي وڻ کي مٿي تائين ائين وکوڙي ويندديون جو وڻ نظر ئي نہ ايندو. گسن تي گاهہ ڦٽي پوندا ۽ چارو ڳولڻ ڏکيو ٿي پوندو.

موسمن جي تبديلي تہ فطرت جي ڪاتي ۾ هلي وڃي ٿي، پر ماڻهوءَ جي غلط ڪارين سبب جڏهن پاڻي جي کوٽ ٿئي ٿي ۽ ڏڪار منهن ڪڍي ٿو، تڏهن پيٽائي جو بيت دل تي تري اچي ٿو تہ:

پاڻي مٿي جهوپڙا، مورک اڃ مرن.

سنڌ ان خطي جو نالو آهي جيڪو نندي کنڊ جي وڏي ۾ وڏي درياءَ جي ٻن ڪنارن تي واقع آهي، پوءِ بہ پنجاب ۽ سنڌ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ ٿئي تہ پوءِ اها مُورکپائي ٿيندي، بيوقوفي ٿيندي، پاڻي سان بيجا هٿ چراند ڪرڻ جي ڏوهہ جي سزا هوندي.

اهڙي هٿ چراند ڪنهن ڪئي؟ سنڌ يا پنجاب؟ ڏوهہ ڪنهن تي وڃي بيهندو؟ 1938ع، 1940ع، 1946ع يا 1947ع تي.

بهرحال جنهن تي بہ بيهو سو ان ڪري مورک آهي جو سندس جهوپڙو پاڻي پر آهي

پرپاڻ پاڻي بوءِ ڪندي اڄ ۾ ڦتڪي ڦتڪي مري رهيو آهي.

ٻيو ته پيڙائيءَ جنهن ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي آهي سا سنڌ جي ڳوٺن ۾ اڄ به ڳالهائي وڃي ٿي. ان ڪري پيڙائي سنڌ جي ٻهراڙين ۾ عوام جي بيحد ويجهو آهي، ان ڪري پيڙائيءَ جي ٻولي متروڪ نه ٿي آهي پر اسان جي ٻولي متروڪ ٿي آهي.

ايڪويهين صديءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي صورت وڃي ڪهڙي بيهندي؟ ۽ ان حوالي سان پيڙائي ڪيترو اوپرو يا ڪيترو ويجهو محسوس ٿيندو؟ اچو ته جائزو وٺون.

هن وقت سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪو بگاڙ ٿيو آهي، ان سان اصلي ۽ نج سنڌي ٻولي ڏاڍي متاثر ٿي آهي، انگريزي ٻوليءَ جو استعمال وڌي رهيو آهي، ان سان گڏ اردو ٻوليءَ جا اثر پڻ خاص ڪري سنڌ جي شهري علائقن ۽ ڪراچيءَ جي سنڌي ٻارن تي نمايان آهن. سنڌي ٻوليءَ تي ڌارين ٻولين جون جهلون ڪا نئين ڳالهه به ناهي. اسلام آيو ته اسان جي سنڌي عالمن سنڌي ۽ عربيءَ جي ڪچڙي رڌي ڪائڻ شروع ڪئي. ايران جي حاڪميت جون حدون سنڌو درياءَ جي ساڄي ڪناري تائين پهتيون ته سنڌي ٻولي ڪي فارسي زده ڪيو ويو ۽ پوءِ جڏهن ڊچن، پورچوگيزن ۽ انگريزن سالن تائين سنڌ تي راڄ ڪيو ته وري سنڌيءَ ۾ انگريزي گاڏڙ ٿي وئي ۽ اڃا تائين صاف نه ٿي سگهي آهي. پر پيڙائي واحد ادبي استعارو (metaphor) آهي جو هن نيٺ سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجي شاعري ڪئي. ڊاڪٽر سورلي چيو ته پيڙائي جا مون ڪي به عجب آهن. هڪ ته هن پنهنجي شاعري ان دور ۾ عظيم شاعريءَ وارين ٻولين جهڙوڪ فارسي، هندي ۽ عربي ۾ نه ڪئي پر ان لاءِ هن هڪ اهڙي ٻوليءَ جي چونڊ ڪئي، جيڪا اڃا مڪمل ٻولي به نه هئي ۽ ٻيو هن عظيم شاعري وارن موضوعن بدران عام ماڻهن ۽ هنن جي رواجي زندگي کي موضوع ڪري ڪنيو. ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته پيڙائيءَ جي شاعريءَ ۾ عربي، فارسي، هندي، بلوچي، سرائيڪي، ڪڇي، گجراتي، ترڪي، پورچوگيز ۽ ڪرد ٻوليءَ جا به اکر پڻ استعمال ڪيا ويا آهن."ڪارايل" ڪردش ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي"ڪارونانگ" يا ڪاريهر اهو لفظ عراق جي ڪردن واري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڳوٺ ۾ منهنجي هڪ دوست هڪ ڳوٺاٽي کي چوندي ٻڌو ۽ جڏهن هن کي چيائين ته اهو لفظ ته سنڌي ٻوليءَ جو آهي ته هن چيو ته نه هي ته ڪردن جي ٻوليءَ جو لفظ آهي، اهڙي طرح ”طول وهاڻا، توشڪون“. واري سٽ ۾ لفظ ”توشڪ“ جي ترڪي ٻولي ۾ معنيٰ آهي هنڌ يا بسترو. ”رات لڌم سُهڻو، ڪٿيءَ ۾ خاصو“ ان سٽ ۾ لفظ ”سُهڻو“ پورچوگيز ٻولي جو لفظ (sohno) آهي.

سو پيٺائيءَ جيءِ ٻوليءَ ۾ ٻين ڪيترين ٻولين جا لفظ استعمال ڪيل آهن پر هن جي ٻوليءَ جو تاجي پيٽو ٺيٺ سنڌي آهي. ايتري تائين جو هن پاڻ سنڌيءَ تي فارسيءَ جي بالادستي برداشت نه ڪئي ۽ چيو ته:

جي تو سکيو فارسي، گولو توءِ غلام.

هونئن پيٺائيٰ پاڻ خاص ڪري عربي ۽ فارسي ٻولين تي ته ايتريٰ مهارت رکندو هو، جو انهن ٻولين جي اسمن مان سنڌيءَ جون صفتون ۽ فعل پڻ ٺاهي سگهندو هو.

مون کي ڏنءِ ڏيئي، وچي ڊوليو ڊٺ قرارئو.

هتي ”قرار“ اسم مان سنڌي فعل ”قرارئو“ ٺاهي ورتائين۔ اهڙي طرح ”حسن“ اسم مان ”حسناڪ“ صفتِ ٺاهي سنڌي گرامر ۾ اضافو ڪيائين.

ان ڪري اصلي سنڌي ٻوليءَ جو مزو، چس ۽ مزاج ماڻٹو آهي ته پيٺائيءَ ڏانهن موٽٹو پوي ٿو. اها اڄ ڪيترين حالتن ۾ جديد سنڌي شاعري به نه ٿي ڀاهي، ان جو هڪڙو اهو به ڪارڻ آهي ته پيٺائيءَ جي شاعريءَ ۾ سنڌ جي سيني جاگرافيائي ۽ ثقافتي علائقن جي ٻولين ۽ لهجن جي لئه موجود آهي. ان ڪري مون کي محسوس ٿئي ٿو ته جيئن جيئن وقت گذرندو ويندو تيئن تيئن اصلي، خالص ۽ ٺيٺ سنڌيءَ جو مزو وٺڻ لاءِ اسان کي رسالو کولٹو پوندو. ۽ خاص ڪري ايڪويهين صدي عيسويءَ ۾ جڏهن شهري سنڌي ٻار وڏا ٿيندا ۽ جديد سنڌي ڳالهائيندا ته انهن جا والدين پنهنجن ڪنن ۾ آڱريون وجهي ڇڏيندا ۽ پنهنجي ٻوليءَ جي جماليات جي چس وٺڻ لاءِ شاهه جو رسالو کولي ويهندا. اڄ اسان جو شهري نوجوان پيٺائيءَ کي مس 20 سيڪڙو سمجهي ٿو. نٿين ٿهيءَ جو اديب

چڪي تاٽي 50 سيڪڙو ۽ پراڻي ٺهيءَ سميت باقي ماڻهو وڏ ۾ وڌ 70 سيڪڙو
ـهڪ دفعي هندستان جو هڪ هندو سنڌي ليکڪ سوپي گيانچنداڻي ڪي چيو:
”سويا منهنجيٰ پوٽي هڪ ڏينهن مون کي ڪنَ ۾ اچي چيو تہ ڏاڏا! تون ۽ ڏاڏي
پاڻ کهڙي ٻولي ۾ ڳالهايو؟“

سو اها منهنجي سوچيل سمجهيل راءِ آهي تہ ايڪويهين صدي عيسويءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان پيتائيءَ جي ادبي اهميت اجا بہ وڌي ويندي. ايندڙ صديءَ جي آخر ۾ شاهہ جو رسالو اسان لاءِ شايد سنڌي ٻوليءَ جي ڊڪشنريٰ ٿي پوي. ڇاڪاڻ تہ جنهن رفتار سان اسان پنهنجي ٻوليءَ کان پري ٿيندا پيا وڃون، تہ اڳتي هلي ٺيٺ سنڌي رڳو اسان کي پيتائيءَ وٽ ملندي. ڪجهہ جاڪوڙي ليکڪن سان گڏ ٿوري گهڻي سنڌ جيڪا مون گهمي ڏٺي آهي ان مان مون کيٰ معلوم ٿيو تہ هن وقت بہ سنڌ جي اڪثر عوام کي پيتائيٰ ياد آهي ۽ هن جو ڪلام روزاني زندگي ۾ ورجائين ٿا، ان جو ڪارڻ سنڌ جون ٻهراڙيون آهن. جتي سنڌي ٻولي، سنڌي ڪلچر ۽ سنڌي روايتون اڃا زنده آهن. سنڌ جي ٻهراڙيءَ جو ماڻهو پليٰ هو جبل ۾ رهندو هجي، هن کي پيتائيءَ جو ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪلام ضرور ياد هوندو. بدين ۽ لاڙ ۾ تہ پيتائيءَ جا جيئرا جاڳندا حافظ وينا آهن. خاناٽي جت ۽ ڪي ٻيا اهڙا قبيلا آهن جي زالين مڙسين پيتائيءَ جو ڪلام قرآن جي حافظن جيان ياد ڪن ٿا ۽ پڙهن ٿا.

بدين ۾ هڪ دفعي ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ جا مهمان ٿي وياسي، ميزبان اسان لاءِ نيرنَ مڇيءَ سان تيار ڪرائي هئي. اڳتي سفر لاءِ رواني ٽيڻ جي جلدي هئي. اسان ميزبان کي چيو تہ اسانَ جي هڪڙي حسرت پوري نہ ٿي سگهي، جو بدين جي ڪنهن جت کان پيتائي ٻڌون ها. هن هڪدم پنهنجي هڪ همراهہ کي رڙ ڪئي تہ اڙي ٻاهر ڏس بازار ۾ ڪو جت هجي تہ وٺي اچينس. اجا ماني ٿي ڪانہ آئي تہ جت ذات جو هڪ همراهہ اچي نڪتو. ويهندي چيائين:”سائين ڇا ٻڌندئو؟“ ”سسئي داستان جا اهي بيت جن ۾ بلوچي ٻوليءَ جا لفظ ۽ جملا استعمال ٿيل آهن.“ ... ۽ پوءِ بدين جو جت شروع ٿي ويو... ايتري ۾ ماني بہ اچي وئي جا اسان کائڻ بہ شروع ڪئي ۽ بيت بہ ٻڌندا رهياسين. ماني ايڏي لذيذ هئي جو هٿ ڪڍڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واڪ ٿي نہ پيو ٿئي. پر اڳتي جي سفر واري اوسيئڙي اتاري وڌو... پر جت اڃا پٽائي جا اهي بيت ختم نہ ڪيا هئا، جن ۾ بلوچي ٻوليءَ جا لفظ ۽ جملا استعمال ٿيل آهن. چون ٿا تہ اهي جت پنهنجن ٻارن کي پهريائين شاهہ جو رسالو ياد ڪرائيندا آهن ۽ ان ڪان پوءِ ٿي ڪنهن ٻئي ڌنڌي سان ڪين لڳائيندا آهن. سنڌ ۾ ڪي اهڙا ماڻهو بہ سجهن ٿا، جيڪي مماتيءَ وقت ماڻهو جي مڙهہ مٿان رڳو پٽائيءَ جا بيت پڙهن ٿا. تر ۾ ماڻهو پٽائيءَ جي بيتن سان هڪ راند ڪيڏندا آهن، جنهن سان سڀ اشارا پٽائيءَ جي بيتن ۾ هوندا آهن. اها سچي راند پٽائيءَ جي بيتن تي ٻڌل هوندي آهي ۽ اردو واري ڳجهارت يا سنڌي واري ڪسوٽي سان ملندڙ آهي.

تر جو الهداد جهنجي جنهن پنهنجي يادگيريءَ سان پٽائي جو رسالو ڇپرايو آهي، تنهن اسان کي تر جي هڪ دوري دوران اها راند ڪيڏي ڏيکاري. هن ميز تي هڪ ڪپڙو وڇايو جنهن تي چورس خانا ليڪيل هئا. جن جو تعداد 20 هو. هن پنهنجي هڪ ڇوڪري کي چيو تہ تون ٻري ڪٿي وڃي لڪ. پوءِ هن اسان کي چيو تہ اوهان مان ڪو هڪ همراهہ اڳتي اچي هنن خانن مان ڪنهن بہ هڪ خاني تي آڱر رکي. اسان اٿين ڪيو ۽ پوءِ لڪل ڇوڪر کي پاڻ وٽ گهرائي ميز آڏو ويهاريو. ڇوڪر جي تيز اکين ميز تي وڇايل ڪپڙي تي ليڪيل خانن مان ان خاني جي تلاش شروع ڪري ڏني، جنهن تي ڪنهن ماڻهوءَ پنهنجي آڱر رکي هئي. ايتري ۾ جهنجهي، پٽائيءَ جا بيت پڙهڻ شروع ڪيا. بيت هو بنا اسٽاپ پڙهي رهيو هو ۽ انهن بيتن ۾ ڇوڪر کي گهربل اشارا ڏئي رهيو هو ۽ ٿيو بہ ائين تہ ڏهن يا ٻارنهن بيتن کانپوءِ ڇوڪر برابر انهيءَ خاني تي هٿ رکيو، جنهن تي ڪنهن مهمان آڱر رکي هئي. سو پٽائي عوام کي ايترو ويجهو آهي جو هن جي بيتن سان رانديون ڪن ٿا. پنهنجي شاعريءَ ۾ پٽائي عوام جي ٻولي ڳاتي آهي، ان ڪري عوام پٽائيءَ جي ٻولي وڌيڪ سمجهي ٿو. چاڪاڻ تہ اها سندن ٻولي آهي.

ٻيو تہ پٽائي سنڌين جي دائمي دردن جو شاعر آهي. سنڌ سنڌو درياءَ

جي پڇڙيءَ تي آهي ۽ چوندا آهن تہ”پڇڙي يا سڪي يا ٻڏي“ سنڌ ۾ پاڻيءَ جي اڻاٺ، سوڪهڙي ۽ ڏڪارتي پيڻائيءَ سرڏهر ۾ جيڪي بيت چيا آهن سي صدين تائين سنڌين جي ايندڙ نسلن کي بہ متاثر ڪندا. ڇاڪاڻ تہ انهن بيتن ۾ بيان ڪيل مامرا دائمي آهن..ساڳي صورتحال جڏهن بہ پيدا ٿيندي تہ اهي بيت ساڳيا جذبا جاڳائي وهندا.

سر سڪو، سال ٿيا، هنج هريو ٿي پير
هي ڪنگ ويچارو ڪيں، جو رسي ان رمزکي.

جڻ ڪالاباغ ڊيم ٺهي ويو آهي، سالن کان سنڌ ۾ سوڪهڙو آهي، تازي درياءَ جي پاڻي جي آسري ۾ ويٺل هنج جي اکين جا ڳوڙها هن جي پيرن کي آلو رکيو اچن ٿا. ظاهر آهي تہ ويچارو”ڪنگ“ اهڙي رمزڪيئن پروڙي سگهندو؟

نہ ڪا ٻوءِ بازار ۾، نہ ڪا چلڙ چٽ
جتي ڏنيئرين جي اڳي هئي اکٽ
سي َ پڙپسيو پٽ، ماڻهو وڃن موٽيا.

اڍائي صديون اڳي ڪيل پيڻائيءَ جي شاعري اڄوڪي صورتحال تي ڪيئن ٿي ٺهڪي اچي. اهو ئي تہ ڪمال اهڙن شاعرن جو هوندو آهي جن کي عظيم ڪلاسيڪل شاعر سڏيو ويندو آهي.

ديس ۾ جيڪڏهن عدل، انصاف ۽ خوشحالي ناهي تہ جڻ پنيور آهي، جيڪو سسئي کي ڪائڻ پيو اچي. ڇاڪاڻ تہ هن جو محبوب جنهن سان هن جو وحدت الوجود وارو رشتو هو سو ڪيچ هليو ويو هو. تاريخ جا اهڙا حادثا، ارهہ زورايون، ۽ انياءَ جنهن ڪري ماڻهو پنهنجو وطن تياڳڻ لا مجبور ٿئي ٿو...! سنڌ جو اهو بہ هڪ دائمي درد آهي.

جديد سنڌ ۾اهڙي لڏپلاڻ ھڪڙي سنڌي، مهاجر فسادن دوران حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ ٿي ۽ ٻي ڏاڙيالي دور دوران سڄي سنڌ جي ٻهراڙين ۾: جنهن ۾ ماڻهن ڏورانهيون ٻهراڙيون ڇڏي اچي ننڍن وڏن شهرن جو سهارو ورتو. ڏڪار ۽ لڏپلاڻ هن وقت ٿر، ڪاڇي ۽ ڪوهستان ۾ جاري آهي.

عمر اسان جي ڏيهہ ۾ ٿي ٿي ٿول سڄن

هڪ موت، ٻيو وڇوڙو، ٽيون لڏيو ڏور وڃن
ٽئان پري سڄڻ، پڪا پنهوارن جا.

ڄڻ سي لوڙائو ٿيا، جنين پر ۾ رهن
مارو منجهه ٿرن، رهي رهندا ڪيترو؟

مسڪين ماڻهو پنهنجي حفاظت لاءِ جن طاقتور ماڻهن جي پر ۾ اچي رهن، سي جيڪڏهن ڏاڍيل ۽ ڦورو ٿي پون ته پوءِ مارو ماڻهو ٿر ۾ پيلا ڪيترو رهي سگهندا؟

ڄڻ سي لوڙائو ٿيا، جنين سندي ڏير
ماروڙا فقير، ڪنهن در ڏيندا دانهڙي.

سنڌ جا ماڻهو ته نهيو پر اهي مهمان پکي جيڪي ڪنڌ لتاڙي سائبيريا، آسٽريليا ۽ يورپ مان سياري جي منڍ ۾ سنڌ جي پاڻيءَ وارن علائقن جهڙوڪ سنڌو درياءَ، ان جو ڊيلٽائي علائقو، منڇر، حمل، ڪينجهر ۽ ڇوٽيارين سميت سنڌ جي وڏين ۽ ننڍين ڍنڍن تي لهندا آهن، ته انجي دائمي دردن کي به پيڻائي نه وساريو آهي، چوي ٿو:

اصل سندي آسري، آيون ڏور ڏري
ڪنيڙان پون ڪري، پاٽان پير ڏکويا پکڙين.

ٿڌي ملڪ جا پکي منڍ ڏسي ڪنڌ لتاڙي مهينن جي اڏام ڪانپوءِ جڏهن گرم پاڻيءَ جي آسري تي پاڻ کي مٿان کان هيٺ اڇلائين ٿا ته هيٺ زمين سڪل ۽ ٿوٽ ٿيل آهي، جنهن ڪري هنن جا پير ڏکوئجي پون ٿا. شاعر جي اک واري ڪئميرا سينٽرل ايشيا مان سنڌ ڏانهن اڏام وٺندڙ پکين کي پنهنجي فريم ۾ آڻي ٿي ۽ ڏسي ٿي ته هاڻي انهن اترين علائقن جو خنجراب وارو لڪ پار ڪيو آهي ۽ هاڻي ڪين سنڌو درياءَ هڪ انگڙ ونگڙ واسينگ نانگ جي ورن وڪڙن جيان اچي ليڪ وانگي نظر اچي رهيو آهي. هاڻي هو سنڌ کي ويجها اچي رهيا آهن ۽ هاڻي سنڌوءَ جي نيم گرم پاڻيءَ ۾ پاڻ کي مستيءَ وچان سڌو هيٺ اڇلائي رهيا آهن ۽ پوءِ شاعريءَ جو جو ڇپڪو ٿئي ٿو. سنگيت جون ڦهنگون اڏامڻ لڳن ٿيون ۽ ماڻهو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پکي توڙي پسون پنڌ پهڻ تي وجن ٿا.

نہ ڪتا، نہ ڪوڪار، نہ سي سڏ شڪارئين
جنگل ڪڏي پار، اپو آهڙين ڪي.

هي بہ سنڌ جو هڪ دائمي درد آهي_ ڌارين جا حملا، ٻاهين جا واقعا، موتمار ٻوڏن، ٻوڏن ڪان پوءِ خونخوار وچڙندڙ بيماريون،(اهڙي هڪ بيماري سبب ٺٽي شهر اندر هڪ ڏينهن ۾ اسي هزار ماڻهو مري ويا هئا) ۽ انهن سببن ڪري ماڻهن جي لڏپلاڻ ۽ وسندين جو ويران ٿيڻ، شڪاري ڪتن جون پونڪون، شڪارين جون هڪلون وسڻ جي نشاني آهي. ويراني ۾ خالي جهنگل آهي، جڻ انهن شڪارين لاءِ پار ڪڏي رهيو آهي جيڪي وسڻ جي علامت آهن.

بکيءَ ڪل نہ اڇهي، ڏکيءَ ڏمر نانهہ
اگهاڙيءَ وهانءُ، ويو ويچاريءَ وسري.

هي بہ هڪ دائمي درد آهي. سنڌين جي غربت، مظلوميت، معاشي بدحالي، اگهاڙا انگ ۽ بُکيا پيٽ!

ڏکي توءِ ڏڪار، توٽي وسن مينهڙا.

هي بہ ٿر جو هڪ دائمي درد آهي. ٿر ۾ اڪثر ائين ٿيندو آهي تہ سالن جي سوڪهڙي ڪانپوءِ اهڙا زوردار وسڪارا ٿيندا آهن جو الٽو فصل ئي تباهہ ڪري ڇڏيندا آهن. يا وري ائين بہ ٿيندو آهي تہ وسڪارو تہ ٿيو پر غريبن ڪي ڪو ٻج ڏئي تہ پوکي ڪن!! ان ڪري انهن جي ڏکويل حالت وسڪاري جي باوجود تبديل نہ ٿيندي آهي.

پٽائيءَ جي پارکن کي گهرجي تہ پٽائيءَ جي مذهبي فلسفي کي ملان جي مذهب ۽ هڪ صوفيءَ جي مذهب واري فرق سان ڏسن.

هندوءَ کي مخاطب ٿيندي پٽائيءَ چيو:

ڪوڙو تون ڪفرسين، ڪافر مَ ڪوٺاءِ
هندوءَ هڏ مَ آهين، جٽيو تون نہ جڳاءِ
تلڪ تنين کي لاءِ، سچا جي شرڪ سين.

۽ مسلمانن کي مخاطب ٿيندي چيائين:

جي بي شرڪ پائئين پاڻ ڪي، تہ عين شرڪ ايءُ
وجائي وجود کي پاٽان پاسي تيءُ
هڏهن ڪونهي هيءُ، هو پڻ ڪونهي هن ري.

جيڪڏهن بي شرڪ ٿئين ٿو تہ اصل شرڪ اهو آهي، پنهنجي وجود کي وڃائي پاڻ کان پري ٿيءُ. هيٰ يعني انسان ڪجهہ ناهي، پر هو يعني ”الله“ ۽ ”انسان“ ڪانسواءِ ڪجهہ ڪينهي، ڇاڪاڻ تہ شعاع ۽ ان جو ڪرٽو هڪ ٻئي کان الڳ ٿي نہ ٿا سگهن.

وري ڏسون تہ پٽائيءَ جو خدا ڪهڙو آهي؟

سو هي، سو هو، سو اجل، سو الله
سو پرين، سو پساهہ، سو ويري، سو واهرو.

”نائي نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو“

”پنهون تيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.“

اهو آهي پٽائيءَ جو الله. پٽائيءَ جي فڪر تي جاگيرداري قدرن واري تهمت هڻڻ وارن پارکن کي سمجهڻ گهرجي تہ جنهن شاعر ”سهڻيءَ“ کي پنهنجي سيني ڪردارن کان وڌيڪ اهميت ڏني آهي، سو جاگيرداري قدرن جي ڪيئن ٿو پاسداري ڪري.

سياري سهہ رات ۾، جا گهڙي وسندي مينهن
هلو تہ پڇون ”سهڻي“، جا ڪر ڄاڻي نينهن
جنهن کي راتو ڏينهن، ميهار ٿي من ۾.

سهڻيءَ جو ڪردار تہ خود جاگيرداري تابوت ۾ چيندڙ آخري ڪوڪو آهي. پٽائي جاگيرداري قدرن سان ٽڪرائي، عورت جي آزادي جو ساٿ ڏئي ڪيو آهي. پٽائيءَ جا گهڻو ڪري سيپئي هيرو ڪردار عورتون آهن. هن جي فلسفي مطابق عشق ۽ قرباني مرد وٽ گهٽ ۽ عورت وٽ وڌيڪ آهي. ان ڪري عورت مرد کان وڌيڪ

جدوجهد ڪري سگهي ٿي.

”سسئي لنگهي سو، مرد جنهن مات ڪيا.“

مومل جو ڪردار پڻ جاگيرداري قدرن خلاف بغاوت آهي. مارئي پيتائيءَ جو اهڙو ئي هڪ ڪردار آهي، جنهن عمر بادشاهه سان ٽڪر ۾ اچي آخر تائين آڻ نه مڃي ۽ آخر بادشاهه کي پوئتي هٽڻو پيو ۽ مارئي کي قيد مان آزاد ڪيو ويو.

بهرحال ان حقيقت کي وسارڻ نه گهرجي ته شاعر ۽ تخليقڪار پنهنجي دور جو آئينو هجڻ گهرجن. پوءِ سماج جي انهيءَ آئيني ۾ جيڪڏهن ڪنهن کي پنهنجو چهرو نه ٿو وڻي ته ان ۾ آئيني جو ڪو به قصور ڪونهي.

سو پيتائيءَ جي دور ۾ جيڪو مذهب هو، جهڙو نظام هو، جيڪي معاشي حالتون هيون ۽ انهيءَ سموري وايو منڊل ۾ سرجيل ويچاري ماڻهوءَ جي جيڪا سوچ ٿي سگهي ٿي. ان جو آئينو اوهان کي رسالي ۾ صاف نظر ايندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيٽائيءَ جي ترقي پسندي

روزاني”هلال پاڪستان“ ۾ رشيد ڀٽيءَ پنهنجي ڪالم ۾ تنوير عباسيءَ جي لکيل ڪتاب”شاهه لطيف جي شاعري“ تي لکيل منهنجي تبصري تي تنقيد ڪندي هڪ بحث ڇيڙيو آهي ۽ دعوت ڏني اٿائين ته سڀئي اديب دوست ان ادبي بحث ۾ حصو وٺن. آءٌ ان سلسلي ۾ ڪجهه لکي رهيو آهيان، اميد ته ٻيا دوست به لکندا. بهتر ٿيندو جيڪڏهن ٻيٽائيءَ جي شاعريءَ تي ٿيندڙ هن بحث کي”هلال پاڪستان“ جي ڪنهن خاص ڏينهن واري پرچي ۾ هڪ مستقل ڪالم هيٺ ڇاپيو وڃي.

رشيد ڀٽيءَ جي تنقيد جو تت هي آهي:

1. ٻيٽائي جي شاعريءَ جا اهڃاڻ سمجهائيندي تنوير ادبي غير جانبداريءَ کان ڪم نه ورتو آهي. 2. مبصر تنوير جي ڪتاب تي لکندي ترقي پسندي واري محاوري کي غلط سمجهيو آهي.3. شاهه لطيف پنهنجي دور جو ترقي پسند شاعر هو. 4. ٻيٽائي پنهنجي شاعريءَ ۾ سياسي ماحول کان بيزاري ڏيکاري آهي. 5. ٻيٽائي پنهنجي شاعريءَ ۾ صوفي جي مڪتب خيال جو پرچار ڪيو آهي.

پنهنجي ڪالم ۾ هن منهنجي”باقي تبصري“ ۽ برسات ۾ ڇپيل سلسليوار مضمون”جي ورو ائيءَ جو لهين“ (پورهئي جو جمالياتي نظريو ۽ ٻيٽائي) کي پسند ڪيو آهي. ان ڳالهه برابر منهنجي دل وڌائي آهي.

جيئن ته تنوير، رشيد ڀٽي آئون ۽ هر ترقي پسند اديب ان ڳالهه تي متفق آهيون ته ٻيٽائي پنهنجي دور جو ترقي پسند شاعر هو. ان ڪري هن کي اختلافي نوعيت جو بحث نه سمجهيو وڃي. البت اهڙا ادبي بحث مباحثا تعليمي نوعيت جا ٿيندا آهن ۽ انسان هڪ ٻئي جي تجربن مان ڪي سکي ٿو.

منهنجو تنوير، رشيد ۽ انهن سان متفق ٿيندڙ سڀني يارن سان صرف هڪڙو اختلاف آهي، مان ٻيٽائي کي صرف”پنهنجي دور“ جو نه پر هاڻوڪي زماني ۽ ڪجهه ايندڙ زماني جو به ترقي پسند شاعر سمجهان ٿو. تنوير، ٻيٽائي جي

شاعريءَ کي تصوف جي رنگ ۾ رڱيل سڏي ٿو.(ڏسو ڪتاب"شاهه لطيف جي شاعري، صفحو 125) ۽ رشيد ڀٽي متي ذڪر ڪيل ڪالم ۾ ڀٽائيءَ کي صوفي شاعر سڏيو آهي.

ڀٽائي کي مذهبي، اسلامي ۽ صوفي شاعر ته سنڌ جا ڪيترا ليکڪ اڳ ۾ئي تسليم ڪري چڪا آهن پر جيئن ته ڪنهن جو به حرف، حرف آخر ڪونهي، ان ڪري منهنجو اختلاف پنهنجي جاءِ تي قائم آهي. مون وٽ ان لاءِ ٽي دليل آهن.

1. سڀ کان اڳ ۾ ته ڀٽائيءَ جي رسالي مان اهڙا بي شمار بيت چونڊي سگهجن ٿا، جن کي ان زمري ۾آڻي نٿو سگهجي. مثال طور هي بيت ڏسو:

بکيءَ کل ته اڃهي، ڏکيءَ ڏمر نانهه
اگهاڙيءَ وهانوَ ويو ويچاريءَ وسري.

(هن بيت ۾ ان عالمي حقيقت جو ذڪر ڪيل آهي، جنهن کي ماديت چئجي ٿو).
يا

وس بادل وس، تو وسندي وس ٿئي
تو پيڪا، مون ساهرا، ڪنوڻ ڀلايون رس
تنين ڀاڳين وس، جن ور مٽائي ياٿر ڪيا.

(هتي آخري سٽ جي پوئين اڌ ۾ ڏڪار جي انتهائي سنگين حالت جي تصوير چٽيل آهي، جنهن ۾ بي انتها بک وگهي زال ۽ مڙس، پيٽ ۽ پاءُ وانگي ٿي ويا آهن چاڪاڻ ته بک هر ٻي انساني خواهش تي حاوي آهي).

2. ته پلا جي ڀٽائيءَ جي شاعريءَ کي ڪٽي ڪو مذهبي نالو ڏجي ته چئبو ته شاعريءَ کي به مذهب ٿئي ٿو.

3. ته ڀٽائي جيڪڏهن پاڻ صوفي هو ته ضروري ناهي ته هن جي تخليقي فن کي به صوفي سڏيو وڃي. ڇاڪاڻ ته سڀ صوفي، شاعر ڪو نه ٿيندا آهن ۽ نه ڀٽائي جي پائي جو ڪو ٻيو صوفي شاعر پئدا ٿي سگهيو آهي. آءٌ شخصي طور سمجهان ٿو ته ڀٽائي ان ڪري صوفي هو ڇاڪاڻ ته صوفي متو پنهنجي دور ۾ مذهب جو ترقي پسند پهلو هو. آءٌ اها ڳالهه قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهيان ته ڀٽائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڪري ترقي پسند هو جو صوفي هو. ان لاءِ مون وٽ هي دليل آهي ته”هر سچو ادب“ ترقي پسند ٿيندو آهي ۽ پيٽائي به سچو فنڪار هو. جيئن ته سچو ادب هر دور ۽ هر سماج ۾ تاريخي سچائيءَ تي ٻڌل هوندو آهي. عوام سان سچو هوندو آهي. غريبن ۽ مظلومن جي مفادن سان سچو هوندو آهي. انهن خلاف سمجهوتو ۽ ناهه نه ڪندو آهي، پنهنجي دور جون حالتون سچائيءَ سان چٽيندو آهي. هر عوام دشمن سماجي، اقتصادي توڙي سياسي رجحانن جي مذمت ڪندو آهي، ان ڪري اهو ادب سچو هوندو آهي.

هن دليل جي روشنيءَ ۾ پيٽائي صرف”سچو شاعر“ يا ”سچو فنڪار“ ئي سڏي سگهجي ٿو. پيٽائي کي فقط صوفي، وحدت الوجودي يا اويسي يا ڪو مذهبي نالو ڏيڻ پيٽائيءَ سان بي انصافي ٿيندي. اهڙي قسم جي پرک کي مذهبي چنبڇاڻ ته سڏي سگهجي ٿو پر ادبي تنقيد چئي نٿو سگهجي. پيٽائيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجي دور جي سچائي پيش ڪئي آهي جيڪا اڄ جي دور جي به سچائي آهي. ڇاڪاڻ ته پيٽائيءَ جو دور سڏي مغربي سامراجي بيئنڪيت جو دور هو.(ڊاڪٽر سورلي مطابق پورچوگيز1552ع ۾ سنڌ ۽ هند تي تسلط رکڻ لاءِ آيا هئا).

منهنجو ذاتي خيال آهي ته ادب ۾ هر شاعر جي فن کي اڄ جي دنيا جي شاعريءَ ۾ مروج فني ۽ ادبي ڪسوٽي تي پرکڻ جو لاڙو قائم ڪيو وڃي. جنهن جي تنوير پنهنجي پيٽائيءَ بابت ڪتاب ۾ اڳ ئي شروعات ڪري ڇڏي آهي.

هونئن به ادب تي تنقيد ڪندي ادب جي سماجي ڪارج کي جيڪڏهن نظر ۾ رکجي ٿو ته پيٽائيءَ جي شاعريءَ جو سماجي ڪارج اهو آهي ته هن سترهين صديءَ جي آخر ۾ ۽ ارڙهين صديءَ جي پهرين اڌ واري زماني ۾ هر سماجي ڦرلٽ، پرماريت ۽ بديءَ جي مذمت ڪئي آهي. ان ڪري ئي پيٽائيءَ جي شاعري پنهنجي دور جي ترقي پسند شاعري آهي. پر هي ڳالهه هتي ئي ختم نه ٿي ٿئي. جيئن ته پيٽائي جي شاعري اهڙي آهي ۽ هن جي فني ڪماليت ۽ عواميت واري درجي کي اڃا تائين ڪو به سنڌي ٻوليءَ جو شاعر پهچي نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهيو آهي. ان ڪري هن جو پيغام اڄ به اهڙو ئي نئون نڪور آهي، جهڙو هن جي پنهنجي دور ۾ هو. هي پيغام تيستائين نئون نڪور ۽ ترقي پسند رهندو، جيستائين مڪمل برابري ۽ انصاف تي ٻڌل معاشرو قائم نہ ٿيندو. اجا تہ ماڻهو، ماڻهوءَ آڏو محتاج آهي. ماڻهو، ماڻهوءَ جو غلام آهي، انسان انسان آڏو جهڪي رهيو آهي. ان قسم جي سماج خلاف ڀٽائي ننڍي ڪنڌ ۾ رهندڙ مسلمان عوام کي چيو آهي تہ:

وحده لا شريڪ لہ، جان تو چوين ايئن
تان مڃ محمد ڪارڻي، نرتئون منجهان نينهن
سو تو وڃبو ڪيئن، نائين ڪنڌ ٻين کي.

هن بيت ۾ ڀٽائي پاڻ کي بہ اقرار ڪو نہ ٿو ڪري پر هو ٻين کي مخاطب آهي ۽ چوي ٿو تہ"جيڪڏهن توهان چئو ٿا تہ الله هڪ آهي ۽ ان جو ٻيو ڪو بہ شريڪ ڪونهي پوءِ ان جي رسول کي مڃو(جنهن کي پڻ اسلام ۾ سجدو ڪرڻ روا ناهي)، پوءِ ٻين آڏو ڪنڌ ڇو ٿا نوايو؟

هن بيت تي جيڪڏهن هر مسلمان عمل ڪرڻ لڳي تہ هوند ڪو بہ غريب ڪنهن بہ رئيس، وڏيري، سردار يا ڪاموري کي پيرين پوڻ ڇڏي ڏئي. ان ڪري ڀٽائي جو هي بيت جاگيردار دشمن (anti-feudal) قسم جو آهي. ۽ اڄ بہ اوترو ئي نئون آهي، جيترو ارڙهين صديءَ جي پهرين اڌ ۾ هو. هن هڪڙي بيت جي ئي روشنيءَ ۾ واضح ٿي سگهي ٿو تہ ڀٽائي جيڪو معاشرو ۽ انساني قدر چاهي ٿو سي آئيندي ۾ ئي قائم ٿي سگهن ٿا. ۽ جيستائين اهي قدر مڪمل طور قائم نہ ٿيندا تيستائين ڀٽائي هر دور جو ترقي پسند شاعر ليکيو ويندو.

باقي پنهنجي لاءِ تہ ڀٽائيءَ هيئن لکيو آهي تہ:

”جا اسلامان اڳي هئي، سان سڻائون ٻانگ“

هن بحث مان منهنجي مراد اها آهي تہ ڀٽائي نہ رڳو 17_18 صدي عيسوي جو ترقي پسند شاعر هو پر هو 20_21 صديءَ جو بہ ترقي پسند شاعر آهي. جيستائين رشيد ڀٽيءَ جي هن الزام جو تعلق آهي تہ مون ترقي پسنديءَ وارو محاورو نہ سمجهيو آهي ۽ مارڪسزم کي مون ڀٽائيءَ جي دور جو ترقي پسند

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظريو ڪوئيو آهي، اها سراسر غلط بياني آهي. مون، تنوير تي لکيل تبصري ۾ اهڙي ڪا به ڳالهه نه لکي آهي .هن الزام جو جواب منهنجي ان مضمون ۾ ڇاڻايل آهي جيڪو 16 ۽ 17 فيبروري 1976ع واري هلال پاڪستان ۾ ٻن قسطن ۾ ڇپيو آهي جنهن جو عنوان آهي.”ادب ۾ ترقي پسندي ۽ پيئائي“ مون ان ۾ اڳي ئي ڄاڻايو آهي ته ترقي پسنديءَ جو معيار هر دور ۾ هر سماج ۾ مختلف ٿيندو آهي ۽ ظاهر آهي ته پيئائيءَ ڪارل مارڪس کان گهڻو اڳ، جي پئداوار آهي، ان ڪري پيئائيءَ جي دور جي ترقي پسنديءَ جا معيار مختلف هئا.

باقي رهيو تنوير جي ادبي غيرجانبداريءَ وارو مسئلو. سو مان وري به ساڳي ڳالهه ورجائيندس ته تنوير پنهنجي ڪتاب ۾ 125 صفحي ۾ هڪ اصول ڪي قبول ڪيو آهي ته پيئائي جي بيتن جون معنائون مختلف مڪتب فڪر جا ماڻهو مختلف ڪڍي سگهن ٿا. اها به پيئائيءَ جي شاعريءَ جي خاصيت آهي. ان ڪانپوءِ هن پيئائيءَ جي”سپرين“ واري اهڃاڻ ڪي الله ڪوئيو آهي. جڏهن ته منهنجي شخصي راءِ آهي ته پيئائي جو استعمال ڪيل لفظ الله پڻ هڪ اهڃاڻ آهي. ڪهڙو اهڃاڻ آهي؟ ان ڪي هر دور ۾ هر سماج ۾ مختلف مڪتبه فڪر جا ماڻهو مختلف نالو ڏيندا. پلا جيڪڏهن پنهون، سسئي، عمر، مارئي وغيره به اهڃاڻ آهن ته پوءِ الله وارو نالو هيڏي وڏي شاعر جي شعر ۾ ڪيئن اهڃاڻي اهميت نه رکندو هوندو.

سو هي، سو هو، سو ـ اجل، سو الله
سو پرين، سو پساهه، سو ويري، سو واهرو.

رهيو اهو سوال ته پيئائي مارڪسزم چو نه پڙهيو هو. سو اهو ظاهر آهي ته مارڪس 1818ع ۾ پئدا ٿيو هو ۽ 1883ع ۾ وفات ڪري ويو هو. پيئائي 1752ع ۾ وفات ڪري ويو هو. خود مارڪسزم جنهن انسانيت پرست ادبي ۽ سياسي هلچل hu-manism کان متاثر هو. پيئائي ايشيا ۾ ان جي اهم ڪڙي هو.

رشيد پيئي پنهنجي ڪالم ۾ پيئائيءَ بابت پنهنجو به هڪ نظريو ڏنو آهي ۽ اهو هي آهي ته پيئائيءَ سياست کان بيزاري ڏيکاري آهي. جي ايئن آهي ته

پوءِ ڪجهہ سٽون پڙهو:

معلم ماڳ نہ اڳئين، قلنگي منجهہ قريا.

(هتي قلنگي معنيٰ يورپي ماڻهو مولانا وفائي مطابق هي ست سنڌ تي پورچو گيزن جي يلغارن بابت خبردار ڪندي ڀٽائي لکي آهي، جيڪڏهن ڀٽائي رڳو مراقبي ۾ ويٺو هوندو هو تہ پوءِ هو ان سياسي مسئلي تي خاموش هجي ها.)

جي تون فارسي سکئين، گولو توءِ غلام.

(هن سٽ ۾ بہ ڪنهن ڌاري زبان مڙهيندڙن کان بغاوت ڪيل آهي. ان ڪانسواءِ حاڪم ۽ محڪوم حالت جو بہ ذڪر آهي، جيڪو پڻ حڪومتي معاملو آهي.)

جاڳو جاڙيجا، سما سک مَ سمهو
پسو آن پاران، لاڪو ٿو لوڙيون ڪري.

(ملڪ جي سرحد پارڪان خطري جو اطلاع ڏيندي ظاهر آهي تہ ڀٽائي سنڌ تي ڌارين جي حملن کي ننديو آهي.)

هن قسم جا ٻيا بہ ڪيترائي بيت جيڪي نهايت فنڪارانہ انداز سان چيل آهن، مثال طور پيش ڪري سگهجن ٿا.

آخر ۾ آءٌ عرض ڪندس تہ بنيادي ڳالهہ اها حقيقت ڳولڻ ناهي تہ جنهن وقت ڀٽائي ڪو بيت لکيو، ان وقت ڀٽائيءَ جي دل ۾ ڇا هو؟ وقتائتي حقيقت هي آهي تہ اڄ جي دور ۾ ڀٽائيءَ جو ڪلام ۽ اهڃاڻ اسان کي ڇا ٿا سيکارين. ڪهڙي پرينءَ جي ياد ٿا ڏيارين. وهين ويڙهيچن سان، ڀٽائيءَ جو وچن اسان لاءِ عوام سان اٽوٽ انگ آهي يا ڪنهن ازغيبي طاقت سان ناتو. هن ڏس ۾ تحقيق ئي ڀٽائيءَ جي جديد مطالعي لاءِ ضروري آهي. جمال ابڙي تاشقند ۾ هڪ بين الاقوامي ادبي ڪانفرنس ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪندي ويٽنام آمريڪا جنگ جي پسمنظر ۾ ڀٽائيءَ جا بہ بيت پڙهيا هئا. انهن جي تشريح ڪندي:

”متو آهين مڇ، تلهو ٿيو ٿونا هٽين“
ڪي هن آمريڪي سامراجيت ڪوٺيو هو ۽
”سنها پانءِ مَ سپ، وياءَ واسينگن جا“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ويٽنام جو انقلابي عوام ڪوئيو هو. ڀٽائيءَ جي ترقي پسنڌ شاعريءَ جي اهڙي تشريح بہ ٿي سگهي ٿي. ڇاڪاڻ تہ ڀٽائيءَ جي شاعري تہ ترقي پسند آهي، پر ان جي تشريح ترقي پسند بہ ٿي سگهي ٿي ۽ رجعت پرست پڻ. اها نقاد جي جوابداري آهي تہ جيڪڏهن هو ترقي پسند آهي تہ هن کي رجعت پسند لاڙا قائم ڪرڻ نہ گهرجن.

ادب ۾ ترقي پسندي ۽ ڀٽائي

ڀٽائيءَ اهڙي دور ۾ گذاريو آهي، جنهن ۾ اها چوٽي عام هوندي هئي تہ ”فارسي گهوڙي چاڙهسي“. عربي بہ سنڌ ۾ گهڻو رائج رهي آهي ۽ پنهنجي وقت جي سرڪار ۽ بهادر ڏارين ٻولين عربي ۽ فارسي کي وڏي سرپرستي ڏني هئي. ڀٽائيءَ جي ڪيترن ئي ساڳي دور جي پئداوار شاعرن عربي ۽ فارسي ۾ لکي ان وقت جي حڪمرانن کي راضي رکو پر ڀٽائي کان ايئن اصل نہ ٿي سگهيو. هن سنڌيءَ ۾ لکيو. ڇاڪاڻ تہ سنڌ جي مسڪين عوام ۽ ماروئڙن سان هن پنهنجي ذات ۽ جيءَ کي اهڙي طرح اندران ئي اندران سنهي سئي سان سبي ڇڏيو هو، جو مٿان ان جو ڪو ڳنڍ ٽوپو نظر ئي نہ ايندو هو.

مڙهيو منجهاران، جيءُ منهنجو جن سين.

(منجهاران مڙهڻ اهڙي جديد طرز جي رفو کي چئي سگهجي ٿو، جنهن مان ڪپڙي جي ڦاٽڻ جو ڪو نشان نظر نہ ايندو آهي) تنهن هوندي بہ ڀٽائي پنهنجي دور جي سيني ٻولين ۾ مهارت رکندو هو. هن عربي ۽ فارسي ٻوليءَ جي لفظن ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي اهڙي ساخت ۾ رکيو آهي، جو اهي سنڌي ٿي وڃن ٿا.

مون کي ڏنءُ ڏيئي، وڃي ڍوليو ڍٽ قرارئو.

(قرار لفظ جي فعلي صورت تہ ڏسو ڇڻ سنڌي آهي)

ساڳي طرح ڀٽائيءَ عربي جون ڪيتريون ئي نظماڻيون ۽ شاعراڻيون سٽون ڪٽي پنهنجن بيتن جي اڳ يا وچ ۾ ايئن پيوند ڪري ڇڏيون آهن، جو واقعي حيرت وٺيو وڃي. ڪي ماڻهو چون ٿا تہ ڀٽائي ”امي“ هو. ڪهڙو اڻ پڙهيل جٽ ههڙو بہ سٽو بيت لکي سگهي ٿو:

سوئي راهہ، رد ڪري، سوئي رهنما
و تعزمن تشاءُ، و تزل من تشاءُ.

ٽي ايس ايليٽ پنهنجي مشهور نظم waste land ۾ سنسڪرت ٻوليءَ جا مشهور لفظ: ”دتا، ديڌو، دم يتا، شانتي، شانتي، شانتي“ جنهن خوبصورتيءَ سان

استعمال ڪيا آهن، ان ڪي پڙهڻ ۽ پرجهڻ لاءِ، مري وري جيئڻ تي دل چوندي آهي. پر پيٽائي جو هي رفو پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

هتي سوال ٿو پيدا ٿئي ته جيڪڏهن ٽي ايس ايليٽ انگريزي نظم سنسڪرت جو استعمال ڪيو آهي ته ڇا هو هندو ٿي ويو؟؟ ان سوال جو جواب، پيٽائي بابت اٺاريل انهيءَ سوال جو جواب آهي ته ڇا پيٽائي مذهبي شاعر آهي؟؟ در حقيقت شاعر صرف شاعر هوندو آهي ۽ پيٽائي جهڙي"ذات ڏٺي" لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ايئن چوڻ ته بهتان آهي. شاعريءَ کي مان ته اجا به ڪجهه وڌيڪ ٿو سمجهان پر جي انهيءَ مولانا رومي جي وصف مطابق "شاعري جز ايست از پيغمبري" به تصور ڪيو وڃي. تڏهن به اهو دليل سمجهڻ جهڙو ۽ سائنسي سوچ مطابق آهي ته پيغمبر ڪنهن به پراڻي مذهب جا پوڄاري نه هوندا آهن. هو پيغمبر ئي تڏهن ٿيندا آهن جو انسان ذات کي هڪ نئون فلسفو هڪ نئون نظريو ڏيندا آهن.

ان پيٽاڙ مان مراد هئي ته پيٽائي جي اها شاعري جنهن ۾ عربي ٻوليءَ يا قرآن جون سٽون استعمال ٿيل آهن سا به ترقي پسند آهي، ڇاڪاڻ ته هن جو صوفي مٽي جو چاهه خود ان وقت جي مذهبي مانداڻ جو ترقي پسند لاڙو هو.

قومي ۽ طبقاتي سوال ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڀٽائيءَ جو وطن بابت نظريو ڏاڍو فيلسوفياڻو ۽ انوکو آهي، جنهن جي مطالعيٰ سان موجوده سنڌ ۾ قومي ۽ طبقاتي سوال کي عوامي مفادن وٽان سمجهڻ ۾ خاصي مدد ملي سگهي ٿي.

پنهنجي شاعري ۾ ڀٽائيءَ "وطن" جو ذڪر خاص ڪري "ڀنڀور" ۽ "ملير" جي حوالي سان ڪري ٿو ۽ ايئن لڳي ٿو ته ڀنڀور جو ذڪر ڀٽائيءَ "ملڪ" جي معنيٰ ۾ ڪيو آهي ۽ ملير کي "وطن" ڪري ڇٽيو اٿس.

عمر، آءٌ مري تان نه ڇڏينديٰ، متي ماروئڙن جي.

حيف تنين کي هوءِ، وطن جن وساريو.

۽ ڀنڀور لاءِ چيو اٿس:

پڇاڻان پرين، ڏجي باهه ڀنڀور کي.

ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ ملير هڪ خوشحال، ڪشادو، پرامن ۽ آزاد وطن نظر اچي ٿو.

نه ڪا جهل نه پل، نڪو رائر ڏيهه ۾
آٽيو وجهن آهرين، روڙيو رتا گل
مارو پاڻ امل، مليرون مرڪٽو.

جت ڪرڙ ڪتا ۽ ڪاهيون، پال پڪا ۽ پڪ
سرهيون سي سرتيون، حاضر پاسي حق
ماروئڙن سين ماڻيان، شال منداڻتي مڪ
ڪنڪاريان خلق، جا تر ڇائي ۾ ٿوهرين.

پر پوءِ ڀٽائيءَ جو "سونهارو ساٿيهه" جڏهن ڪنگن ڪالوري ڪنو ڪيو ۽ ڀٽائيءَ جو "وطن ٿيو وريٖ، ڪوڙن ڪانيرن جو" ته پوءِ وطن جي ان صورتحال جو ذڪر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀٽائيءَ ڀنڀور جي حوالي سان ڪيو آهي، جنهن مان لڳي ٿو ڀنڀور ۾ سک بہ ڏکن وانگي ڏنگي رهيا آهن.

ورلڪن جي لوڏ، گهوريا سک ڀنڀور جا.

....

آتڻ اورانگهي ويا، ڪري ڪميٽي ڪيئن
هاٽي گهرجي هيئن، تہ ڏجي باهہ ڀنڀور کي.

هتي ڀٽائيءَ ڀنڀور ڏانهن ڏڪارو رويو ان ڪري اختيار ڪيو آهي، ڇاڪاڻ تہ "سڄڻ" هن جي "ساٿيهہ" مان هليو ويو آهي. جنهن ڪانپوءِ ڀنڀور ان جي لائق ٿي پيو آهي تہ ان کي باهہ ڏئي ساڙي رک ڪري ڇڏجي.

پوءِ جڏهن ڀٽائي جي ملڪ ۾ اهڙي هچا اچي ٿي پوي جو سيئي مورمري ٿا وڃن. هنج هليا ٿا وڃن، سرسڪي وڃي، ڪنڌين تي اڪ ڦلارجي وڃن، جهنگل آهيڙين لاءِ پارڪڻ لڳي، وٽن مان وونئڻ غائب ٿي وڃن. ڪاتاريون ڳوليون نہ لين ۽ سنڌ جي ڪاريگرن جا آڱوٺا ڪپيا وڃن تہ جيئن هو ڪتي نہ سگهن ۽ ڪپهہ جي ڪچي مال جي قرلت ڪجي تہ پوءِ ڀٽائي چئي ٿو:

ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو، مٽو اگهاڙو
منهنجو ڪچاڙو ڀينر هن ڀنڀور ۾.

ڀنڀور جي ظالماڻي علامت کي ڀٽائيءَ وڌيڪ تفصيل سان بيان ڪندي چيو آهي تہ:

ڀڳس جان ڀنڀور ڪان، تان سور مڙوئي سک
کر ڪو واڪو وس، ويهہ مَ منڌ ڀنڀور ۾.

ڀينر ڀنڀوارن، ڀڄو تان ابهو.

ڀينر هن ڀنڀور ۾، دوزخ جو دونهون.

۽ اهڙي ڪيفيت جا ٻيا بہ ڪيترائي بيت ملن ٿا جن ۾ ماڻهو جو جيئڻ جنجال

نظر اچي ٿو ۽ ڀٽائي جو ديس ان عرب شاعر(محمود درويش) جي ديس وانگي لڳي ٿو، جنهن بابت ان چيو هو تہ”هي ملڪ اسان جي جيون ۾ قبر وانگي ڪوٺي قائم ڪيو ويو آهي.“ البت مجموعي طور تي ڀٽائي”سجڻ ۽ ساٿيهہ“ جي ٻنهي فلسفي جو ڳانڍاپو آهي. ڀٽائي وطن ۽ عوام جي مفادن کي گڏي هلائڻ وارو شاعر آهي.

ڪي ڏرتتي ماءِ، ڪي ڄر سِندي سڄڻين
هلي ۽ ۽اجهاءِ، ٻنهي جيرن وچ ۾.

ڀٽائي جو نظريو ان لحاظ کان قومي ۽ طبقاتي جدوجهد جو هڪ خوبصورت سنگم آهي جنهن ۾ ڌرتي ۽ عوام کي جدا جدا ڪري نہ ٿو سگهجي. هڪ طرف تتل ڌرتي جي ڄر آهي ۽ ٻئي طرف سڄڻ جي سڪَ _هڪ طرف وطن آهي ۽ ٻئي طرف عوام _هڪ طرف قومي جدوجهد جو مسئلو آهي ۽ ٻئي طرف طبقاتي ڪشمڪش جو سوال آهي، ان پيچيده راهہ جي وچ تي ڀٽائي جو ڪردار ٻنهي طرفن ڏانهن واجهائيندي اڳتي وڌي رميو آهي. ڀٽائيءَ جي هن سوچ کي موجوده دور جي تقاضائن مطابق پرکيندي ائين چئي سگهجي ٿو تہ ڀٽائي قومي ۽ طبقاتي سوال جي جدلياتي ڳانڍاپي جو مڪمل شاعر آهي.

ڀٽائي 1752ع ۾ وفات ڪري ويو هو ۽ ڪارل مارڪس 1818ع ۾ ڄائو هو. اهڙي طرح شاهہ عنايت جي هارين واري تحريڪ جنهن کي 1717ع ۾ وحشياڻي طريقي سان ڪچليو ويو هو، اها سال 1794ع ۾ پئرس ڪميون واري تجربي کان ڪي 72 سال اڳ سنڌ جي سر زمين تي ظاهر ٿي هئي. ڀٽائي ان وقت 28 سالن جو ڳڀرو نوجوان شاعر هو جڏهن شاهہ عنايت واري هارين جي تحريڪ هلي رهي هئي. ان لحاظ کان سماجي سائنس جا اچوڪا قدر ۽ اصطلاح سترهين صدي عيسوي جي پوئين ڌهاڪي ۽ ارڙهين صدي جي آخري اڌ ۾ مروج ڪو نہ هئا. البت سماجي اٿل پٿل جا عالمي ارتقائي قدر پنهنجي ڪلاسيڪل شڪل ۾ موجود هئا، جن کي ڀٽائيءَ ۽ سنڌ جي ٻين انقلابي صوفين سيڪيولر نظرئي مطابق سنڌي شاعريءَ ذريعي قائم ۽ دائم رکيو. اهي عالمگير نوعيت جا سماجي قدر ۽ انسانيت پرستي جا عظيم اصول اڳتي هلي، دنيا جي انهيءَ جديد سائنسي نظرئي جا فيلسوفياڻا بنياد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بڻيا، جن کي موجوده دور ۾ مارڪسزم چيو وڃي ٿو.

ڏکيون جان نہ مڙن، تان تان پنڌ نا ٿئي.

جيڪڏهن اکرن ۾ اڙڻ کان پاسو ڪيو وڃي تہ پيتائيءَ جي هن بيت ۾ ان جديد بين الاقوامي نعري وچ ۾ ڪو خاص فرق نظر نہ ٿو اچي، جنهن ذريعي دنيا جي پورهيتن کي متحد ٿيڻ لاءِ چيو ويو آهي.

پنڌ جي پورهئي مان، ڪنهن نہ پريا پل
مانجهي سي امل، هر جنين جي هٿ ۾.

پورهيي جو جمالياتي نظريو ۽ پيتائي

هن ڌرتي جي متاڇري تي انسان ڀن اکين سان جيڪي ڪجهہ ڏسي سگهي ٿو، ان مان جيڪڏهن انسان جي تخليق ڪاٽو ڪري ڇڏجي تہ باقي ڇا بچندو؟ ان سوال جي جواب تي گهرو سوچڻ سان هن سهڻي، رنگارنگي ڌنوان ڌرتيءَ ڪان ڊپ ۽ وحشت ٿيڻ لڳي ٿي. جيڪڏهن هن ڌرتيءَ تي وڻ نہ هجن، جايون اڏيل نہ هجن، رستا وڇايل نہ هجن، باغ باغيچا نہ هجن، ڪاٽيون ۽ ڪوهہ نہ هجن، ڪارخانا ۽ ڪپڙو نہ هجي تہ هوند انسان جو جياپو ناممڪن نہ تہ مشڪل ٿي پوي.

انهن سيني شيئن جي موجودگي ئي هن ڌرتي کي رهڻ لائق بنايو آهي. هيءَ ڌرتي سهڻي ئي ان ڪري آهي، جو ان ۾ انساني تخليق، انساني پورهيو ۽ انساني هٿ جي ڪرت جو وجود آهي. ان حقيقت کي تسليم ڪرڻو ئي پوي ٿو تہ هن ڌرتي کي سونهن بخشڻ وارو پورهيت آهي. پلي پوءِ اهو هاري هجي، مزودر هجي،واڍو يا ڏکڻ هجي، انجنيئر يا ڊاڪٽر هجي، اديب يا شاعر هجي يا ڪو ٻيو فنڪار.

ڌرتي تي پورهيت جي پورهئي مان سونهن ڦٽي نڪري ٿي، اها بہ ساڳي حقيقت آهي. ان ڪري سونهن زندگي آهي، جياپو آهي. انساني وجود آهي. جيڪو پنهنجي تڪميل لاءِ تيز ترانگهون پائيندو ارتقا جي رستي تي اڳتي وڌي رهيو آهي ۽ سونهن جي خالق جي تخليق هن جو پورهيو ئي آهي. اهو ئي سبب آهي جو انسان پنهنجي تخليقي پورهئي سان ڌرتيءَ تي جيڪا هترادو ۽ پنهنجي جوڙيل سونهن پيدا ڪئي آهي ان کي ٻيو روپ(سيڪنڊ نيچر) سڏيو وڃي ٿو. هن سائنسي ۽ تاريخي حقيقت کي نظر ۾ رکي جيڪڏهن ادب جي جمالياتي نظرئي تي سوچجي ٿو(جنهن ڪان سواءِ ادب اهڙو ٻسو ۽ سطحي لڳندو جهڙي ڌرتي انساني تخليق ڪانسواءِ) تہ پوءِ ان پوءِ ان فيصلي تي پهچڻو پوي ٿو تہ، جيڪڏهن ڪو اديب يا فنڪار پنهنجي ادب يا فن تخليق ڪرڻ وقت پورهيت ۽

سندس پورهئي مان جمالياتي اتساهہ نہ ٿو وٺي سگهي تہ پوءِ اهو سچو فنڪار ٿي ناهي. اهو ترقي پسند اديب ٿي ناهي. اهڙو اديب يا فنڪار گهٽ ۾ گهٽ هن ڌرتيءَ جو رهواسي ڪوٺائي نہ سگهندو جنهن پنهنجي ذات کي هن ڌرتي جي سونهن ۾ سڳنڌ ۾ نہ وهنجاريو هجي ۽ پنهنجي ذات جي پيٽا هن ڌرتي جي سونهن جي خالق(پورهيت) کي نہ آڇي هجي.

ادب ۽ جماليات، هڪ لحاظ کان ساڳئي شئي آهن. ڇاڪاڻ تہ سونهن ئي اها محرڪ قوت آهي، جيڪا ادب کي انساني خيال جي ڪوهہ مان ڪڍي ٻاهر ٿي ڪري. ۽ وري سونهن ڪنهن خيالي چيز جو نالو ناهي. سونهن مادي شئي آهي. ان کي ڪو رنگ آهي، مادي وجود آهي، نہ تہ سونهن ڪجهہ ناهي. فطرت بہ سونهن سان ٽمٽار آهي، پر انسان جي پيدا ڪيل نئين مادي فطرت بہ گهٽ سهڻي ڪانهي. فطرت جي هن مادي روپ جي تيار ٿيڻ واري عمل کي پورهيو چئجي ٿو. جيڪو ظاهري تہ سهڻو نٿو لڳي، پر ان جو نتيجو اهڙو سهڻو آهي، جهڙو چنڊ، تارن ڀري رات، چاندوڪي يا ڪا سهڻي اِڪ.

ڪنير جڏهن چڪ تي ويهي، ڳوهيل مٽيءَ جو بي ترتيبو ڳوڙهو آڏو رکي پنهنجي ڪمزور، سڪل، ڳرُ لڳل، ڪارن ۽ ڪوجهن هٿن سان ان کي ٺاهيندو آهي تہ هن جي ڪوجهن هٿن ۽ ڦڏين آڱرين جي وچ مان هڪ خوبصورت گلدستو ڦٽي نڪرندو آهي. جيڪو اهڙا ماڻهو پنهنجن ڊرائنگ رومن ۾ رکڻ لاءِ آتا هوندا آهن، جيڪي ڪنير جي ذات کان نفرت ڪندا آهن ۽ هن جي پورهئي کي مال غنيمت سمجهي لٽيندا ۽ ڦريندا آهن.

پٽائي پورهيت جي انهن ڪارن، ڪوجهن، ڳرُ لڳل، سُڪي ٺوٺ ٿي ويل هٿن کي سونا هٿ ٿو ڪوٺي ۽ انهن جي چرپر مان جمالياتي ڇڪ ٿو محسوس ڪري:

سر ڪاپائتي ۾ چوي ٿو:

سون ساريڪا هٿڙا، ڪوهہ نہ ڪتين رڏ
ويهي ڪُنڊ ڪاپو ڪَڍ، ڳهتون ڳوهيون ڇڏِ
تہ صرافاڻي سڏِ، مرڪي هوند مٽائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽائي جي شاعريءَ ۾ جتي ڪٿي پورهيت طبقي جي ماڻهن جي عظمت ڏيکاري وئي آهي ۽ اميرن، بادشاهن، ڦورن لٽيرن، ظالمن ۽ عوام دشمن ڪردارن کي نيچ ڄيو ويو آهي. پورهيت جي تعظيم شان ۽ مانَ کان علاوه پورهئي جي پڻ وڏي تعريف ڪئي اٿس.

هيٺئين بيت ۾ پورهيت"اوڏن" جو همدرديءَ سان ذڪر ڪيو ويو آهي."تر جي ڏاڙيل ۽ ڦورو،" لاکيءَ لاءِ شڪايتي انداز اختيار ڪيو ويو آهي:

چنل چچ هٿن ۾، ڪلهن ڪوڏارا
پورهئي خاطر پنهنجي، اٿن سوا
اوڏ بہ ويچارا، لاکا وجن لڏيو.

هاڻي پورهيت اوڏن ۽ لاکي ظالم لاءِ پٽائي جا جذبا ڏسو تہ ڪهڙا آهن:

اڏيو جو اوڏن، سو شل ڏنگر ڏلو مَ ٿئي
جنهن پر ويهي ڪن، ليکو لاکي چام سين.

چند ٻيا بيت جن ۾ ڪمي ڪاري ڪردار چٽيل آهن:

پلي ڪري آئيو، ڏاٿارو ڏيهاءَ
پڳي ڪٽ سڄي ٿي، لٽي چاڪ ڳراءَ.

مٿن ٽپڪ ٽپڪڙا، چڪندڙا اچن
ڪڙيون ڪيهہ پڪليون، پگهر سر پيرن
اي وَڙُ ويڙهيچن، مون لوڏان ئي لکيا.

پاٽيءَ هاريءَ سيڪا، جا سر گهڙو پري
ڪا لئہ پري سڄٽين، ڪا پورهئي ڪاڻ پري.

پٽائيءَ وٽ پورهئي جو جمالياتي مشاهدو ايترو ئي فنڪارانہ ۽ تخليقي آهي، جيترو هن جي شاعري، قديم سنڌ ۾ ست ڪتڻ ۽ آڏاٽن جي چڱي خاصي صنعت موجود هئي. ڊاڪٽر سورلي لکيو آهي تہ، رڳو نصرپور ۾ ئي ٽي هزار آڏاٽا هلائڻ وارا خاندان هوندا هئا. ان ڪانسواءِ دربيلي، گمبٽ ۽ سيوهڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان بهترين ڪپڙو نهي تيار ٿيندو هو.
اهڙي طرح سنڌ جي وڏي اڪثريت هيٺين طبقي جي ماڻهن جي روزگار جو وسيلو ڪپڙو اُڻڻ هو. جيڪو سنڌ جا اسرنڌڙ وڏيرا دلال جي حيثيت ۾ انگريز ڪان ڪميشن وٺي ان کي سستي اگهه ۾ وڪرو ڪري ڏياريندا هئا. ڪپڙي اُڻڻ وارا هڪ لٺي ۾ گذاريندا هئا.

اتر ڏني اوت، مون سَوَڙ نہ گبرو
چارئي چنيءَ پوت، ريڙهيندي رات گئي.

۽ گورا فرنگي وائلون پائيندا هئا. پيٽائي هن ڪِرت وارن ماڻهن ڪورين ۽ ڪاتارين بابت تمام گهڻا بيت چيا آهن.(ياد رهي تہ ان وقت جي قديم جاگيرداري دور ۾ ڪورين کي گهٽ ذات ليکيو ويندو هو ۽ اڄ بہ وڏيرڪي ثقافتي اثرن ڪري ٻهراڙين ۾ اهو لاڙو عام آهي. پيٽائي نہ رڳو ڪورين کي ڳاتو آهي، پر هنن کي ماڻهپي جو مڪتب ڪوٺيو آهي.)

هلو تہ هلون ڪورئين، جتي نازڪ نينهن
ڳنڍين سارو ڏينهن، ڇنڻ مور نہ سکيا.

ڪورين جي ڪِرت ظاهر آهي تہ سُٽَ جي تندن کي ڪپڙي جي تاڃي پيٽي ۾ تبديل ڪرڻ هوندي آهي ۽ جتي جتي ڪو ڌاڳو ڇڄي پوندو آهي، اتي ان کي ڳنڍي پوءِ اڳتي وڌندا آهن. پيٽائي ڪيڏي نہ ان مان سماجي ڳانڍاپي، ميٺ محبت ۽ اتحاد جي سوچ ڏني آهي. ڪورين جي ڪرت، جيڪا ظاهري طرح گدلي هوندي آهي، ان کي پيٽائي ڪيڏو نہ تقدس ۽ سونهن ڏني آهي. هن قسم جي پورهئي مان بہ پيٽائي فنڪارانہ جماليات جا ڏڪ ڀريا آهن.

هيٺ ڏنل بيت ۾ وري ٻين پورهيتن جي زندگي جو احوال آهي جن جي پاند سان پلوَ لڳندي وڏن ماڻهن ۽ شاهوڪارن کي لڄ ايندي آهي:

ڪاريون، چاريون، ڇڄ ڇپريون، جن جي محبت مڇيءَ سان
وهن، رهن سر ٻانڌئين، سيئي بدبوءِ هاڻ
لڏڙن جئن لطيف چئي، پاٽي وجهن پاڻ

تن ملاحن جو ماڻ، سمي سرڪيو پاهنجي.

اهڙيءَ طور تي ڄامُ سموتي پٽائي مڇيرن سان ڏسو ته ڪيئن ٿو پيار ڪري، هنن جي پورهئي جو ڪهڙن لفظن ۾ ذڪر ٿو ڪري ۽ ان مان ڪيئن سونهن جو مشاهدو ٿو ڪري:

ڪڪي هاٽيون ڪاريون، ڇڇيءَ هاٽا ڇڄ
پاند جتي جي پاندسين، لڳو تئي لڄ
سمو ڄامُ سهڄ، ايو ڪري ان سين.

ڪاريون ڪوجهيون ڪُوڙيون، مُور نه موچاريون
وٺي وينيون واٽ تي، ڪڪيءَ جون ڪاريون
انين جون آريون، سمي ريءَ ڪير سهي.

هينئين بيت ۾ پٽائيءَ جي طبقاتي جانبداري ڏسو. راڻين بادشاهزادين، سَمين، سومرين جي ڀيٽ ۾ مهاڻين کي تعظيم وارو ڪيو اٿس، ڇاڪاڻ ته اهي پورهيت آهن، پئداواري قوت آهن، جن تي سماج پلجي ٿو:

ڪوءِ سميون، ٻنِ سومريون، جي اچن اونچي ڳاٽ
وَرُ سي ڪينجهر، ڄائيون، جن تماچي جي تات
راڻين مُلا رات، ماڻڪ ميءَ پرائيو.

هاريءَ جي شان ۾ پٽائي جي هينئين سٽ پنهنجي جمالياتي پهلوءَ سميت پنهنجو مٽ پاڻ آهي:

مانجهي سي امل، هَر جنين جي هٿ ۾.

هتي هاري کي اهڙو مانجهي مڙس ڪوٺيو ويو آهي، جنهن جو ڪو به مُلهه ڪونهي. بي بها آهي. ڇاڪاڻ ته هن جي هٿ ۾ هَر آهي. هر ۾ پيل هٿ جڏهن پٽائي جي شاعريءَ جو موضوع ٿئي ٿو ته ان ۾ ڪنهن ڪنواري مينديءَ رتل هٿ کان به وڌيڪ سونهن آهي.

ٿر جا مارو ماڻهو جڏهن سڳا وٺي، رنگي، گهوٽ ڪنوار کي ٻڌن ٿا، جڏهن نظر لڳڻ کان بچائڻ لاءِ ڪنهن ڀوريءَ ٻانهن ۾ ڪارا ڏاڳا وجهن ٿا ته پٽائي انهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سون برابر تو سمجهي، انهن ۾ پيٽائيءَ کي سون واري سونهن تي نظر اچي.
سون برابر سڱڙا، پانهن پڌائون.

سڱر ساهيڙين سان، ساٿيهہ منجهہ سٽيندي
اٺا مينهن ملير ۾، ڏاڳا ڏہر ڏوئيندي
عمر، انهين ڏيهہ جا، کو ڍَرَ قوت ڪريندي
گلون گولاڙن جيون، جهپي ساڻ جهٽيندي
ڪوڪڙ ڪنڊيئڙن ۾، ڦڪيو ڦڪ پريندي
عيدن برادن تي، کهہ مانڌاٽيون کيندي
پسي ڪائي پيٽ ۾، ڏونرا ڏنءُ آءُ ڏيندي
عمر، آءُ وڙهيجن ڏي ويندي. عمر، آءُ ماروئڙن ڏي ويندي

سڱر سٽڻ، ميرا لٽا ڌوئڻ، ٿر جا گاهہ رڌي کائڻ، جهنگلي ميوا لاهي کائڻ ۽ ڦڪ پري کائڻ وغيره سنڌ جي ٿر وارن غريب ترين ماڻهن جي روزاني زندگيءَ جو نقشو آهي. هي زندگي جيڏي ڏچي واري آهي. ڏکي آهي ۽ ميهٽي هاب آهي، اوتري ئي پيٽائيءَ لاءِ سهٽي ۽ سڳنڌ پري آهي.

پيٽائيءَ پنهنجن ڪيترن ئي بيتن ۾ پورهئي ڪرڻ جي تلقين ڪئي آهي ته پورهيتن کان جڏهن پورهئي جا موقعا ڇنيا ويا آهن ته انهن تي نهايت جذباتي طور ماتم ڪيو اٿس:

ايءُ نہ پانن پيرِ جئن ڪينر ڪليءَ ٽنگيو
سونهاري صبح سان، وجهين وڻين وير
توکي چوندو ڪير، ڌاران ڪيرت مڱٽو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيڻائيءَ جي شاعريءَ جو جاگيردار دشمن پهلو

پيڻائيءَ جو دور سياسي، سماجي ۽ اقتصادي طور نيٺ جاگيرداري دور هو. سنڌ ۽ هند ۾ مشيني صنعت اڃا منهن نہ ڪڍيو هو. ماڻهو پوک ڪندا هئا ۽ سنڌ نيٺ زرعي علائقو هو. ڪچي مال کان مشهور هو ۽ ڪپهہ مان ڪپڙي ٺاهڻ واري غير مشيني صنعت وجود رکندي هئي. سنڌ جا حاڪم مغل هئا پر پيڻائيءَ جي ئي حياتيءَ ۾ مغل شهنشاهت ٽٽي وئي هئي ۽ سنڌ ۾ ڪلهوڙن کي اقتدار مليو هو. ڪلهوڙا جاگيردار هئا. ڪين سنڌ جي ڏيگهہ ويڪر ۾ جاگيرون هيون. مقامي جاگيردار سنڌ ۾ پنهنجي ملڪيت جي حفاظت ڪرڻ جي مفاد ۾ هر قسم جي ڏاري امداد حاصل ڪرڻ لاءِ آتا هئا. اهڙي طرح هنن ڪيترا پيرا پرڏيهي جنگي سالارن ۽ آخر ۾ انگريزن کي بہ آجيان ڪري سنڌ ۾ رهايو.

پيڻائي جي وقت سنڌ ۾ پيداواري رشتا بہ نيٺ جاگيرداري قسم جا هئا، ان ڪري غربت چوٽيءَ تي پهتل هئي. سماجي قدرن ۽ ثقافتي لاڙن تي جاگيرداري اثر هو. عوام ۾ تعليم ڪانہ هئي، مذهبي جنون گهڻو هو. عورت جي عزت ويڪائو مال جهڙي هئي. وڏيرڪي ڦرلٽ کي غريب ۽ اڻوجهہ ماڻهو پنهنجن عملن جي شامت سمجهندا هئا. صبر ۽ شڪر هر درد جي دوا هوندو هو. ان دور ۾ پيڻائي هڪ باغيٰ شاعر بڻجي، جاگيرداري قدرن خلاف زوردار ادبي محاذ کوليو، جنهن ڪري هن کي ختم ڪرڻ لاءِ وقت جي جاگيردار حاڪمن ڏاڍا حربا استعمال ڪيا. هن کي عورتون پيش ڪري لالچ ڏني وئي، پر پيڻائيءَ چيو:

جي چورين ڏنا چال، تہ بہ لاهوتي لنگهي ويا.

نيٺ پيڻائيءَ کي انڊر گرائونڊ ٿيڻو پيو ۽ هڪ وڏي پير گهراڻي جو فرزند ـ پيڻائي، جوڳين ۽ سامين، گيڙوءَ رتن فقيرن ۽ سيلانين سان ملي هنگلاج ۽ گنجي جا سير ڪيا.

پائي سچ ڪٺا، لڪا پٽن لوڪ ۾.

سرڪاهوڙي ۽ پيڻائيءَ جي ٽيهہ اکري هن جي انڊر گرائونڊ ٿي وڃڻ جي شاهدي

ڏين ٿا. ڀٽائيءَ پنهنجي جاگيردار دشمن تحريڪ هلائيندي سنڌ ۾ رهندڙ غلاميءَ ۾ جڪڙيل جنوني مسلمانن جي وڏي اڪثريت کي اسلام جي تعليم جي روشني ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ چيو:

وحده لا شريڪ لهُ جان ٿو چوين ايئن
تان مج محمد ڪارڻي نرتئون منجهان نينهن
سو تون وڃين ڪيئن، نائين ڪنڌ ٻين کي.

يعني جيڪڏهن تون اقرار ٿو ڪرين ته الله هڪ آهي ۽ هن جو ٻيو ڪو شريڪ ڪونهي ڪو ته پوءِ رڳو محمد کي هن جو رسول مڃ ۽ وڏيرن، ٻسينين، نوابن، حاڪمن ۽ جاگيردارن آڏو ڇو ٿو سجدا ڪرين؟؟ پر ويچارو عام ماڻهو وهمن وسوڙيل هو. صدين جو قريل ۽ لتيل هو. هو صبر کي هر ڪنهن تحريڪ هر ڪنهن مزاحمت ۽ هر ڪنهن مقابلي تي ترجيح ڏيڻ لاءِ مجبور هو پر ڀٽائيءَ چيو:

صبر ۽ شڪر کي، ڪاڏي آءٌ ڪندي
آهيان جنهن سندي، سو ته گهرجي ساڻ مون.

هن ماڻهن کي چيو ته:

روزا نمازون، اي پڻ چڱو ڪم
او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسڻ پرينءَ جو.

اڪ التي ذات، ونءُ التو عام سين
جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوپار
منجهان نوچ نهار، پر پنيرو پرينءَ ڏي.

عام ماڻهن کي وقت جي حاڪمن جيڪو سڌو چارو ڏسيو هو جنهن طرح زندگي گذارڻ جو منوقعو ڏنو هو ۽ جنهن حالت ۾ هلايو هو، ان کي ڪو به ترڪ ڪري نه سگهندو هو، ان وڏيرڪي صراط المستقيم خلاف ڀٽائيءَ چيو:

جهنگل هليا، سي نه پليا، راهه هليا قرجن.
قبن ڪونهن پير، مرشد مسائن ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاگيرداري سرشتي ۾ عورت کي ڪا بہ اهميت نہ هوندي آهي، هوءَ مرد جي ذاتي ملڪيت ڪري ليکي ويندي آهي. ڀٽائي سنڌ جي قديم لوڪ ڪهاڻين مان عورتن جي ڪردارن کي ڀيهر تخليق ڪيو ۽ انهن ۾ بغاوت سمايائين. مارئي کي ڌرتيءَ سان اٹوٽ پيار ڏنائين ۽ عمر جهڙي ڏاڍي جاگيردار حاڪم کي مارئيءَ واتان چورايائين تہ:

جي لوڻ لگين لائين، چيري چيري چم
تہ ڪر مون اڳي نہ ڪيو، اهڙو ڪوجهو ڪم
جان جان دعويٰ دم، تان تان پرت پنهوارسين.

سهڻيءَ کي عورت جي انساني آزادي جو متوالو ڪردار ڪري چٽيائين ۽ ان وقت جي ۽ هاڻي وارن جاگيردار ۽ وڏيرڪي قسم جي روايت کان بغاوت ڪرايائين.

ساهڙ ڏاران سهڻي آڏوتي آهي
ڪنديون جو ڪاهي، پاسي تنهن پاڪ ٿئي

يا

ساهڙ ڏاران سهڻي، نسوري ناپاڪ

....

ڏم پاسي ۾ ڏکندو، صحت وٹ سنگهار

....

هو جي وچن جا وچار، پاسي تن پاڪ ٿئي.

سسئي کي عورت هوندي ايڏو بهادر، بانڪو ۽ بي ڊپو ڪردار ڏاهيائين جو هر مشڪل کان مشڪل جدوجهد جي علامت ٿي سگهي ٿي.

آڏو ٽڪر ٽَر متان روهہ رتيون ٿئين.

مومل کان تہ ڪاڪ محل جوڙايائين پنهنجي روايتي قدرن کان بلڪل ابتڙ هڪ ڪردار ڪري پيش ڪيائين.

هلو، هلو، ڪاڪ تڙين، جتي نينهن اچل
نہ ڪا جهل نہ پل، سڀ ڪا پسي پرينءَ کي.

سورٺ کي عظيم عورت ڪري پيش ڪيو اٿس، جنهن سَتيءَ واري رسم جو پرم

رکي دنيا جي هر عورت جو منهن متي ڪيو آهي. ۽ ان ڪانپوءِ وڏيڪ سورٺ جي عظمت ان وقت محسوس ٿئي ٿي، جڏهن هوءَ ور مٿان قربان ٿيئي ٿي، جيڪو ڪنڌ ڪي تند ڪان مهانگو نہ ٿو سمجهي.

ناريون ناڏ ڪرين، تہ راڄا رات رمڳيو.

پيٽائيءَ جا ڪردار اهي جيسلميراڻيون عورتون بہ آهن، جن پنهنجي مقصد خاطر پنهنجي عصمت بہ قربان ڪري ڇڏي آهي، وڏيرڪي ثقافت ۾ اهڙيون حرڪتون ڪڏهن بہ روا ٿي نہ ٿيون سگهن، پر پيٽائيءَ انهن ڪي جس ٿو ڏئي.

تن جيسلميراڻين جسُ، جي لِ الله ڪازڻ لنديون.

اهڙي طرح پيٽائيءَ جا سڀ ڪردار جن جي پيٽائيءَ تعريف ڪئي آهي. اهي پنهنجي وقت ۾ جاگيرداري دور جا باغي ڪردار هئا.

پيٽائي جڏهن هاريءَ جي شان ۾ چوي ٿو تہ:

مانجهي سي امل، هر جنين جي هٿ ۾.

غريب پورهيتن جي زندگي چنڻ تي گهٽو لکي ٿو. مڇيرن، ڪنيارن، ڪورين. ناٿارين، پچارن، گهاتن ۾ مارن کي اهميت ڏئي ٿو ۽ اميرن، ٿورن، ڏاڙيلن ۽ سومرين شهزادين کي نيچ ڪري ٿو، تہ ان مان ظاهر ٿيو پوي تہ پيٽائيءَ طبقاتي، ثقافتي قدرن جو ڳوڙهو مشاهدو ڪيو آهي ۽ عوام جي ئي ڏرورتي اٿس. جيڪا پنهنجي جاءِ تي نوس جاگيردار دشمن ڏر آهي.

سو نہ ڀيءَ ڪنهن شئي ۾، جيڪي منجهہ تراب.

ڀٽائيءَ جي مادي روحانيت يا روحاني ماديت

اها هڪ سائنسي حقيقت آهي ته هر جدت پنهنجي قدامت واري پيڙهه تي ئي بدل هوندي آهي. ماضيءَ ۽ روايتن کان باغي نوان سنڌي شاعر ڪيترا به هٿ پير هڻن پر هو پنهنجي عظيم ماضيءَ جي اثر وٺڻ کانسواءِ اڳتي وڌي نٿا سگهن. جديد شاعري يا جديد فن، ضرور ڪو ورثو رکندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ جي نئين ٿهي به ڀٽائيءَ سان ناتو اٽڪايو آهي، جيڪو هنن جو عظيم ورثو آهي.

دنيا ۾ جيڪو به فنڪار پيدا ٿيو آهي تنهن پنهنجي نئين تخليق ڏيڻ کان اڳ ۾، هن کان اڳ ٿيل تخليق کي ضرور ڏٺو آهي، پڙهيو آهي، جيڪڏهن يڪتارو پيدا نه ٿئي ها ته سارنگي نهي نه سگهي ها. جيڪڏهن بوڙيندو نه ٺاهيو وڃي ها ته اڄ دنيا ۾ ڦوڪن وارا ساز ترقيءَ جي موجوده مرحلي تي پهچي نه سگهن ها. ان لحاظ کان خود ڀٽائي ننڍي کنڊ ۽ سنڌ جي مجموعي عظيم ادبي ورثي جي پيداوار آهي.

ايئن ته ڪي جدت پرست سماج کان ڪٽيل، زمين ۽ آسمان جي وچ تي رهندڙ اديب ئي چئي سگهن ٿا ته "اسان جي تخليق بلڪل نئين نڪور آهي ۽ ان تي ماضيءَ جو ذرو به اثر ڪونهي."

ڪجهه سال اڳ تاشقند ۾ هندستان، پاڪستان، بنگلاديش ۽ روس جي اديبن جي هڪ ڪانفرنس ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪندي جمال ابڙي سچ چيو هو ته، "ادب ۾ ترقي پسندي ڪنهن ملڪ ۽ قوم جي ثقافتي ورثي، قومي شعور ۽ خاص ڪري ان ڳالهه تي گهٽي ۾ گهڻو مدار رکي ٿي ته اهو ملڪ ۽ اها قوم پنهنجي سماجي نظام کي بدلائڻ جي ڪيڏي صلاحيت رکن ٿا." هن ڪانفرنس ۾ بحث هيٺ آيل مسئلن ۾ هڪ اهو مسئلو به زير بحث هو ته "موجوده ادب ۾ ترقي پسندي ڇاکي ٿو چئجي؟"

سنڌ ۾ ڪي ادبي حلقا پاڻ کي ڀٽائي جي شاعراڻي پاڇي ۾ گم ٿيندو ڏسي

ڀٽائي جي شاعري کي"وحدت الوجودي جا طعنا ڏين ٿا ۽ ڀٽائي جي جيئري جاڳندي فن کي"وحدت الوجود" جي"ڪفن" مان ان ڪري ڪڍڻ نٿا گهرن ته متان هنن جي ادبي وڏيرڪيءَ لاءِ خطرو نه پئدا ٿي پوي.

دنيا جو ڪو به روحانيت پرست،شاعر، وحدت الوجود يا وحدت الشهود ۾ مستغرق فنڪار ۽ الهه لوڪ صوفي درويش جنهن کي الاهي ذڪر ڪندي مٿان واري چڙهي وڃي ٿي، سو هيئن چئي نٿو سگهي:

سو نه ٻيءَ ڪنهن شيءِ ۾،جيڪي منجهه تُراب
کهڙي منجهه حساب، هئڻ منهنجو هوتَ ري.

يا وري:

بکيءَ کل نه اُجهي، ڏکيءَ ڏمر نانهه
اگهاڙيءَ وهاڻ، ويو ويچاريءَ وسري.

روحانيت پرست چوندا آهن ته پيٽ ڪو مسئلو ڪونهي، بک سوشلسٽن جو اڏايل افواه آهي. هي دنيا ڪوڙي آهي، سادي زندگيءَ کي ڪا به اهميت ڪانهي، سک ملي ته شڪر ڪجي، ڏک رسي ته صبر ڪجي وغيره. ڀٽائي چوي ٿو:

صبر ۽ شڪر کي، ڪاڏي آءٌ ڪندي
آهيان جنهن سندي، سو ته گهرجي ساڻ مون.

سر سارنگ ۾، ٿر ۾ مينهن پوڻ، وسڪاري ٿيڻ، ريج ٿيڻ ۽ گاهه ڦٽڻ جي آس ڪئي وئي آهي. مارو ماڻهن جي غربت تي ماتم ڪيو ويو آهي. سوڪهڙي تي ڳوڙها ڳاڙيا ويا آهن. خواهش ظاهر ڪئي وئي آهي:

اگڻ تازي، ٻهر ڪنديون، پڪا پٽ سُنهنِ
سرهي سيج پاسي پرين، مَر پيا مينهن وسنِ
اسان ۽ پرين، هئن برابر ڏينهڙا.

منڊيونَ مٽَ ڳُڙنَ، جهوڪ به سُهن پهيڙا
سندي سنگهارن، جوءِ جياري جڏڙا.

پٽائي ارڙهين صدي جي پهرين اڌ ۾ بي شمار اقتصادي مسئلن تي لکيو آهي. سندس دور جي اڻ پوري تاريخ ملڻ ڪري جيڪڏهن هن رسالي کي ئي ان دور جي صحيح تاريخ سمجهيو وڃي تہ هيٺ ڏنل بيتن ۾ هن سنڌ جي مادي بدحالي کي افسوس ۽ غير روحاني ضرورتن تي ڪيترو نہ زور ڏنو آهي:

نہ سي ووڻ وڻن ۾، نہ سي ڪاتاريون
پسي بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي.

هتي ووڻن جو فصل نہ ٿيو آهي. ڪتڻ واريون پورهيت عورتون ڪم تي ناهن. بازارون سُڃيون آهن، رد عمل ۾ پٽائي جي هانوَ ۾ مٺ پئجي وڃي ٿي:

نہ ڪتا، نہ ڪوڪار، نہ سي سڏ شڪاريئن
جهنگل ڪيڏي پار. اپو آهيڙين ڪي.

هتي سچ جو نقشو چٽيل آهي، آبادي لڏي ويئي آهي. ڪنهن ظلم يا ڏڪار وچان نہ ماڻهو آهن نہ هنن جا جانور ۽ نہ ئي هنن جون رانديون.

سچ ڪِ سڪو ڍور، ڪنڌيءَ اڪ ڦلاريا
جُنگن چڏيو زور، سَر سڪو سونگي ڳيا.

ڍوري ۾ پاڻي ڪونهي، سوڪهڙو آهي ڪپرن تي اڪ ڦٽا آهن(جيڪي هميشہ خشڪيءَ تي ٿيندا آهن) ماروٽڙا ڪنهن زور وچان، هيٺا تي هليا ويا آهن. نہ پاڻي آهي ۽ نہ ان تي محصول اڳاڙڻ وارا:

نڪا بوءِ بازار ۾، نڪا چِلرَ چٽ
جتي ڏنيڙين جي، اڳي هئي اڪُٽَ
سي پڙ پسيو پٽ، ماڻهو وڃن مونيا.

سنڌوءَ ۾ پاڻي ڪونهي، سنڌ جي اڌ آبادي، جنهن جو گذران مڇي ماري ڪپائڻ تي هوندو آهي، سي ڪونهن _ايڏا ڏينهن ٿي ويا آهن جو ڪڪَ واري بازار مان مڇيءَ جي بوءِ اڏامي وئي آهي. چِلرَ مٽيءَ ۾ ملي ويا آهن. جتي اڻ ڳڻيون ڏنيريون ملنديون هيون، اهي پڙ پيا خالي آهن. اهي حال ڏسي ويچارا ماڻهو واپس وڃي رهيا آهن.

مٿي ڄاڻايل اقتصادي ۽ مادي مسئلا ڪو بہ مذهبي روحانيت جو قائل شاعر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيش نٿو ڪري سگهي. ڇاڪاڻ ته مذهبي روحانيت تقدير، قدرت، توڪل، وهم ۽ سنسا سيکاري ٿي، پر سائنسي لحاظ کان سوچجي ٿو ته انسان جي مادي زندگي سان گڏ روحاني زندگي خود مادي زندگيءَ جي پئداوار آهي. مثال طور ڪيترين عورتون ۽ مرد شاهوڪار گهرن ۾ رهي به پريشان هوندا آهن ۽ ڪيترا ماڻهو غريب هوندي به روحاني سڪون حاصل ڪري وٺندا آهن. اهو روحاني سڪون، زندگي جي سلسلي ۾ در حقيقت ”ذهني سڪون“ آهي. شعوري خوشيءَ جو نالو آهي، محسوسات آهي. هاڻي سوچي ڏسجي ٿو ماڻهو سوچڻ جو ڪم دماغ يا ميڄالي کان وٺي ٿو ۽ ميڄالي جو ننڍي ۾ ننڍو حصو يا اسم مادو آهي. جيئن ريڊيم (جيڪو واچن ۾ ٻين شين ۾ لڳندو آهي ۽ رات جو ٻرندڙ لڳندو آهي) شعاع ڏيندو آهي، تيئن دماغ يا ميڄالي ۾ به اهڙي خاصيت آهي جو ان مان سوچ جا شعاع نڪرن ٿا. اها سوچڻ جي خاصيت درحقيقت ميڄالي جي ئي آهي. مادي جي آهي. اهڙي طرح انسان زندگي لاءِ هڪ پيٽ جو کاڌو گهرجي ۽ ٻي ذهن جي خوراڪ.

جيڪڏهن هن ڪي سائنسي نقطہ نظر کان ڏٺو وڃي ته پوءِ پيتائيءَ جي شاعري انسان جي سچي مجموعي ترقيءَ لا هڪ ٻي مثال آدرش آهي ۽ ان سچيءَ انساني ترقيءَ ۾ ۾ مادي ترقي سڀ کان اوليت واري ڏيکاري وئي آهي. اها ئي ڳالهه آهي ته سچي ترقي، روحاني سڪون ۽ آنت ڪانسوا به اٽپوري ڪري پيش ڪئي وئي آهي.

پيتائي سر سارنگ ۾ ماروئڙن جي مُنهن تي سرهائي ۽ خوشي، سواءِ مينهن پوڻ جي، سواءِ گاهه ڦٽڻ جي، سواءِ آبادي ٿيڻ جي هڪ هنڌ به نه ڏيکاري آهي، چوي ٿو:

اڄ پڻ اتر پار ڏي، تاڙي ڪئي تنوار
هارين هر سنڀاليا، سرها ٿيا سنگهار
اڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.

تر ۾ جڏهن مينهن وسڻ جو امڪان پئدا ٿئي ٿو ته مارو ماڻهو تڏهن ئي خوش

ٿين ٿا. هنن جو روحاني سڪون صرف مادي ترقي ۽ خوشحالي سان جڪڙيل آهي. ڇاڪاڻ ته مينهن وسندو ته گاهه ڦٽندا ۽ ريج ٿيندو ته آباديون ٿينديون.

جي لوڻ لڳين لائين، ڇيري ڇيري ڇم
ته ڪر مون اڳي نه ڪيو، اهڙو ڪوجهو ڪم
جان جان دعوئي دم، تان تان پرت پنهوارسين.

هن سلسلي ۾ پيٽائي ٽارچرسهڻ، وڏجي وڃڻ ۽ سر ڏيڻ تائين به پنهنجي نظرئي تي قائم آهي. انهيءَ ڪري ئي پيٽائي سڄيءَ سنڌ ۾ سموري دنيا جي خوشحالي گهري ٿو:

سائينم، سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

اها خوشحالي ۽ سڄي عالم جي آسودگي، وري به پيٽائي مادي فائدي جي صورت ۾ گهري ٿو. وري به مينهن وسڻ جي آس ڪري ٿو، جيئن ريج ٿئي، ٻج پوکيا وڃن، فصل ٿئي ۽ ان جهجهو ٿئي، مادي ترقي ٿئي ته جيئن روحاني سڪون ملي سگهي.

پورهئي ۽ پنڻ مان، ڪنهن نه پريا پَل
مانجهي سي مل، هر جنين جي هٿ ۾.

هن ۽ ٻين ڪيترن ئي بيتن ۾ پيٽائي پورهئي ڪرڻ، ڪرت ڪرڻ، پئداواري وسيلن جي وڌڻ، ڪمائڻ ۽ مادي زندگي سڌارڻ تي زور ڏئي ٿو ۽ بنا ڪمائي جي حرام کائڻ جي اڻ سڌي طرح مخالفت ڪري ٿو:

توٽي تون وڏي ٿئين، ته به اِتي آتڻ آءُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽائي ماديت پرست هو

نہ ڪَتن، نہ ڪَنبن، نہ ڪڍن ڪوريءَ ڪاڻ

جن ربيع سين رهاڻ، تن اونو ناهہ اگهاڙ جو.

يعني هو(هاري) نہ ڪتڻ جو پورهيو ڪن ٿا، نہ اهو پورهيو ڪندي گهبرائڻ ۽ ڏچڻ جي هنن کي ضرورت محسوس ٿئي ٿي(تہ متان سٽ غلط يا خراب ڪتجي وڃي ۽ واپاري قبول نہ ڪن ۽ بک ڪاٽڻي پوي) ۽ نہ سٽ ڪتيندڙ ڪورين جي ئي ڪاڻ ڪڍن ٿا. جن کي ربيع واري فصل سان رهاڻ آهي جيڪي فصل پوکين ۽ لٽن ٿا، انهن کي اهڙو ڪو بہ انديشو ڪونهي تہ ڪو هو اگهاڙا يا ننگا گذاريندا. اهو ان ڪري جو جن هارين جو ربيع جو فصل(ڪٽڪ ۽ جوئر وغيره...) پلو لهي ٿو. سي ڏاڍي سکي حياتي گهاري سگهن ٿا. هو هارپو ڪن ٿا، پاڻ بہ پهرين ٿا ۽ جڳ کي بہ ڍڪڻ جو انتظام ڪن ٿا. هو بيروزگار ناهن جو وڃي ڪو ڪتڻ وغيره جو ٻيو ڌنڌو ڪن ۽ اهڙي طرح سواءِ ڪتڻ، ڪنبڻ ۽ ڪوريءَ جي ڪاڻ ڪڍڻ جي، هو هارپي مان ڏءُ ڪريَ ڪائي چڙهن ٿا.

هي بيت پٽائيءَ جي هڪ پراڻي قلمي نسخي مان مليو آهي، جنهن جا اڳيان ۽ پويان پنا زبون حالت ۾ پُري ختم ٿي ويا آهن. البت ان نسخي کي سنڌالاجي يا ٻئي ڪنهن لائبريريءَ ۾ موجود پٽائيءَ جي پراڻن نسخن سان ڀيٽي ٻڌائي سگهجي ٿو تہ نسخو ڪهڙي دور جو آهي؟

هن ڪان اڳ پٽائيءَ جي رسالي جي باقي ٻين نون نسخن ۾ هي بيت هيٺئين ريت لکيل هوندو آهي:

نہ ڪتن، نہ ڪنبن، نہ ڪڍن ڪوريءَ ڪاڻ

جن رب سين رهاڻ، تن اونو ناهہ اگهاڙ جو.

يعني جن الله تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ واري رهاڻ قائم رکي آهي. انهن کي نہ ڪتڻ جي ضرورت آهي، نہ ڪنبڻ جي ۽ نہ ڪوريءَ جي ڪاڻ ڪڍڻ جي ۽ هنن کي اگهاڙي ٿيڻ جو بہ خطرو ناهي.

هنن بنهي بيتن مان ڪنهن جي مستند هئڻ واريءَ اڻ تڻ کي جيڪڏهن عقلي بنيادن تي ڏسجي ٿو ته اگهاڙ جو اونو برابر اهڙن ماڻهن کي گهٽ هوندو آهي جيڪي ڪپهه نه ته پيا فصل به ڪٽن ٿا. جڏهن هن سچي بيت ۾ ڪتڻ، ڪوري، اگهاڙ ۽ پوشاڪ جا اشارا آهن، ان ڪري هن بيت ۾ عبادت جو عڪس اوپرو لڳي ٿو ۽ خيال جو سلسلو به ٽٽي پوي ٿو. جيڪڏهن هينئين بيت کي صحيح قرار ڏجي ٿو، خاص ڪري هي ڳالهه پٺائيءَ جهڙي شاعري لاءِ مناسب ناهي ته هو سچي بيت جو مزاج هڪڙو رکي ۽ ان جي معنوي سٽا ٻي. پلا پٺائي مناسب نموني ائين چو نه چوندو ته: جن جو ربيع سان تعلق آهي، انهن کي اگهاڙ جو اونو گهٽ هوندو. باقي جيستائين پٺائيءَ جي اهڃاڻي شاعريءَ جون گهرجون آهن، ته ان لاءِ پٺائيءَ جي ڪنهن لفظ کي ڪنهن به معنيٰ ۾ سمجهي ڪا به علامت ناهي سگهجي ٿي ۽ سڌي سنئين عقلي دليل کي ابتو ڪري پيش ڪرڻ وارن محققن لاءِ ائين به نامناسب ناهي جو هو چون ته هتي ربيع علامت آهي رب جي.
هنن بيتن جي صورتخطي ۾ غلطي هجڻ جو شڪ پڻ پئجي سگهي ٿو. چاڪاڻ ته پٺائي جي ڪلام جا ڪيترا پراڻا نسخا هٿ سان لکيا ويندا هئا ۽ ڪاتب ڪان ڪا غلطي به ٿي سگهي ٿي. پر رب لفظ کي غلطي وچان"ي" ت اچي سگهي ٿي(ربي) پر مٿئين بيت جي صورتخطي بلڪل ائين مڪمل آهي جيئن مٿي لکيل آهي. يعني ته رب لفظ کي پل چڪ ۾"ربيع"لکي نه ٿو سگهجي ۽ جنهن پراڻي نسخي ۾ هي بيت لکيل آهي، ان ۾ ر، ب، ي، ۽ ع صاف ظاهر ۽ ڪليل اکرن ۾ لکيل آهي.
جيڪڏهن تحقيق ۽ کوجنا"ربيع"کي صحيح ثابت ٿي ڪري ته پوءِ پٺائيءَ متعلق هڪ راءِ واضح طور تي قائم ڪري سگهجي ٿي ته پٺائي جي رسالن ۾ پٺائي جي بيتن کي زوريءَ ٽوڙي مروڙي پيش ڪيو ويو آهي. يعني پٺائيءَ جي رسالي جي هر مرتب پنهنجي مرضي ۽ پنهنجي ذاتي فڪر کي پٺائيءَ جي شاعريءَ تي مڙهي پٺائيءَ جو پيغام پوئتي رکي پنهنجي مقصد يا مفاد يا مستقل مفاد پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.
هن حقيقت جو هڪ ٻيو به ثبوت آهي. پٺائيءَ جي ڪن پراڻن نسخن ۾ بيتن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترتيب ۾ خاص ڪري سرن جي ترتيب بہ مختلف آهي. پيتائيءَ جي هڪڙي رسالي ۾ رسالي جي شروعات ۾ سر سسئي سان ڪيل آهي، جنهن ۾ حمد يا الله جي تعريف وارا بيت لکيل آهن. هن سلسلي ۾ سرن جي ترتيب ان جهوني رسالي جي صحيح هجي(جنهن جو پهريون سر سسئي آهي) يا نون جي.

هڪ ہي حقيقت بہ عام آهي تہ، پيتائيءَ جي دور جا فقير جڏهن سماع ڪندا هئا تہ ان جي ابتدا شام يا سانجهي کان وٺي ٿيندي هئي ۽ شام جو راڳ جي روايتن مطابق سر ڪلياڻ ڳايو ويندو آهي. فقير سانجهي جو سر ڪلياڻ ۾ وايون ۽ بيت ڳائڻ شروع ڪندا آهن ۽ اسر تائين هلندڙ ان سماع جو آخري سر پرڀاتي ۽ آسا هوندو هو. اهو بہ هڪ سبب آهي، جو پيتائيءَ جي رسالي ۾ پهريون سر ڪلياڻ شامل ڪيو ويو آهي ۽ سر آسا ۽ پرڀاتي آخري سر ڪري لکيا ويندا آهن.

موجوده رسالي جي ترتيب اهڙي رکي وئي آهي تہ جيئن ائين لڳي تہ پيتائي ڄڻ ڪو مذهبي شاعر هو. جنهن جي شاعريءَ جو مقصد هو خدا تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ جا اصول عوام کي سمجهائڻ، ڄڻ پيتائيءَ جو رسالو ڪو دينيات جو درسي ڪتاب آهي. جڏهن تہ، هن رسالي ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترن مذهبي لفظن وارن بيتن کان علاوه اهڙا هزارين بيت موجود آهن، جيڪي ٺيٺ مادي، سائنسي ۽ انقلابي معنيٰ رکن ٿا.

خبر ناهي پيتائيءَ جي هيٺئين سٽ ڪهڙي الاهي عبادت جو ڪهڙو قاعدو سمجهائي ٿي؟

ارسنگا، ننهن سپيون، ڏند تہ ٻنيهہ پاڻ.

(يعني هن جا ارهہ تاٽيل آهن، ننهن اهڙا سهڻا اٿس، جهڙيون سپيون ۽ ڏند ڄڻ تہ ڪمان جا ٻنيهہ تير).

ورُوائيءَ جو جي لهين

پٽائيءَ جي ڪردارن تي لکڻ کان اڳ ۾ هن حقيقتن کي آڏو رکڻو پوي ٿو. هڪ تہ پٽائيءَ جا سڀ ڪردار اهڃاڻي آهن جن لاءِ خود پٽائيءَ لکيو آهي تہ:

مارئي ناهہ ملير ۾، نہ ڪا وٽ همير
پنهون ڪينهي ڪيچ ۾، نہ ڪو سنڌ امير
مومل ڪونهي ماڙئين، گنجي ناهہ فقير
ور ڇڏيو واهڙ تري، ساهڙ منجهہ سرير
قبن ڪينهن پير، مرشد مساڻن ۾.

يعني تہ هي ڪردار هنڌ ۽ جايون سڀ علامتون آهن جيڪا حقيقت آهي سا آهي پٽائيءَ جو سماجي فڪر ۽ پيغام.

ٻيو تہ پٽائيءَ جي دور (1689_1752ع) جي ڪا بہ مستند تاريخ نہ ٿي ملي. ان جي ابتڙ پٽائيءَ بابت رڳو هترادو ڪاني ڪرامت تي ٻڌل روايتون ئي ملن ٿيون. ڊاڪٽر سورلي ان دور جي ڇهن تاريخ جي ڪتابن تي ڊار ڊار تبصرو ڪري انهن کي ڪنهن يورپي ليکڪ لاءِ غير سائنسي تاريخي مواد قرار ڏنو آهي. هن اهو بہ لکيو آهي تہ انهن ڇهن ئي تاريخن جا مصنف درباري تاريخدان هئا.

ان صورتحال ۾ مون اڳي بہ هڪ مضمون ۾ ڄاڻايو آهي تہ پٽائيءَ جي دور کي هن جي رسالي مان تلاش ڪرڻ ئي بهتر آهي. ان نقطہ نظر کان ڏسجي ٿو تہ پٽائيءَ جي سرُ ڏهر ۾ اٽڪل پندرهن اهڙا بيت ملن ٿا. جن ۾ لاکي جو ذڪر ڪيل آهي. ڪلياڻ بولچند آڏواڻيءَ جو چوڻ آهي تہ لاکي جي ذات فلاڻي هئي ۽ هو ڪڇ جو نامي گرامي ڌاڙيل هو. پٽائيءَ جي لاکي وارن بيتن ۾ پڻ لفظ "لوڙائن" معنيٰ ڌاڙيل، لاکي جي صفت ۾ لکيل آهي.

پٽائي لاکي جي ڪردار کي، جيڪو ڌاڙيل آهي، ظالم آهي، ڦرون ۽ لٽون ڪندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. ڪيئن قبول ڪيو آهي ـ اهو سوال منجهائيندڙ بہ آهي تہ مطالعي ڪرڻ جهڙو پڻ.

در حقيقت ترقي پسند ادب سماجي تبديلي چاهيندو آهي ۽ ان ڪري ان جو تاجي پيٽو سماج جي سائنسي چندچاڻ تي ٻڌل هوندو آهي. ترقي پسند ادب ان ڪري ئي طبقاتي سماج ۾ سماجي خرابين، ڌوهن، قتل ۽ ڌاڙي جي وارداتن، فحاشي ۽ خودڪشين وارن واقعن لاءِ جوابدار غلط قسم جي سرشتي کي قرار ڏيندو آهي ۽ نہ ان سماج ۾ رهندڙ ماڻهوءَ کي ـ ان ڪري طبقاتي سماجي ڊرامي جي ولين جي ڪردار خاص ڪري ڌاڙيل ۽ بدمعاش کي ترقي پسند ادب هميشہ همدردي سان پيش ڪيو آهي. چاڪاڻ تہ اها هڪ حقيقت آهي تہ انسان ۾ ڪا بہ خرابي ڪانهي، هو معصوم آهي. هن جي اقتصادي ۽ ذهني مسئلن کي حل ڪيو وڃي تہ اهو ئي انسان جيڪو دهشت پسنديءَ تي لهي اچي ٿو، سو سماجي تعمير کي بہ پسند ڪري سگهي ٿو. معصوم انسانن کي بگاڙڻ واري نظام جو ترقي پسند اديب ويري ٿيندو آهي. ان ڪري ئي هن جو موقف ڌاڙيل جهڙن ڪردارن لاءِ همدردي وارو هوندو آهي. اهڙا ڪردار چٽيندي ترقي پسند اديب، سماج جي حقيقت پسند تصوير چٽيندا آهن ۽ سماج جي خرابين کي وائکو ڪندا آهن. هنن جون اهڙيون سيني معصوم ڪردارن سان همدرديون هونديون آهن جن کي عام طرح نام نهاد پاڪ دامن ماڻهو نفرت جي نگاهن سان ڏسندا آهن.

اهو ئي سبب هو جنهن ڪري جڏهن اياز قادريءَ "بلو دادا" غلام ربانيءَ "شيدو ڌاڙيل" ۽ جمال ابڙي "بدمعاش" جو ڪردار خلقيو تہ رجعت پسندن واويلا مچائي ڏني هئي تہ ترقي پسند تشدد ڦهلائي رهيا آهن. سعادت حسن منٽو تي ان الزام ۾ ڪيس بہ هلايو ويو هو ۽ هن جي ممد پائي واري ڪردار ڏيڻ تي سخت مخالفت ڪئي وئي هئي.

در حقيقت بلو دادا، بدمعاش، شيدو، ممد پائي ڌاڙيل ڪردار آهن ـ بي رحم آهن، هٿياربند آهن، ماڻهو ماريندي دير نہ ڪندا آهن، پر هنن جي پٽر جهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سخت دل ۾ پوٽيءَ جهڙو رحمدل انسان به رهي ٿو. جيڪو غريب کي نه ٿو ڦري، مسڪين کي نه ٿو ماري ۽ آزاريل کي نه ٿو آزاري ـ هي ڏاڙيل ڪردار ڏاڍن لاءِ ڏاڍا آهن. تڪبر وارن جا تاج لاهڻ وارا ڪردار آهن. ميڙي دولت گڏ ڪري قوم جي چوري ڪندڙ ڦورو ماڻهن جي نجي ملڪيت جا دشمن آهن. هو اڻ برابريءَ واري غلط سماج جي فطري پئداوار آهن. اوچ نيچ جو فرق ڏسي بي سمجهائيءَ وچان انتهاپسند ۽ دهشت پسند ٿي ويا آهن. پر بنيادي ڪا به خراب ڪا نه اٿن. هو ساڳي وقت انسان به آهن. هنن ۾ رحم به آهي. جيڪڏهن هنن جي ذهني ۽ اقتصادي پريشانين لاءِ جوابدار ڪارڻ ختم ڪيا وڃن ته هو سماج لاءِ ڪارآمد ڪردار پڻ ثابت ٿي سگهن ٿا. هنن جو ظاهري ڪردار ظلم تي ٻڌل آهي پر اها به حقيقت آهي ته هنن جو ڏاڍ ۽ ظلم. ڏاڙو ۽ ڦر صرف شاهوڪارن لاءِ آهي. غريبن وٽ رکيو به چاهي جو ڦري ڪو ڏاڙيل سرمائيدار ٿيندو.

اهو ئي سبب آهي جو ترقي پسند فنڪار"بدمعاش"، بلو دادا ۽"ممد پائي" جهڙا ڪردار ادب ۾ چاٽي واٽي چٽيندا آهن ۽ نپائي وڏا به ڪندا آهن. جمال ابڙي جي"بدمعاش"ڪان ڏاڙو هٽندي دانهن نڪري وڃي ٿي، جڏهن هن جي پير هيٺان هڪ پار جو رانديڪو. چيٿاڙجي وڃي ٿو!

پٽائي، جيڪو سنڌي ادب جي ڪلاسيڪل دور جو عظيم ترقي پسند شاعر آهي، ان جو"لاکي" نالي ڪردار به"بلو دادا"،"بدمعاش"،"شيدو" ۽"ممد پائي" جو ئي پيچي آهي.

ناٺوڪين پلاڻ، سدا هٽن ڪرڪرا
لاکي لوڙائن جا، اهڙا ئي اهڃاڻ
ڏيئي تنگن تاڻ، ڪوڪ ڪاريندا ڪچڙي.

هو هميشه پاڪڙا چڪي پيا ٻڌن ۽ گهوڙن کي ڪرڪرن سان صاف پيا ڪن. لاکي جهڙن ڏاڙيلن جا اهڙا ئي پار آهن. هو پنهنجن پاڪڙن کي سوگهو ٻڌي ڪڇ ۾ مچائيندا.(ڪلياڻ بوسچند آڏواڻي)

جاڳو ڌاڙيجا، سَما سک مَ سُمهو
پسو آن پاران، لاکو ٿو لوڙيون ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي جاڙيجن جي ذات جا سما، سجاڳ رهو ۽ بي فڪرا ٿي ننڊون نہ ڪريو. ڏسو تہ اوهان جي طرف لاکو ڏاڙيل لٽون لايو ويٺو آهي.(آڏواڻي)

اڏيندي اوڏن، لڏڻ جي ڪا نہ ڪئي
لاکو مٿان تن، اوچتو ئي آئيو.

اڏي اڏي اوڏ، چڏي ويا پيٽيون
ٽڪاٽا ۽ ٽول، پيا آهن پٽ ۾.

چنل چچ هٿن ۾، ڪلهن ڪوڏارا
پورهئي خاطر پاهنجي، اٿن سوا
اوڏ بہ ويچارا، لاکا وڃن لڏيون.

اڏيو جو اوڏن، سو شل ڍنگر ڍلو مَ ٿئي
جنهن پر ويهي ڪن، ليکو لاکي ڄام سين.

هنن بيتن ۾ لاکي جي دهشت ۽ هيبت جو ذڪر ڪيل آهي، هو پري پري کان مال ماريندو، ڦرون ڪندو، بربادي ڪندو اچي رهيو آهي ۽ ويچارا اوڏ ان ڊپ وچان، پڪا سهيڙيون لڏيون ٿا وڃن. لاکي جي ڪردار جو ظالم پهلو پٽائي ان وقت ننديو آهي، جڏهن هو غريبن ۽ مسڪينن لاءِ مصيبت بڻجي وڃي ٿو. ان ڪري آس ٿو ڪري تہ شل اوڏن جو ڍنگر ڍلو نہ ٿئي، جنهن جي اوٽ ۾ هو لاکي ڏاڙيل کان محفوظ رهي سگهن ۽ آخر ۾ جڏهن لاکو مري ٿو وڃي تہ پٽائي ان تي سک جو ساهہ ٿو کڻي

لکي ۽ لاکو، ٻئي مُئا ٻاجهہ ٿي
قادر لاٿو ڪڇ تان، اديون اولاڪو
واندين ۾ واڪو، ريباري رهي ويا.

لکي لاکي جي چڙهڻ لاءِ خاص گهوڙي هئي. ريبارڻ معنيٰ آهي مال متاع واري

عورت.

پروري لاکي ڏاڙيل جي اندر جو انسان جڏهن پنهنجي دهشت ۽ طاقت غريبن ۽ مظلوم عورتن جي عصمت پروري لاءِ استعمال ٿو ڪري تہ ڀٽائي لاکي جي تعريف ٿو ڪري:

لاکو لکيءَ تي چڙهي، لکي لاکي هيٺ
سونهاريون سر ڪيو پيڙيون پڌن بيٺ
ڪندو ڏمر ڏيٺ، صبح سان سپ کهينِ.

لاکو لکيءَ نالي گهوڙي تي سوار آهي. لکي هميشہ سندس ئي چڙهي لاءِ آهي. هو سهڻين(۽ سندرين) کي پنهنجي سرڪيوَ سندن ست جي بچاءَ لاءِ ڪمر ڪشيو بيٺو آهي. هو سياڻي سپ ڪنهين سان ڪرڙي اک سان پيش ايندو.(آڏواڻي)

هاڻي لاکي ڏاڙيل جي مڙسيءَ جو پهلو ڏسو جڏهن وڏيرا، زميندار، سيٺيون، جاگيردار ۽ راجائون هن کان ڪنبن ٿا. انهيءَ ئي ڪري ڀٽائي هن لاءِ تعريف جا لفظ استعمال ڪيا آهن:

لاکا لک سُڄن، ڦلاڻي ڦير ڀيو
جنهن پر راڻا راڄيا، ڪوٽن ڏڪي ڪنبن
جنهن جو جاڙيجن، ستي سنچو نہ لهي.

لاکا ڏاڙيل لکين سُڄهن، پر لاکي ڦلاڻيءَ(لاکي جي ذات ڦلاڻي هئي) جي پر ئي ٻي آهي. هن کان راجائون پنهنجن قلعن مان پيا ڏڪندا هئا. جاڙيجن جي ڇِت مان ننڊ ۾ بہ سندس ادڪو نہ ٿو لهي.(آڏواڻي)

ڀٽائي لاکي جي وري ان وقت ڪردار کي مٿانهون ٿو ڪري، جڏهن هو اوڏن تي کهل آڻي مٿانئن هٿ رکي ٿو ۽ کين تر جي ڪنهن ظالم وڏيري يا حاڪم کان بچائي ٿو:

لاکا لک هئا، ڦلاڻي ڦير ڀيو
آجا اوڏ ٿيا، پلوَ لڳي جنهن جي
لاکي لڄ ڪئين، اسان اوڏيڙين جي

ڪندو ڪا نہ ٻئي، اڳو سوٽل آهيان.

پٽائيءَ جا متي ڏنل بيت سرڏهر ۾ لاڪي لاءِ چيل هڪ ٻن بيتن ڪانسواءِ باقي مڪمل آهن. هنن بيتن ۾ پٽائيءَ هڪ ڏاڙيل ۽ ظالم ڪردار کي پسند بہ ڪيو آهي ۽ ناپسند پڻ ڪيو آهي. پٽائيءَ جي ناپسنديءَ جو پهلو اهو آهي تہ لاڪي جهڙو ڏاڙيل ڪردار پلي تہ شاهوڪارن کي ڦريندو ۽ لٽيندو رهي، پر هو هڪ ترقي پسند فنڪار جو قومي هيرو يا آدرش ٿي نہ ٿو سگهي. باقي جيستائين ڪنهن غلط نظام ۾ اهڙي ڪردار جي قطري پئدائش جو تعلق آهي تہ ان ڪان ڪو بہ ترقي پسند شاعر يا فنڪار انڪار ڪري نٿو سگهي. ساڳي وقت تاريخي طور اهڙي ڪردار ۾ هڪ مثبت پهلو پڻ ٿيندو آهي، جيڪو لاڪي ۾ بہ موجود آهي تہ، هو شاهوڪارن، اميرن، وڏيرن ۽ سيٺين کي ڦري اچي غريبن کي ڏئي، هنن کي پنهنجي راڄ جو سمجهي ڪين ڪنهن ڏارئي ڏاڙيل جي ظلم کان بچائي وغيره. اهو ئي سبب آهي جو پٽائي ان حالت ۾ لاڪي جي تعريف ڪئي آهي. اهو ئي هر ترقي پسند جو اصول آهي.

سُر ڏهر ۾ پٽائيءَ جا لاڪي بابت بيت، پٽائي جي شاعريءَ ۾ تشدد جي رومانوي پهلو جو اڻ وسرندڙ مثال آهن، جيڪي دل تي اڻ ڊهندڙ چٽ جيان جمي بيهي رهن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽائيءَ جي ڪيڏاري ۾ جماليات

ڪيڏاري لفظ جي معنيٰ آهي جنگ جو ميدان يا سنگرامَ، ڪيڏاري واري شاعري انهيءَ ڪري جنگ جي شاعري سڏبي آهي، جنهن کي انگريزيءَ ۾ چون اِپڪ پوئٽري، شاعريءَ جي ادبي حيثيت ۽ ادبي ڪارج هڪ ڳالهہ آهي تہ ان جي تاريخي حيثيت ۽ سياسي پسمنظر ٻي ڳالهہ. هتي آءٌ ڪيڏاري واري پٽائيءَ جي شاعريءَ يا هن جي ڪيڏاري جو ادبي اڀياس ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس ۽ مڙني ادبي خوبين سان گڏ سر ڪيڏاري ۾ پٽائي جي جماليات کي ظاهر ڪري ان جي سنڌي مزاج تي روشني وجهندس.

اهو ظاهر آهي تہ ”سر ڪيڏارو“ هر ڪو شاعر ڪنهن نہ ڪنهن واقعي کي بنياد بنائي لکندو آهي ۽ هر واقعي کي ڪا تاريخ ڏيندي آهي. مذهبي، سياسي ۽ سماجي پسمنظر ڏيندو آهي پر جيئن تہ اهڙن واقعن بابت لکڻين کي ڪا ادبي حيثيت بہ ڏيندي آهي، جيڪو هتي منهنجو موضوع آهي.

”سر ڪيڏارو“ دنيا جي هر سڌريل ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾ ملي ٿو ۽ هر ادبي ٻوليءَ جي ڪاريگر شاعرن”ڪيڏارو“ لکيو آهي. جنهن ۾ هر ڪنهن پنهنجي قوم ۽ ديس ۾ لڳل جنگين، ويڙهاڪو سورمن، هنن جي بهادريءَ، جنگي ڪارنامن، سوڀن ۽ شڪستن، سچ ۽ ڪوڙ جي محاذن ۽ ٿيل نقصانن جا پنهنجي فن آهر عڪس پيش ڪيا آهن، يورپي شاعريءَ ۾ هومر، ورجل، دانتي، شيلي ۽ فارسي ٻوليءَ جي شاعر فردوسي جو ڪيڏارو مشهور آهي. اردوءَ ۾ مير انيس ۽ مرزا دبير بہ ”ڪيڏارا“ لکيا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ”ڪيڏارو“ ايترو ئي پراڻو آهي جيتري سنڌي ٻولي. سنڌ ۾ پلجندڙ هر سماج، هر دور ۾ جنگيون ڏٺيون آهن ۽ امن بہ ڏٺو آهي. حق ۽ سچ جا مهاڏا بہ اڻڪيل ڏٺا آهن تہ ڪوڙ جون ڪاهون بہ پسيون آهن. اهڙي طرح هر دور جي سنڌي شاعرن”ڪيڏارو“ لکيو آهي. البت سنڌي ادب ۾ پٽائي، صادق فقير، خليفي نبي بخش لغاري، تنوير عباسي ۽ استاد بخاريءَ جا”ڪيڏارا“ گهڻو مشهور آهن.

سڄي دنيا جي شاعريءَ ۾ لکيل ”ڪيڏاري“ سنڌي ٻوليءَ جي قديم ڪلاسيڪل دور(جنهن ۾ نامعلوم شاعرن جو ڪلام ملي ٿو) ۽ جديد ڪلاسيڪل دور ۽ هاڻوڪي دور جي نئين شاعري ۾ لکيل ڪيڏاري جي اُدبي خوبين کي جاچڻ لاءِ اهو ٿي اپياس ڪرڻو پوندو ته ان ۾ جنگ جون چٽيل تصويرون ۽ انهن ۾ ڀريل رنگ ڪيتري قدر سهڻا آهن، شاعر لفظن کي رنگ ۽ برش طور استعمال ڪندي ڪيتري ڪاميابي حاصل ڪئي آهي، جنگ جو ذڪر جنگي لفظن ۽ محاورن ۾ ڪيل آهي يا فنڪارانه طرز ۾، جنگ جو تصور شاعر وٽ جارحيت آهي يا عوامي تشدد ۽ جياپي جي جنگ ۽ اهو به ڏسڻو پوندو ته انهيءَ جياپي واري جنگ ۾ وڙهندڙ ڳڀرن ۽ جوانن کي ڪيتر وحوصلو ڏيڻ ۽ هنن ۾ روح ڦوڪڻ لاءِ شاعر ڪهڙا وس ڪيا آهن؟

پرک جي هنن مختصر معيارن تي اچو ته پيٽائيءَ کي سر ڪيڏاري ۾ پرکيون.

ڪاري ڪڪر هيٺ، مون جهيڙيندي ڇڏيا
ڪارا ڪند هٿن ۾، اڙل وڇيرا هيٺ
ٿي تنين سين ڏيٺ، مونڻ جنين ميهڻو.

هن بيت جو حُسن، ان ڪاري ڪڪر جي پسمنظر ۾ ٿي ڏسي سگهجي ٿو، جنهن جي ڇانوَ ۾، جنهن جي رنگين اوٽ ۾، ڪي ڳڀرو، اڙل وڇيرا، هٿياربند ٿي دشمن سان مهاڏو اٽڪايون بيٺا آهن ۽ اهي اهڙا سورهيه آهن، مونڻ جي لاءِ مهٽي هاب ٿيڻ برابر آهي. ”جهيڙيندي ڇڏيا“ وارن ٻن لفظن مان جنگ جي جاري هئڻ جو احساس ٿئي ٿو، جن جي مدد سان پيٽائي پڙهندڙن جي محسوسات ۾ هڪ چرپر پيدا ڪري ڇڏي ٿو.

پيٽائي پنهنجي ڪيترن ئي ”ڪيڏاري“ جي بيتن ۾ ”چنڊ وهاڻي چڙهيا“ واري اڌ سٽ استعمال ڪري ان ۾ به رنگ پيش ڪيا آهن. چنڊ جي لهڻ واري مهل جي مٺر مٺر چانڊاڻ، جَهڪي جَهڪي روشني، ستارن جي سجاڳ ٿيل جوت ۽ چنڊ جا آخري روشني ڪرڻا ۽ پوئين رات اولهه جو اِجرو روپ، اهي سڀ عڪس صرف اڌ سٽ ۾ پيٽائي ٿي پيش ڪري سگهي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانڌ، ڪلاڙين، ڪپڙينَ، وَرَ، وناهيو آءُ
جت سانگين جي سٽ وهي، ات وڪ وڌندي پاءِ
تان تان پيو مرَ لاهه، جان جان نوڏين نہ چڙهين.

ڪا سورمي پنهنجي سورهيہ ورڪي چوي ٿي تہ، گلن ڦلن سان پيريل ڪپڙا پائي ايئن اڳتي وڌي اچ، جيئن وهانوَ لاءِ سنبريل لڳين. وري”جان جان نوڏين نہ چڙهين“ مان مراد آهي”جيستائين شادي نہ ڪرين“... جنگ جي ميدان ۾ پٽائي سچ تي سر ڏيڻ وارن ڪي گلن ڦلن جي مڙني رنگن وارا ڪپڙا پارائي، گهوٽ وانگر سينگار ڪرائي، شهيد ٿيڻ واري وهانوَ تي ٿو موڪلي تہ جيئن هو سوڀ سان لانئون وجي لهن. ۽ ان لاءِ ضروري آهي تہ هو پوئتي نہ هٽن، وڪ اڳتي وڌائيندا رهن.

گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئن تورا ڏينهڙا
ڪڏهن منجهہ ڪوٽن، ڪڏهن واهي رڻ جا.

ڏاڙهي رت رتياس، ڏند نہ ڏاڙهونءَ گل جيئن.

هنن سٽن ۾ گهوٽن جي سينگار، ڏاڙهونءَ جي گلن ۽ رت جي راند جو ذڪر آهي، جنهن ۾ ڏينهن، مهينن ۽ ورهين واري جياپي ڪي ڪا بہ اهميت ڪانهي، زور، گهوٽ ٿيڻ تي ڏنل آهي، سر ڏيڻ، ڪسجي وڃڻ، پوئتي نہ هٽڻ جي ڳالهہ آهي. پٽائيءَ جي”ڪيڏاري“ ۾ عوامي جنگ جو تصور، تشدد ۽ جارحيت کان نفرت هن جي امن پسندي جو وڏو ثبوت آهي. پٽائي جڏهن چوي ٿو تہ”تان تان پيوَ مرَ لاهہ، جان جان نوڏين نہ چڙهين“ تہ هن جي مراد اها آهي تہ جيستائين خوف جي فضا آهي، تيستائين جنگ ٿيڻ لاءِ حالتون موجود آهن. انهن حالتن جي ختم ٿي وڃڻ سان ئي سک جو ساهہ کڻي سگهجي ٿو.

سورهيہ مرين سوڀ کي، دل جا وهم وسار
هڻ ڀالا، وڙهہ ڀاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار
مٿان تيغ ترار، مارِ تہ متارو ٿئين.

هڻڻ، هڪلڻ، ڀيلي سارڻ، مانجهين ايءُ مَرڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجهن تان نہ فرق، رڪ ـ وَهندي راند ۾.

جنگ ڪي راند ڪوٺڻ بہ پناڻي جو ئي فن آهي. پناڻيءَ هي محاورو استعمال ڪري ڪيڏاري جي عالمي شاعريءَ ۾ سنڌي شاعري ڪي اتم ڪري ڇڏيو آهي. اهو سنڌي ٻوليءَ جي ڪيڏاري جو ئي ڪمال ٿي سگهي ٿو تہ، ان ۾ سچ جي ويڙهاند ڪي ايترو رنگين ۽ دلچسپ ڪري پيش ڪيو آهي، جهڙي راند. پناڻيءَ جي سورمي جي سورهيائي ۽ هن جو جنگ کي راند تصور ڪرڻ وارو اڏمو هن هيٺين بيت ۾ ڏسو:

ڏٺو ڪالهہ ڪهين، جهونجهار ڪو جهڳڙو

هاٿين هڏ مچائيا، ريلو رت نئين

پائن سان سنئين، جيان جيءَ جوکو ٿئي.

پهرئين تہ بهادر ويڙهاڪن جي جهڳڙي ۽ جنگ جي تصوير پيش آهي، جنهن ۾ هڏ مچايا وڃن ٿا. رت ريلا ڪري وهي هلي ٿو ۽ پناڻيءَ جو سورمو هر اهڙيءَ ڪارروائيءَ کي صحيح ۽ جائز ٿو سمجهي، جيڪا سر جي صدا تي هٽي:

بهادر ڳڏيا، بهادرين، ڪَڙڱ ڪلول ڪن

وجهن ڌڙ ڌڙن تي، هاڪارئو هٽن

ڪرن، ڪنڌ نچن، رڻ ڳجيو راڙو ٿيو.

بهادر بهادرن سان سامهون ٿيا آهن، ترارين جا ڪڙڪا آهن. هڪبئي کي للڪاريو هٽن ۽ وڍين ٿا ۽ ڌڙن جا ڍير ٿيندا ٿا وڃن. جوانن جا سر نچن ٿا، رقص ٿا ڪن، رڻ آسمان پريل ڪڪرن وانگر ڳجي رهيو آهي:

ڇپر جيئن پهون، تيئن رڻ ڳجهن رانئيو

ونڪا ونڪا ڳڏيا، ڊوڙيو ڏين ڊهون

مُهاين وهون، نير مهانگو ڪنديون.

جيئن پهاڙن تي ٻڪريون هونديون آهن، تيئن جنگ جي ميدان ۾ پيل لاشن متان ڳجهن جا ميڙا آهن. بهادر بهادرن سان منهن مقابل ٿي سانن وانگي هڪبئي کي ڊهون ۽ ٽڪر هڻي رهيا آهن ۽ انهن بهادرن جون ساماٽل ڀانهون انهن جي فراق ۾ نير خريد ڪري ڪپڙا رڱي پائن ٿيون.(۽ نير جو ڪاپو ايترو وڌي

ويو آهي جو آخر نير مهانگو ٿي ويندو.)

هوڏانهن هن هاڪاريو، هيڏانهن هي هٽن
سرنايون ۽ سنڌڙا، ٻنهي پار ٻرن
گهوٽن ۽ گهوڙن، رڻ ۾ لانئون لڌيون.

هڪ پاسي هي ٿا هٽن ۽ ٻئي پاسي هو ٿا وار ڪن، ٻنهي پاسن کان شرنائي ۽ توتارين جا آواز اچي رهيا آهن. ۽ جنگ جو ميدان ائين ٿو لڳي ڄڻ گهوڙن ۽ گهوٽن لانئون لڌيون آهن.

آيا اُجارين، تنگ، تراريون تٽرار
سانگيون سائن هٿ ۾، ڪلهنئون نہ لاهين
ايا ئي آهين، مُهائي مرڻ جي.

تٽرا يعني هٿيارن کي صاف ڪنڌڙ اچي ويا آهن ۽ ڪهاڙيون ۽ ترارون صاف ڪري رهيا آهن. نيزا هنن کي هٿ ۾ آهن ۽ ڪهاڙيون ڪلهن تان لاهي هيٺ نہ ٿا رکن. بهادر بيٺا ئي آهن، جيئن هو شهادت جو مرتبو ماڻين.

ڪلي وير ڪٽڪ ۾، سائو سڀ نہ هونِ
پڙ تي سي ئي پونِ، موتڻ جنين ميٺو.

جنگ جي وقت لشڪر ۾، سڀ سورهيہ ثابت نہ ٿيندا آهن، صرف اهي جن لاءِ پوئتي موٽڻ ميٺو ۽ لڄ مثل هوندو آهي. اهي ئي شهيد ٿيندا آهن. پٺاڻيءَ جي جنگي انقلابيت هيٺين بيت ۾ بي مثل آهي، چوي ٿو:

ڪلي وير ڪٽڪ ۾، پاڪر جو پائي
اجان ان کي جيئڻ جو، آ سانگو آهي...
سورهہ سو چائي، جو رڳو ئي رِڻ گهري.

جنگ واري وقت ۾ جيڪو زره پائي وڙهي ٿو، تنهن کي ظاهر آهي تہ اجا جيئڻ جو آسرو آهي. هو اجا جيئڻ چاهي ٿو.(غير مشروط طور)

پٺاڻيءَ جي”ڪيڏاري“ ۾ ويڙهاند ۽ ويڙهاڪو جوانن جي تصويرن سان گڏ جيڪا نواڻ آهي، اها آهي سورهين جي وڙهڻ جي بهادري ـ پشتو ٻولي جو هڪ مشهور ٽپو آهي،”مون کان چمي اهو گهري، جيڪو غلاميءَ کي طلاق ڏي.“ هن ٽپي مان

پشتو ڳالهائيندڙ عورت ۾ پشتون سورمي جي آزادي پسندي ۽ بهادري جو نقشو چٽيل آهي ته، هو ڪنهن به اهڙي مرد کي پنهنجو آدرش نه ٿي بڻائي، جيڪو غلاميءَ سان ناهه ڪري ٿو ۽ آزاديءَ لاءِ جدوجهد نه ٿو ڪري.

هن نموني جو تصور ڀٽائي جي شاعري ۾ به ملي ٿو، جنهن ۾ سنڌي عورت جي مليٽنٽ ۽ بهادر هئڻ جو ذڪر ڪيل آهي:

مر مرين، آءُ روئين، مونکي آءُ مرَ ڪانڌ
ڪچن وڏا پاند، جيئڻ تورا ڏينهڙا.
هتي "ڪچن" لفظ جي معنيٰ آهي "طعنن".
جهمنديون اچن، جهوليون، جهونجهارن جيون
پايو ڀڪ ڀهار جا، تن جون وهون واڪا ڪن
پٽن، پار ڪڍن، رڻ گجيو راڙو ٿيو.

شهيدن جا لاش جهولين ۾ جهوليندا اچي رهيا آهن: انهن جون وهون خاڪ وسائي رهيون آهن. رڻ گجي رهيو آهي.

پڇي آئين پڇٽا، لڄائيي مون سيڻ
وينيون وجهن ويڻ، منهن مٽاهان جن جا.

هن بيت ۾ سيڻن جي ڪسوٽي بهادري ۽ سرفروشي آهي. جيڪا ڪنهن پڇ پائي پڇي ايندڙ ۾ نٿي ٿي سگهي. بهادري ڏيکارڻ ۽ سِر ڏيڻ لاءِ همت ڏياريندي ڀٽائي هتي جذبي لڳاءَ ۽ انساني پيار کي اڀاري ٿو، جيڪا ڳالهه هن بيت کي خوبصورت بڻائي ٿي.

"سر ڪيڏارو" ۾ ڀٽائي جيڪو حسن ۽ جمال جو مشاهدو ڪيو آهي، اهو به "ڪيڏاري" جي مزاج جو آهي، جنگي حسن آهي، زخمن جي سونهن آهي، جهيرن جي سڳنڌ آهي، سوڳ جو سواد آهي، روڄ ۽ راڙي واري ڏکوئيندڙ راحت آهي. اهو به ڀٽائيءَ جو ئي فن آهي ته هن جي هر سر ۾ جماليات مختلف آهي. هن ڌرتي ۽ آڪاش ۾ جيڪي به سونهن جا اولڙا آهن، اهي سڀ ڀٽائي جي من جي ڪئنواس تي پيا ٿا ڏسجن، جن جا سندس شاعريءَ ۾ نهايت واضح ۽ چٽا عڪس موجود آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏا وِهائو

پيٽائيءَ جي سر سامونڊي ۽ سريراڳ ۾ سندس شاعراڻي فن ۽ فلسفي جي اونهاين سان گڏ ڪجهه اهڙا بيت به ملن ٿا، جن مان اسان کي 17 ۽ 18 صدي عيسوي واري قديم سنڌ جي پرڏيهي وڻج واپار، سامونڊي رستن، اقتصادي پيداوار ۽ سنڌو نديءَ ذريعي پنهنجو گذران ڪندڙ وڻجارن ۽ وڻجارين جي نفسياتي ۽ ثقافتي قدرن جا ڪيئي تفصيل ملن ٿا. پيٽائيءَ جي عظيم عوامي شاعر هئڻ جو اهو به هڪ ثبوت آهي ته، هن پنهنجي شاعريءَ وسيلي نه رڳو پنهنجي ٻوليءَ کي وڏيءَ حد تائين سينگاريو ۽ وڌايو، پر پنهنجي عوام جي زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي پنهنجي شاعريءَ جي ڪينواس تي چڱي طرح چٽيو ۽ پنهنجي دور جي تاريخ ۽ جاگرافي کي به پنهنجي شاعريءَ ۾ سهيڙيو.

ڪاري ڪيڙائو، متي مني موٽيا
سودو ڪن نه سون جو، وڏا وهائو
موتي جي مهراڻ جا، تن جا طاماعو
سامونڊي سائو، لنڪا لوپي آئيا.

هن بيت ۾ ڪاري ڪيڙائو اهي سامونڊي آهن، جيڪي سمنڊ جي ڪاري پاڻي ۾ ونجهه هلائي چڻ سمنڊ جي متاچري کي ڪيڙيندا آهن. جيئن زمين کي هاري هر سان ڪيڙيندو آهي. بيت ۾ مني جو ذڪر سنڌو نديءَ جي مني پاڻي بابت آهي. سنڌوءَ جي ڊيلٽا علائقي کي اتي جا مقامي ماڻهو”ڪارو“ ڪوٺيندا آهن ۽ مٿي اتر سنڌ کي”منو“ سڏيندا آهن. پيٽائي چوي ٿو ته هي وڻجارا وڏا وهائو آهن، يعني وڏا واپاري آهن ۽ ايڏا وڏا واپاري آهن جو سون تي هنن جي اک به نه ٿي ٻڏي. هو مهراڻ جي موتين جي وڻج واپار ڪن ٿا. اهي وڻجارا، جن کي پيٽائي وهائو به ڪوٺيو آهي، انهن لاءِ هڪ ٻي صفت به استعمال ڪئي اٿس، جيڪا آهي سائو۔ جنهن جي معنيٰ آهي”شاهوڪار“، هي واپاري پنهنجي ڏاهپ ۽ وڏي ڪاروبار ڪري تمام گهڻو سامان ڪٺي موٽندا هئا ۽ ايئن لڳندو هو ڄڻ هو لنڪا لوپي آيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن يا سري لنڪا جو سڀ واپاري مال ڦري ڪٽي ويا آهن.

هن بيت ۾ انهن سامونڊين ۽ وڻجارن جو ذڪر ڪيل آهي، جيڪي سنڌوندي ءَ جي مٽي پاٽيءَ مان ٻيڙا ڏڪي، جر جهاڳي، عربي سمنڊ جي ڪاري پاڻيءَ مان ٿيندا سري لنڪا يا سلون واري ٻيٽ تي وڃي نڪرندا هئا ۽ سنڌ مان قرنقل، ڦوٽا، پارچا، عطر ۽ عنبير وغيره ٻيڙين ۾ ڊوئي پري پري وارن بندرن تي وڪڻي هيرا، جواهر، سون ۽ ٻيون املهه شيون ڪٽي موٽندي ڪارو پاڻي ڪيڙي وري اچي سنڌونديءَ جي مٽي پاٽيءَ ۾ پوندا هئا. ۽ انهن جون وهون ۽ وڻجاريون پنهنجي ڪانڌن ۽ ناڪئن لاءِ آسون ۽ اميدون لڳايون سنڌوءَ ۾ اکيون وجهيو ويٺيون هونديون هيون.

ڀٽائيءَ جي سر سامونڊي ۽ سر سريراڳ مطابق سنڌ جي وڻجارن جو واپار رڳو سريلنڪا تائين محدود ڪو نه هو. اهي خليج، بنگال کان ٿيندا چين تائين به ويندا هئا:

سودي .ڪارڻ سنبهي، ويهون وڻجارن
ويا چين بنگال ڏي، رکي ماٽڪ من.

ڀٽائيءَ جي هن سر ۾ اها به معلومات ملي ٿي ته وڻج واپار ڪندڙ سنڌ جا وڻجارا وچ اوڀر جي ملڪن ڏانهن به واپار جي سانگي ويندا هئا ۽ خاص ڪري عدن واري بحري بندر سان هنن جو گهرو واسطو هوندو هو:

تن ۾ تراز تَوهه جي، گهٽي لئہ گهوري
ادب ۽ اخلاص جا، سڙهه ٻڌي سوري
وکر وينتين جو، تنهن ۾ پاءِ توري
ته عدنئون اوري، تنهنجو توائي نه ٿئي.

ان کان سواءِ ڀٽائيءَ جي بيتن ۾ جن ٻين پرڏيهي بندرن جا حوالا ملن ٿا، انهن مان ڪاٺياواڙ جو پور بند، انڊونيشيا جو جاوا بندر، سنڌ جي ڏکڻ ۾ ڪنيات جو بندر ۽ سوماترا بندر خاص اهميت رکن ٿا. رسالي ۾ سڀ کان وڌيڪ ذڪر سريلنڪا ۽ عدن بندر جو اچي ٿو. سلون سان سنڌ جي وڻجارن جو گهرو لاڳاپو هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت جي روشني ۾ ڏسندا. هن بيت مان اها بہ خبر پوي ٿي تہ سنڌ جا وڻجارا، سنڌ جي ڪچي مال ۾ سوٽي ڪپڙي جي عيوض سلون مان سون ڳنهي ڪٽي ايندا هئا.

لنڪا لنڪا ڪن، لئہ لنڪا جي اوهريا
سٽي سون لنڪا جو، سک نہ سامونڊين
پرهہ پڳهہ چوڙيا، ڪاري ڪيڙائن
وڏي ياڳ پڙن، جي کهيا ڪارونيار ڏي.

هنن پنهي سرن جي ڪيترن ئي بيتن ۾ پٽائيءَ وڻجارن جي واپار لاءِ پرڏيهہ اسهڻ ۾ وري موٽي پنهنجي وطن ورڻ واريءَ مند ۾ موسم جو بہ ذڪر ڪرڻ نہ وساريو آهي. وڻج واري سانگ لاءِ اسهڻ جي مند ڏسو تہ پٽائيءَ ڪيئن بيان ڪئي آهي:

ڏٺي ڏياري، سامونڊين سڙهہ سنياهيا
ان ڪي مند اتر جي، اوچتي آئي
وڻجارن وائي، آهي پرين پار جي.

يا وري:

آئي اتر مند، هنئين اڊڪو نہ لهي
وٽين لاڄو بند، ٻيهر مڪين ٻيڙيين.

۾ وري جڏهن ڏکڻ جي هير ٿي گهلي يا واهوندا ٿا ورن ۾ ٻيڙياتا اوپاريون ٻيڙيون ڪاهي اچي ٿا ڏيهہ سهڙن:

لڳي اتر اوهريا، واهوندي ورن
آءُ گهٽو ٿي گهوريان، سودو سامونڊين
اگڻ جن اچن، عيد ورتي ان جي.

ڪريان هوندَ ايئن!!

ڪڏهن ڪڏهن هينئڙا، نہ ٿو وڻين مون

ڀٽائيءَ جي هن سٽ ۾ رڳو لفظ ناهن. ان ۾ هڪ اڌمو پڻ آهي، هڪ پيڙا آهي، اهڙو ايذاءُ آهي، جنهن ۾ هن کي پنهنجي وجود کان بہ بيزاري محسوس ٿي.

تو سڳ ساهہ ڪٽڻ سين، جيئڻ گوشي جاءِ
مرڻ مون سين آءُ، پنيءَ ٿو پند ڪريان.

هتي پنهنجي وجود کي مخاطب ٿي ۽ ان کي پاڻ کان ڌار ڪري پاسي تي رکي، موت کي چئلينج ٿو ڪري،”اچ تہ تنهنجي پنيءَ هلان.“

آتڻ چونم ڪت، تاڻيان تند نہ ڪري
پاڻان روئي رت، چرخو مون چڪ ڪيو.

هن بيت ۾ هڪ عجيب ڪيفيت آهي. ساتاري چون ٿا، ڪجهہ ڪر سعيو بہ ڪجي ٿو، پر ڪم نہ ٿو اڪلي، زندگيءَ کان شڪايت آهي، دل تي ڪو اهڙو بار آهي جيڪو لهي ئي نہ ٿو. ڪم ڪرڻ لاءِ اتساهہ ملي ئي نہ ٿو.

هنن ۽ ههڙن ٻين ڪيترن ئي بيتن ۾ ڀٽائي جي شاعراڻي مَن جي هڪ عجيب ڪيفيت چٽيل آهي. جنهن ۾ بيزاري آهي، بي دلي آهي، شڪايت آهي، شاعراڻو ڪروڌ ۽ احتجاج آهي. اچو ڏسون تہ ڀٽائيءَ جي ان شاعراڻي ڪيفيت جي پس منظر ۾ ڇا هي؟

ماءِ وهاڻو واڙ، ڪڻ پترڙي پنهنجي
ڏنئي جو ڏاج ۾، سو سمورو سار
وڃان ٿي وڻڪار، ڏنم پير پنهونءَ جو.

اوسي پاسي ۾ وسندڙ سماج ۽ ماڻهن جي بستيءَ مان لڏڻ جو سبب هن بيت ۾ چِٽايل آهي. هتي ڀٽائيءَ پرينءَ جو پير ڏٺو آهي. اوڏانهن وڃڻ چاهي ٿو، ٻئي هر ڪنهن شئي کي پٺي ڏيئي.

ڏک لڳو، ڏونگر ٻريو، پيئر ڪاٺي پونءِ

منان لٿو مون، سندو جيئڻ آسرو.

ڏرتي تي ڏک راڄ ڪيو آهي. ڌرتي ٻري وئي آهي ۽ ان ڪان پوءِ پيناٺيءَ کي ويهڻ نٿو اچي. هن کي اها به خبر آهي ته ڌرتيءَ تي لڳايل باهه وسائڻ لاءِ رت ڪم ايندو آهي. ان ڪري هن جيئڻ جو آسرو لاٿو آهي. يعني ڪو سبب جڙيو آهي، ڪو سانگ رچيو آهي ۽ پيناٺيءَ سر تان هٿ کنيو آهي.

ڏکوين ڏيهان، جيڪس چڙي ويئون.
هاٿي ڪن مُلان. پڇان پرين خبرون.

ڏکويل، سوريتيون، همدرد ۽ حال پائي ڪنهن آزار وڇان هتان هليا ويا آهن. هاٿي هي سور ڪنهن سان سلجن، دل جو حال ڪنهن سان اورجي؟ اهي سوال آهن، جيڪي پيناٺيءَ کي ڏنپ ڏين ٿا ۽ هو حالتن ڪان ناپسندگيءَ جو اظهار ڪري ٿو.

اڇو پاٿي لڙ ٿيو، ڪالوريو ڪنگن
ايندي لڄ مرن، تنهن سر متي هنجڙا.

هن بيت ۾ پڻ پيناٺيءَ کي پنهنجي سماج خلاف ڪا شڪايت ٿي ڏسجي. ڪن ناپسنديده ماڻهن ماحول کي اهڙو خراب ڪيو آهي جو ڪو وڏنڊڙ انسان هتي اچي نه ٿو سگهي.

متارا مري ويا، موکي تون نه مرين
ڪيهي ٻر پرين، ڏکي ڏاتارن ريءَ.

متارن جي وڃڻ ڪانپوءِ اي موکي، هنن ڏکن ۾ تون ڪيئن گذارڻ پسند ڪيو آهي؟ هي سوال آهي جيڪو پيناٺيءَ پنهنجي ڪردار ڪان پڇيو آهي، جيڪو هن جو پنهنجو وجود آهي. هتي سماج ڪان شڪايت جو سبب آهي متارن جو مري وڃڻ.

ڪلهي ڦاٿو ڪنجرو، متو اگهاڙو
منهنجو ڪڇاڙو، پينر هن پنيور ۾.

هتي پنيور ڪان بيزاري ڏيکاريل آهي. سماج ڪان بغاوت آهي، ۽ ان جو سبب اهو آهي ته ڪنجرو ڪلهن ڪان ڦاٽل آهي ۽ متي ڍڪڻ لاءِ لٿو ناهي. اهڙو جيئڻ به ڪهڙو آهي؟ هتي سماجي تنقيد ۽ جذباتي احتجاج سان گڏ هڪ مطالبو به آهي پنيور ۾ رهڻ لاءِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تارا تر ترورڪٽيون، مٿن .قلڙيون
ڪوءِ سي راتڙيون، پرين پڇاڙان جي پيون.

اهي راتيون ٿي گهوريون جيڪي پرين ڪان سواءِ گذرن، پلي ته انهن ۾ تارا پيا ٽمڪن ۽ انهن تارن مٿان گل ڦل چاپيل هجن. هن بيت ۾ به هڪ شڪايت ۽ بيزاريءَ واري ڪيفيت آهي، ۽ ان جو سبب اهو آهي ته پرين ڪونهي، ڏور آهي، پورو نه ٿيو آهي.

جي قيام مڙن، ته ڪر اوڏا سپرين
ٿئان پري سُڄن، واڏايون وصالِ جون.

پرينءَ سان ملڻ جو مقصد ايترو پري آهي، جو جيڪڏهن ان جي پورائي جي حد قيامت آهي ته پوءِ به ڇڻ ويجهڙو آهي. پر پرين جي وصل جون مبارڪون اجا اڳيريون آهن.

پنهونءَ سين پريت جي، ڪو جو پيچ پئوم
ينيي هن پنيور ۾، وهڻ وهُ تئوم
متيون مونڻ سنديون، ڪاڪيون ڪين ڏيوم
سرتيون ساهه سندوم، ٿيو حوالي هوت جي.

هن بيت ۾ پڻ اوسي پاسي جي سماجي حالتن ڪان بيزاري ۽ بغاوت آهي، پرينءَ ڏانهن وڃڻ جو عزم آهي. مونڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي.

ڪنيس ڪويجن، تن طبيب نه ڳڏيا
ڏيئي ڏنب ڏڏن، پاڻان ڏيل ڏڪوئيو.

هتي به هڪ شڪايت آهي. هڪ مسئلو آهي، سماج تي ٽوڪ آهي. بيمار سماج کي ڏڏ ڊاڪٽر مليا آهن، رهندو به آزار وڌائي ڇڏيو آهي.

مٿي ڄاڻايل مڙني بيتن ۾ ڀٽائي ذهني طور پنهنجي سماج ڪان بغاوت ٿو ڪري. ان لاءِ ته اهو اهڙي طرح هئڻ گهرجي. جنهن ۾ نااميدون، نراسايون، نفرتون ۽ ڏک نه هجن، سک ۽ ترقي هجي.

ادب ۽ شاعريءَ ۾ اهڙي قسم جي سماجي بغاوت ۽ احتجاج صرف ترقي پسند

شاعرن جو ئي ورثو آهي. ترقي پسند فنڪار جي سماج ڪان بغاوت، سماج سان غداري ناهي، پر ڪوڙهئي سماج ۽ نظام خلاف احتجاج آهي، پنهنجي ڌرتيءَ ڪي ميار آهي، ڏوراپو آهي ۽ پيار پري نفرت آهي.

چوندا آهن تہ هر جدت بغاوت ناهي ۽ هر بغاوت جدت ناهي. پٽائيءَ جي شاعري پنهنجي دور جي انتهائي جديد ۽ باغي شاعري آهي. پٽائيءَ پنهنجي عوام جي ظاهري حالتن، ڦرلٽ ۽ ڏکن خلاف عوامي اڻ لکن سڏڪن، اوڇنگارن، ڳوڙهن ۽ احتجاج کي پنهنجي ذات جي سراڻ تي چاڙهي بيتن جي صورت ۾ آندو آهي. هن جو مقصد رڳو ادب سان ڪو نہ هو. هن جو مقصد زندگيءَ سان هو. هن پنهنجي دور جي جاگيرداري سرشتي جا جهڙيءَ طرح بکيا اڌيڙيا آهن، ان جهڙو مثال سنڌي ادب ۾ ڏکيو ملندو.

اهڙي طرح پٽائي پنهنجي وقت ۾ رائج غلط سرشتي واري ڳس سان سلهاڙيل جانورن وانگي هلندڙ ماڻهن کي ڏسي چوي ٿو:

اڪ الٽي ڏار- ونءِ الٽو عام سين
جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهہ اوپار
منجهان نوچ نهار، پُر پٽيرو پرين ڏي.

يا وري:

جهنگل هليا، سي نہ پليا، راهہ هليا ڦرجن.

پٽائيءَ جي ڪلام ۾ سماج تي سخت تنقيد ڪيل آهي ۽ ڌارين حملي آورن، مقامي جاگيردارن، مذهبي، آقائن ۽ ڦورن خلاف کليل بغاوت آهي. اهو ئي سبب هو، جو پٽائيءَ جي وقت جا حاڪم، جاگيردار، مذهبي پير ۽ روايتي فقير پٽائيءَ جي رت جا پياسا هئا ۽ هڪ راءِ مطابق خاص ڪري شاهہ عنايت صوفي جي هارين واري تحريڪ سان دلچسپي رکڻ ڪري پٽائيءَ کي الائي ڪيترا دفعا پنهنجو ديس ڇڏي جلاوطن ٿيڻو پيو هو.

مَ لنئُہ ڪونجي، مات ڪر، چورِمَ هنئين چاڪَ
ڦٽيون جي فراق، سي ڳهر ڳهاريندين ڪيترو.

مَرچڻ چِڻائون

هلو تہ هلون ڪورئين جتي نپجي نينهن
ڳنڍين سارو ڏينهن، ڇنڻ مور نہ سکيا.

ڪورين جي پارٽيءَ جو اهو اڻ لکيل دستور آهي تہ هو ڇنندا نہ آهن، ڳنڍيندا رهندا آهن. ڳانڍاپي کي مضبوط ڪرڻ ۽ ڇيناري کي ڪمزور ڪرڻ واري نظريي کي ڪورين ان ڪري پنهنجو ڪيو، ڇاڪاڻ تہ هنن ڄاتو ٿي تہ:"ڏکيون جان مڙن، تان تان ڀڃڻ نا ٿئي." البت ڪورين جو ڳنڍڻ وارو فلسفو انهن لاءِ ناهي جيڪي:

ڌريان ٿي ڌاريا، مِٽ مٽيءَ جا نہ ٿيا
مدي ڏيرن من ۾، مان ڪليو ڪيڪاريان
صبح ٿي ساريان، تہ اٿ نہ اوطاقن ۾.

يا وري:

ڌريان ٿي ڌار، جي وڍي وڃڻ جدا ڪيا
تن سڪن ڪهڙي سار، اٺا مينهن ملير ٿي.

دراصل ڳنڍڻ، جوڙڻ، جڙڻ ۽ ڳنڍجي پيچجي وڃڻ پرينءَ سان هوندو آهي، عوام سان هوندو آهي ۽ عوام جي دشمنن سان رڳو مهاڏو ٿي اٽڪائبو آهي."ڪچن وڏا پاند، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا"، دوست ڪير آهي ۽ دشمن ڪير؟ جنهن ماڻهوءَ ۾ پنهنجائپ، قرب ۽ صاف دلي ڏسبي، ان کي دوست ۽ جنهن کي اوپرائپ، ڪينو ۽ مَدي من ۾ هوندي، اهو دشمن.

پر ڪورين جي پارٽيءَ جي اها روايت آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ هو پاڻ ۾ نہ ڇنندا آهن. هنن جا پنهنجي پارٽي سان تعلقات پروفيشنل يا business-like نہ هوندا آهن پر داخلي جذباتيت سندن رشتي مان تمندي آهي. اهو رشتو ۽ عشق وارو فلسفو هڪ آهي"عشق ساڻ اناءِ، پير پرينءَ جي پار ڏي." مارن سان وچن، عشق ۽ ڪمٽمينٽ هڪ ڳالهہ آهي. هڪ اهڙي ڪيفيت، جڻ زندگي ۽ موت جو فيصلو ٿيندو هجي.

پرينءَ پر پرت مان، تو ساهڙ سڏ ڪري
نہ گهڙان موٽي وڃان، تہ ڪر ساھہ سري
مر جان پرت پري، گهڙان گهوريو چندڙو.

اهڙي سڪ، ايڏي چڪ ۽ ڪمٽمينٽ ئي آزمائش وقت پارٽي پهچائي: ”پاڻي پنيءَ پوڙ، سهٽيءَ پانيو سير ۾.“ سو اهو سڀ ڪجھہ عوام سان عشق ڪرڻ کان سواءِ ٿي نٿو سگهي، نظريا انسان جي سڌاري، واڌاري ۽ ترقي لاءِ ايجاد ڪيا ويا آهن. دنيا جي عظيم ادب جو محور هميشہ کان وٺي ”انسان“ رهيو آهي. عوام سان عشق، ماڻهن جي خوشين ۽ ڏکن کي محسوس ڪرڻ سان ٿئي ٿو. غريبن ۽ مسڪينن جي مصيبتن ۽ بک جي ولهوڻن کي ويجهڙائي سان ڏسڻ، عوام جي مختلف طبقن جي سماجي زندگيءَ جي پرک ۽ مخصوص حالتون جن ۾ هو رهن ٿا. انهن جو جائزو، هنن جا مسئلا، انهن جو حل ۽ سڀ کان وڌيڪ تہ ماڻهن سان محبت ۽ ذهنن جي هر لڳ لاڳاپي سان عشق:

ماڙيءَ چڙهي ڏٺام، پکا پنهوارن جا
هڪ اڳيئي سهٽا، ويتر مينهن اٺان
جيها جي تيها، مون مارو مڃيا.

سو مارو ماڻهن سان محبت جي ڪري هنن جا ڪکاوان پکا بہ سهٽا ۽ ويتر سهٽا لڳن ٿا. عوام ڇاهي؟ عام لوڪ، ڇڙ، غريب، گرورتل. ”پاند جنين جي پاند سين، لڳو ٿئي لڄ“ اڻ پڙهيل، ابوجھہ ۽ جن کي ڪپڙن پائڻ ۽ ڳالهائڻ جي تميز نہ هجي: ”ڪاريون ڪوجهيون، ڪُوڙيون، مُور نہ موچاريون.“ اهڙن ڏکولن ستايلن ۽ پيڙهيل ماڻهن کي ڪيئن سڃاڻجي:

ڏکوين اهڃاڻ، ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو.

لٽا ليڙو ليڙ، ٽڳڙين ۾ وڪوڙيل
ماروئڙا فقير ڪنهن در ڏيندا دانهڙي.
مٿن ٽڪ ٽڪڙا، چمڪندڙا اچن.

ان مظلوم انسانيت جي نجات لاءِ جدوجهد ڪرڻ انهن جو ”جوڳ“ هوندو آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي عوام جي ڏک کي برداشت ڪري نہ سگھندا آهن، رت وهندي ڏسي نہ سگھندا آهن، پر ڏک کي ڏرتيءَ تان ٻهاري ڪيڻ لاءِ پنهنجو سر بہ قربان ڪري ڇڏيندا آهن:

وڍيئي سي واڍوڙيا، رت نہ ڏٺو جن
موت قبوليو تن، ڏٺو جن ڏکيءَ کي.

جڏهن دکي انسانيت سان جذباتي پيار تي وڃي ٿو تڏهن:

پريان سندي پار جي، مڙئي مٺائي
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري.

پوءِ اهڙي ڪيفيت ۾ ڳنڍڻ ۽ چنڻ وارو مرحلو اڪري عوام سان عشق انقلاب واري"طريقت" ۾ داخل ٿيو وڃي ۽ ان منزل تي محسوس ٿيڻ لڳندو آهي تہ:"مَر چٺو چناٺون، ايءُ پڻ ڳنڍيو سڄٽين."

ان منزل تي پهچي پرينءَ پاران"چنڻ" وارو عمل پريت جو هڪ انوکو ناتو محسوس ٿيڻ لڳندو آهي ۽ جڏهن"اسان" ۽"پرين" وچ ۾ چيناري کي بہ ڳانڍاپو تصور ڪيو وڃي، تڏهن هيڪڙائي ٿيو پوي ۽ تڏهن ئي پنڻ تي سگھندو آهي."اگھن مڙي اڄ، ڪيو سڌ صحت کي، ڏور ڏکندا پچ مهريءَ منهن ڏيکاريو. سو پرين جو چنڻ بہ ڳنڍڻ سمجھڻ گھرجي چاڪاڻ تہ هي سونهارو سَڱ آهي.
"هي سَڱُ نہ چنڻ جهڙو."

مون پريان سين نينهن، چنڻ ڪارڻ نہ ڪيو." ها البت عوام جي عشق ۾ اٽانگي پيچري تي هلي هلي، اوسي پاسي ڪان بيوفايون ڏسي، ڏسي"جيءُ" جي جواب ۾ "ڦوٽ" واري ورندي ٻڌي ٻڌي،"پلئہ پايو سچ، آچيندي لڄ مران" واري ڪيفيت سان گذرندي هلندي، ٿاڪا ڪائيندي ۽ پروڙ ٿيندي ٿيندي انسان کي ڪڏهن ڪڏهن محسوس ٿيندو آهي تہ:

ڪرُيان هوند ايئن، جيئن ڪميٽي ڪانہ ڪري.

حالتون ايتريون بدتر، ماڻهو ايترو چيپاٽيل، ڪاوڙ ڪروڌ."اگھيو ڪاٿو ڪچ، ماٺڪن موت تي" وارو نظام. اڌوهي ڪاڌل، ڍونڍ جهڙو بدبودار، جنهن ۾ ساهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٽڻ بہ تڪليف ۽ سچ جي موٽ ۾ ملي ڪوڙ تہ پوءِ دل چوندي تہ ڪريان هوند ايئن..." پر نہ ايئن ڪرڻ سان عشق بدنام ٿي ويندو. وري ڪو عوام سان عشق نہ ڪندو. هڪ خيال جو واچوڙو ڦيري ڪائي ٿو:"پر نالو سندو نينهن، وري وٺندي ڪا نہ ڪا."

بس اها مجبوري آهي تہ متان عوام سان عشق وارو فلسفو بدنام نہ ٿي وڃي. ان ڪري ايئن ناهي ڪرڻو. اها ـپَر ڪورين جي آهي. اهو وڙ اٿن ۽ اهو گڻ اٿن. ان ڪري ڪوري ڳنڍيندا آهن، ڇنندا ناهن.

پر اسان جي اڄ واري دور جي ڪورين، ڳنڍڻ جي ڪا نہ ڪئي ۽ نيٺ ڇني ڇڏيائون:

نہ ڪو ليکو ئي ٿيو، نڪو تتو ڏينهن
تنهان اوري نينهن، ڇنو آتڻ وارئين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارئي ڪير هئي؟

چون ٿا تہ سنڌ کي انگريزن جي”غلامي“ مان آزاد ٿئي اڌ صدي گذري وئي آهي، پر خاص ڪري سنڌ جي تاريخ تي”سنڌ جي غلامي واري دور“ ۾ جيترو انگريز آقائن ڪم ڪيو هو، اوترو اسان”آزاد سنڌين“ نہ ڪيو آهي.

پٽائيءَ جو رسالو پهريون دفعو ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جرمنيءَ جي شهر لپزڪ مان 1886ع ۾ ڇپايو. ڊاڪٽر ايچ ٽي سورلي پٽائيءَ تي 1938ع ۾ جيڪو ڪتاب لکيو ان جي معيار جو ٻيو ڪو انگريزيءَ ۾ ڪتاب ورلي آيو آهي. سنڌ ۾ ريلوي لائين وڇائڻ جو ڪم 1855ع ۾ انگريزن ڪيو ۽ سکر بئراج جي ابتدائي رٿابندي بہ ساڳئي سال ۾ ڪئي وئي، جڏهن تہ ان کي جوڙي راس ڪندي ڪندي 1932ع وارو سال اچي ويو. سنڌي ٻوليءَ جي لپي سر بارٽل فيئر 1858ع ۾ جوڙي ۽ اهڙي طرح سنڌ تي عملي ڪم جيڪو”غلامي“ واري دور ۾ ٿيو، ايترو ”آزادي“ جي پنجاهہ سالن ۾ ٿي نہ سگهيو.

اسان سنڌي پنجاهہ سالن جي ڊگهي عرصي ۾ اهو بہ معلوم ڪري نہ سگهيا آهيون تہ مارئي ڪير هئي؟ هاڻي هي بحث هڪ دفعو وري ڇڙي پيو آهي. مارئي جي ميلي جي موقعي تي ماڻهو هڪ ٻئي کان اِهو ئي سوال پڇڻ لڳا، پر جواب ڪنهن وٽ بہ ڪو نہ هو. جي ڪو جواب هو تہ ان جو ثبوت ڪو نہ هو.

مارئي هندو هئي يا مسلمان؟ جي هندو هئي تہ ذات جي ماڙيچي هئي يا ريبارڻ؟ جي مسلمان هئي تہ سندس ذات مارو پنهوار، جوڻيجي يا سومري هئي؟ ان سلسلي ۾ پڪ سان ڪجهہ نہ ٿو چئي سگهجي. ڇاڪاڻ تہ ان موضوع تي ڪا سنجيدگي سان تحقيق نہ ڪئي وئي آهي. کوجنا ڪير ڪري؟ ڪير فيلڊ ۾ وڃي ڳولي، اهڙي ڳولا لاءِ جذبو تہ موجود آهي، پر ناڻو ناهي. ڊوڪڙ اڳي حڪومتن وٽ هوندا هئا، پر هاڻي حڪومتون ڇچ غريب ماڻهن کان بہ ڪنگليون ٿي ويون آهن. سنڌ جي زميندارن وٽ پئسو آهي، پر مارئي شايد انهن جي ترجيح ناهي. سنڌ جي سياسي ڌرين وٽ خبر ناهي پئسو آهي يا نہ. پر هنن جو ايئن چوڻ

سان ٿي ڪم ٿي ويو تہ ”مارئي حب الوطني جي عظيم علامت آهي.“ ان کان وڏيڪ سنڌ جي سياستدانن ان موضوع تي هڪ پئسو بہ خرچ نہ ڪيو آهي. جڏهن تہ اها دنيا کي خبر آهي تہ اسان جا وڏا ۽ انقلابي سياستدان بہ لئنڊ ڪروزر ۽ پجيرو کان گهٽ ڪنهن گاڏيءَ ۾ نہ ويهندا آهن. سنڌ جا اڻ جي اوز بہ غريب ناهن، لکين رپين جي امداد حاصل ڪن ٿا. آفيسون اٿن، عملو اٿن، ڏوڪڙ اٿن، پر هن سلسلي ۾ اهي بہ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. باقي هي ڪم ڪير ڪندو؟ ان سوال جو جواب ڏيڻ جو گهٽ ۾ گهٽ مون کي ڏانءُ نہ تو اچي. ڪي دوست چون ٿا، تہ اهو ڪم سنڌ ڪلچر کاتو ڪري، سرڪار جي هٿ هيٺ هلندڙ علمي ادارا جهڙوڪ سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ الاجي، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، ڀٽ شاهہ ڪلچرل سينٽر، سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ يا سنڌ آرڪائيوز ڪري. خدا ڪري ائين ٿئي، پر شايد ائين ٿيڻ ممڪن ناهي ۽ نہ اهو ڪم سنڌي ادبي سنگت ڪڏهن هٿ ۾ ڪنيو آهي.

بهرحال هن وقت مارئي جي آخري آرامگاهہَ بہَ نہ ٿي لڀي. ڪي چون ٿا تہ مارئي جي قبر ننگرپارڪر شهر ڀاهران پوڏيسر واري مسجد جي پاسي ۾ آهي. چاڪاڻ تہ مارئي ڪاري رنگ جي ڪٽي پائيندي هئي، جيڪا ننگر لڳ خاص ڪري ڪاسبي ڳوٺ ۾ وينل ربباري عورتون هاڻي بہ پائين ٿيون.

ٻين ماڻهن جو چوڻ آهي، تہ عمرڪوٽ واري رستي تي هڪ جاءِ آهي، جنهن کي ”ماتاڙ“ چون ٿا، اهو مارئي جو تڙ آهي ۽ اتي مارئي جو کوهہ بہ آهي تہ قبر بہ آهي.

مارئي بابت ڪيترن ليکڪن لکيو آهي ۽ پنهنجي پنهنجي معلومات مطابق نتيجو ڪڍيو آهي. جڏهن تہ سنڌ جي دانشورن جي هن موضوع تي ڪا هڪ راءِ ناهي. پريتم پياسي ان ٿيوري کي رد ڪيو آهي تہ ڪو مارئي ڪڇ جي راءِ ڦل جي پٽ لاکي جي ڌيءُ آهي. هن جو دليل آهي تہ عمر سومري جو سنڌ تي راڄ 1355ع کان 1390ع تائين هو جڏهن تہ لاکو 919ع ۾ ڄائو ۽ 987ع ۾ وفات ڪري ويو.

ڀٽائي جي رسالي ۾ مارئي کي ڳولهيندڙن لاءِ مسئلو اهو آهي تہ اتي

مارئي کي"ماڙيچي" بہ سڏيو ويو آهي،"مارو" بہ ڪوٺيو ويو آهي ۽ پنهوار بہ چيو ويو آهي. اسان واري نسل جو الميو اهو آهي، تہ اسان ڀﭩﺎﺋﻲ جيتري سنڌ گهمي نہ ڏٺي آهي، ان ڪري مونجهارو ٿئي ٿو، باوجود ان جي تہ ڀﭩﺎﺋﻲ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ:

سرتين سنجڻ ڇڏيو، ستين ڳالهہ سئي
ماڙيچي ماڙين ۾، ڪڏهن ڪا نہ هئي
عمرا آءٌ نہ مئي، ان اوياليان اڳهين.

ماڙيچا مينگهواڙن جي نک آهن ۽ پنهنجي مزاج ۾ مينگهواڙ صوفي قسم جا ماڻهو آهن. سيني ديوتائن ۽ درويشن جي پوڄا ڪندا آهن ۽ ٿر ۾ هن وقت لوهاڻن، هندن ڪانسواءِ ٻين هندو جاتي جيَ ماڻهن جهڙوڪ: ڪولهي ۽ ڀيل جي مقابلي ۾ وڏيڪ ترقي ڪري ويا آهن. هنن ۾ تعليم گهٽي آهي ۽ نياڻين جي تعليم پڻ موجود آهي. جنهن ڪري مينگهواڙن جون نياڻيون سلام ڪوٽ، مٺي ۽ ڪراچي ۾ بہ ماسترياڻيون آهن.

هن موضوع تي ڪنهن برجستي تحقيق لاءِ ٿر جي ماُهرن ۽ خاص ڪري ٿر جي اصلوڪن رهاڪن کي ملوث ڪرڻ ضروريِ ٿيندو. ثقافتي لحاظ کان ٿر ڏاڍو وسيع علائقو ۽ علمي لحاظ کان اتاهہ ڏرتي آهي. ٿر جي ائنٽروپالاجي مڪمل ڪرڻ لاءِ ڪنهن انسائيڪلو پيڊيا جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي ۽ ٿر سان هڪ زيادتي اها بہ آهي تہ ان تي مهارت رکڻ جا لقب سرڪاري توڙي غير سرڪاري حلقن پاران اترادي اديبن کي ڏنا ويا آهن. ٿر تي لکندڙ يا ٿر جي ڄاڻ رکندڙ ترين جا اسان نالا بہ ڪين ٻڌا آهن. اسان کي رڳو اها خبر آهي تہ عبدالواحد آريسر، عبدالقادر جوڻيجو، جام ساقي، الهداد جهنجهي ۽ نواز علي ڪوسو وغيره ٿر جا ڄاڻو آهن. پر هنن همراهن جو تہ تعلق رڳو ٿر آبادي جي صرف هڪ حصي يعني مسلمانڪي آبادي سان آهي. ٿر جا لوهاڻا هندو ڏاڍا پڙهيل ۽ ڄاڻو آهن. ٿر جا ڪي ڪولهي، ڀيل ۽ مينگهواڙ بہ وڏا ماهر آهن.(ننگرپارڪر جي مهرو ڪولهي اسان کي اهو ٻير جو وڻ ڏيکاريو هو، جنهن ۾ ٽنگي روپلي ڪولهي

کي انگريزن ڦاسي ڏني هئي.) ان سان گڏ پيٽائي جي حافظن وٽان به اهڙي معلومات ملي سگهي ٿي. اهڙا ماڻهو ٿر مان به ملن ٿا. مثال حاجي سوڍو ڪپري، جيڪو عمرڪوٽ جي ڪنري شهر لڳ پنهنجي ڳوٺ ۾ رهي ٿو.(خدا ڪري هو حال حيات هجي سندس بيت مون اڄ کان ڏهه سال اڳ ڪنري ۾ ٻڌا هئا. ان وقت هن جي عمر 75 سال هئي. هو پيٽائي پڙهڻ وقت اکين مان ايئن ڳوڙها ڳاڙي رهيو هو، ڄڻ ٿر تي وسڪارو ٿيندو هجي.)

اهڙي طرح لاڙ مان جت ذات جا ماڻهو زالين مڙسين پيٽائيءَ جا حافظ آهن. ٿر ۽ لاڙ جا سگهڙ به هن ڏس ۾ گهڻي معلومات ڏئي سگهن ٿا. پر اهو ڪم ڪيئن ٿئي، اچو ته ان تي سوچون ۽ سوچڻ سان گڏ ڪجهه عملي طرح ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پتائيءَ کان انٽرويو

کي رند پروڙن راز قضيي ڪربلا جو

پتائيءَ کان سوال: سائين قضيي ڪربلا جو اهو ڪهڙو راز آهي جنهن جو اوهان ذڪر ڪيو آهي؟

جواب: انهيءَ ۾ آهي ڪا اونهي ڳالهه اسرار جي.

سائين: مهرباني ڪري تورو ڪولي سمجهايو؟

جواب: اها وڏ اندري ويڙهه آهي، جهونجار ڪو جهيڙو آهي.

ڪلها، ڪرنگهه، ڪنڌ، جهرن جهونهارن جا
هٿن، هڪلڻ هيلي سارڻ، مانجهين ايءَ مرڪ.

ايائي آهين، مهائي مرڻ تي.
پائن سانئين جئان جيءَ جوکو تئي.
وجهن تان نه فرق، رڪ رهندي راند ۾.
وجهن ڏڙ ڏڙن تي، هاڪارين، هٿن
ڪرن، ڪنڌ نچن، رڻ گجيو، راڙو تيو
گهوڙن ۽ گهوٽن جيئن تورا ڏينهڙا.

سو اهو راز شهادت جي سختي آهي:

سائين: سختي شهادت جي ڇا آهي؟

جواب: سختي شهادت جي مڙوئي ملهار، نسورو ئي ناز ڇڻ شاديءَ جو ڏينهن. ڪانڌ ڪلارين(گلن قلن سا ن پريل ڪپڙن ۾) ڪپڙين، ور وهانيو(شاديءَ لاءِ سنيريو) آءُ، جت سانگين(نيزن) جي سٽ وهيُ. ات وڪ وڌندي پاءِ، تان تان پوءُ مَ پاءِ ،پانءِ، جان جان نوڏين نه چڙهين. مر مرين آءُ روئين موٽي ڪانڌ ۾ آءُ. مڇڻ تو پٺاءِ(پڃاٽان)، ڪڇا ڪن جيڏيون(طعنا ڏينم جيڏيون). ڪلي وير(جنگ جي وقت) ڪنڪ ۾ سائو(بهادر) سپ نه هون. پڙ تي سيئي پون، موٽڻ جنين مهٽو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلي وير(جنگ جي وقت) ڪنڪ ۾ پاڪر(زره) جو پائي. اجا ان کي جيئڻ جو آ سانگو(آسرو) آهي. سورهيہ سو چائي(چوائي) جو رڳو ٿي رڻ گهري. سورهيہ مرين سوپ کي تہ دل جا وهم وسار. ڳاهُ(ڳاهہ، ڪاچ)ڳجهن جو ٿيءُ ويئي جن ورهيہ ٿيا.

سائين: ڳجهہ تہ انتهائي بدصورت پکي آهي. ڍونڍ ڪائيندي آهي. ان جو ذڪر توهان پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيئن ڪيو آهي؟

جواب: نہ بابا ايئن ناهي."ڳائو ڳجهہ نہ ڪاءِ، ميهي ماس نہ هيرئين، تنين لئہ واجهاءِ ،ڪلنگيون جن ڪپار ۾" ڳجهن ويئي ڳاڙيا ڏجها ڏک گهٽا، تنگي لتن توڻ(گذران) جي سہ رهيہ ساماٽا. ڪنڌارا ماٽا(لڙايون). ڪنور ڪلي جا ڪوڏيا، ڳجهڙين ڳارو راتو ڏينهان روڻ ۾، پٽيو پڇن پاڻ ۾، ڪنهن پر ڪيڏارو(جنگ جو ميدان). ڪائين ڪڳمارو(ترار هٽندڙ) ڪائنر پيو ڪنو ٿئي.

سائين: گستاخي معاف ٿئي تہ هڪ سوال ڪريان... سائين توهان شيعا آهيو يا سني؟

جواب: ٻنهي جي وچ تي.

سائين: ٻنهي جي وچ ۾ تہ ڪجهہ ڪين آهي.

جواب: ها آهيان بہ ڪجهہ ڪين. جي ٻي شرڪ پانئين پاڻ کي تہ عين شرڪ ايءُ، وجائي وجود کي، پاٽان پاسي ٿيءُ. هڏهن ڪونهي هيءُ، هو پڻ ڪينهي هن ري.

سائين:"هو" ڪير آهي ۽"هي" ڪير آهي؟

جواب:"هو" الله ۽"هي" انسان.

سائين: هي تہ شرڪ آهي. اسلام ۾ ان جي منع آهي.

جواب: ساڳيو"جي ٻي شرڪ پانئين پاڻ کي، تہ عين شرڪ ايءُ."

سائين:چون ٿا تہ اوهان جي شاعري قرآن شريف جو سنڌي ۾ ترجمو آهي. بيت مَ پانئيو ماٽهان، آيتون آهين، نِيو مَنِ لائين، پريان سنڌي پار ڏي. (بيشڪ هست قرآن، ور زبان سنڌ وي،) چئبو تہ سنڌي قوم بہ اهلِ ڪتاب آهہ. اوهان ٻڌائيندا تہ توهان وٽ خدا تعاليٰ جو تصور ڪهڙو آهي؟

جواب: سو هي، سو هو، سو اجل، سو الله، سو پرين، سو پساهہ، سو ويري سو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واھرو.

سائين: اوھان جنگ جي شاعري بہ ڪيڏاري ۾ ڪئي آھي يا ٻئي ڪنھن سر ۾ بہ؟

جواب: مون پنھنجو رسالو جيڪو ڪراڙ ڍنڍ ۾ اڇلايو ھو تنھن جي ترتيب مون پاڻ ڏني ھئي. ان جي ابتدا ” سر سسئي“ سان ڪئي ھيم، ۽ ان جو پھريون بيت ھو:” پر تون پرينءَ جو، جھڙ جان جھالا ڏئي، آءُ تنھن آريءَ کي روبو راھ ڏسان گھٽو.“ پر منھنجي مرڻ ڪانپوءِ ڪي پاڻ ھرتڙيا محقق پيدا ٿي پيا، جن منھنجي رسالي جي شروعات”سر يمن ڪلياڻ“ سان ڪئي. ھي سر ان لحاظ کان تہ ٺيڪ آھي، ڇاڪاڻ تہ اسان صوفي راڳ سماع شام جو سج لٿي مھل شروع ڪندا آھيون، جيڪو باک ڦٽيءَ مھل تائين ھلندو آھي.(پرھ ڦٽندي فال، وڏم ويڙھيچن لئہ). سو جيئن تہ سنگيت جي دنيا ۾ سر ڪلياڻ شام جو راڳ ليکيو ويندو آھي، ان ڪري رسالي جي سر وار ترتيب دوران پھريون”سر يمن ڪلياڻ“ رکيو ويو. انھن خدشن جي ڪري ئي تہ مون پنھنجو ترتيب ڏنل رسالو ڪراڙ ڍنڍ ۾ اڇلائي ڇڏيو ھو، پر سنڌي ماڻھن ڪاڳرن بدران منھنجا بيت من جي ڦرھيءَ تي لکي ڇڏيا. جيڪي بعد ۾ ظاھر ٿي پيا. اھڙي طرح رسالي جي شروعات”سر يمن ڪلياڻ“ ۾ منھنجو ڪلام 13 ھين بيت کان شروع ٿئي ٿو ۽ ھي پھريون بيت آھي:”سر ڊونديان، ڏڙ نہ لھان، ڏڙ ڊونديان، سر نانھ، ھٿ ڪرايون آڱريون، ويون ڪپجي ڪانھ، وحدت جي وھانءِ جي ويا سي وڍيا.“ سو مون جنگ جي شاعري رسالي جي پھرين سريعني”يمن ڪلياڻ“ کان شروع ڪئي آھي. جيڪا سسئي وارن پنجن سرن کان ٿيندي”سر ڪاھوڙي“،”رامڪلي“،”سورٺ“،”مارئي“،”گھاتوءَ“ تي ختم ٿئي ٿي.”سوريءَ سڏ ڪيو، ڪا ھلندي جيڏيون؛ جي وڍيو ھئين تہ ويھ نہ تہ وٺي وات وانءِ تون. سر جدا، ڌڙ ڌار، دوڳ جنين جا ديڳ ۾، سي مرڪن پچار، حاضر جن جي ھٿ ۾. ديڳئين دوڳ ڪڙھن، ڪڙئين ڪڙڪو نہ لھي، تتي طبيبن، چاڪ چڪندي ڇڏيا. ملھ مھانگو قطرو، سڪڻ شھادت، پا ٻوھيو پڇن، ڪٽي پاڻ نہ ڪن. عاشق اجل سامھان، اوچي ڳاٽ اچن، ڪسڻ قرب جن، مرڻ تن مشاھدو.

رهي اچجي رانڙي، تن واڍوڙين وٿاءُ جن کي سور سرير ۾، گهڻ منجهاران گهاءُ، لڪائي لوڪاءُ، پاڻهين ٻڌن پڻيون."(ميڊيڪو ليگل ڪيس)

سو هي سڀ ۽ ٻيا انيڪ بيت مون"سر ڪلياڻ" ۽"يمن ڪلياڻ" ۾ لکيا آهن. جيڪا مڙوئي جنگ جي شاعري آهي. اوهان کي ڳهرجي ته 1689ع کان 1752ع تائين واري عرصي ۾ ۽ ان کان اڳ سنڌ ۾ جيڪي وڏيون جنگيون وڙهيون آهن، انهن بابت پڙهو ۽ پوءِ منهنجي رسالي جو ان لحاظ کان مطالعو ڪيو ته مون علامتي شاعري ڪئي آهي. ايتري تائين جو عمر مارئي، سسئي پنهون، سهڻي ميهار ۽ ٻيا سڀ جيڪي به روايتي ڪردار اوهان کي رسالي ۾ ملن ٿا سي سڀ علامت آهن انهن حقيقي ڪردارن جي جيڪي منهنجي دور ۾ سنڌ ۾ موجود هيا.

سوال: سائين، هڪ ذاتي سوال پڇڻ جي اجازت آهي؟

جواب: هائو.

سوال: سائين، چون ٿا ته توهان جي مزارتي وڃي جيڪو پٽ ٿو گهري ان کي پٽ ٿو ملي. ڪنهن جو محبوب وڇڙي ويو آهي ته دعا گهرڻ سان موٽي ٿو اچي، وغيره وغيره. ڇا توهان وٽ واقعي ايڏي ڪرامت آهي؟

جواب:"قبن ڪينهن پير، مرشد مساڻن ۾."

سوال: سائين، آخري سوال: سنڌي عوام لاءِ ڪو پيغام ڏيندا؟

جواب: لوءِ وڃي ڪو چوءِ، منهنجو ماروئڙن کي، ڇا ڳان ڇڄي ڇيلڙو، سو جي ڪنهن جو هوءِ، صحيح وڙولجي سوءِ، آءُ ڪيئن وين وسري!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آنڌائون عميق مان

ريڊئي پاڪستان ڪراچي جي سنڌي ادبي پروگرام "رسالي" لاءِ ڀٽائيءَ جي شاعري جي موضوعوار اپياس بابت لکيل ۽ پڙهيل هفتيوار سلسلو

تعارف:———————— قسط : 1

سي پوچارا پُر ٿيا، سمونڊ سيويو جن
آنڌائون عميق مان جوتي جواهرن،
لڌائون لطيف چئي، لالون مان لهرن،
ڪانهي قيمت تن، ملهه مهانگو ان جو۔

اوهان ۽ اسان ريل گاڏيءَ ۾ پينو فقيرن کان اوطاقن ۾ سگهڙن ۽ ٻين سريلن ماڻهن کان، صوفين جي اوتارن تي يڪتاري، چپڙين ڍولڪ ۽ ٽلين جي جهانجهه ۾ راڳين کان، توڙي ريڊئي ۽ ٽي ويءَ تي پڙهيلن ڪڙهيلن اديبن ۽ ليکڪن کان سنڌي ٻوليءَ جي لاثاني شاعر ۽ دنيا جي عظيم عالم شاهه عبداللطيف ڀٽائي جا بيت ڏاڍي پاٻوهه مان ٻڌندا آهيون ۽ عقيدت وچان ڪنڌ ڌوڻيندا آهيون، واهه واهه ڪندا آهيون ۽ بس۔ اسان گهڻو ڪري ڀٽائي صاحب جا بيت ٻڌي وساري ڇڏيندا آهيون ۽ ورلي بيتن جي معنيٰ تي سوچيندا آهيون، اها ٻي ڳالهه آهي ته ڀٽائي صاحب جا بيت اسان جي اندر ۾ لهي ويندا آهن ۽ اسان جي ڏکندڙ رڳ کي تنبوري جي تارن جان ڇيڙي وجهندا آهن ۔ پر اسان اهو نه سوچيندا آهيون ته آخر ڀٽائي صاحب جي بيتن ۾ اهو ڪهڙو جادو آهي جيڪو اسان جي دلين کي مانڊي وانگي منڊي وجهي ٿو.

حقيقت اها آهي ته ڀٽائي جي شاعري جي فن ۽ فلسفي جو هڪ سمونڊ آهي۔هڪ گهرو عميق آهي، جنهن جي ٻاهرين سونهن کي ڏسي اسان متوالا ٿي ويندا آهيون پر ان عميق ۾ ٽٻيون ڏئي ان جي لڪل هيرن جواهرن، لالن ۽ موتين جهڙا نُڪتا تلاش ڪرڻ جي گهٽ ڪوشش ڪندا آهيون.

هن کان اڳ ريڊئي پاڪستان ڪراچي جي سنڌي ادبي پروگرام

”رسالي“ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي هڪ ناماياري ليکڪ ۽ ڀٽائيءَ جي شارح عبدالرحمان نقاش هڪ هڪ ڪري ڀٽائيءَ جي رسالي جي مڙني سرن جي مفهوم ۽ تفصيلي تعارف اوهان سان ڪرايو هو. هاڻي هن پروگرام ۾ منهنجي ڪوشش اها هوندي تہ ”آنڌائون عميق مان“ واري عنوان سان اوهان آڏو شاهہ جي رسالي جو معنوي پهلو کڻي ان راز کي پروڙڻ جي ڪوشش ڪريان جنهن جي ڪري ڀٽائيءَ جو ڪلام اوهان ۽ اسان لاءِ هر گهڙي ۽ هر پلڪ موهيندڙ تو لڳي ۽ سدا سهاڳڻ راڳڻي پيرويءَ جيان هر وقت ٻڌڻ سان روحاني سڪون تو بخشي ۽ بلڪل ايئن تو محسوس ٿئي جڻ هر بيت اسان جي دل تي رشيل ڪنهن نہ ڪنهن ڦٽ تي ڦهو رکندو هجي.

منهنجو خيال آهي تہ ڀٽائي صاحب جي شاعريءَ ۾ جيڪا موهت ڀريل آهي ان جو هڪ سبب اهو بہ آهي تہ هو عوام جي اهڙن ڏکن ڏوجهرن دردن ۽ دانهن جي اپٽار ڪري ٿو جيڪي اسان ۽ توهان جي اندر ۾ برابر ولهوت ڪائي رهيا آهن پر اسان انهن جو اظهار ڪري نہ ٿا سگهون. عام طور تي سمجهيو ويندو آهي تہ ڀٽائي صاحب مومل راڻو، عمر مارئي، سسئي پنهون، نوري ڄام تماچي ۽ سورٺ راءِ ڏياچ وغيره وارا لوڪ قصا ۽ ڪهاڻيون ڳاتيون آهن ۽ بس. جيڪڏهن واقعي ايئن هجي ها تہ پوءِ ڀٽائي صاحب کي سنڌ ۾ توڙي باقي دنيا ۾ ايڏو عظيم شاعر تسليم نہ ڪيو وڃي ها، ڇاڪاڻ تہ سنڌ جون اهي لوڪ ڪهاڻيون ڀٽائي صاحب جي ڏور کان سوين سال پراڻيون آهن ۽ هن کان اڳ بي شمار سنڌي شاعرن انهن کي چڱي طرح ڳاتو آهي. اصل ڳالهہ اها آهي تہ دنيا جي ٻين عظيم شاعرن وانگي ڀٽائي صاحب جي شاعري پڻ تمثيلي ۽ علامتي آهي. علامتي شاعري جي نشاني اها آهي تہ ظاهري ڳالهہ ڪا ٻي هوندي آهي ۽ ان جي ڀنيان راز ڪو ٻيون سمايل هوندو آهي. اهڙي شاعري ڪرڻ جي ضرورت پڻ اهڙي دور ۾ پيش ايندي آهي جنهن ۾ سچ چوڻ تي بندش هجي ۽ سچي سنواٽي ڳالهہ وقت جي حاڪمن کي نہ وڻندي هجي. شايد اهو ئي سبب هو جو ڀٽائي صاحب ايئن چوڻ تي مجبور ٿيو هو تہ: اڱهيو ڪائو ڪچ، ماڻکن موٽ تي. پلئہ پايو سچ، آ چيندي لڄ مران ۔ ۽ جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ واقعي ڀٽائي

صاحب جي دور ۾ بي انتها گهٽ ۽ ٻُوسٽ هئي. سنڌ ۾ تنگ نظر مذهبي حڪمران ڪلهوڙن جو راڄ هو ۽ دهلي سلطنت جنهن جو سنڌ ان وقت هڪ ننڍڙو حصو هئي. ان تي ڪلهوڙن کان به وڌيڪ ڪٽر مذهبي مغل گهراڻي جا حڪمران حڪومت ڪندا هئا. ڀٽائي صاحب 1689 عيسوي ۾ پيدا ٿيو هو ۽ جڏهن 28 ورهين جو ٿيو هو ته سنڌ ۾ شاهه عنايت صوفي پاران هلايل پيڙهيل هارين جي تحريڪ کي 1718ع ۾ چيپاٽيو ويو هو ۽ شاهه عنايت سميت بي شمار صوفي منش ماڻهن کي ڦاسي ۽ جيلن جون سزائون ڏنيون ويون هيون. انگريزن جي ايسٽ انڊيا ڪمپني جون سنڌ ۾ سرگرميون في الحال ته بند هيون پر ملڪ جي بين خطي ۾ انگريزن جون ڌاڙايون جاري هيون. ڀٽائي جي سنڌ کي نڌڻڪي ڌرتي سمجهي 1739ع ۾ نادر شاهه جي حملي کان پوءِ 1747ع ۾ احمد شاهه ابدالي جي ڪاهه جي ڪري دهلي سلطنت مان ٻاهر ڪڍي ڪابل سلطنت جي اثر هيٺ غلام بڻايو ويو. ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جو ٽڪر جاري هو ۽ مقامي توڙي بين الاقوامي ڌاڙاگيري ۽ دهشتگرديءَ جي ان دور ۾ ڪو به عقل ۽ انسانيت جي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار نه هو. ان ڪري ئي ڀٽائي صاحب لکيو هو ته: ڏک لڳو، ڏونگر ٻريو، ڀينر ڪاڻي پون _ مَنان لاٿو مون، سندو جيئڻ آسرو.“

سو سائين، اهڙيءَ ڏکيءَ صورتحال ۾ ڀٽائي صاحب عوام جا مسئلا، فصلن جي تباهي، معصوم ماڻهن جا قتلام، ڌارين جا حملا، سنڌ جي جهنگلن جي تباهي، ان، مڇي، لوڻ، ڪپهه ۽ معدني وسيلن جي ڦرلٽ سان گڏ حڪمران نجي ڌاڙائيءَ خلاف آواز اٿارڻ جي سلسلي ۾ اهو ئي بهتر سمجهيو ته اهو سڀ ڪجهه قديم سنڌي لوڪ ڪهاڻين جي اوٽ ۾ ئي ڪري سگهجي ٿو. اهڙي طرح هن سسئي پنهون جي پنجن داستانن ۾ اشارن رمزن سان پين ڳالهين کان علاوه پنهنجي دور جي درد ۽ ان جي پيڙا کي نروار ڪيو. اهڙي طرح سسئي وارن سرن ۾ ڀٽائي صاحب جي شاعريءَ جا جيڪي اهم موضوع نظر اچن ٿا انهن ۾ مقصد کي رسڻ لاءِ جدوجهد، سسئي جو عزم، پنهنجي دور جو درد، ڏک، ڳوندر ۽ پيڙا توڙي عام ماڻهوءَ جي حالت بيان ڪئي اٿس ۽ اهڙيءَ طرح هڪ غير روايتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪردار تخليق ڪيو اٿس جنهن کي پاڻ "ڏکي" ڪوٺي ٿو.

سو، هن پروگرام ۾ ڀٽائي جي رسالي بابت اوهان سان جيڪا ڪچهري ٿيندي ان ۾ مختلف موضوعن تي لکيل ڀٽائيءَ صاحب جا بيت پڙهيا ويندا ۽ انهن جي مختصر معنيٰ ۽ سمجهاڻي هوندي. شروعات جنهن موضوع سان ڪنداسون اهو هوندو ڏک جنهن جو "گوندر" ۽ "سور" جي نالن سان به رسالي ۾ ذڪر مليو ٿو. ان کان پوءِ "ڏکيءَ" جي ڪردار تي ڀٽائي صاحب جي شاعري پڙهنداسون جنهن مان معلوم ٿيندو ته اهو ڪردار ان وقت جو ماڻهو آهي، ان سان گڏ ٻيا به موضوع بحث ۾ ايندا جهڙوڪ موت، سونهن، جنگ، شهيد، پورهيت، ڏڪار، وسڪارو، سنڌو درياءُ، سنڌ جا جبل، قيد جي شاعري، سنڌ جون رسمون ۽ رواج، سنڌ جون اقتصادي حالتون، حياتي، ڦوڙائو/ فراق، وصال، انسان ۽ الله تعاليٰ توڙي پکي، پسون ۽ جانور وغيره ايندڙ پروگرام کان اسان مڙني وچورن سميت شاهه جي رسالي جو موضوعاتي مطالعو ڪنداسون جنهن جو پهريون موضوع هوندو "ڏک" سور يا گوندر.

ڪَنهين ڪَنهين ماڻهئين، گوندر وڏي وَٽُ
ٻڌي گوڏ گرٽُ، سانڊو ڪجي سُور جو.

يعني ڪن ماڻهن لاءِ سور درد يا گوندر وڏي شي هوندو آهي، اهڙي شي کي هٿ ۾ يا گوڏ ۾ ناڻو سمجهي ٻڌي ان جو واپار ڪجي. ان ڪچهريءَ ۾ ڏک جو فلسفو جيئن ڀٽائي ان کي سمجهيو آهي، ان جي اپٽار ڪئي ويندي ۽ سکن توڙي ڏکن جو پاڻ ۾ ناتو پڻ تفصيل سان بيان ڪيو ويندو.

ڏک، سُکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري
جنين جي ورونهن، سڄڻ آيو مان گري.

ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ ڏک

قسط :2

اڳئين ڀيري اوهان سان ڀٽائي صاحب جي شاعريءَ بابت جيڪا ڪچهري ٿي هئي ان ۾ رسالي جي موضوعوار ترتيب جي سلسلي ۾ جيڪو

ڀهريون موضوع شروع ڪيو ويو هو. سو هو گوندر، درد، ڏک يا سور “ مقصد اهو هيو ته رسالي جي مختلف سرن مان انهيءَ موضوع تي چيل بيت چونڊي هڪ جاءِ تي رکي ان موضوع تي ڀٽائي صاحب جي فلسفي ۽ فڪر بابت اوهان سان اورجي. اوهان کي اها پليءَ پٽ پروڙ آهي ته ڀٽائي صاحب جي قديم رسالن کان وٺي گنج تائين ۽ گنج کان وٺي”اَمُل اڻ توريا“تائين مڙني رسالن جي ترتيب سروار آهي ۽ سريمن ڪلياڻ کان وٺي رسالو شروع ٿئي ٿو جنهن ۾ سرن جي ترتيب سنڌ جي قديم لوڪ قصن جهروڪ عمر مارئي، سسئي، پنهون، سهڻي ميهار، نوري ڄام تماچي وغيره توڙي هند ۽ سنڌ جي موسيقي جهڙوڪ ڪلياڻ، ڪوهياري، ڪنيات، راڻو، ڪاموڏ وغيره تي ٻڌل آهي. هن پروگرام ۾ منهنجي ڪوشش اها ٿي هوندي ته ڀٽائي صاحب جي شاعريءَ کي هڪ مختلف ڏسَ ۾ پڙهڻ جي ڪوشش ڪجي ته ڏسجي ته جن موضوعن تي دنيا جي عظيم شاعرن طبع آزمائي ڪئي آهي، انهن تي اسان جي مها ڪويءَ ڇا چيو آهي-جي سچ پڇو ته ”موت“ ”حسن“ ۽ ”زندگي“ وغيره جهڙن عالمگير موضوعن تي دنيا جي مڙني شاعرن برابر گهڻو ڪجهه لکيو آهي پر جڏهن انهن موضوعن تي ڀٽائي جي فلسفي ۽ سوچ کي پرکجي ٿو ته سندس ٿي لفظن ۾ چوڻو پوي ٿو ته: ”آسڻ جن اَريج، تن جي وِههَ جو وَرَنُ پيو.“

سو اڄو ته هاڻي اڄوڪي موضوع ڏانهن اچون ۽ ڏسون ته ڏُک، سور، درد يا گوندر بابت مختلف سرن ۾ ڀٽائي صاحب ڇا چيو آهي. ان حوالي سان اڳئين پروگرام ۾ اوهان به بيت ٻڌا هئا جن ۾ ڀٽائي صاحب چيو هو ته، ڏک، سکن جي سونهن هوندا آهن يعني سک ڏکن کانسواءِ ٻُسا ۽ ڇُسا، ڪوجها ۽ ڪُوڙا ٿيندا آهن ۽ ٻئي بيت ۾ هن واضح ڪيو هو ته ڪن ڪن ماڻهن لاءِ ڏک وڏي وَٿُ هوندا آهن. ڇاڪاڻ ته هو ڏکن کي ڏوري ۽ ڏک درد پوکي ڪاميابيءَ جي منزلن کي رسندا آهن-۽ اها هڪ آفاقي، سچي ۽ سماجي حقيقت آهي ته جدوجهد کانسواءِ منزل نه ملندي آهي:”ڪڏهن ڪا نه سئي ته ڪا سَگهي گڏي سجڻين“ ٻک کانسواءِ مانيءَ ۾ مزو نه هوندو آهي ۽ اڃ کانسواءِ پاڻي مٺو نه لڳندو آهي پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتي سوال اهو آهي تہ ڇا پيائي صاحب ڇاڻي واڻي، ڏکن کي پسند ڪيو آهي ۽ سکن کي پاڻ کان پري رکيو اٿس ـ اصل ۾ ايئن ناهي. پيائي ۽ هن جي عوام تي جڏهن سور پالوٽ ٿي اُٿا آهن. تڏهن هن پنهنجي شاعريءَ وسيلي عوام کي ان لاءِ تيار ڪيو آهي تہ هو سکن جا هيراڪ ٿيڻ بدران دکن دردن جي پوڄنا جي پاڻ ۾ همت پئدا ڪن.

ڏک لڳو، ڏونگر ڀريو، پيئر ڪاٽي پيون
منان لاٿو مون، سندو جيئڻ آسرو.

پيائي جي ديس ۾ ٽيل اهڙا ڪلور سندس ڪيترن ئي سرن ۽ بيتن ۾ نظر اچن ٿا جڏهن هو چوي ٿو تہ ”ڪاڪ ڪڙهي، وڻ ويا، لوئو لڏاڻو. ”ڪي ڏر ٽتي ماءِ، ڪي ڇر سنڌي سڇٽين، نہ ڪتا نہ ڪوڪار، نہ سي سڏ شڪارئن جهنگل ڪڏي پار، اپو آهيڙين ڪي.“ نہ ڪا بوءِ بازار ۾، نہ ڪا چلر چت نہ سي ووڻ وٽن ۾ نہ سي ڪا تاريون، ڏسي بازاريون هينئڙو مون لوڻ ٿئي.“ يا بکيءَ ڪل مرَ اڇهي، ڏکيءَ ڏمر نانهہ، اگهاڙيءَ وهانءِ، ويو وينچاريءَ وسري وغيره ۽ اهڙين بين ڪيترن ئي بيتن ۾ اهڙي صورتحال بيان ڪيل آهي جنهن مان پتو پوي ٿو تہ پيائي جي پونءِ تي ڏکن ڏوجهرن ۽ دکن دردن جا ڪڪر ڇانيل آهن.

ان حالت ۾ پيائي صاحب، سنڌي عوام کي بہ سبق ڏنا آهن: هڪ تہ ڏک برداشت ڪري جدوجهد کي جاري رکيو وڃي ۽ ٻيو تہ ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون گهر وينئي نہ ماڻي سگهبيون آهن. اهو ئي سبب آهي جو پيائي صاحب ڏکن کي دعوت ٿو ڏئي، گوندر وسيلي گذران ٿو ڪري ۽ پيڙا سان پيار ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو. سندس فلسفي مطابق ڏک ۽ درد انسان جي رهنمائي ڪَن ٿا ـ اِنهيءَ منزل ڏانهن جتي سکن جي سڌ ڪندڙ رسي نہ ٿا سگهن. چئي ٿو: ڏيکاريس ڏکن، گُوندر گس پرين جو ـ سونهائي سورن کي هيڪاندي هوت سين.“ سَئو سکن ڏيئي، وِرهہ وِهايم هيڪڙو ـ مون کي تنهن نيئي، پير ڏيکاريو پرينءَ جو. سورن لڌو سَجُهہ، پاڻهي پيهي آئيا. ڪنهن کي ڏيان مَنجهہ، مَر تان چٽڪن چتَ ۾.“ اهو ئي سبب آهي جو پيائي سورن کي سڏ ٿو ڪري، جدوجهد ۽ جاکوڙ محنت ۽ مامري جو شوق ٿو رکي: ”سور مَ منج ساءِ، آءٌ نہ وکني آهيان.“(يعني آءٌ

سورن کان بيزار نہ ٿي آهيان)“وڄج مَ ويل ڪهين، ورهَ مون وٽانءِ، تون پڻ تڏهن جاءِ، جڏهن ٿيان هيڪاندي هوت سين.“ يا وري هيُءِ هنڌ چوي ٿو تہ:

پيڙي پيڙي پڌ، سورائتي سندرو،
ڪَيَچ اڳاهون پنڌ، متان لڪن سين لڳي مرين.

پيڙا سان پيار ڪي جاڪوڙ ذريعي منزل تي رسڻ جو ذريعو سمجهي پيتائي سورن کي ہڪ وجهي ويهي ٿو ۽ چوي ٿو: سورَ مَ وڃيجاءِ، سڄڻ جيئن سانگ ويا. پرين پڇاڻاءِ آئون اوهان سين اوريان.“ اهڙي طرح پيتائي جو وجود خود هڪ”سُور“بڻجيو وڃي ۽ ان ڪري هو جنهن سان بہ اوري ٿو سو انهيءَ نعمت سان نوازجي وڃي ٿو: ڪنهن جنهن ڏکان ڏي“پارانيا ڪي پانڌئين، سور پريائين سي، ڳالهہ ڪيائين جن سين.“ هن جي نظر ۾ خود منزل جو پرتوو”درد“ٿيو پوي، چئي ٿو: هر دم هوت پنهون جون ڏسڻ پانئج ڏک. ورهوءِ پنهونءَ سان پلڪ ـ ٻَنِ ٻارهن ماهَ ٻين سان.“ اهو ئي سبب آهي جو پيتائي جا آدرشي ڪردار ـ سور کي پنهنجي لاءِ قوت قرار ڏين ٿا. وڳر اڪيري، سر ساريو سور چري ـ جهري جهڄندي ڏي، سنيها کي سڄڻين.“ يا، ڏک ٻڌائين سندرو، سر رکيائين پيٽ“ ڪامون ٿيندي ڏيٺ، پيهر پارو چن سين.“

هتي ڏک جي موضوع تي گهڻو ڪري اهيٰ بيت پڙهياسين جيڪي پيتائي صاحب سسئي جي پنجن سرن ۾ چيا آهن. هنن بيتن ۾ شاعر سسئي کي ”سور“ جي علامت ڪري پيش ڪيو آهي: پنهون ٿيس پاڻ، سَسئي تان سُور هئا.“پر ان موضوع تي پيتائي صاحب رڳو سسئي جي پنجن سرنُ ۾ ئي ذڪر نہ ڪيو آهي. سور وارو موضوع پيتائي جي هر سر ۾ اوتيل آهي. ۽ خاص ڪري سر سامونڊي، ڏهر، يمن ڪلياڻ ۽ ٻين سرن ۾ بہ ڀرپور انداز ۾ ملي ٿو. جنهن جو مفهوم پنهنجي جاءِ تي انوکو ۽ سوچڻ تي مجبور ڪرڻ سان گڏ ”سکن واري سڌ “جي تڪميل واري راز تان پڻ پردو کڻي ٿو. سر يمن ڪلياڻ جنهن کي عام طور تي پيتائي جو مذهبي سر سمجهيو ويندو آهي ان ۾ سوري، واڍوڙ ـ سري جا پياڪ: متارا، ڳچين جا ڳچ قربان ڪرڻ وارا پتنگ ۽ اندااوندا ويڄ وغيره خاص موضوع ملن ٿا ۽ انهيءَ سر ۾ سور واري موضوع کي پيتائي صاحب ”چڪيم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڱائي سورانگھي سوري کي"واري مفهوم سان بيان ڪيو آهي.

"ڦهرئين ڪاتي ڀاءِ، ڀڃج ڀوءِ ڀريتٽو-ڏک ڀريان جو ڏيل ۾، واڇٽ جيئن وڇاءِ، سيخن ماهه ڀڇاءِ، نالو ڳٽڙئي نينهن جو" واڍوڙ ڀٽائي صاحب جا اهي ڪردار آهن جيڪي وڏيل چڇريل ۽ گهايل آهن جوڏا آهن:"رهي اڇج رانتڙي تن واڍوڙين وٽاءِ، جن ڪي سور سرير ۾ گهٽ منجهاران گهاءِ لڪائي لوڪاءِ، ڀاٽيهي ٻڌن ڀٽيون" هنن ڪونڌر ڪردارن جي تصوير، چٽيندي ڀٽائي پنهنجي شاعريءَ جي ڪئنواس تي جيڪو ريٽو رنگ هاري ٿو اهو ڏک جو اهڃاڻ آهي، ڳونڌر آهي ۽ سور جي تصوير آهي؟ ويچارا واڍوڙ سدا شاڪر سور سين: تاٽين متي توڙ اوري ڪن نہ آسرو." يا وري چوي ٿو:"سدا آهي سور جي واڍوڙين وائي، جيڪا اٽن من ۾، سلن نہ سائي، اوڙڪ اهائي، ڳوليو لهن ڳالهڙي" واڍوڙين لاءِ سورڪهڙي معنيٰ رکي ٿو ان ڪي چڱا ڀلا، تلها متارا ۽ سُکي ماٽهو سمجهي نہ سگهندا. اِن حقيقت کي بيان ڪندي ڀٽائي صاحب چوي ٿو: سَگهن سَڌ نہ سور جي، ٿا رُنڪَنَ رنجوري- ڀيا آهن ڀٽ ۾ متن ماموري لڳين لنو لطيف چئي، سدا جي سوري- ڀرت جن ڀوري، تن رويو وهامي رانتڙي. سگهن سُڌ نہ سور جي، تہ گهايل ڪيئن گهارين- ڀيل ڀاسو ڀٽ تان، واڍوڙ نہ وارين، ڀر ۾ ڀڇن ڀرينءَ لئہ، هئہ هنجون هارين- سڄڻ جي سارين، تن رويو وهامي رانتڙي.

سو سائين، ايندڙ ڪچهري ۾ ڀاڻ سور جي نفسياتي ڪيفيت ۽ ايذاءَ جو جائزو ڀٽائي صاحب جي ڪجهہ وڏيڪ سرن جي روشنيءَ ۾ وٺنداسون جن ۾ سر ڏهر، سامونڊي، مارئي، ڪاموڏ وغيره شامل هوندا. پنهنجي ايندڙ ڪچهري ۾ ڏکن سورن جي سماجي ڪارج ۽ پرماري ڪردار واري ڪيفيت تي بہ حال احوال ڪنداسون ۽ رهنمائي ڏيندو اسان جو سدا حيات عظيم فيلسوف ۽ شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي.

نڪي رئڻ واريون، نڪي او سارين
مُنهين ڪي مارينُ، منهين سندا ڏکڙا.

قسط: 3

رسالي جي موضوعاتي مطالعي جي سلسلي ۾ گذريل ڪچهري ڪان

وٽي اسان جو موضوع گوندر، سور يا ڏک رهيو آهي، اڄ هن پروگرام ۾ پٽائي صاحب جي ڪجهه وڌيڪ سٽن مان ان موضوع تي بيت ۽ انهن جي ڪيفيت بابت اوهان سان رهاڻ ٿيندي.

”گوندر هَٽُ نہ پير، وِرهہُ منجهئين وَهٽو، ڪُڙَهہ ۾ قطارون ڪري، سورن لايا سير، مون جيئن گهاري ڪير، هيڪلي ريءَ سڄڻين.“

پٽائي صاحب، سرِپَ جي هن بيت ۾ بحث هيٺ آيل موضوع جي وصف بيان ڪئي آهي تہ گوندر ڪي هٽ پير نہ ٿيندا آهن. سور هڪ ايذائيندڙ ڪيفيت جو نالو آهي ۽ اندر ۾ اڏمي جي صورت وٺي ولهوت ڪائيندڙ هڪ وِرهہُ آهي. ڏکن ۽ سورن جي پالوت پٽائي ۽ هن جي ڪردارن جي من تي ڪهڙي انداز سان ٿئي ٿي. اچو تہ ان جو مشاهدو ڪريون:

”سانگهارو سورن، ڪڏهن تان ڪين ڪيو۔آيل اويارو ٻاڙودو ٻوڙ وهي۔ سور پاٽي مثل آهن جيڪي ان ڪوهہ مان سڪي نہ ٿا سڪن جنهن ۾ نار وهي ٿو. سانگهارو سورن ڪڏهن تان ڪو نہ ڏنو۔ ٻاٽڙ ٻوڙ وهن، ڪالهوٽا اڄ گهٽا.“

سانگهارو نار واري ڪوهہ مان پاڻي جي سڪيُ وڃڻ واري حالت ڪي چٽبو آهي، پر پٽائي صاحب جي اندر واري ڪوهہ ۾ سورن ٻوڏ آٽي چڏي آهي۔”سور نہ ساڳاهين، ڏين اڏما اوچتا، مون ڪي مون پرين جا آميا آهين، لڄون جي لاهين، سي ٿي ٿيم سامهان.“ هتي درد اڏمي وانگي سينو چيري ٻاهر نڪرندي ڏيکاريو ويو آهي جيڪو شاعر ڪي ڏونڌاڙي ۽ چيچاڙي وجهي ٿو. سور مَ ڏي ڏوڻ، آءُ اڳهين ڪاهري، جيئن پر پاٽيءَ لوڻ، تيئن پر منهنجو جندڙو۔“ سور بہ پتون پَتِ هي چٽڪيو ڪي ٻيو پريتڻي پرينءَ جي، ماءُ منجهايم مت۔پينر پليءَ پت، لڳم پاڻ ٻروچ جو۔هتي درد جو تسلسل تہ ڏسو: اجا رات رتوم، ڪوڏ ڪوهياري ڪنجرو۔ پينر پچايوم، سياٽي سورن سين.“ رات جو اجا پنهنجو چولو رت سان ڳاڙهو ڪيو اٿم ۽ ڏينهن ٿيندي ئي ان ڪي سورن سان ڏوتو اٿم ۽ اهو سڀ ڪجهہ ڪوهياري جي قرب جي ڪري ٿيو آهي،”نڪو سنڌو سور جو، نڪو سنڌو سڪ، عدد ناهہ عشق، پچاٽي پاڻ لهي۔“ ”ڏٺي ڏينهن ٿيام، ڪهہ چاٽان ڪهڙا پرين ۔ولين جيئن

وريام، گوندر غم پرين جا" هاٽي ڏک، وڻ ويڙهيءَ جان وجود کي وڪوڙي ويا آهن ۽ هانوَ ۾ ٽنگ ڪرڻ لڳا آهن: اڏوهيءَ جيئن ڏکڙا، چڙهيا چوٽيءَ سين آيل ڪريان ڪيئن، منهنجو نينهن اپليو نا رهي." درد جي هيءَ ڪيفيت ڀٽائي لاءِ، هن جي ڪردارن لاءِ، هن جي ڌرتي ۽ عوام لاءِ اڻ ڪٽ، اڻ مٽي ۽ لاڳيتي آهي، جنهن جو ذڪر هن رسالي ۾ بار بار پئي ڪيو آهي: سرڏهر جي پهرين داستان جو 16 بيت آهي: "ڪُنڌي ڪَلين وچ ۾ جڏهن هنياٺون_ موت نہ مارياٺون، ڏور ڏٺي ويا ڏک جي_" اهو عوامُ سان عشق، مارن سان ميٺ ۽ پنهوارن سان پريت جو منطقي نتيجو آهي جنهن ۾ موت جو مزو ۽ شهادت وارو اعزاز لکل آهي، ان ڪري ئي ڀٽائي سورن کي آسيس ڪري قبوليو آهي ۽ منزل ماڻڻ لاءِ انهن کي سونهون سمجهي ڪين دعوت ٿو ڏئي: سور مَ وڃيجاءِ، سڄڻ جيئن سانگ ويا_پرين پڇاڻٿاءِ، آءُ اوهان سين اوريان." چئي ٿو: هيڪليائي هيل، پورينديس پنهونءَ ڏي، آڏا ڏونگر لڪيون، سُوريون سُڄن سَيل_ڪر ٻيلي آهن ٻيل، جي سور پرين جا ساڻ مون_" يعني جيڪڏهن پرين جا سور مون سان گڏ آهن تہ مان اڪيلو ناهيان، اسان ٻہ ڄڻا آهيون ۽ اهڙي طرح اها مجموعي صورتحال جيڪا سندس لاءِ، سندس ڌرتي ۽ عوام لاءِ 17 عيسوي جي پوئين اڌ ۽ ارڙهين صدي عيسوي جي پهرين اڌ دوران موجود هئي ان جو ذڪر ڪندي اسان جو مُهان قومي شاعر چوي ٿو: "سرجيس تہ سور، ساماڻيس تہ سک ويا، اهي هئي پور، مون نماڻيءَ نصيب ٿيا."

پر ڀٽائي صاحب انهن ڏکن ڏوجهرن کي، ڏکن دردن کي ۽ تڪليفن کي منزل تي رسڻ واري مقصد لاءِ فائدي مند ٿو سمجهي ۽ جدوجهد جي ڪشالن کي گهر ۾ ملندڙ آرائش کان بهتر ٿو سمجهي، چئي ٿو: وَرُلڪن جي لوڏ، گهوريا سک پنهور جا_امڙ جي تون آڇئين، سي ڪم نہ اچن ڪوڏ_هنئين منهنجي هوڏ، ٻڌي ٻاروچن سين." زندگي کي زندهہ دليءَ سان گهارڻ لاءِ هي سڀ ڪجهہ ضروري آهي: "ڏنا جيئڻ لئہ جيڏيون، ڏيرن مون کي ڏکَ ڀڳس جان ڀنيور ڪان، تان سورمڙوئي سک_ لٿي مون تان لُڪَ، پنهون تيس پاٺهي، ڏکون، بکون، ڏاکڙا، ڪارڻ جن ڪيام_ موٽي ماءِ ڀنيور ۾، اگڻ سي آيام."هاٽي منزل تائين رسائي ممڪن ٿي آهي ڇاڪاڻ تہ ڏکن جو ڏونگر اڪاريو ويو آهي." آيا آس ٿيام، ٻاروچا

www.sindhsalamat.com , books.sindhsalamat.com

پنيور ۾۔ پسي پهر پنهونءَ جي، ننهن سنين نينڻ نرپام، گوندر وسريام، سُکن شاخونُ مکيون۔" مارئيءَ جي سر ۾ فتح ۽ ڪامرانيءَ جي اها ڪيفيت ڏسو ته ڪيئن ٿو بيان ڪري: چئي ٿو مارو ملڻ‍ان؛ پکي پيهي آئيو۔ چُناسون سُوران، هاٿو سپ هيٺا ٿيا."

دنيا جي ورلي ڪنهن شاعر درد، سور ۽ جاکوڙ ڪي زندگي ۾ ڪامرانين ۽ ڪاميابين جو راز چاٽي اهڙي پيار سان ڳاتو هوندو جيئن پٽائي صاحب پنهنجي رسالي ۾ ڪيو آهي، اهو ئي سبب آهي جو هو سورن جي سبق کي عشق جي امتحان لاءِ لازمي سمجهي ٿو، چوي ٿو:"جي پانئين پرينءَ مڙان، ته سِکُ چوران ڪي ذات، جاڳڻ جشن جن ڪيِ، سُک نہ ساري رات۔اڇهي پجهي آئيا، وائي ڪن نہ وات۔سلي سوريءَ چاڙهيا، بيان ڪن نہ بات، توٽي ڪُسن ڪات، ته بہ ساڳي سلن ڪين ڪي۔" يا وري چوي ٿو: جن کي دور درد جو، سبق سور پڙهن، فڪر ڦرهي هٿ ۾، مات مطالعو ڪن، پنو سو پڙهن، جنهن ۾ پسن، پرينءَ کي۔"

اهو ئي انقلابي فڪر آهي جنهن پٽائي کي دنيا جي عظيم شاعرن جي سٽ ۾ آڻي بيهاريو آهي ۽ سنڌ جي ماضي، حال ۽ مستقبل جو اڻ متجندڙ ترقي پسند ۽ انقلابي اڳواڻ بڻائي ڇڏيو آهي: سنڌس انقلابي شاعريَ سنڌس ئي ڪردارن مان بکي رهي آهي:"ڪيم ڪاپڙين جي، پهرين ڏينهن پروڙ ۔سگها ساعت نہ هيڪڙي، چارئي پهر چور۔سدائين سيد چئي، سنياسي ۾ سُور۔جوڳي ساڻ ضرور لڪا پٽن لوڪ ۾۔ پٽائي جا اهي انڊر گرائونڊ ڪم ڪندڙ ڪردار عوام سان بہ رابطي ۾ آهن ۽ مظلوم انسانيت جي حالت سنوارڻ جي پڻ فڪر ۾ آهن:"ڪنهن جنهن پُور پچائيا، پنجين ڏينهن پئي۔اندر آديسين کي سورن شاخ ڪئي۔محبت جي ميدان ۾ لاشڪ پيا لهي، ساري رات سيد چئي تن گوندر منجهہ گئي۔ڪريو سڻ سهي، لڪا پٽن لوڪ ۾.

پٽائي جي انهن انقلابي ڪردارن ڪڏهن سهٽي جي روپ ۾ پئي ڏک ڏٺا،"ڏاڍو دور درياءَ جو۔ سڪڻ وڏو سُور، ته ڪڏهن مومل وانگي محبت جي مچ ۾ پئي سڙيا:"سوڍا تنهنجي سور۔اندر آڳيون لائيون۔" ۽ ڪڏهن مارئي وانگي"

هٿئين هٿ ڪڙول، ڇنگهون ٻانهون ڪاٽ ۾ـ" هيڻ واري حالت ۾ پوڳي رهيا هٿا:"مون ماڙيءَ جو سومرا ٻنهي پارين ڏک، هٿ عمر جو اُهُک، هٿ مارو ڏينم ميهٽا." پر انهن ڪردارن جي عظمت جو راز ۽ اهڙن ڪردارن جي تخليقڪار جي فلسفي جو نچوڙ اهو هو تہ"ڏک سکن جي سونهن۔ گهوريا سک ڏکن ري ـ" سماجي توڙي سياسي حقيقت جو بنياد اهو هو تہ: "ڏيکاريس ڏکن. گوندر گس پرين جو." جي ايئن نہ هجي ها تہ پيٽائي هئين نہ چئي ها تہ:"سو سکن ڏيئي، وِرهہ وهايم هيڪڙو۔مون کي تنهن نيئي، پير ڏيکاريو پرينءَ جو۔"

سو سائين، ڏکُ ـڏيا ڏئي ٿو ۽ سک روڳي بڻائي ٿو۔ايندڙ ڪچهري ۾ پاڻ ڏکن جي ڏيا سان سينگاريل پيٽائي جي هڪ غير روايتي ڪردار بابت رهاڻ ڪنداسون جنهن کي پاڻ پيار ۽ پاپوهہ وچان،"ڏکي" ڪري پيش ڪيو اٿس اهڙي طرح اسان جي ايندڙ ڪچهريءَ جو موضوع هوندو"ڏکي."

منهنجو خيال آهي تہ هن ڪردار جي اوٽ ۾ پيٽائي صاحب سنڌ جي سيني کان وڏيڪ مظلوم ماڻهوءَ، مرد توڙي عورت، پورهيت ۽ پاڻياري جو ڪردار پنهنجي ذات جي مڙني رنگن سان پنهنجي شاعريءَ جي ڪئنواس تي چٽيو آهي، ان عالمگير ڪردار جي هڪ جهلڪ هن سٽ مان اوهان کي محسوس ٿي سگهندي.

"ڏکي توءِ ڏڪار، توڻي وسن مينهڙا"

تہ پوءِ هاڻي، ايندڙ ڪچهري تائين موڪلاڻي ناهي۔

پيٽائيءَ جو غير روايتي ڪردار"ڏکي"

قسط: 4

ڏکي، پيٽائي جي رسالي جو هڪ لاڳيتو موضوع بہ آهي ۽ سندس غير روايتي ڪردار پڻ ـمارئي، سسئي، سهڻي، نوري، سورٺ، مورڙو، ميهار، پنهون، عمر، راءِ ڏياچ ۽ وڳند توڙي لاکو ڦلاڻي يا جادم جکرو رسالي جا اهڙا ڪردار آهن جيڪي سچا پچا آهن ۽ جن جو سنڌ جي تاريخ ۾ ذڪر ملي ٿو. ان ڪري اهڙن ڪردارن کي پيٽائي صاحب جا"روايتي"ڪردار ڪري ڪوٺجي ٿو پر رسالي ۾ ڪي

اهڙا به ڪردار ملن ٿا جيڪي پٽائي صاحب پاڻ تخليق ڪيا آهن ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ سنڌس دور ڪان اڳ يا ته بلڪل ڳايا نه ويا آهن يا وري اهڙي تفصيل سان نه چٽيا ويا آهن. اهڙو هڪ ٻيو غير روايتي ڪردار جنهن جو رسالي ۾ ذڪر ملي ٿو سو آهي "وَهُون" يعني ڌاڙيل، جنهن جا به مختلف روپ اسان جي شاعر سر سامونڊي ۽ سر ڪيڏاري ۾ پيش ڪيا آهن، سر سامونڊيءَ ۾ ان ٻئي غير روايتي ڪردار بابت هڪ بيت پڙهو: "اپيون تڙ پوڇين، وَهون وڻجارن جون، آٽيو اڪا ڏين- ڪٿوري سمونڊ ڪي" -اهو ساڳيو ڪردار ساڳي سر ۾ ڇُرِڀُرِ ۾ ڏيکاريندي پٽائي چوي ٿو: جر ٿَرِ ڏيا ڏئي، وڻ ٽڻ ٻڌي وانئيون- آلا، ڪانڌ اچي، آسائتي آهيان." پٽائي جو هيءُ ڪردار معصوم عام ۽ سچائي توڙي مظلوميت سان ٽمٽار هڪ ڏکويل عورت جو ڪردار آهي-پر سر ڪيڏاريَ واريون وهون انقلابي ۽ جهيڙيندڙ عورت جو ڪردار پيش ڪن ٿيون، ڇپر جيئن پهون تيئن رڻ ڳجهن رانئيو.(يعني جيئن جبل تي ٻڪريون چڙهنديون آهن، تيئن جنگ جو ميدان ڳجهن ساڻ پرجي ويو آهي.) ونڪا ونڪن ڳنڍيا، ٻوڙيو ڏين ڍهون- مُهاين وَهون نير مهانگو ڪنديون." هنن بهادرن جون ڌاڙيل پنهنجن مڙسن جي شهادت خلاف احتجاج طور پنهنجا ڪپڙا نير مان ڪارا ڪنديون ۽ ان ڪري نير واري واپاري جنس مهانگي ٿي ويندي. هن بيت مان ان تاريخي حقيقت جو اندازو ٿئي ٿو ته پٽائي صاحب جي دور ۾ سنڌ اندر ايڏا وڏا قتلام ٿيا آهن جو نِيرُ مهانگو ٿي ويو آهي، هتي ياد رکڻ گهرجي ته نيرُ سنڌ جي انهن تمام اهم اقتصادي جنسن مان هڪ هو، جنهن جو ايسٽ انڊيا ڪمپني واپار ڪندي هئي.

سو ڳالهه پئي هلي پٽائي صاحب جي غير روايتي ڪردارُ ڏکيءَ" جي جيڪو اڄ جي ڪچهريءَ جو موضوع آهي، ان سلسلي ۾ آءٌ هڪ ٻي ڳالهه ڪندو هلان ته قابل انگريز مصنف ۽ پٽائي جي پارکو ڊاڪٽر ايچ ٽي سورلي، پنهنجي مشهور ڪتاب،"شاهه عبداللطيف آف ڀٽ" ۾ جاڳايو آهي ته هو خاص طور ٻن ڳالهين جي ڪري هن سنڌي شاعري کان متاثر ٿيو آهي- هڪ ته جنهن دور ۾ پٽائي صاحب شاعري ڪئي هئي، ان وقت عظيم شاعريءَ لاءِ ٽي ٻوليون مشهور

هيون. هندي، عربي ۽ پارسي، پر اها حيرت جي ڳالهہ آهي تہ پيٽائيءَ پنهنجي شاعري لاءِ هڪ اهڙي غير مروج مقامي ٻوليءَ جي چونڊ ڪئي جيڪا ان وقت هڪ لهجي طور سڃاتي ويندي هئي ۽ ٻي ڳالهہ جنهن ڊاڪٽر سورلي کي بيحد متاثر ڪيو هو تنهن بابت هن لکيو آهي تہ پيٽائي پنهنجي شاعريءَ لاءِ موضوع بہ اهڙا چونڊيا جيڪي ان دور جي عظيم شاعرن عام طور تي نظرانداز ڪري ڇڏيا هئا ۽ انهن ٻنهي حقيقتن جي باوجود پيٽائي دنيا جي عظيم شاعرن جي سٽ ۾ شمار ٿي ويو. سو موضوعن جي اعتبار کان واقعي پيٽائي صاحب"واٽ جي وِرڪَ" کان وٺي سنڌ جي سري، وچولي، لاڙ، ٿر ۽ جابلو علائقن جي ٻي شمار ٻوٽن، گلن ۽ وڻن، توڙي پکين، پَسُن ۽ ڪارن، ڪوجهن، ڪُوڙن مهاڻن کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻائي ادب جي دنيا ۾ ترٿلو مچائي ڇڏيو آهي. اجا تہ هن شاعر جي ذات کي ڳولڻ ڦولهڻ لاءِ تحقيق ۽ ريسرچ جو گهڻو بندوبست نہ ڪيو ويو آهي، جڏهن سندس شاعري جو مهين وارو دڙو کوٽبو تہ علم جي دنيا اچرج ۾ پئجي ويندي،"ڪتو رڙڪي هڏيون، اسين ڪُتي ڪيڙ" جڏهن يورپ ۽ ايشيا جي حسن پرست شاعرن کي سڌ پئي تہ ڪتي جي ڪن ۾ جو چچڙ چنبڙيل آهي، تنهن کي بہ پيٽائي شاعريءَ جو موضوع ٺاهيو آهي ۽ يورپي قزاقن يعني"ڦلنگين"کان وٺي ان دور جي بالادست قومي ٻولي"پارسي" خلاف لکڻ سان گڏ هن سنڌي شاعر اهڙن ماڻهن جي ڪوجهي چهرن ۽ گدلن جسمن مان سونهن کي ڳولي ظاهر ڪيو آهي جنهن بابت هن چيو آهي تہ:پاندُ جنين جي پاندَ سين، لڳو ٿئي لڄ تہ هو پريشان ٿيڻ کان بچي نہ سگهندا.

اهڙيءَ ئي فنڪاري ۽ تخليق سان پيٽائي صاحب پنهنجي غير روايتي ڪردار ڏکيءَ جي تصوير چٽي آهي، ڏکيءَ جو ذڪر هونئن تہ گهڻو ڪري پيٽائي صاحب سسئي وارن پنجن سرن ۽ خاص ڪري سر معذوري ۾ ڪيو آهي ۽ سسئي کي ڏکي ڪري پيش ڪيو اٿس پر سوال اهو آهي تہ سندس اهو ڪردار جنهن جو نالو سسئي، هو ان کي ٻيو نالو ڇو ڏنو ويو؟ ان جو سبب اهو آهي ڏکيءَ جي نالي ۾ هر پٽريل عورت ۽ هر آزاريل مرد، جوان توڙي ٻڍي جو ذڪر ڪرڻ پئي چاهيو پيٽائي صاحب ۽ ان سان هن جو موضوع وسيع ٿيڻ سان گڏ عالمگير ٿي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي طرح ڀٽائي صاحب سنڌ ۽ هند توڙي ايشيا جون سرحدون اورانگهي سڄي دنيا جي ڏکويل، آزاريل، درمندن ۽ غم جي ماريل ڪردارن کي پنهنجي شاعريءَ جي دائري ۾ آڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ۽ اهو ئي سبب آهي جنهن اسان جي سنڌي شاعرکي آفاقي شاعربڻائي ڇڏيو.

هاڻي اچو ته ڏسون ته پنهنجي غير روايتي ڪردار ڏکيءَ کي ڀٽائي صاحب ڪيئن ٿو ڪولي بيان ڪري ۽ ڪيئن ٿو ان ڪردار جا وصف بيان ڪري چئي ٿو: ڏکوين اهڃاڻ، ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو۔ وڄن گوندر گڏيا، لوڪ نه آچن پاڻ سورن اسان ساڻ، ننڊي ئي نينهن ڪيو." سو ڀٽائي جي ان ڪري جون اُهي نشانيون آهن. هي ڪردار انهن ماڻهن جو آهي جن جا لٽا ليڙون ليڙون آهن. ٽڱڙين ۾ اوڍيل غريب، مفلس ۽ ڳوٺاڻا ماڻهو. ڪلهي ڪان چولا ڦاٽل اندر ۾ سورن جي اڳ ٻريل، ڏک سان ڀريل ۽"ڪلهي ڦاٽل ڪنجرو، مٿو اگهاڙو"۔ اوهان کي خبر آهي ته ان ڳوٺاڻي سنڌي عورت ڪان وڏيڪ ٻيو ڪو به انسان غريب ٿي نه ٿو سگهي جنهن جو مٿو اگهاڙو آهي يا جنهن کي مٿي ڍڪڻ لاءِ ڪو چاپوٽو به ڪونهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته اڄ شهرن ۾ رهندڙ سنڌي عورتون غربت ڪري مٿو اگهاڙو نه ڪنديون آهن پر اهو فيشن هئڻ سان گڏ جاگيرداري سماجي ۽ ثقافتي قدرن خلاف بغاوت جو پڻ اهڃاڻ آهي، اڄ جي سنڌي عورت ايترو سجاڳ ٿي چڪي آهي جو هوءَ مرد کي ان ڳالهه جي اجازت ڏيڻ لاءِ تيار ناهي ته هو ان کي پنهنجي پير جي ڦٽ وانگي اڳڙين سان ايترو ويڙهي ٻاهر ڪڍي جو هن جو پنهنجو سماجي وجود ئي ختم ٿي وڃي. بحرحال اڄ کان 3 سو ورهيه اڳ واري سنڌي عورت ۽ خود اڄ جي سنڌي ڳوٺاڻي عورت کي"ڏکيءَ" جي نالي ۾ ڀٽائي صاحب بيان ڪري رهيو آهي ۽ ان تمثيل جي روشنيءَ ۾ دنيا جي پيڙهيل، غريب ۽ مفلس انسانيت جو حال اوري رهيو آهي چوي ٿو:"جڏائيءَ جو جام، ڏنائون ڏکيءَ کي. يعني انهيءَ ڪردارکي ڏڏو مُڏو ۽ جڏو ڪيو ويو آهي. هن کي صبر ۽ شڪر ڪرڻ جي تلقين ڪري هن جو استحصال ڪيو ويو آهي:"صبر ۽ شڪرکي وٺي آءُ وينِي، ڏکيءَ کي ڏيني، ڪا ڪَجِ اچي ڪڏهين." مظلوم انسانيت جي ڏکن

ڏولاون جي هي تصوير ڏسو: ڏانجهن تي ڏانجها، ڏنائون ڏکيءَ کي ـ“ يا هي بيت ڏسو: ڏونگر ڏکوين کي، ڳَل نہ سَڪا ڳوڙها ـ گوندر جا گهوڙا وڃن جان جدا ڪيو. اهي کهڙيون طاقتون آهن، اهي ڪهڙا ظالمَ ڪردار آهن جن ڏکيءَ کي مظلوم بڻائي ڇڏيو آهي، انهن جو ذڪر پٽائي صاحب علامتي انداز ۾ هنئين ڪيو آهي، چوي ٿو: ڏاگهن ڏيرن، ڏونگرن تنهي ڏنم ڏک ـ سي سڀ پانئيان سُک، هيڪاند ڪارڻ هوت جي.“ وري ٿو چوي: ”ڏُکي تي ڏڏور، لهسي لنئن پنهونءَ جي.“ هتي ڏڏور لفظ جي معنيٰ آهي.”ڏڏل.“ يا اڏسڙيل، ڏکي ڏيهاڻي، مُنيءَ مٿي هتڙا ـ تنهن پر نہ ڪاٽي، جنهن پر جئي جيڏئين ـ“ معذوري سر جو هي ۽ ٻيا بہ ڪيترا بيت ان نپوڙيل انساني روح جي تصوير پيش ڪن ٿا جن کي پٽائي صاحبُ ڏکي ڪوٺيو آهي: ڏکيءَ سنديون ڏونگرين، آڏيءَ آهون پون ـ ڏاري جو ڏونگر کي، سوڪي ڇيو ڇون. آريءَ جي افسوس ۾ ماڻهو مرون رون ـ ان پر سيئي هون، هينئڙا جن هڃي ويا“ ـ ڏکيءَ سنديون ڏونگرين، پسو پٿون پون، مٿي پڄاڻان منڊ کي، روجهہ رڻن ۾ رون، پٽان مرون چون، مٿيءَ اسان کي مارِيو ـ هاڻي هي بيت ٻڌو ان ۾ ڏکي لفظ استعمال ٿيل ڪونهي، پر ڪردار اهو ساڳيو آهي جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو اٿم. سٻر سيءُ پيون تہ مون سوڙ نہ ڳنبرو ـ نہ مون ڪانڌُ نہ قوت ڪي، جوين وهي ويو، تنين حال ڪهو ٻڌر جنين نِجُهرا ـ

هن ڪان پوءِ اسان پٽائي صاحب جي ان علامتي ڪردار ڏکيءَ تان پردو کڻنداسون تہ ڏکيءَ جي نالي ۾ اسان جي شاعر رڳو مفلس ۽ مظلوم عورت جو ئي ذڪر نہ ڪيو آهي، پر ان ڪردار جي اوٽ ۾ جوڳين، سامين، ڪاهوڙين ۽ انيڪ انقلابي ڪردارن جو ذڪر ڪيو اٿس جيڪي رڳو مظلوم ئي ناهن ۽ رڳو اوسارڻ ۾ ئي مشغول ناهن پر پنهنجي ڏکويل حيثيت کان پوري ريت واقف آهن ۽ ان سماجي حالت کي تبديل ڪرڻ واري جدوجهد جا سرواڻ ڪردار بہ آهن.”ڪنهن جنهن ڪُنا ڪات، جيئن سامي مُور نہ سنرا ـ ڏينهان ڏکي ڏيل ۾، سور سڄائي رات ـ سندي جوڳيان ذات، جيجان هوءَ جڏائڙي.“ مطالعي جي ان مرحلي تي اسان کي محسوس ٿيندو تہ پٽائي صاحب هڪ سماجي طبيب يا ڊاڪٽر وانگي سور مرض کان متاثرُ ڏکيءَ نالي مريض کي تپاسي، هن جو مرض سڃاڻي، دوا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تجويز ڪري، هن جي سموري درد ۽ پيڙا کي هن جي جسم مان ڪڍي ٻاهر ڪرڻ جا نسخا تجويز ٿو ڪري ۽ پوءِ ٿي اسان کي محسوس ٿيندو ته واقعي ڀٽائي صاحب رڳو لفظن جو جادوگر شاعر ئي نه هئو پر هڪ سماجي فيلسوف هئڻ سان گڏ سماجي تبديلي جو انقلابي اڳواڻ پڻ هو.

سو پاڻ اها ڪچهري ٻئي پيري ڪنداسون. هن پيري پروگرام آخر ۾ صرف ان ڪيفيت جي پچار ڪنداسون جنهن ۾ ڀٽائي صاحب انهن ماڻهن تي جُلَهه ڪئي آهي جيڪي هڪ ته مظلوم ماڻهن کي ڏکي بڻائي انهن کي پيڙي آزار ۾ وجهن ٿا ۽ الٽو وري انهن مٿان ٺٺول ڪَن ٿا. اهي ڪردار جيڪي سُکي آهن جن حرام کائي پنهنجا پيٽ وڏا ڪيا آهن، اهي وري مظلومن جي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ خاطر هنن جا هڏ ڏوکي ۽ همدرد ٿيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ڀٽائي صاحب اهڙن ڪردارن جي مذمت ۾ چوي ٿو: اڻ ڏُکويون، ڏُکين جي ڪوهِ ٿيون پتر پونِ. نانهه اوراتو ان کي، ٿيون لوڪ رِيا ڪئون رون۔ پنڻ پيٽيون هون، پار تنين جا پڌرا“ ۔ يا وري ٻئي هند چوي ٿو”سي هُنئين هٿ هڻن رئنديون رئڻ واريون“۔ چاڪاڻ ته جن سندا تن سامهان“ هوندا آهن. ڏک جي پروڙ ڏکيءَ کي هوندي آهي ۽ سوريتيءَ کي ئي خبر هوندي آهي ته سور ۾ ڪيتري اذيت آهي.

ته پوءِ ايندڙ پروگرام تائين سدائين گڏ

قسط: 5

ڀٽائي صاحب جي رسالي جي ترتيب سر وار آهي پر اسان ان جو مطالعو موضوعوار ڪري رهيا آهيون. اسان جو پهريون موضوع هو”ڏک“ان سلسلي ۾ اسان رسالي جي مختلف سرن مان اهڙا بيت چونڊي پڙهيا هيا جن ۾ ڏک: سور، گونڌرَ غم ۽ ورهه وارو فلسفو اوتيل هو. ان کان پوءِ جيڪو ٻيو موضوع چونڊيو هئو سو هئو”ڏکي“اڳئين پروگرام ۾ ان تي تفصيل سان ڪچهري ٿي هئي ته ڏک ڀٽائي جي شاعريءَ جو هڪ اهڙو ئي موضوع آهي، ان ڪردار جي وصف، اهڃاڻ ۽ سڃاڻپ تي اوهان اڳئين پروگرام ۾ بيت ٻڌا هئا: مثال ”ڏکوين

اهڃاڻ، ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو“ وغيره ۽ ان سان گڏ مون عرض ڪيو هو ته هن ڪردار ڪي علامتي ۽ تمثيلي طور دنيا جي ڏڪويل، ڏتڙيل، مسڪين، مفلس ۽ مظلوم ماڻهن توڙي طبقن جو روپ ڏيئي ڀٽائي صاحب ان کي عالمگير ڪردار بڻائي ڇڏيو آهي، البت اڳئين پروگرام ۾ جيڪي بيت پڙهيا هئاسون، انهن مان ڏکيءَ واري ڪردار جي مظلوميت جو اندازو وڌيڪ ٿيو هو. هن پروگرام ۾ اسان اهڙا بيت پڙهنداسون جن سان اندازو ٿيندو ته هي ڪردار پنهنجي ڏک، سور، مظلوميت ۽ مفلسي کي تبديل ڪرڻ جي پڻ سگهه رکي ٿو ۽ ڀٽائي صاحب اهڙي سماجي تبديلي جي سلسلي ۾ هن ڪردار جي کهڙي فلسفياڻي نموني رهنمائي ڪري ٿو.

” ڏکيون جان نه مڙن، تان تان پنڌ نا ٿئي.“ هي پهريون نسخو آهي جيڪو اسان جو فلسفي شاعر غريب ۽ مسڪين ماڻهن ۽ طبقن جي نجات لاءِ تجويز ڪري ٿو_اسان جي شاعر کي پليءَ پٽ پروڙ آهي ته بکيءَ کِل مَ اچهي، ڏکيءَ ڏمر نانهه اگهاڙيءَ وهانءُ، ويو ويچاريءَ وسري“ ۽ هو اهو به ڄاڻي ٿو ته سندس ڪردار ايڏو ستايل ۽ محرومين جو شڪار آهي جو ٿر ۾ مينهن جو وسڪارو به ٿئي ٿو تڏهن به هو ڏتڙيل رهي ٿو جنهن ڪري پاڻ چوي ٿو: ڏکي توءِ ڏکار، توٺي وسن مينهڙا“ پر پنهنجي بيت ۾ بيءَ سٽ ۾ پنهنجي ڪردار جي پيڙا جو حل به ڪيس ٻڌائي ٿو، چوي ٿو: پورهئي هٿ سُڪار، تو وس آهن هٿڙا“ _يعني تنهنجي نجات وري به پورهئي ڪرڻ ۽ محنت سان من ڳنڍڻ ۾ آهي _هن بيت جي آخري سٽ جي هڪ ٻي پڙهڻي به آهي: صاحب هٿ سُڪار، تو وس آهن هٿڙا“ _ان سلسلي ۾ منهنجي معلومات مطابق پهرين پڙهڻي وڌيڪ مستند آهي ڇاڪاڻ ته اها بمبئي واري نسخي ۾ ملي ٿي جيڪو 12 صدي هجريءَ ۾ لکيو ويو آهي، پورهيو ڀٽائي صاحب جي رسالي جو هڪ الڳ موضوع آهي ۽ ان سلسلي ۾ هن تمام واضح انداز سان پورهئي جي اهميت ۽ پورهيت جي عظمت جو ذڪر ڪيو آهي جنهن تي اڳتي هلي پاڻ جدا ڪچهري ڪنداسون، في الحال ان موضوع تي هيءُ بيت ٻڌي ڇڏيو: سون ساريڪا هٿڙا، ڪوهُ نه ڪَتين رَڍِ _ ويهي ڪُنڊ ڪاپو ڪَڍُ گهتون گوهيون ڇڏ، _ته صرافاڻي سڏ، مرڪي هوند

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منائين."

سو ڳالهه پئي ڪئي سون ته پناڻي صاحب سنڌ ۽ دنيا جي مسڪين ۽ مظلوم عوام کي ڏکيءَ تمثيل جي اوٽ ۾ پنهنجي نجات جي راهه ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندي پنهنجي ان ڪردار کي جدوجهد ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو ۽ ان جدوجهد جي هر اوکي سوکي مرحلي تي هن جي رهنمائي ڪري ٿو. چوي ٿو: پنهون ڇڏيو پوءِ جانب جبل ڳولين-تيلاهن تنگون ڪرئين جيلانهن تون جوءِ -ساڄن سُڄ نهارئين، ڏُکي، ڏوهه ڪيوءِ -هاڙهي هوت نه هوءِ، وري پڇ وينين ڪي" پناڻي صاحب جو هيءُ ۽ ڪجهه ٻيا بيت اهڙا آهن جيڪي پڙهندڙ کي منجهائي وجهندا آهن، ٺنڊي ڪنڊ جي هڪ ٻئي عظيم شاعر ڪبيرداس جي شاعريءَ ۾ پڻ اهڙيون "اُلٽ بازيون" يا قلابازيون آهن جن کي ڏسي فلسفي جا شاگرد منجهي پوندا آهن پر منهنجي خيال ۾ ٻنهي شاعرن جي سماجي فلسفي جو هي اهم عنصر آهي ۽ ان ۾ ڪو به مونجهارو ناهي، مٿئين بيت ۾ پناڻي سسئيءَ کي ۽ ڏکيءَ کي سمجهائي ٿو ته رڳو جبل ۾ پنڌ ڪرڻ، صرف سڄ -وسائڻ ۽ هاڙهي جبل تي چڙهڻ سان منزل تي رسڻ نه ٿيندو-جدوجهد ضرور ڪرڻي آهي پر ان جي ڏِسَ صحيح طئي ڪرڻ پهريون ڪم آهي، هلڻ کان اڳ ۾ وات معلوم ڪرڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن صحيح رستو ماٺهو پلجي ويو ته پوءِ ڪيڏو به ڏِگهو پنڌ ڇو نه ڪري ۽ ڪيڏيون ئي ڏِگهيون منزلون ڇو نه لتاڙي، پر مقصد حاصل ڪري نه سگهندو-هن فلسفي جو هڪ اهو مقصد به آهي ته انسان کي گهرجي ته پنهنجي اندر کي ٺيڪ ڪري، جيڪڏهن اندر ۾ کوٽ آهي ۽ نيت صاف ناهي ته پوءِ مراد حاصل ٿي نه سگهندي: پائيون جان نه ڪجن، روئي ڏوئي اکيون-جر ڪَجُر جن اکين ۾ سي ڪيئن پرين پسن"-سو ان ئي سلسلي ۾ جدوجهد جي وات جو ڏس ڏيندي پناڻي صاحب پنهنجي ڪردار ڏکيءَ کي سمجهائي ٿو ته، وري پڇ وينين کي، سدا پنهونءَ پار، ساڄن سپ چمار، ڏکي ڏورج ڏيل ۾ يعني پنهنجي منزل کي پنهنجي اندر ۾ ئي ڳول- هي اشارو فڪري پهلوءَ ڏانهن آهي جنهن جو مقصد آهي ته جدوجهد ڪرڻ کان اڳ ۾ پنهنجي ذهن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهري سوچ وسيلي جدوجهد جو نمونو، طريقہ ڪار، جاءِ ۽ وقت طئي ڪرڻ ضروري آهي، جيڪو ايئن نہ ڪندو ان سان جيڪا حالت ٿيندي سا هن بيت ۾ ڄاڻايل آهي: ڪنهن پر رڻان پرينءَ ڪي اديون نانهہ اوسات_لوهوڪا لڪن ۾، ويري مٿي وات_ڇپر ۾ چونڇات(يعني اوچنگارون) ڏنمر ڏکوين جا،" سو اڳ ۾طريقہ ڪا رڻ وات ڳول ۽ پوءِ جدوجهد ڪر۔ پيٽائي صاحب اهڙو درسِ ڏيندي وڏيڪ سمجهاڻي ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو: ڏکي ڏک وسار، سيج ڦٽي ڪر سسئي۔ پَٽيُن پير نهار، تہ آرياڻي اتان لهين" هاڻي پيٽائي جو ڪردار ڏکي پنهنجو دڳ طئي ڪري، وات سمجهي، پنهنجي جدوجهد شروع ڪئي آهي، ڇاڪاڻ تہ سندس سونهون هن کي ٻڌائي ٿو تہ: ڏکي ڏک مٿي ڪري ونءُ ڇپر پيهي۔ ملندي ٿي ڏيهي، سوڏيون ڏيندءِ خبرون" هاڻي پيٽائي صاحب پنهنجي ڪردارکي تلقين ٿو ڪري تہ انهن ڏکن، سورن، گوندرن ۽ غمن تي ويهي اوسارڻ بي معنيٰ عمل آهي، انهن ڏکن جي ڳنڍ ٻڌي رک مٿي تي ۽ انهن جبلن ڏانهن رواني ٿي وڃ. هتي جبل جدوجهد جي علامت طور ڪمر آيل آهن ۽ ان منزل تي پيٽائي صاحب ٿو چوي تہ اهڙا ئي ستايل ۽ ڏکايل ماڻهو ملندئي جيڪي توکي صحيح خبرون ۽ سچي وات ڏيکاريندا. اهڙي طرح ڏکيءَ جو ڪردار پنهنجي جدوجهد شروع ٿو ڪري جنهن جي تصوير پيٽائي صاحب هيٺين بيتن ۾ چٽي ٿو: ڏکيءَ ڏورڻ پاڻ تي، ويچاريءَ وڏو، ڏيل تنهنجو ڏک سين سيوئي سَڏو، هُيڙس اڳ لڏو، پوءِ ٿي ڪرَي پنڌڙا." ٻئي وينا رون، ڏکي ڏونگر پاڻ ۾ _ڪنهن کي ڪين چون، منجهن جو پريتڻو۔ اڄ پڻ وينو روءِ، ڏکي ڏونگر پاڻ ۾۔ ڪوهياري جو ڪوءِ، اچي سور اڏميو۔" ڪي جو ڪڏي پار، ڏکي ڏونگر پاڻ ۾ سٽي سان تنوار،مرون پيا مامري،" ڏونگر ڏکوين کي دلاسا ڏجن، گهڻو پڇجي تن کان، جن وٽان هوت وڃن،تون ڪيئن سندا تن، پهڻ پيرپٽون ڪرين _"

هاڻي جدوجهد جي مرحلي ۾ اچڻ کان پوءِ پيٽائي صاحب جو ڪردار ايڏو مضبوط ۽ موهيندڙ اتساهہ ڏيندڙ ۽ انقلابي بڻائيندڙ ٿي وڃي ٿو جو جيڪو بہ ان سان ساڃهہ رکي ٿو، ان جو اندر بہ اجارجي وڃي ٿو."ڪو جو وڏيءَ وڏ، جيئن وڻ وڏيائين وڌ سين۔ ڏک ڏکيءَ ڏڌ، جن ڏٺي سي ڏکي ٿيا_"هي انقلاب لاءِ

اتساهہ ڏيندڙ ڪيفيت هن بيت ۾ وڌيڪ واضح ٿيو پوي: چوي ٿو:

”وڏيئي سي واڍوڙيا، رت نہ ڏنو جن_موت قبوليو تن ڏنو جن ڏکيءَ کي“ _هاڻي هي ڪردار پنهنجي جدوجهد جي ڪري مهنداريءَ جي منزل تائين ٿو رسي ۽ اهڙو سرواڻ ٿيو پوي جنهن لاءِ لکين مظلوم ماڻهو پنهنجو سر ڪٽائڻ لاءِ تيار ٿيو پون.

سو سائين ڏکيءَ واري ڪردار کي منزل تي رسائي پاڻ ايندڙ پروگرام ۾موت واري موضوع تي پٿائي صاحب جي شاعريءَ جو مطالعو ڪنداسون جنهن مان اسان کي خبر پوندي تہ انسان موت کي ڪهڙين حالتن ۾ زندگي کان بہ عزيز سمجهندو آهي.

پٿائيءَ جي شاعريءَ ۾ ”موت“

قسط: 6

موت، ادب جو هڪ عالمگير موضوع آهي، دنيا جو ورلي ڪو اديب هوندو جنهن موت کي پنهنجو موضوع نہ بڻايو هوندو. ان جو هڪ سبب اهو بہ آهي تہ موت انسان کي ماري ٿو ۽ ماڻهو جنهن کي حياتي ڏاڍي پياري هوندي آهي. موت ان جي پڄاڻي آڻي ٿو_ان ڪري قديم دور ۾ جڏهن انسان موت جي طبعي ۽ مادي توڙي فطري سبب کان واقف نہ هو، تڏهن موت کي وڌيڪ هيبتناڪ ۽ خوفنائتو عمل ڄاڻايو ويندو هو. بعد ۾ جڏهن انسان جي ساهہ جي ڏاڍي ٽٽڻ واري عمل کي ڪنهن مشين جي خراب ٿي بيهي وڃڻ جي معنيٰ ۾ تصور ڪيو ويو ۽ انساني جسم واريءَ انجڻ جي مڙني ڪل پرزن جو پڻ اڀياس ڪيو ويو، موت پوءِ بہ هڪ درد ناڪ ۽ المناڪ حقيقت ٿي ليکجڻ لڳو. ڇاڪاڻ تہ هڪ انسان جو موت رڳو هن تائين ئي محدود نہ ٿي رهيو پر ڪيترن ئي سماجي رشتن جو الميو بڻجي ٿي پيو. بهرحال جيئن تہ موت هڪ تلخ ئي سهي، پر هڪ اٽل حقيقت ثابت ٿي ويو. ان ڪري دنيا جي ڏاهن ان بابت پنهنجي ويچار ڏنا، فيلسوفن موت جا مختلف فلسفا پيش ڪيا ۽ اديبن، شاعرن، فنڪارن توڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چترڪارن ان سماجي ۽ مادي حقيقت تي ور ور ڏئي پٽي لکيو آهي.

اسان جي مهاڪويءَ به ان موضوع تي پنهنجو ڀرپور فلسفو پيش ڪيو آهي ۽ رسالي جي ڪيترن ئي سرن ۾ موت واري موضوع تي ڪيترائي بيت ملن ٿا جن ۾ پانت پانت جون ڪيفيتون سمايل هجن ٿيون. بهرحال پٽائي صاحب جي شاعري جيئن ته هر لحاظ کان انوکي ۽ فنائتي آهي. ان ڪري موت جي عنوان تي پڻ سندس شاعري حيران ڪندڙ آهي ـ هن عالمگير موضوع تي پٽائي صاحب جيڪو لکيو آهي ان ۾ هڪ خاص ڳالهه اها آهي موت بابت سندس بيت پڙهڻ سان موت جو خوف پڙهندڙ جي ذهن تان لهي وڃي ٿو، چاڪاڻ ته موت کي هن ڏيڄاريندڙ يا دهشت ڦهلائيندڙ حقيقت ڪري پيش نه ڪيو آهي، پر ان کي حياتيءَ وانگي هڪ فطري عمل سمجهندي ان سماجي ڪارج جي چنڊڇاڻ ڪئي اٿس، سماج ۾ موت ڪهڙي ڪم اچي سگهي ٿو. يا سماجي تبديليءَ ۾ اٽل پٽل آڏو موت ڪهڙي حيثيت رکي ٿو، عشق جي آڏو موت ڪيڏي نه معمولي شيءِ آهي، ڪنهن عظيم مقصد جي تلاش ۾ ايندڙ موت ڪيئن منزل کي ويجهڙو ٿو ڪري وجهي ۽ منزل تي رسڻ لاءِ جدوجهد جي راهه ۾ موت ڪيڏو ضروري آهي، اتي پٽائي صاحب کي پڙهي ڏسجي ٿو ته موت جو ڏهڪاءُ ڪافور ٿيو پوي ۽ محسوس ٿئي ٿو ته دنيا جي ڪنهن ورلي شاعر موت تي اهڙي جارحاڻي انداز ۾ سماجي ڪارج کي ذهن ۾ رکندي لکيو هجي.

ته ڪر ڪين سُئي، جي سير نه گهڙي سُهڻي،
هت حياتي ڏينهڙا، هڏهن تان نه هئي،
چڪيءَ تنهن چري ڪئي، جو ڏنس اُن ڏهي،
سهڻيءَ کي سيد چئي، وڌو قرب ڪُهي،
هنئين هوند مئي، پر ٻڏيءَ جا ٻيٽا ٿيا.

چئي ٿو ته جيڪڏهن سهڻي سِر نه گهڙي ها، موت جي منهن ۾ وڃڻ جو فيصلو نه ڪري ها ۽ پنهنجي جان جوکم ۾ نه وجهي ها ته سهڻي اڄ ڪنهن کي به ياد نه هجي ها، گذريل سوين سالن کان وٺي سنڌ ۽ هند جو ٻچو ٻار سهڻيءَ کي هڪ بهادر ۽ سرفروش سورميءَ طور ياد ٿو ڪري ۽ ميهار کان به وڌيڪ سهڻيءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪردار کي تعريفي انداز سان ياد ڪري ان کي پنهنجو آدرش ٿو ناهي، ان جو سبب صرف اهو آهي ته هن حياتيءَ جي پرواهه نه ڪري پنهنجي مقصد کي ماڻڻ لاءِ سر جي قرباني ڏئي ڇڏي ۽ شهادت جو اعزاز حاصل ڪري ورتو. وري بيت جي آخري سٽ ۾ ٿو چئي ته مري ته هوءَ هئين به وڃي ها، پر ٻڏيءَ جا ٻيڙا ٿيا، هن جي ٻڏي مرڻ ڪري سر تريءَ تي رکي درياءَ ترڻ ڪري هن شهادت جو ٻنو اعزاز حاصل ڪري ورتو.

پيتائيءَ صاحب، هونئن ته پنهنجين مڙني سورمين کي وڏا اعزاز ڏنا آهن ۽ خاص ڪري سسئي،تي ته پنج ڏکيا سُر لکيا آهن پر سڀ کان اعليٰ مقام سهڻي جي عَزم، جدوجهد ۽ سر جي قربانيءَ کي ڏنو اٿس: چئي ٿو،

سياري، تهه رات ۾، جا گهڙي وسندي مينهن،
هلو ته پڇون سهڻي، جا ڪر ڄاڻي نينهن،
جنهن کي راتو ڏينهن، ميهار ئي من ۾.

۽ اهڙي طرح سهڻي جي موت جو ذڪر ڪندي سنڌي ٻوليءَ جو عظيم شاعر ٿو چوي ته:

جيسين هئي جيئري، ورچي نا ويئي،
وڃي پيون پيئي، سڪندي کي سڄڻين،

ٻئي بيت ۾ چوي ٿو:

جاڻ جان هئي جيئري، ويئي نه ويساند،
لڙهي لهرن پاند، ميائي ميهار ڏي.

عشق آڏو موت ڪيڏي نه معمولي شيءِ آهي ۽ منزل تي رسڻ لاءِ جدوجهد جي واٽ ۾ ايندڙ موت وارو سودو ڪيڏو نه سستو آهي، ان جو اندازو هن بيت مان ڪري ڏسو:

پرين پر پرت مان، تو ساهڙ سڏ ڪري،
نه گهڙان، موتي وڃان، ته ڪي ساهُ سَري،
مَر جان پرت پري، گهڙان گهوري جندڙو.

ان سلسلي جو هڪ ٻيو بيت پڙهو:

ٽَران تان مران، وران تان وَهُه وترو،
هينئڙي ۾ هوتن جا، اچن گهور گهٽا،
پسيو پاڙي واريون، ڏسيو ڏوهه ڏران،
وچان ڪيئن وران، ڪنڌيءَ منهنجو ڪارڻي.

اجا ٻه هڪ بيت ۾ ڀٽائي صاحب موت ۽ حياتي وچ ۾ عقل جي اڻ تڻ جو احوال سهڻي جي حوالي سان هينئن ٿو بيان ڪري:

چڙن چوري آهيان، سڪ تي سمهان ڪيئن،
ساريان ساهڙ چام ڪي، ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن،
ميهار مرڻ سين، نير پاتم نينهن جو.

۽ هاڻي ڏسو ته ڀٽائي صاحب پنهنجي سورميءَ کي پاڻ ڪهڙو دڳ ٿو ڏسي:

مَرجُ وٽ ميهار، متان موٽين سهڻي،
ساهڙ جا سينگار، متان ڏم ڏيکارئين.

سهڻيءَ کي اهڙو درس ڏيندڙ شاعر سهڻي جي منزل کي حق ۽ سچ جي راهه ثابت ڪرڻ لاءِ هيڙو بيت لکي ٿو، چئي ٿو:

ڪنهن جنهن گهيڙي، جيئن اوتڙان تڙ تئوس،
سالم لنگهي سهڻي، ڪُنن ڪين ڪيوس،
حقان حق ٿيوس، هئي طالب حقن جي .

۽ درياءَ کي پاراتا ٿو ڏئي جنهن سندس سورميءَ کي ٻوڙي ماريو آهي، هن بيت ۾ پهريون دفعو ڀٽائي صاحب موت تي ماتم ڪندي نظر ٿو اچي:

سانوڻ گهڙي سيڪا، هيءَ سَرهي سياري
تن وڌائين تار ۾، ارواح جي آري،
محبتي ماري، ڪونهي داد درياهه ۾.

محبت ڪندڙ روحن کي موت جي اوڙاهه ۾ ڏيندڙ قوتن کي درياءَ واريءَ تمثيل جي اوٽ ۾ پاراتا ڏيندي ڀٽائي صاحب چوي ٿو:

واهڙ وهين مَ شال، سُڪي ٻيلائيون ٿئين،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيپاڻ تنهنجي پيٽ ۾، لاٽا، لوٽ، ليار،
ٻاڻ تو سڀ ڇمار، آسائتيون ٻوڙيون.

سو حق ۽ سچ جي راهه ۾ مرڻ کي ٻيٽائي صاحب معراج ٿو سمجهي:

مَرُ تہ موچاري ٿئين، ڇيئڻ آڏو جَت،
هاري ڪر همت، تہ دم ڏئي دوست لهين.

چئي ٿو:

مرُ مرين، آءُ زئين، موتي آءُ مَرَ ڪانڌ،
ڪچن وڏا پاند، جيئڻ تورا ڏينهڙا.

عام ماڻهو ملڪ الموت کان ڊڄندا آهن، عزرائيل جو نالو ٻڌي لڱ ڪانڊارجي ويندا اٿن پر اسان جو انقلابي شاعر موت جي اکين ۾ اکيون وجهي ان کي للڪاري ٿو ۽ جدوجهد جي راهه ۾ ايندڙ موت کي شهادت سمجهي ملڪ الموت سان ملاقات کي معراج ماڻڻ جي برابر ٿو سمجهي: چئي ٿو:

مَرُ تہ موچاري ٿئين، اجلان اڳي اڄ،
جان ڪي هئينءَ جيئري تہ منڊ پنيوران پڄ،
پنهونءَ ساڻ پهچ تہ ملڪ الموت ماڻئين.
(يعني اجل جي اچڻ کان اڳ ۾ مري وڃ)

ٻيٽائي صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ موت بابت هڪ ٻيو اهم فلسفو بہ ڏنو آهي جنهن ۾ موت کي علامتي طرح جي اندر مان انا، تڪبر ۽ وڏائي جي مڪروهہ احساس کي ڪڍي ٻاهر ڪرڻ جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو اٿس، هي ڏاهپ جو ڏس ماڻهوءَ کي اعليٰ درجي جو انسان ٿاهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ جيستائين ماڻهو مفاد پرست آهي، آڪڙيل آهي، پاڻ کي ٻين کان اتم ٿو سمجهي، اندر ۾ انا کي پالي ٿو ۽ خود پرست آهي تيستائين هو مڪمل انسان ٿي نہ ٿو سگهي، ان ڪري ٿي ٻيٽائي صاحب چيو تہ:

مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿيا نہ مات،
هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيئا.

جيئري ٿي مري وڃڻ واري پيٿائي صاحب جي فلسفي ۾ جيڪا گهرائي ۽ عقل، دانش ۽ عمل جي، جيڪا اونهائي سمايل آهي ان جو اندازو صرف انهن ماڻهن کي ٿي سگهي، ٿو جيڪي، هين جي فائدي لاءِ پنهنجا فائدا قربان ڪري سگهندا آهن ۽ عوام کي جيئرو رکڻ لاءِ پاڻ کي موت جي منهن ۾ ڏيڻ جي همت رکندا آهن، وجود وڃائڻ، پاڻ کان پاسي ٿي وڃڻ، پاڻ کي ڪجهه نه سمجهڻ ۽ هين کي سڀ ڪجهه مڃڻ، پنهنجي لاءِ ڪجهه نه ڪرڻ ۽ هين لاءِ سڀ ڪجهه ڪرڻ اهڙو عمل آهي جنهن کي پيٿائي صاحب فلسفياڻي انداز ۾ علامتي طريقي سان پنهنجو پاڻ کي جيئري ٿي مارڻ ۽ عوام جي مفاد لاءِ ۽ قوم جي ڀلي لاءِ عوامي ۽ قومي وحدت الوجود جو نظريو اختيار ڪرڻ جو سبق ڏئي ٿو، اهڙي طرح پنهنجي وجود کي سماج ۽ قوم ۾ فنا ڪرڻ واري عمل کي جيئري ٿي موت ماڻڻ واري منزل سمجهڻ کان پوءِ موت کي سڏ ڪندي پنهنجي وجود کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

تو سڳ ساهه ڪٺڻ سين، جيئڻ گوشي جاءِ،
مرڻ مون سين آءِ، ته پٽيءَ تو پنڌ ڪيان.

يا وري ٻئي بيت ۾ چوي ٿو:

اونچو اڳاهون گهٽو، جيئڻ کي جبل،
مرڻ مون سين هل، ته پٽيءَ تو پنڌ ڪريان.

۽ جڏهن جيئري هوندي مرڻ کي پيٿائي صاحب انسان جي اندر مان انا کي ڪڍي ٻاهر ڪرڻ جو وسيلو ٿو سمجهي ته پوءِ انسان جي تڪميل واري منزل اوڏڙو اچي وڃي ٿي، ان ڪري اهڙي منزل تي رسڻ لاءِ پيٿائي صاحب چوي ٿو ته:

جي تون ڪالهه مئي، ته ڪالهه ٿي گڏي پرينءَ کي،
ڪڏهن ڪا نه سئي، ته ڪا سگهي گڏي سڄڻين.

موت ته نيٺ اچڻو آهي، جيڪو ڄائو آهي تنهن کي مرڻو آهي اڄ ـ سڀاڻي پرينءَ يا تنهن پرينءَ پوءِ جيڪڏهن پرينءَ کي رسڻ لاءِ مرڻ ضروري آهي ۽ انسان جي تڪميل جيئري ٿي پاڻ کي مارڻ سان ملڻي آهي ته پوءِ پيٿائي صاحب سچ ٿو چوي ته:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وينو پچين پَرَ، ڪر ڪاهنئارَ هلڻ جي،
آديسي اڄ مَ، سيان مرندو سيڪو.

قسط: 7

اڳئين پروگرام کان وٺي اسان پيتائي صاحب جي شاعريءَ مان جنهن موضوع تي بيتن جي چونڊ ڪري مطالعو ڪري رهيا آهيون سو آهي”موت“ ـ اوهان کي ياد هوندو تہ گذريل ڪچهريءَ ۾ پاڻ اهڙا بيت پڙهيا هئاسون جن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي عظيم شاعر عشق ۽ جدوجهد جي راهہ ۾ موت کي معمولي اهميت ڏني هئي ۽ اسان کي اهو ئي درس ڏنو هو تہ منزل تي رسڻ لاءِ جيڪڏهن مرڻ ضروري ٿي پوي تہ اهو سودو مهانگو ناهي.

سر ڏني ساڄن ملي تہ ٻنهي هٿن سين ڳنيج

۽ ان سان گڏ اسان پيتائي صاحب جي انهيءَ فلسفي جي پڻ اپٽار ڪئي هئي، جنهن ۾ ”هن جيئري ٿي مرڻ“ جو ڏانءُ سيکاريو آهي. اهڙي طرح اسان ڪجهہ اهڙا بيت پڻ پڙهيا هئا، جن ۾ موت کي للڪاريو ويو هو ۽ اڪيون اڪين ۾ وجهي اجل کي مخاطب ٿيندي پيتائي صاحب چيو هو تہ:

”مرڻ مون سين هَلُ، تہ پُنيءَ تو پند ڪريان.“

هن پروگرام ۾ ساڳي ريت ڪجهہ اهڙا بيت پڙهيا هئاسي جن ۾ موت بابت پيتائي صاحب پاران بيان ڪيل ڪجهہ نيون ڪيفيتون محسوس ٿينديون، انهن ڪيفيتن مان هڪ اهڙي صورتحال آهي جنهن ۾ پيتائي صاحب جو ڪردار موت ۽ زندگي جي وچ واري حالت ۾ پهچڻا جو شڪار نظر اچي ٿو:

نڪي مئي آهيان، نڪي تي جيئان
ساڄن ساهہ ڏيان، توکي ساري سپرين.

هڪ لحاظ کان سڪرات واري حالت آهي، پيڙا جي انتها آهي ۽ سور جو معراج آهي. جيئڻ ۽ مرڻ جي سرحد تي بيهارڻ واري هن فلسفي جو وري هي روپ ڏسو:

سڪين ٿئي مَ سنري، پسي ڏک مَ ڏر،

پنّي ڪر نہ پانهنجو، گهوري اڏ مَ گهر.

هنن بيتن ۾ پيٽائي صاحب مرڻ ۽ جيئڻ ٻنهي کان منع ٿو ڪري، سکن کي ڏسي خوش ٿيڻ ۽ ڏکن کان گهبرائڻ کي ناپسند ٿو ڪري ۽ جنهن ڳالھ تي زور ڏئي ٿو سا آهي سپرين جي سار_مقصد جي تانگھ ۽ منزل تي رسڻ جي اڻ تڻ. ان جو شايد مقصد اهو آهي تہ موت ۽ زندگي، ڏک توڙي سک ۾ رڳو وسيلا آهن ڪنهن مقصد کي ماڻڻ جا_بي مقصد زندگي ۽ بي معنيٰ موت جڻ تہ پيٽائي صاحب جي نظر ۾ هڪڙي ڳالھ آهي. موت ۽ زندگي تي ڪيل شاعري جو اهو سماجي ڪارج آهي جنهن کي اسان جي مهان شاعر بي مثال خوبصورتيءَ ۽ لاثاني فنڪاريءَ سان پيش ڪيو آهي.

ڪُنڍي ڪَلين وچ ۾، جڏهن هنياٿون
موت نہ مارياٿون، ڏور ڏئي ويا ڏک جي.

مرڻ ۽ جيئڻ جي وچ ۾ ڇا هوندو آهي، ان ڏک واري ڏور ۽ سورن جي سامان واري ڪيفيت جو اندازو هن بيت ۾ بہ ڏسو پَلر لڳو پاڻ، پسيو جوءِ جرا ٿئي.

هتي لفظ ٻلر جي معنيٰ آهي معصومڙي ۽ جوءِ جرا ٿئي جو مقصد آهي، عورت زرا زرا ٿي وڃي. هي اهو لهجو آهي جيڪو تر ۾ دراوڙي نسل جا ماڻهو اڃا تائين استعمال ڪندا آهن ۽ ترڪان ٻاهر باگڙي جهبيرءِ ٻيا اهڙا ماڻهو ايئن ڳالهائيندا آهن جن کي ڪم ذات، ڪاسبي ۽ اڇوت چيو ويندو آهي. سو پيٽائي صاحب چوي ٿو تہ:

ٻلر لڳو پاڻ، پسو جوءِ جرا ٿئي
سامنڊ مري نہ جيئي، پئي پڇاڙي پاڻ
سسئي سورن ساڻ، سنيوڙي سيد چئي.
(هتي سنيوڙي معنيٰ سنيري يا تيار ٿي.)

هاڻي اچو تہ موت جي موضوع کي ڪيل پيٽائي صاحب جي شاعريءَ ۾ هڪ ٻي ڪيفيت جو جائزو وٺون. اوهان کي سنڌي ٻولي جو هڪ خاص چوٽي تہ ياد هوندي تہ "مرڻ ناهي مهڻو پرٺون ناهي گار" پر پيٽائي صاحب جي فلسفي ۾ مرڻ هڪ مهڻو آهي پر ان حالت ۾ جڏهن منزل تي رسڻ کان اڳ ۾ يا مقصد کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاصل ڪرڻ واري رستي جي اڏ ڪان موتي اڇڻ ڪانپوءِ موت تو اچي:

موتي مران ماءِ، موتڻ ڪان اڳ مران
لُڇي لالڻ لاءِ، شال پونديس پير تي.
"ڇُڪيس سپ چئي، ماٺهو شهر پنيور جا
سا موتي ڪيئن مئي، جنهن جو جانبُ جت وئي ويا ـ
قافئون ڪاهينديا س، موتان تان ڪَرَ مهٺو
ٻانهي ٻاروچن جي، سگ نہ ساهينديا س
الفراق اشد من الموت، هتي نہ هونديا س
آهَ نہ لاهينديا س، جيئري جت ڏسي مران. "

هنن بيتن ۾ موتڻ کي مهٺو ۽ مارڳ ۾ مرڻ، پنڌ ۾ پٽون ٽيڻ ۽ جدوجهد جي راهہ ۾ شهادت ماڻڻ واري ڪيفيت سمايل آهي.

"پريتٺو ٻاري، مارڳ ۾ مُنڌ مئي"

پيءَ ئي صاحب مقصد جي تلاش دوران موتي اچي مرڻ کان مارڳ ۾ يعني پنڌ ۾ مرڻ کي يا فنا تي وڃڻ کي اهميت ڏئي ٿو. شاعريءَ ۾ انهيءَ انقلابي سوچ کي اڳتي وڌائيندي اسان جو سدا حيات شاعر چوي ٿو تہ:

"عمر سپ عشق سين، پرين جي پسن
ريس ريڏاليون تن سين، ڪچاڙي کي ڪن
مارڳ جي مرن، وڏا طالع تن جا.

انهن جا ڀاڳ وڏا آهن جيڪي جدوحهد ڪندي مري ڪپي وڃن ٿا ۽ شهادت ماڻين ٿا، چاڪاڻ تہ:

سي مَرُ ٻڏن سندرا، وندر جي وڃن
ٻيون ڪوهہُ ٻڏن، چوڙي جي ڇڏينديون.

يعني جيڪي وندر جبل تي چڙهڻ جو عزم رکن، انهن کي ٿي سندرا ٻڏڻ سونهن ٿا ۽ جيڪي وات تي ويهي رهن ۽ سندرا چوڙي ڇڏين، انهن کي اهڙي جاکوڙ شروع ڪرڻ ٿي نہ جڳائي جو متان هو جدوجهد جو نانءُ بدنام نہ ڪري وهن.

وڏو طالع تن، جو لڳينءَ پير پنهونءَ جي
سسئي ان سُتون کي، رويو، رويو، رو
ويني هٿ مَ هو، هلين ته هوت لهين.

هاڻي موت جي هڪ ٻي ڪيفيت ڏسو جڏهن انسان زندگيءَ کان به وڌيڪ مرڻ مان حاصلات ماڻي ٿو:

انڌا اونڌا ويچ، ڪل ڪچاڙئو ڪانئين
اسين ڏُکي ڏيل مَ، تون پيارين پيچ
سوري جنين سيج، مرڻ تن مشاهدو.

جن جوڌن لاءِ سوريءَ جو تختو شاديءَ جي سيج پلنگ وانگي هجي، موت انهن لاءِ زندگيءَ جي وڏي ۾ وڏي حاصلات آهي.

سوري آهِ سينگار، اڳهين عاشقن جو
مُڙڻ، موڙڻ، ميهڻو، ٿيا نظاري نرؤار
ڪُسڻ جو قرار، اصل عاشقن کي.

سوريءَ چڙهڻ، سيج پسڻ، ايءُ ڪمُ عاشقن
پاهون ڪين پسن، سائو هلن سامهان.

سو پتائي صاحب جا ڪردار موت تي حاوي ٿيو پون ۽ موت انهن جو ڳيجُهو ٿيو پوي. هي اهڙا ڪونڌر ڪردار آهن جيڪي موت کان نه ٿا ڊڄن ۽ حق سچ جي راهه ۾ ڪنڌ ڪپائڻ انهن لاءِ ايتري تڪليف به ناهي جيتري ٺُڪَ اچلائڻ ۾ ماڻهوءَ کي محسوس ٿيندي آهي:

"اکيون اوڏانهين ڪٽي، جيڏانهن قاتل ڪُل
مٿو ڪن نه مل، پڪ برابر پنهنجي "

ظلم ۽ انياءَ خلاف جهيڙيندي مرڻ پتائي صاحب جي فلسفي مطابق مشاهدي جو معراج آهي ۽ وڏو شان ۽ مانُ آهي:

هڻ حبيب هٿ ڪٽي، ٽيڪ مَ، ٿورو لاءِ
(يعني ٿوري دير لاءِ به هٿ نه هٽاءِ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريم تنهنجي گهاءِ، مران تہ مانُ لهان.

۽ اهڙي طرح هڪ بيت ۾ ڀٽائي صاحب موت کي پيار جي هڪ ڪيفيت ڪري پيش ڪيو آهي:

پاٻوهيو پچن، ڪٺي هٺ حبيب جو
نيزي هيٺان نينهن جي، پاسي پاڻ نہ ڪن
عاشق اجل سامهان، اوچي ڳاٽ اچن
ڪُسڻ قرب جن، مرڻ تن مشاهدو.

ان سلسلي ۾ سريمن ڪلياڻ جي داستان پنجين جي آخر ۾ هڪڙي وائي آهي جنهن ۾ ڀٽائي صاحب مقصد جي رسائيءَ لاءِ موت کي نہ رڳو قبول ڪري ٿو، پر ڏاڍي پاٻوهہ وچان ان جي تمنا پڻ ڪري ٿو:

مَرُ مران، مارين مون، پرزا پرزا ڪن
آءُ مُياڻي گهوري، جي مان محب ملن
ونڙيو هوت وڃن،
آءُ جهليان پليان
هينئڙو نہ رهي.

سو سائين، موت واري موضوع تي اسان جي عظيم شاعر بي شمار بيت لکيا آهن جن ۾ انيڪ ڪيفيتون، عجيب فلسفو ۽ انسان جي تڪميل جا اڻ کٽ اسرار بيان ڪيا اٿس. ان ڪري پنهنجي ايندڙ ڪچهري پڻ ساڳي موضوع تي ڀٽائي صاحب جي بيتن جي حوالي سان ٿيندي، تيستائين موڪلاڻي ناهي.

قسط: 8

جيئڻ ۽ مرڻ، جيئري ئي مري وڃڻ، مري جيئڻ، موت کي للڪاري ساهہ ڏيڻ ۽ معصوميت ۾ مري شهيد ٿيڻ جهڙيون انيڪ ڪيفيتون اوهان گذريل ٻن پروگرامن دوران ڀٽائي صاحب جي بيتن جي روشني ۾ محسوس ڪيون هونديون. هن پروگرام جي شروعات اسان هڪ اهڙي بيت سان ڪيون ٿا جنهن ۾

”موت“ جو هڪڙو انوکو تصور ملي ٿو. اهڙو تصور جنهن ۾ موت غائب ٿيو وڃي ۽ انسان آڏو اچي وڃي ٿو:

پائي ڪان ڪمانِ ۾، ميان مارِمَ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

ٻنائي صاحب جي شاعري جي موضِوعوار مطالعي جي سلسلي ۾ موت واري موضوع تي بيت چوندي ۽ انهن جو مختصرَ اڀياس ڪندي شروع ۾ ئي مون عرض ڪيو هو تہ اسان جو شاعر دنيا جي تمامَ اهڙن ٿورن عظيم شاعرن مان هڪ آهي جنهن موت جهڙي هيبتناڪ موضوع تي اهڙا بيت چيا آهن جن کي پڙهندي ۽ ٻڌندي موت جو ڊپ ئي لهي ٿو وڃي ۽ ماڻهو حق سچ جي راهہ ۾ سر ڏيڻ لاءِ ڪيئاڻ چڏي ٿو ڏئي. هينئر اوهان جيڪو بيت ٻڌو ان مان اندازو لڳائي سگهو ٿا تہ مارڻ وارو ۽ مرندڙ هڪ ڳالهہ آهن. ٻئي هڪ هستي آهن. نالا جدا جدا آهن. پر آهي اهو ئي انسانِ جيڪو ڪمان مان تير هٽي پاڻ کي ئي ماري ٿو چڏي. جيڪڏهن ٻنائي صاحب جي انَ فلسفي کي هنئين سان هنڊائي اڄ جو انسان ان تي عمل ڪري تہ هوند دنيا مان خونريزي، رتوڇاڻ، قتل عام ۽ انساني بربادي جو انت اچي وڃي.

پر متان سوچيو تہ ٻنائي صاحب جو فلسفو اڇاترو آهي ۽ ”موت“ تي ڪيل پنهنجي شاعريءَ ۾ قاتل ۽ مقتول جي تميز ئي نہ ٿو ڪري، چئي ٿو:

ماريءَ ميرا ڪپڙا، بغل ۾ بندوق،
ماريو مرگهہ ملوڪ، لتاڙيو لڪ چڙهي،
ماري مرين شال، ڊپ وڃني ڊيون،
جيئن تو اچي ڪالهہ، وڏو وڇ ورهن جو.

هنن بيتن ۾ ٻنائي صاحب مارينڊڙ کي نندي ٿو، موت جي سوداگرن جي مذمت ڪري ٿو ۽ انساني جياپي جي آس رکي ٿو، زندگي کي موت کان وڌيڪ اهميت ڏئي ٿو ۽ تشدد توڙي رتوڇاڻ جي مخالفت ڪري ٿو، مارينڊڙ کي سمجهائي ٿو تہ اهو وار تون پاڻ تي ئي ٿو ڪرين، ان ڪري اهو عمل انسان ذات لاءِ هاڃيڪار آهي پر جڏهن انسان پنهنجي وحشي جيوت متائڻ نہ ٿو گهري ۽ پنهنجي ئي انت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڻڻ لاءِ آتو تئي تو تڏهن پنائي صاحب هن جي واضح لفظن ۾ مذمت ڪندي اهڙي وحشي عمل جو ڇيد ٿو ڪري ۽ مرندڙ توڙي ماريندڙ وچ ۾ فرق ڪي ظاهر ڪندي چوي ٿو:

وڍيئي سي واڍوڙيا، رت نه ڏنو جن،
موت قبوليو تن، ڏنو جن ڏکيءَ ڪي.

هتي پنائي صاحب معصوم انسان جي موت تي ماتم ڪري ٿو ۽ شهادت جي فلسفي ڪي نروار ڪندي ٻڌائي ٿو ته ماري جيڪو ظلم، تشدد ۽ دهشتگرديءَ جي علامت آهي، اهو اهڙن پرامن ماڻهن ڪي موت جي ننڊ ڏئي ٿو، جن ڪڏهن نه رت وهايو آهي ۽ نه رتو ڇاڻ ئي ڏني آهي البت اهي پرامن ماڻهو مرڻ لاءِ ان ڪري تيار ٿي وڃن ٿا ڇاڪاڻ ته اهي ڏکويل انسانيت جي اذيتناڪ سماجي جياپي جي خلاف آهن ۽ ان ظالماڻي روش جي مخالفت ڪن ٿا. پنهنجي دور واري سنڌ ۽ 18/17 صدي عيسوي دوران ۽ پنهنجي ڌرتي جي ڏکهي تاريخ جي حوالي سان بي گناهه ماڻهن جي قتل عام تي هڪ ٻئي بيت ۾ چيو اٿس:

نه ڪنهن ماريا جنگ ۾، نه ڪنهن سُور ٻري،
رُئان ڪيئن ڪري، مادر ملاحن ڪي "

اي منهنجي ماءُ، مان اهڙن ماڻهن جي موت تي ڪهڙا پار ڪڍي رئان، جيڪي نه ته هٿيار ڪٽي ڪنهن سان جنگ وڙهڻ ويا هئا ۽ نه ڪنهن بيماري وگهي مري ويا آهن، هن ۽ ٻين اهڙن بيتن ۾ پنائي صاحب مظلوم ماڻهن ڏانهن جانبداريءَ وارو رويو رکي ظالم ڪي نندي ٿو ٻي هٿيار ۽ پرامن عوام جي قتل عام جي مذمت ڪري ٿو ۽ ماريءَ سان اتاهه نفرت ڪري ٿو. پنائي صاحب، اهڙن ڪردارن جي موت ڪي تسليم ئي نه ٿو ڪري جيڪي جدوجهد جي راهه ۾ سر ڏين ٿا ۽ هڪ لحاظ کان ايئن ٿو چئي ته شهيد مرندا ناهن، جيئرا هوندا آهن، سر سسئي آبريءَ جي آخر ۾ سندس چيل هڪ وائيءَ جون هي سٽون ته ٻڌو:

سَسئيءَ سگهر پنئين، ڪير چوندو مُئي؟؟
ڪا جا ڳالهه هئي

سا جي لوڪ سئي
پاروچي جي من ۾."

اهڙي ريت پيتائي صاحب جا بهادر ڪردار موت کي شڪست ڏين ٿا، موت کي مِهٽي هاب ڪن ٿا ۽ بي لوث جدوجهد ڪندي حق سچ جي سگهر ۾ پنهنجو سِر قربان ڪري موت کي منهن تي دانگي ملي ڇڏين ٿا ۽ اهڙي طرح سدا حيات روح سڏجڻ ۾ اچن ٿا:

"تو ساماٽي سسئي، مرڻ ڪيئي مُردار"

اي سسئي، تو ساماڻجي، وڏي ٿي، جدوجهد ڪري، سچ جي راهه وٺي اهڙي عظمت سان پنهنجو سر ڏنو جو تنهنجو جياپو امر ۽ موت مردار ٿي ويو.

سو پيتائي صاحب جي فڪر واري قرهيءَ تي فلسفي جو اٿاهه سمونڊ ۽ سندس سوچ جي انڊلٺ تي بي انداز رنگ ۽ اڻ ڳڻيا روپ نظر اچن ٿا پر مقصد پنهنجي جاءِ تي اٽل، ارڏو ۽ اڙٻنگ اٿس. موت سان اتي پيار ڪيو اٿس جتي ڪنهن وڏي مقصد لاءِ جيئڻ کي قربان ڪرڻ ضروري آهي ۽ وري موت ڪان بي انتها نفرت ان وقت ڪئي اٿس جڏهن ان جو پاڇو محبت ڪندڙ دلين جي روشني کي ڍڪي ٿو ڇڏي يا وري بي گناهه ۽ بي هٿيار امن پسند انسانيت ان جو شڪار ٿئي ٿي.

آءٌ نه ڳڏيس پرينءَ کي، متان آيو موت
واجهائيندي ورهيه ٿيا، هَڏِ نه ڳڏيم هوت
جيڪس ٿينديس فوت، فنا هن فراق ۾.
آءٌ نه ڳڏيس پرينءَ کي، هي پڻ ڏينهن ويو
نهوڙي تاڻِن سين، مون کي نينهن نيو
("ناڻِن" لفظ جي معنيٰ آهي"نيزن")
مُنيءَ موت ٿيو، پيُ پيُ ڪندي پنڌ ۾.

(يعني پرين پرين ڪندي، مارڳ ۾ منيءَ جو موت ٿيو آهي.)

اهڙي طرح سُر ديسيءَ جي هڪڙيءَ وائيءَ ۾ دردِيلي دانهن ڪندي پيتائي صاحب، سسئي جي موت تي هيءَ سٽ چئي آهي:

سِڪي جنهن سڱ ڪيو
تنهن معذور۔ ڪي مرَ، ماريو.

هي ڪردار جنهن کي پيتائي صاحب معذور ڪوٺيو آهي سو علامتي لحاظ کان ڏجهايلُ، سورن جو سٽيل ۽ محبت جو ماريل ڪردار آهي، محبت جي ماريل کي مارڻ واري ماريءَ کي پيار ۽ ڏوراپي سان مخاطب ٿيندي سنڌيءَ ٻوليءَ جو عظيم شاعر چوي ٿو:

ڪوهيارو ٿي ڪات، مُيون مارڻ آئيو
هوءِ مَرُ هوت حيات، آءٌ مُياٺي گهورئي.

اهڙا ڪردار جيڪي اڳي ئي مٺل آهن انهن کي اجا بہ مارڻ ۾ جن جو جيئڻ جنجال آهي انهن کي اجا بہ جياپي جي ٿارچر ۾ رکڻ واري هيءَ ڪيفيت بہ محسوس ڪرڻ جهڙي آهي:

ماريو جي معذور تہ هيڪاري هَور لهي
ساڃن اهنجي سُور، ڪيئن جيان ٿي ڪيچئا؟؟

سو محبت جي ماريل ڪردارن کي ماري جڏهن انهن جا سيڻ انهن ڳٽن جا ڳيت تا ڳائن، تڏهن اسان جو ڪوي ٿو چوي:

ڪنهن جنهن نينهن نتڏاه، جيئن مون واجهائيندي ناورو
جيڪي مئي ڪنداهُ، سو جانب ڪريو جيئري.

پر مرڻ تہ محبت ڪندڙن جو مَرَڪُ آهي، ڇاڪاڻ تہ اهڙا ڪردار اجل سامهون اوچي ڳاٽ هلندا آهن، موٽي نہ مرندا آهن ۽ موت کان بہ ڊڄندا ناهن، ڇاڪاڻ تہ مرٽو تہ هڪ ڏينهن آهي، پوءِ ڇو نہ مارڳ ۾ مري امر ٿي وڃجي:

واڪيو، واڪيو وڪ، پاٻوهيو پير ڪٽي

(يعني وڏي واڪ، عليٰ الاعلان وک وڌائيندي ٿي وڃي ۽ هڪ هڪ پير پيار ۾ پاٻوهہ سان ڪٽي رهي آهي)

واڪيو، واڪيو، وڪ، پاٻوهيو پير ڪٽي
سي نہ چڙهنديون ڏِڪَ، موڙي پير مرن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي سيج ماڻي نہ سگهنديون جيڪي پوئتي موٽي، منزل کان هٽي موت جي حوالي ٿين ٿيون. ڇاڪاڻ تہ مرڻ هڪ اٽل حقيقت آهي، اڳي يا پوءِ هر ڪنهن کي مرڻو آهي، ان ڪري پيٽائي صاحب چئي ٿو:

اڳي پوءِ مران، مر مران مارڳ ۾
متي پوءِ پِريان، ُخون منهنجو جيڏيون.

پلي تہ منهنجو خون محبوب جي ڪاتي ۾ اچي وڃي، ڇو نہ اهڙو موت مرجي!! پر شهادت جو هي اعزاز صرف محبت ۾ فنا ٿيندڙ روحن کي نصيب ٿيندو آهي ۽ انهن ڪونڌر ڪردارن جي حصي ۾ ايندو آهي جيڪي پيار جي پروڙ ڪري سگهندا آهن.

سجڻ ڏنو جن، موٽڻ تنين مهڻو
ايءَ مَرَڪُ معذورين، جيئن مرن پريان جي پير تي.

سو سائين، هِن موت واري موضوع تي پيٽائي صاحب جي بين بہ ڪيترن ئي سُرن مان ڪيترائي بيت ملن ٿا جن بابت ايندڙ پيري لکنداسين.

قسط:9

جڏهن شاعر هجي پيٽائي جهڙو، ڪردار هجي، مارئي جو ۽ موضوع هجي موت، تہ پوءِ پاڻ سمجهي سگهو ٿا تہ جيڪو ان موضوع تي قلم ڪڻندو ان جي حالت اها ئي ٿيندي تہ، "لڙڪ نہ لکڻ ڏين، ڪريو پون قلم تي." ڇاڪاڻ تہ ڪردار اهڙو آهي جيڪو "راڄ رئاري، هنجون هاري، هيءَ هُتي جي هِتِ ۽ موضوع اهڙو آهي جنهن بابت اسان جي مهان شاعر چيو آهي تہ: ماڻهو سڀ مئا وڃن۔ تون نہ مئين سُوَرَ ۽ جيڪو شاعر آهي تنهن لاءِ مان تہ ايئن چوندس تہ، "چارڻ تنهنجي چنگ جو عجب آهر ايءُ ۔ اپو هٽين هٽن سين جيٽرو رکي جيءُ." يعني اها حيرت جي ڳالهہ آهي تہ تون اهڙو ساز وڄائيندي پاڻ کي زنده ڪيئن ٿو رکي سگهين جنهن کي ٻڌندي ماڻهو سر قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ٿا وڃن ۽ چون ٿا تہ: ڪِ ڪلهين ڪوريان، ڪِ جا جڪ جُسي سين ڏيئين؟"

سو بهرحال پاڻ کي بہ ايئن ئي ڪرڻو پوندو ۽ رئڻ راڙي کي ڇڏي پيٽائي

صاحب جي شاعري جو موضوع وار اڀياس ڪندي سر مارئي مان اهڙن بيتن جو جائزو وٺڻو پوندو جن ۾ موت جو ذڪر آيل آهي ۽ بهتر ائين ٿيندو ته پيتائي صاحب جي سورميءَ يعني مارئي جي ڪردار جي پرک هن جي جمڻ واري منزل کان ڪجي ۽ پوءِ ڏسجي ته هن دنيا ۾ پئدا ٿي، جمي نپني وڏي ٿي مارئي چوٿي قيدياڻي بڻجي:"ڪونئين وهان ڪيئن جي نظربندياڻي نه هئان." مارئي جيڪڏهن مرد هجي ها ته هن کي نظربند چئجي ها، پر هوءَ عورت هئي ان ڪري هن جي جيل وڃڻ واري حالت ۾ پيتائي صاحب هن کي"نظربندياڻيٌ يا قيدياڻي ڪوٺيو آهي. البت انگريزي ٻولي ۾ مرد توڙي عورت جي نظربنديءَ يعني -DE TENTION لاءِ هڪڙو ئي لفظ DETENUE استعمال ڪيو ويندو آهي. سو اهڙي طرح مارئي هڪ قيديءَ جو ڪردار آهي ۽ سر مارئي سڄو سارو قيد جي شاعري آهي. رات لڏم سُهنو، ڪتيءَ ۾ خاصو، اٺا مينهن ملير ۾، ٿيو تڙ تڙ تماشو۔ چوريان جو پاسو، ته جسو زنجيرن ۾." جن ماڻهن کي جيل وڃڻ جو ڪڏهن موقعو مليو هوندو آهي هن بيت ٻڌڻ سان ان ڪيفيت کي محسوس ڪري ويا هوندا جيڪا جيل ۾ بند ڪنهن بانديءَ جي ٿي سگهي ٿي ۽ انهن کي ان ڳالهه جو پڻ اندازو ٿي سگهي ٿو ته اهو بيت اهڙو ئي ڪو شاعر لکي سگهي ٿو جيڪو پاڻ جيل ويو هجي." چوريان جو پاسو ته جسو زنجيرن ۾." واري ڪيفيت تصوراتي طريقي سان محسوس ڪري لکڻ ڪان ڳري آهي.

سو هاڻي اچو ته مارئيءَ جي حوالي سان اهڙا بيت ٻڌون جن ۾ پيتائي صاحب موت جو ذڪر ڪيو آهي، جيئن نه جاياس، ٻيو جاپندي جي مران، گهنگهر گهٽو ٿياس، چاپي ماروئڙن کي.

هڪ ته يا ته جمان ئي نه هان، پر جي جائي هيس ته جيڪر جلد پوءِ مري وڃان هان چاڪاڻ ته جمي ڪري پنهنجن مارُن کي مونجهاري ۽ پريشاني وجهي ڇڏيو آهيم.

مَر سَپني مارئي مُئي، مَر جائي
جنهن اچي عمر ڪوٽ ۾ لوئي لڄائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا سانگين سيڏائي، سا ڪيئن مرڪي ماڙئين.

پر مارئيءَ ڪي تہ ڇمٽو هو، وڏو ٽيٽو هو ۽ پنهنجي ڌرتيءَ ۽ عوام، ملير ۽ مارن جي مفاد ۾ وڙهڻو هو ۽ ان جي نتيجي ۾ عمر سومري جي قيد ۾ ويٺو هو، مارئيءَ جي ان عزم آڏو موت ڪا شيءِ ناهي ۽ هن جي جدوجهد واريءَ منزل جون حدون حياتي جي ليڪي کي اورانگهي وڃن ٿيون، ڀٽائي صاحب اها ڪيفيت سر مارئي جي ڇهين داستان ڪانپوءِ ايندڙ وائيءَ جي هڪ سٽ ۾ هيئن بيان ڪئي آهي: چوي ٿو:

عمر! آءٌ مري تان نہ ڇڏيندي لو
مِٽي ماروئڙن جي
هميراڻا هتڙا، مهري ڪين مڃيندي،
عمر! آءٌ، مري تان نہ ڇڏيندي لو
مٽي ماروئڙن جي –

ٿورو سوچي ڏسو تہ جنهن قيديءَ جو نالو مارئي آهي ان جون پاڙون پنهنجي ڌرتي جي مٽيءَ ۾ ڪيڏيون پختيون کُتل آهن ۽ هاڻ ڏسو تہ جڏهن اهو ڪردار پنهنجي ڌرتي ۽ ان تي رهندڙ ماڻهن لاءِ جهيڙيندي ۽ انهن جي حقن لاءِ وڙهندي وقت جي حاڪم وٽ قيد ٿو ٿئي تہ مٿس ڇا ٿو گذري.

ڇُٽِن ڇڪن ڇت ۾، وساريان ڪين وَري،
ڪنان عهد الست جي، ڪِ تهائين پَري،
لم يلد ولم يولد، مارئي ڪوهہ ڪري.
اڄ ڪِ ڪال مري، ساري سانيئڙن کي.

جن ڪراينُ ڪڄ جا، وَرُ ساهيڙيون سي
ات اُڪندي آهيان، منهن ماروءَ جي،
پکن سين نہ پاڙيان، هنڌ هتي جا هي،
اهل اباڻن کي، مري شال ملهائيان.

ماروئڙن جي اڪير ازل ڪان يا ان ڪان بہ اڳي مارئيءَ جي ڇِتَ ۾ ڇڪي رهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي-اها سارءِ ان اڪيرڪي ڪي نہ ڪنهن ڇٽيو آهي نہ اها ڪنهن جي ڇائي آهي ۽ هاڻي صورتحال اها آهي تہ مارن سان پريت نباهڻ لاءِ ڦاسي تي چڙهي وڃڻ جي نوبت اچي پهتي آهي.

واجهائي وطن کي، آءٌ جي هتُ مياس،
گور منهنجي سومرا، ڪِج پنهوارن پاس،
ڏِج ڏاڏاڻي ڏيهہ جي، منجهان ولڙين واس
ميائي جياس، جي وڃي مڙهہ ملير ڏي.

واجهائي وطن کي، ساري ڏيان ساههُ،
هي سِرُ ساڻيهہ سامهون، منهنجو نج ميان،
مقامياڻي مارُئين،(يعني مارن جي مقام ۾) وڃي ٿرٿيان،
مُيائي جيئان، جي وڃي مڙهہ ملير ڏي.
واجهائي وطن کي، ساري ڏيان ساههُ،
بت منهنجو بند ۾، قيد مَ ڪريجاءِ،
پرڏيهياڻي پرينءَ ري، ڏار مَ ڏريجاءِ،
تڏي وسائج ٿر جي، متي مُئي متان،
جي پويو تئي پساهہ، تہ نجان مڙهہ ملير ڏي.

آءٌ بندياڻي بند ۾، ڪِ ڪِي پيس بندِ،
مُنهين لڳو مهڻو، ڪِ مينهن ڪڙو ڪنڌ،
مران جي هن هنڌ، تہ نجانءِ مئت ملير ڏي.

هاڻي مارئي پنهنجي وطن جي حب ۽ مارن جي محبت رکڻ جي ڏوهہ ۾ ايندڙ موت ڪي آجيان تہ ڪري چڪي آهي پر سوچي ٿي تہ اهو موت قيد ۾ بهتر آهي يا ماروءَ وٽ وڃي ساههُ ڏجي.

الا ايئن مَ هوءِ، جيئن آءٌ مران بند ۾،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جسو زنجيرن ۾، راتو ڏينهان روءِ،
پهرين وجان لوءِ، پوءِ مر پچنم ڏينهڙا.

ماروءَ پاس ملير ۾، ڏوئي مر مران،
پاٽي واري پنهنجو، ونديائي وران،
ٿورو منجهه ٿران، هوند لڳي لوئڙيارئين.

بهرحال پٽائي صاحب پنهنجي ليکي نہ ٿو چاهي تہ سندس سورمي وقت جي ظالم بادشاهہ جي قيد ۾ مري وڃي، هو ان قيديءَ جي آزادي گهري ٿو ۽ چئي ٿو شل اهڙا قيدي پنهنجن ماڻهن سان ملڻ کان اڳ ۾ نہ مرن:

جت پنگا، پٽون، پيٽيون تنهين کنوڻ کنون،
پائر سب پسائيو، وسي وڄڙين،
ماروءَ ريءَ مَ مرن، الا، هي آسائتيون.

هاڻي شاعر پنهنجي ڪردار سان ڳالهائي ٿو. سندس ڪردار جيڪو جيل ۾ آهي ان جي پرگهور ٿو لهي ۽ ان کي جدوجهد جي راهہ ٿو سيکاري-هڪ مرحلي تي مارئي محسوس ٿي ڪري تہ مليران ڪو ماڻهو ڪو نہ آيو. پنيان ڪا واهر ڪا نہ ٿي آهي ۽ ٻڏائي ٿي تہ جيل هن کي هيٺو ڪري نہ سگهيو آهي پر هن کي مارن جو مونجهارو ٿو ماري.

لنگڙياري لوءِ ۾، جنين لاءِ ٿياس،
(يعني جن لاءِ لٽا ليڙون ڪري فقيرياڻي ٿي پئي آهيان.)
تنين تر جيترو، پلڪ نہ پڇياس،
جهروڪن جهوريو هنيون، ڪونئين آءُ ڪنياس،
(هتي جهروڪا لفظ جي معنيٰ آهي ماڙيون - ياد رهي تہ هر جيل کي هڪ ماڙي ٺيندي آهي جيڪا جيل جي آڏو واري لنگهہ وٽ تعمير ڪئي ويندي آهي.)
مارن مُنجهہ مياس،ناتہ ماڙين ماريس ڪينڪي."

ساڳي ڪيفيت هن بيت ۾ موجود آهي، مارئي چئي ٿي:

ماڙين ماريس ڪينڪي، مُيس مارن لاءِ،

پنائي

کر لهندا ڪڏهين، منهنجي اچي ماءِ،
سانيڻن سنداءِ، وينو واجهه وجهي هنيون.

البت مارئي پاڻ به محسوس ڪري ٿي ته مارو ماڻهو پنهنجي ڪمين ڪارين ڏاڍا مصروف رهندا آهن. ان ڪري هو منهنجي سنڀال ڪيئن لهندا: چئي ٿي:

"ڪيئن لهندم ڪر، جيئن مارو پاڻ اپاريا."

بهرحال پنائي صاحب پنهنجي ڪردار جي ان ڪيفيت کي ڏسي هن کي دلداري ڏئي ٿو ۽ چئي ٿو ته:

اتان اوئي آئيو، خبر ايءَ ڪري،
وسارج م ور کي، پئج م منڊ مري،
ويندينءَ ات وري، ڪو ڏينهن آهين ڪوٽ ۾.

قيديءَ سان عوام جي رابطي ٿيڻ ڪري قيديءَ جي همت ٻيڻي ٿي وڃي ٿي ۽ هو محسوس ڪري ٿي ته:

مليران مارو، پکي پيهي آئيو،
وريا واهرو هاڻو سڀ هيٺا ٿيا.

سو واهر ڪرڻ وارا اچي پهتا آهن ۽ حملي آور هاڻو هيٺا ٿي ويا آهن ۽ عوام جو مطالبو آهي ته مارئي کي قيد مان آزاد ڪري ملير پهچايو وڃي.

پنهوارن پاپوهيو، ڪي وس واهندن،
لٽو سيءُ لطيف چئي، پڌو قڻ قرن،
اوءِ تا ڪورڻ ڪئنري، سرتيون متان سسَن (گهيٽن تان)
عمر ان اگوندري، پاسي ڪانڊ ڪتن،
پائر ڏنيون پنيون، نندن نوراپن،
ڪاٿر ڪتيون خاصيون، اوچيون ات اُچن،
ڪڍيو پيڻ ڪهن، ملير گهرجي مارئي.

ان صورتحال ۾ قيديءَ جو حوصلو وڌي وڃي ٿو، هوءَ عمر جو مڪمل بائڪاٽ ٿي ڪري، نه هن جو تيل ٿي جسم تي هڻي، نه هن جا ڪپڙا ٿي پائي، نه ئي منهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوئي ۽ جڏهن عمر هن کي آڻ مڃڻ لاءِ تو چوي ته مارئي ڪيس للڪاري چوي ٿي:

سرتين سنجڻ ڇڏيو، ستين ڳالهه سُئي
ماڙيچي ماڙين ۾ ڪڏهن ڪا نه هئي
عمر، آءٌ نه مئي، ان اوباڻان اڳهين؟؟

پيٽائي صاحب پڻ پنهنجي قيدي ڪردار کي وارننگ ڏيندي ڪنهن به قسم جي سمجهوتي ڪرڻ کان روڪي ٿو ۽ چوي ٿو:

هي مُنهن ڏيئي ٻن، تون وهه ڪائي نه مرين،
تان جي مِلير ڇائيون، تو سين سگ نه ڪن
ڪيئن منجهان تون تن، پاڻ ڪوٺائين مارئي؟؟

اهڙي طرح وقت جي ظالم بادشاهه خلاف ڏرتي ۽ عوام جي مفادن لاءِ وڙهندڙ قيديءَ جي سوڀ ٿئي ٿي ۽ عمر سومرو هٿيار ڦٽا ڪري مارئي کي غير مشروط طور آزاد ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو ۽ مارئي جي وارثن پنهوارن سان صلح واري ٿو جنهن ڪري عوام جي فتح ٿئي ٿي ۽ وقت جي ظلمت جي مات ٿي.

اٺي ٿي وراڻ، ڪين واڌائيون آئيون،
لٿي لوٺڙ يارئين، مڙني منهن ڪاڻ،
صلح واريو سومري، ڇٽي پنهوارن پاڻ،
همير نئون هاڻ، مُهت لهنديءَ مارئي.

حق سچ لاءِ هلايل جدوجهد جي ڪاميابيءَ تي انقلابي امنگن ۽ خوشين سان ڀريل هي گيت ٻڌو، پيٽائي صاحب جي هيءَ وائي سر مارئي جي داستان نائين جي آخر ۾ ڏنل آهي:

ويڙهيچن ڏي ويندي، عمر!
آءٌ ماروئڙن ڏي ويندي،
ڏيهه ڏاڏاڻي پکڙين......

سو سائين پنهنجي ايندڙ ڪچهري سورٺ جي موت واري فلسفي، سر ڪيڏاري ۾ موت جي موضوع تي پيٽائي صاحب جي چيل بيتن ۽ ڪجهه ٻين سرن مان ان موضوع تي بيتن جي روشني ۾ ٿيندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قسط 10

راءِ ڏياچ جيستائين پنهنجي من ۾ سورٺ کي نہ ماريو، هو تيستائين سر ڏيڻ لاءِ تيار ٿي نہ سگهيو هو. تيستائين چارڻ لڳاتار پنهنجو چنگ وڄايو هو. مگڻو پنهنجو سرندو ڪٽي بادشاهہ جي محلات پاهران جوڪ ٻڌي ويهي رهيو هو ۽ جاجڪ سريلا سُر ڇيڙي بادشاهہ کي بي چين ڪري ڇڏيو هو. ان ڇڪتاڻ ۾ ڪافي وقت لڳي ويو هو. ڇاڪاڻ تہ مگڻي سرَ جي صدا هنئي هئي، مٿو گهريو هو. سرَ جو سوالي ٿي آيو هو. بادشاهي ڇٽ جو مطالبو ڪيو هئائين جنهن تي بادشاهہ سوچي رهيو هو تہ جاجڪ کي ڪيئن راضي. ڪجي ۽ هن جيڪو دان گهريو آهي. سو ڪيئن ڏجي. درحقيقت راءِ ڏياچ جنهن ٻڌتر ۾ قاتل هو، سا اها هئي تہ سر ڪيئن ڏجي؟ ۽ سر ڏيڻ رڳو سسي ڪپائڻ جو ئي نالو ناهي هوندو. بادشاهي ڇڏڻ، تخت تاج قربان ڪرڻ، مال ملڪيت تان هٿ کڻڻ ۽ سورٺ جهڙي پٽ راڻي کان پاڻ کي جدا ڪرڻ علامت آهي، سر ڏيڻ جي، ڪنڌ ڪپائڻ جي ۽ مگڻي کي انهيءَ دان ڏيڻ جي جيڪو هن گهريو هو.

مگ ھيو ڪي مگڻان، جو گهُرئي سو گهوريان،
گهر سورٺ نہ پڙي، جي تند برابر توريان،
ڳجهي آهيم ڳالهڙي، آءُ اوري تان اوريان،
ڪِل ڪلهنئون ڪوريان، ڪ جاجڪ جسي سين ڏئين.

اي مگڻا، تو جيڪو گهريو آهي سو آءٌ گهورڻ لاءِ تيار ٿي ويو آهيان. ڇاڪاڻ تہ تنهنجي تند جي جيڪا تنوار آهي ان جي پيٽ منهنجي محلات گهر ۽ خود سورٺ ڪجهہ بہ ناهن. هاڻي ٻڌاءِ تہ توکي پنهنجو سر ڪهڙي صورت ۾ ڏيان، ڪنهن کان ڪپي ڏيانءِ يا هن جسم سميت توکپئي؟؟ هي فيصلو راءِ ڏياچ ان وقت ڪري سگهيو هو. جڏهن هن پنهنجي ذهنَ ۾ پنهنجي اندر ۾ ۽ پنهنجو پاڻ کان سورٺ کان الڳ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هو. علامتي طور تي ۽ تمثيلي لحاظ کان "سورٺ" جملي دنوي لڳ لاڳاپا آهن جن ۾ مال ملڪيت. گهرٻار، حرص، هوس لالچ، مفاد ۽ جنهن کي "پنهنجو پاڻ" ڪوٺجي ٿو، شامل آهن.

جڏهن انهن سيني مادي ۽ روحاني رشتن کي ڪنهن عظيم مقصد لاءِ قربان ڪرڻ جو فيصلو ڪجي ٿو تڏهن من جي اندر جا سورٺ وڻني آهي، اها مري وڃي ٿي ۽ انسان آزاد ٿي تڪميل جي منزل کي رسي ٿو:

سورٺ مئي، سک ٿيو، خيما ڪنيا ڪنگهار،
نہ ڪو راڳ نہ روپ ڪو، نہ ڪا تند تنوار،
ٽٺان پوءِ مگڻهار، ڏنو سر ڏياچ کي.

سو جڏهن راءِ ڏياچ جي دل ۾ سورٺ مري وئي. هن پنهنجا مادي ۽ غير مادي مفاد ڪنهن وڏي مقصد لاءِ قربان ڪري ڇڏيا تڏهن سر ڏيڻ هن لاءِ سولو ٿي پيو ۽ اها فيلسوفياڻي ڪيفيت ڪجهہ اهڙي قسم جي آهي، جنهن ۾ منزل ۽ منزل جي راهيءَ وچ ۾ فرق مٽجي ٿو وڃي، طالب ۽ مطلوب هڪ ٿيو پون ۽ راءِ ڏياچ پنهنجو سر مگڻي کي ڏئي يا جاجڪ پنهنجو سر وڏي سورٺ ورَکي ٿو حوالي ڪري، سا ڳالهہ مڙيو ئي هڪڙي ٿيو پوي ۽ "راجا راڳائي، هر دوئي هيڪ ٿيا" واري صورتحال ظاهر ٿيو پوي، موت جي موضوع تي ڀٽائي صاحب فلسفي جو مطالعو سورٺ جي جي موت مان ملندڙ تمثيل جي روشنيءَ ۾ واقعي حيران ڪندڙ آهي:

ٽيئي پرتا پاڻ ۾، تند، ڪتارو ڪند،
تنهن جهوئي ناهہ ڪو، جوتو چارڻ ڪيو پند،
ايءُ شڪر الحمد، جو مٿو گهريو مگڻ.

هتي انسان جي زندگي جي مقصد ۽ موت سان سنگم ڏيکاريو ويو آهي، هي اهڙي منزل آهي جنهن کي ماڻڻ لاءِ سر جي قرباني ڏيڻ ضروري ٿيو پوي ڇاڪاڻ تہ جيستائين ڪنهن ماڻهوءَ ۾ وڏائي ۽ تڪبر موجود آهي ۽ جيستائين ڪو ماڻهو پاڻ کي جيئري ئي نہ ٿو ماري، تيستائين هن جو ڪامل انسان ٿيڻ ممڪن ناهي.

اهڙي ڪامل انسان جي وصف بيان ڪندي ڀٽائي صاحب سر سورٺ جي هڪڙي بيت ۾ چوي ٿو تہ اهڙو ماڻهو موت کي ڀنيءَ تي کنيو ٿو وتي ۽ حق سچ جي راهہ ۾ مرڻ لاءِ هر وقت تيار ٿو رهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳجهہ پنھنجي ڳجهہ سين،رندا رساڻي لاءِ(يعني تو وٽ جيڪو ڳجهہ آهي، سو مخفيٰ طريقي سان وِجي پهچائيءَ اچ اي فقيرا!)

ڳجهہ پنهنجي ڳجهہ سين، رندا رساڻي لاءِ،
اجل اپو آهہ، پنيءَ تو پلاڻيو.

هاڻي اهڙو ڪردار جنهن وٽ وڏائي ناهي، جيڪو پنهنجو پاڻ وڃائي ٻين جي ڀلائي لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان منزل تي پهچڻ لاءِ هن پنهنجي سر کي بہ قربان ڪري ڇڏيو آهي، سو ايڏو طاقتور ڪردار تي ابري ٿو جو جيڪو بہ ان سان لهہ وچڙ ۾ اچي ٿو، سو هن ڪان قائل ٿيو پوي ۽ هن جي ڏسيل راهہ تي هلڻ لاءِ تيار ٿيو پوي، ايستائين جو مقصد واري مارڳ ۾ مرڻ کي پنهنجو ڀاڳ ٿو سمجهي، وڏو طالع ٿو ڄاڻي:

سر مڱي،سر گهري، سر ريءَ، ٿئي نہ صلاح،
غريبنئون نہ گذري، تو ماري مير ملاح،
نايو نوابن جا، سوريو ڪڍي ساهہ،
خالق سنجهہ صباح، ڪو نہ ڇڏيندو ڪٽ هين.
جاجُڪ جهونا ڳڙهہ ۾، ڪوٗ عطائي آيو
تنهن ڪامل ڪڍي ڪينرو، ويهي وڄايو
شهر سڄو ٿي سر سيڻ، تندن تپايو
دايون درمانديون ٿيون - ٻائن ٻاڏايو
چارڻ تي چايو تہ ماري آهي مڱڻو.

ان جي باوجود تہ مڱڻو ماڻهوءَ کي مڪمل انسان ٿيڻ لاءِ جيئري مرڻ جي دعوت ٿو ڏئي تہ جيئن اهو ماڻهو ذاتي مفاد کي اجتماعي ڀلي لاءِ قربان ڪرڻ جو درس حاصل ڪري سگهي ۽ ڪنڌ ڪپائڻ کان ڪيٻائڻ ڇڏي ڏئي، پٽائي صاحب، ان کي هڪ آدرشي ڪردار سمجهي، پاڻ ڏانهن سڏ ٿو ڪري ۽ هن کي سر جو دان ڏيڻ جي دعوت ٿو ڏئي چئي ٿو:

موٽي مڱڻهار شال ۾ اچين ڪڏهين،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انئي ڀِهر اجل جو، ڪُنڊو منجھه ڪپار،
جيئن ٿو سڀ چمار، هنيا چٽ پٽن تي.

پوءِ جڏهن اهو ڪردار عام ماڻهوءَ وٽ اچي ٿو، جيڪو دنيا جي مادي توڙي روحاني پنجوڙن ۾ جڪڙيل آهي، ان کي ان پڪڙ جڪڙ مان آزاد ڪرائڻ لاءِ هن ڪان سرڏيڻ جي صدا ٿو هڻي، تڏهن پٽائي صاحب وائي ٿو ڳائي، سرسورٺ جي هڪ وائيءَ ۾ چئي ٿو: "هي جو آيو مڱڻو، سو متارا ماري." ٻيءَ واريءَ ۾ان موهت جو ذڪر ٿو ڪري جيڪا سرڏيڻ جي فلسفي ۾ ڪٿوريءَ جيان ڦهلجي وئي آهي:

تنهنجيءَ تند تنوار،
مون من موهيو مڱڻا.

سو سائين، اُنسان جي اندر ۾ جيڪو ابليس ويٺو آهي، ماڻهو جي وحشي جيوت جا جيڪي نشان اجا متجي نه سگهيا آهن، لکين ڪروڙين ڇڳاين سان گڏ بديءَ جو جيڪو بار انسان پنهنجي ڪلهن تي ڪنيو، پيو گهمي جنهن جي ڪري دنيا ۾ رتو ڇاڻ جي راند عام ٿي پئي آهي ۽ ماڻهو ماڻهوءَ بوءِ ڪرڻ لڳو آهي، انَ سموري صورتحال ۾ ماڻهپي کي تحفظ ڏيڻ لاءِ ماڻهوءَ کي انسان بنائڻ لاءِ سماجي حيوان کي جهنگلي جانورن کان اتم ڪرڻ ڪارڻ ۽ سماج مان بربريت ۽ دهشتگرديءَ کي ناس ڪرڻ جي مقصد خاطر پٽائي صاحب جيڪو نسخو تلاش ڪيو آهي، تنهن جو محور انسان آهي، هو ماڻهوءَ سان مخاطب آهي ۽ سمجهي ٿو ته انسان جيڪڏهن پنهنجي اندر مان ابليس ڪڍي ڇڏي ته جيڪر سڄو سماج صاف ۽ سترو ٿي پوي، ماڻهوُ جيڪو خونخوار جانور کان به وڌيڪ ظالم، جابر ۽ دهشتگرد ٿئي ٿو، اهو دراصل پنهنجي اندر ۾ پاليل مانگرمڇ کي ماري نه ٿو سگهي ۽ ان اندر جي آدمخور جي پيٽ واري دوزخ کي پرڻ لاءِ هو جيئرا جاڳندا انسان ڳڙڪائي ڪائي ڪپائي ٿو ڇڏي. اهڙي گمراهه انسان کي ڏڳ لائيندي پٽائي صاحب ڏکي جدوجهد جو ڏس ڏئي ٿو ۽ سرگهاتوءَ جي هڪ بيت ۾ چوي ٿو:

جئن جهڳا پائين جهول ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(يعني جيئن نندي پاٽي ۾ نَنڍڙو چارٽو وِڃائين)

جيئن جهڳا پائين جهول ۾، ائين نہ مرن مڇ،

(يعني رنگيل ۽ مضبوط رڇ مانگر مڇ کي مارڻ لاءِ هٿ ڪري وٺ)

هي ڇاڙون ۽ ڇڇ، اجا اوڙاهہ اڳاهون ٿيو.

هي تہ اجا تانگهو ۽ اڇاترو پاٽي آهي، ان ۾ سنهيون ڇاريون وجهڻ سان وڏا مڇ مري نہ سگهندا آهن، اجا اونهون سمونڊ ۽ مانگر مڇ گهڻو اڳتي آهي، جنهن کي مارڻ تمام ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ:

متو آهين مڇ، تلهو تيو ٿونا هڻين،

تو جا پائين اڇ، تنهن پاڻيءَ پنا ڏينهڙا.

وڏي مڇي، نندي مڇيءَ کي کائي تلهي تي پئي آهي ۽ مڇ تي پئي آهي، جيڪا طاقت جي زور تي هر ڪمزور جيءَ تي بربريت سان وار ڪري رهي آهي، ان بديءَ جي قوت، مانگر مڇ، ميڪريا ماريءَ کي مارڻ گهور کي گهورڻو پوندو. مضبوط اوزار هٿ ڪرڻا پوندا ۽ طاقت جمع ڪرڻي پوندي، ڇاڪاڻ تہ جيستائين ائين نہ ڪبو تيستائين سماج ۾ موت جي سوداگرن جو مقابلو ڪري نہ سگهبو. سو ڀِٽائي صاحب موتُ جي فلسفي تي پنهنجي شاعريءَ ۾ ماريءَ کي مارڻ جا ڏانوَ ڏسيا آهن ۽ انسان دشمن قوتن سان سر جو سانگو لاهي جنگ جوٽڻ جو سبق ڏنو آهي، ان جنگ جي ڪاميابيءَ جو تصور ڪندي اسان جي مها ڪويءَ خوشيءَ شادماني ۽ ڪامراني جو هڪ گيت ڇيو آهي:

گهوريندي گهور پيا، اگهور گهوريائون،

ميڪر ماريائون، ملاحن منهن سنرا.

البت ظلم خلاف ان جنگ ۾، سماج مان وحشپٽي کي ٻنجي ڏيڻ واري هلچل دوران ۽ ايندڙ نسلن کي موت جو منحوس نند ڏيارڻ وارين قوتن خلاف سر جي بازي لڳائي وڙهندڙ ڪردارن جي شهادت تي ڀِٽائي صاحب کين خراج عقيدت پيش ڪندي هي وائي لکي آهي، جنهن ۾ موت ڪان نفرت ۽ زندگيءَ سان محبت سمايل آهي:

گهاتو گهر نہ آئيا،
جيڪس جهليا مڇ،
گهاتو گهر نہ آئيا.

سو اچو تہ هن پيري ڳالهہ ان نعري سان ختم ڪريون تہ موت مرده باد، حياتي زنده باد ۽ ايندڙ پيري ڀاڱ اهي بيت پڙهنداسين جيڪي سامين ۽ ڪاهوڙين جي حوالي سان پيتائي صاحب ساڳئي موضوع تي لکندي پنهنجي عظيم شاعراڻي فن وسيلي ساڳيو نعرو هنيو آهي.

قسط: 11

سوچ جي گهري سمونڊ مان ۽ فلسفي جي اونهي عميق مان سنڌي ٻوليءَ جي عظيم شاعر جيڪي هيرا ۽ موتي، ڳولي اسان لاءِ آندا آهن اهي بيتن جي صورت ۾ اسان وٽ موجود آهن. انهن بيتن جي تفصيلي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ پيتائي صاحب رڳو شاعريءَ ڪرڻ لاءِ بيت نہ چيا هئا پر خاص ڪري سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن ۽ مجموعي طور تي سڄي دنيا جي آدمين لاءِ هن ڪو پيغام ڏيڻ پئي گهريو ـ هن جي اندر ۾ ۽ هن جي ذهن ۾ ڪا انوکي ڳالهہ هئي جيڪا هن انسانذات کي سمجهائڻ ٿي گهري، ان ڪري هن پنهنجن بيتن ۾ هڪڙا ڪردار تخليق ڪيا جن جي واتان هن اهڙيون ڳالهيون چورايون جيڪي عام طور تي چوڻ ممڪن ناهن هونديون. هڪ وڏي گيان ۽ فلسفي جي ڄاڻو هئڻ سان گڏوگڏ پيتائي صاحب هڪ بي مثال شاعر پڻ هيو ۽ اهو ئي سبب آهي جو هن هر ڳالهہ انتهائي فنائتي انداز سان ڪئي آهي ۽ اهي سڀيئي شاعراڻيون ڪاريگريون استعمال ڪيون اتس جيڪي دنيا جو ڪو عظيم شاعر ئي ڪري سگهي ٿو.

هن پيري اوهان پيتائي صاحب جي ڪجهہ غير معمولي ڪردارن ۽ انوکين علامتن ۽ شاعريءَ جي گڏڻ جو هڳاءُ محسوس ڪندئو. البت اسان جيڪي بيت پڙهنداسون انهن جو موضوع ساڳيو "موت" هوندو.

ڪوني ڪُنائون، اڄ پڻ اڪڙين سين،

ماسُ وراهي هليا، ڪِرنگهل ڇڏيائون،
وَتَواسو باالحق، وتواسو باالصبر، ائين اتائون،
مُئي ماريائون، ڪلي گهايو سڄڻين.

هن بيت ۾ ڏسو ته عشق ۾ اڳيئي ڪٺل ۽ محبت جي ماريل ڪردار ڪي موت جو مزو چکائڻ لاءِ ڪهڻ جا ڪهڙا اوزار استعمال ٿيل آهن، هڪ ته ڪُهڻ جو ڪم اڪرين ٿيون ڪن ۽ ٻيو آهي مُرڪ جيڪا گهرا گهاوَ تي ڪري وجهي ۽ عاشق انهن گهاون جو تاب نه سهي مري ٿو وڃي جڏهن ته ويندي ويندي سندس محبوب ڪيس اها تلقين ڪندو ٿو وڃي ته وَتَواصو باالحق، وتواصو باالصبر"يعني چُپ چُپات ۽ صبر ۾ رهي حق سان ۽ پاڻ ۾ صلاح ڪندا رهو، سونهن پريون اکڙيون ۽ زهر ڀريل مرڪ اهڙا اوزار ثابت ٿين ٿا جيڪي عشق جي جسم تان ماس روڙي پوئتي رڳو هڏن جو ڪرنگهو ڇڏين ٿا.

ڪٺان سڪئين سپرين، ڪاسائڪي ڪار،
تکي ڪاتي هٿ ۾، منيءَ سين مَ مار،
چوري چاڪ نهار، سُورن سانگهيڙا ڪيا.

هن بيت ۾ مڏي ڪاتيءَ سان ڪسجڻ واري معراج جو مزو آهي ۽ ڏِيڏُن جي شهيد جي جسم تي آهن چهڪ ۽ ٻيا سانگهيڙا جن جي معنيٰ آهي سوراخ، تُنگ يا گهرا گهاءَ ـ هي به بيت سريروو سنڌيءَ مان چونڊيل آهن جيڪو سُر ڀٽائي صاحب برووراڳٽي ڪي سنڌي لهجي ۾ ڳائيندي ان ۾ انساني عشق ۽ سرمستي جو مواد ڏنو آهي. هتي ياد رکڻ گهرجي ته عشق ۽ سرمستي اهڙيون ذهني ڪيفيتون آهن جن ڪان سواءِ سر ڏيڻ ممڪن ناهي هوندو."مَئي متي مهراڻ ۾ پٽو ٽپو ڏيئي" وارو عمل عقل ڪان آڳاهون هوندو آهي، چاڪاڻ ته"عقل، مت، شرم، ٽيئي نينهن نهوڙيا،" واري ڪيفيت انسان ڪي قاسيءَ جي تختي تائين وٺي ايندي آهي ۽ شهادت جي سيج تي سمهاري سگهندي آهي.

سو ڀٽائي صاحب جي شاعريءَ ۾ هڪڙا اهڙا انوکا ڪردار ملن ٿا جيڪي پاڻ ڪان به وڌيڪ انوکن ڪردارن سان عشق ڪن ٿا ۽ موت جي اکين ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکيون وجهي ان کي مات ڏين ٿا:

مران، متو پٽيان، نهاريان نيٽان،
سُخن جي سندانِ، آءٌ نہ جيئندي اُنَ ري.

سُر رامڪليءَ جي هن بيت ۾ جيڪو عاشق آهي اهو معشوق جي "سُخن" تي عاشق ٿي پيو آهي. اهو سُخن اهو ڏاهپ جو ڏانءُ، اهو فلسفو ڪهڙو آهي ۽ اهي معشوق ڪهڙي قسم جا ماڻهو آهن جن کان سواءِ پٽائي صاحب جي گمنام سورمي جي نہ ٿي سگهي آهي؟

ٻُڪَ وڏائون ٻُڪرين، جوڳي ڪندا جُڄَ،
طلب نہ رکن طعام جي، اوتيو پين اُڄَ،
لاهوتين لطيف چئي، من ماري ڪيو مُڄَ،
سامي جهاڳي سُڄَ، وڃي وسئن کي ويجها ٿيا.

اهي معشوق آهن جوڳي، لاهوتي، سامي ۽ ڪاهوڙي جن پنهنجين گودڙين ۾ ڪاٺ جي شين بدران ٻڪ پري آهي، هنن کي لذيذ کاڌي ۽ طعام جي ڪا طلب ڪانهي، پيئڻ لاءِ هنن وٽ اُڄَ آهي جنهن کي اوتيو پيا اوتين ۽ پنهنجي من کي سٽي ڪٽي نرم ڪري وڏائي کي ماري ڇڏيو اٿن. اهي سامي سُڄَ جهاڳي رهيا آهن ۽ ٻرپٽ، جبل، رڻ پٽ ۽ رڃ مان رڙهي سڙهي هاڻي ڪنهن وسئن کي اچي ويجهو پهتا آهن.

مرڻ مُسلم جن، واحد تن نہ وسري،
مٿي سڳر ڪاپڙي، نانگا ننڊ نہ ڪن،
نيڻ سدائين تن، اوجاڳن اجاريا.

هن بيت ۾ اجاڳر انهن ڪردارن کي وڌيڪ واضح ڪيو ويو آهي، جن کانسواءِ پٽائي جي سورمي ٿي چوي تہ "آءٌ نہ جيئندي اُن ري." هن بيت ۾ انهن ڪردار جي جيڪا تصوير چٽي وئي آهي ان مان ان حقيقت جو اظهار ٿئي ٿو تہ انهن انقلابي ماڻهن مرڻ کي تسليم ڪري ڇڏيو آهي. هو حق سچ جي منزل ۾ جدوجهد دوران مرڻ کان نہ ٿا ڊڄن اهي ڪاپڙي ۽ نانگا رستي ۾ پنڌ ۾ ۽ جدوجهد دوران ننڊ جا هيراڪ ناهن ۽ سندن اکيون هميشہ اوجاڳن جون اجاريل آهن ـ هونئن تہ عام طور

اوجاڳي ۾ ماٺِهوءَ جون اکيون ڏرا ڏئي ويندڙيون آهن، سُڄي پونديون آهن ۽ سونهن وڃائي وهنديون آهن. پر اهو پيٽائي صاحب جي شاعراڻي فن جو ڪمال آهي جو اوجاڳيل اکڙين مان پنهنجي جمالياتي حُسنَ وسيلي اٿاهه حسن ڪڍي پڌرو ڪيو اٿائين ۽ ان سموري فنڪاريءَ جو مقصد صرف اهو آهي تہ اُهي سچ جي راهہ ۾ جدوجهد ڪندڙ ڪردار آهن ان ڪري انهن جي اوجاڳيل اکين مان بہ سونهن اوتجي رهي آهي.

سُر رامڪليءَ جي انهن انقلابي ڪردارن جي هيءَ تصوير بہ ڏسو ۽ پيٽائي صاحب جنهن شاعراڻي ڪماليت سان اها ڪردار نگاري ڪئي آهي ان تي بہ سوچيو:

تهڙا ڪڙچ ڪَڪِرا، جهڙا جاڻُن ڦُل،

(يعني سامي جيڪي ڪاٺيون ۽ ڪانا ميڙي باهہ ٻارڻ لاءِ ننڍيون ڍِڳيون ٺاهي رکن ٿا اهي ايئن ٿيون لڳن جڻ جاڻو پُوٽي جا گل آهن.)

تن سامين جي سڏَ مران، جن جي گودڙين ۾ گل،
اندر مُلان مُلَ، ٻاهر ڪوجها ڪاپڙي.

اهي ڪاپڙي جن جو بدن مٽيءَ ۾ پيوت آهي ۽ ٻاهران ڪوجها ٿا لڳن سي اندر ۾ اجرا، بي بها ۽ اَمُل آهن. هاڻي سچ جا راهي، حق جي منزل ڏانهن ڏوڪيندڙ انقلابي روح، جيڪي ظاهر ۾ زاني پر "فڪر ۾ فنا" ٿيل آهن. اهي داہو ڪري اڳتي روانا ٿي ويا آهن ۽ انهن جا پوئلڳ ساٿي ۽ ان پروڙ جا پانڌيئڙا انهن جي فراق ۾ اوسارين ٿا:

سَتُر سِڱڙين سين، لحظي لاٿائون،
ڪينر ڪُنِي آهيان، اُنين جي آٿون،
مون ڪي مارياٿون، آءٌ نہ جيئندي ان ري.

اڄ نہ اوطاقن ۾ دُونِهَين، ڏُنڌُ، نہ لاٽ،
ويا ويراڳي نڪري، چِتَ چُڪائي چاٽ،
ماريس تنهين ماٺَ، جيجان جوڳيئڙن جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ نہ اوطاقن ۾، طالب ٿنوارين،
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتيّ لڏي ويا.

سر رامڪلي جا اهي ڪردار جن کي پيٽائي صاحب لاهوتي ٿو سڏي تن جي لڏي وڃڻ ۽ سر ڪارايل جي مورن جي مري وڃڻ هڪڙو ئي تاريخي پس منظر آهي جنهن تي اسان جي شاعر ۽ فلسفي پيٽائي صاحب ماتم ڪيو آهي، ان ماتم جو ڪارڻ اهو آهي جو پيٽائي صاحب جو وطن هاڻي ڳجهن جو ڳاهہ ٿي رهيو آهي ۽ ڪوڙن ڪانيرن جو آکيرو ٿي ويو آهي:

ويا مور مري، هنج نہ رهيو هيڪڙو،
وطن ٿيو وري، ڪوڙن ڪانيَرن جو.

"ڪارايل" لفظ جي معنيٰ ٿي آهي "مورُ" ۽ مور وسڪاري ۾ جڏهن ٽلندا آهن تہ ٿرُ برُ نہ هوندو آهي ڪشمير ٿي ويندو آهي " ۽ جڏهن پيٽائي صاحب جي وطن مان مور مري ويندا آهن تڏهن اهو موت هنج پکين کي هنجون هارڻ لاءِ مجبور ڪندو آهي ڇاڪاڻ تہ مورن جي جاءِ اچي ڪانوَ وٺندا آهن ۽ جڏهن هنج هليا ويندا آهن تڏهن ڪنگ اچي اڇو پاڻي لڙياٺو ڪندا آهن:

اڇو پاڻي لڙ ٿيو، ڪالوَريو ڪنگن
اڇيو لڄ مرن، تنهن سَرَ متي هنجڙا.

پر بهرحال اهڙو ظلم هميشہ نہ هلندو آهي ۽ "واريءَ" سندو ڪوٽ گهڻي وقت تائين اڏي نہ سگهبو آهي، نيٺ سچ جي فتح ٿيندي آهي ۽ ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ پوندي آهي، محبتي مڙي هڪ جاءِ ٿيندا آهن ۽ موت کي مات ايندي آهي ۽ پوءِ سرڏهر ۾ پيٽائي صاحب هي بيت چوندو آهي:

لکي ۽ لاکو، هئي مُئا، ٻاجهہ تي
قادر لاٿو ڪڇ تان، اديون اولاڪو
وانڍين ۾ واڪو، تہ ريبا ري رهي ويا.

(هتي لکي انهيءَ گهوڙيءَ جو نالو آهي جنهن تي لاکو چڙهي ڏاڙا هڻندو هو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوڏن پاران جيڪو ڏنگهر اڏيو ويندو هو سو ڍلو ٿي پوندو هو، پر پوءِ لاکو ڏاڙيل جڏهن پنهنجيءَ سواريءَ سميت تباهه ٿيندو آهي ته پوءِ ظلم جا ماريل ماڻهو جيڪي لڏي وڃڻ جو سوچيندا آهن، اهي واپس پنهنجن وٿاڻن ۾ رهي پوندا آهن ۽ ڏکيا ڏينهن گذري ويندا آهن، تر ۾ ڏکر ختم ٿي ويندو آهي ۽ وسڪاري کان پوءِ سڪار جا ڏينهن اچي ويندا آهن.

سو سائين، موت کي مات ڏئي، ڏک کي ڏهاڳ ڏئي، سورن کي سنڌڪو ڪڍي، ڏڪيءَ کي ڏِ کَ وهاري، ڀٽائي صاحب هاڻي پنهنجي هڪ ٻئي موضوع ڏانهن موٽي ٿو اچي جنهن بابت ايندڙ پروگرام ۾ ڪچهري ڪنداسون ـ تيستائين موڪلاڻي ناهي.

ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ حسن، سونهن، جمال

قسط: 12

ڀٽائي صاحب جي شاعريءَ جو موضوعاتي اڀياس ڪندي اسان گذريل يارهن قسطن ۾ رڳو ٽن موضوعن جو مختصر مطالعو پيش ڪري سگهيا آهيون، اهي موضوع هئا ڏک، ڏڪي ۽ موت ـ ان سلسلي ۾ اسان مختلف سرن مان اهڙا بيت چونڊي سمجهاڻي سان گڏ پڙهيا هئا جن ۾ ڏک، سور، وِرهه، درد، غم ۽ گوندر جو ذڪر ڪيل هو، ڏڪيءَ جي ڪردار جا پارپتا ۽ گڻ اوگڻ ڏيکاريل هئا ۽ موت جهڙي عالمگير موضوع تي بحث ٿيل هو ۽ موت کي مات ڏيڻ جا گس پيچرا ڏسيل هئا.

هاڻي کان وٺي اسان سنڌيءَ ٻوليءَ جي سڀني کان وڏي شاعر جي ڪلام مان اهڙن بيتن جو اڀياس ڪنداسون جن ۾ هڪ ٻيو عالمگير موضوع بحث هيٺ اچي ٿو، جنهن کي دنيا جي هر ننڍي وڏي شاعر ڳاتو آهي ۽ جنهن کان سواءِ شاعري بي سواد هوندي آهي، اهو موضوع آهي حسن، سونهن ۽ جَمال، ان موضوع تي ڀٽائي صاحب جي چيل بيتن ٻڌڻ کان پوءِ اسان کي محسوس ٿيندو ته حسن رڳو سونهن جو ٻئي نالو ناهي هوندو ۽ سُونهن وڻندڙ جسماني بيهڪ کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن متاهين حقيقت جو نالو آهي. حُسن جو ذڪر جيڪو اسان کي پيتائي صاحب وٽان ملي ٿو سو عام رواجي فلسفو ناهي، ان جو دائرو جواني، سينگار، دولت، خوشحالي ۽ رنگ روپ جون حدون ٽپي هڪ اهڙي فڪري ڪيفيت تائين پهچي ٿو جنهن کي محسوس ڪرڻ لاءِ حساس جماليات جي ضرورت پوي ٿي. پيتائي صاحب جنهن حسن، سونهن ۽ جمال جو ذڪر ڪري ٿو سو رڳو انسان ۾ ئي ناهي هوندو پر ڪائنات جي ذري ذري ۾ تجلا ڏيندي نظر اچي ٿو. ان موضوع تي ڪيل سنڌن شاعري جي علامتن ۽ تمثيلن جي ظاهري روپ تي ايشيا جي ثقافتي اثرن ۽ صوفي مت توڙي ويدانت جي گيان جا اولڙا برابر موجود آهن پر ان جي فڪري پهلوءَ تي فطرت جو گهرو اثر نظر اچي ٿو جيڪو پڻ هڪ عالمگير شاعراڻي روايت جي تخليق جو راز آهي. اسان جو شاعر جڏهن انساني حسن جو عڪس ڏيکاري ٿو تہ هندي شاعريءَ جا سورهن سينگار اوپاڻجي وڃن ٿا ۽ جڏهن فطرت جي حسن جو چِٽُ ٺو چِٽي تڏهن جپاني هائيڪي جا شاعر ۽ نيچر تي شاعري ڪندڙ يورپي ڪوي ڪومائجي وڃن ٿا _ دنيا جي عظيم شاعرن برابر بهار جي موسم مان سونهن کي محسوس ڪيو آهي ۽ خزان جي حسن جو بہ ذڪر ڪيو آهي، پر سنڌيءَ جي هن عظيم شاعر جي شاعراڻي فن ۾ جيڪا سونهن آهي ان تي بهار ۽ خزان جون ڪيترين ئي موسمون قربان ڪري سگهجن ٿيون

آڪون، ڊاڪون، سرڪنڊ شاخون،
جت چوڪا چندن ڪنئُور،
مَئي سي ئي ماڻيا،
جت نہ پِرن پيئُون،
ڪنواريون ۽ ڪنئُور،
ڪاهِ تہ پسون ڪاڪ جا. ..

هن بيت ۾ حُسن، سونهن يا جمال مان ڪو بہ لفظ استعمال ٿيل ناهي پر پوءِ بہ ايئن ٿو لڳي جيئن حسن ماڪيءَ جي لارجيان بيت مان وهي هليو هجي. لفظن، لفظن جي اندر ۾ سمايل ترنم، آڪون، ڊاڪون، سرڪنڊ شاخون، چندن، ڪنور ۽ ڪنواريون _ اهڙو حسن جو باغ جنهن ۾ پيئُونر بہ داخل ٿي نہ ٿو سگهي ۽ اتي اٿ

جهڙو جانور چيڪ چري رهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ اهو مَيو راڻي کي ڪٽي هٿ پهتو آهي، اهڙو ئي هڪڙو ٻيو بيت ٻڌو جنهن ۾ پڻ سونهن حسن ۽ جمال وارا ٽيئي لفظ غائب آهن پرپوءِ بہ ان ۾ لفظن جو حسن اوتيل آهي:

جنهن تڙ ڏوٽون ڏون، چوٽا چندن چڪ ڪيو
اچن پيئونر پنيوليا، تنهن پاٽيءَ متي پونِ،
رانول رَتو رون، ڪو وهہ لڳو واسئين.

هن بيت ۾ خوشبوءِ جي زهر جي سونهن جو ذڪر آهي، جنهن جي اولڙي سان پيئوترن جا هانوَ ڦاٽي تا پون ۽ سونهن پريا شهزادا رت جا ڳوڙها هاريندا هليا تا وڃن......

۽ هاڻي هي بيت ٻڌو جنهن ۾ پٺائي صاحب سونهن جو لفظ استعمال ڪيو آهي:

جهڙا گل گلاب جا، تهڙا متن ويس،
چوٽا تيل چنبيليا، ها ها، هو، هميش،
پسيو سونهن سيد چئي نينهن اچن نيش،
لالڻ جي لبيس، آتڻِ اکر نہ اچهي.

سون ورنيون سوڍيون، رُپي رانديون ڪن،
اگر . اوطاقن ۾، ڪتورين ڪُتن،
اوتياڻون عبير جا، متي طاق تڙن،
ٻاتن ٻيلون ٻڌيون، پسيو سونهن سڙن،
ٽيا لاهوتي لطيف چئي، پسڻ لئہ پرين،
اجهي تا اچن، ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي.

هي سڀ انساني حسن جا اولڙا آهن جيڪي ازل ڪان وٺي شاعراڻي دل رکندڙ هر انسان جي اندر ۾ لهي ويندا آهن. حُسن جيڪو اسم ذات آهي ۽ حسن جيڪو فلسفو آهي، فڪري ڪيفيت آهي ۽ سچ جي ساڃاهہ آهي ان تي بحث اڳتي هلي ايندو. هيئئين بيت ۾ انساني حسن ۽ ڌرتي جو رشتو ڏسو تہ ڪيڏو نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳهاٽو آهي:

ناز منجهاران نڪري، جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ،
تہ پون پڻ بسم الله چئي، راهہ چمي ٿي رند،
اڀيون گهٽي ادب سين،حورون حيرت هنڌ،
سائينءَ جو سوڳنڌ، ساڃن سينڻان سهڻو.

سر بروو سنڌيءَ جي هن بيت ۾ حُسن ۽ نازڪي ڌرتي پڻ ادب وچان آڌرڀاءُ ڪري ٿي ۽ انهيءَ راهہ کي چمي ٿي جتان سونهن جو پاڇولو گذري ٿو ۽ اهڙي طرح ڌرتي سان گڏ آسمان، سج، چنڊ، تارا ۽ ڪڪر پڻ سونهن جي چقمق اڳيان چڪجي اچن ٿا جڏهن پيٽائي صاحب چوي ٿو:

ڪٽي نيڻ خمار مان، جا ڪيائون ناز نظر
سورج شاخون جهڪيون ڪوماڻو قمر
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ڏيکيندي دلبر
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين.

اونداهي اڌ رات ۾، پرينءَ پسايو پاڻ:
چنڊ ڪَتين ساڻ، پيهي ويو پڙلاءُ ۾.

سر ڪنيات جي هنن بيتن ۾ سونهن جو پرتوو ڪائنات جي مڙني روشنين کي جهڪو ڪري ٿو ڇڏي، اهو جانب جي جمال جو ڪمال آهي، جمال جي اهڙي جادوءَ جو ڪرشمو ڏيکاريندي پيٽائي صاحب پنهنجن بيتن ۾ انساني سونهن کي فطرت جي حسن سان پيٽي ٿو ڏيکاري ۽ پوءِ وري ثابت ٿو ڪري تہ فطرت جو حسن انسان جي سونهن جو مَٽُ ناهي، ان سلسلي ۾ سر ڪوهيارِيءَ جو هي بيت بڌو جيڪو پيٽائي صاحب جي گنج واري رسالي کان اڳ ۾ گهٽو ڪري مڙني قلمي نسخن ۾ رسالي جو پهريون بيت آهي:

ٻر توو پرينءَ جو، جُهڙَ جان جهالاَ ڏئي
آءُ تنهن آريءَ کي، وٺيو راهہَ رُئان گهٽو.

سونهن جي سردار جو جمال آسمان جي ڪنهن خوبصورت ڪڪريءَ وانگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڌرتيءَ تي اولڙا اڇلائي حسن جو هيڪار پيدا ڪريو ڇڏي،پر پرينءَ جو پرتوو آگم ڪان بہ اڳتي آهي، فطرت ۽ انسان جي حسن جي ڀيٽ ڀٽائي صاحب جي سر سارنگ مان هن بيت ۾ ڏسو:

آگم ائين نہ انگ، جهڙو پسڻ پرينءَ جو
سيڻن ري سيد چئي، روح نہ رچن رنگ
سهسين ٿيا سارنگ، جاني آيو جوءِ ۾.

سو حسن جهڙي عالمگير موضوع تي ڀٽائي صاحب جيڪا شاعري ڪئي آهي، ان جون ڪيفيتون ايترون گهڻيون آهن، جيتريون سونهن جون صفتون تي سگهن ٿيون، ايندڙ پيري سونهن جا اجا بہ ڪي گونا گون رنگ ڏسنداسون. البت هن پيري جانب جي جمال بابت سر ڪلياڻ جي هڪ اهڙي بيت تي ڳالهہ ختم ڪريون ٿا جنهن ۾ حسن جون صفتون ڳڻڻ ڪان وڌيڪ آهن:

ڪوڙين ڪاياڻون تنهنجيون، لکن لک هزار
جيءُ سڀ ڪنهن جيءَ سين، درسن ڌاروڻ ڌار
پريم تنهنجا پار، ڪهڙا چئي ڪهڙا چوان.

قسط: 13

"پرينءَ" جو ڪردار تخليق ڪري، ڀٽائي صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ حسن، جمال ۽ سونهن کي انتهائي معياري ادبي قدرن جي روشنيءَ ۾ ڪلاسيڪل انداز سان ڇنڊيو آهي. ان موضوع تي ڇيل بيتن ۾ حسن نہ رڳو پرينءَ جي وار وار مان ٽمندو نظر اچي ٿو پر سڄي ڪائنات ان جي هيڪار سان واسجي وڃي ٿي ۽ اهي لفظ، جملا ۽ بيت جيڪي سونهن جي شاعريءَ ۾ استعمال ٿين ٿا، سي خود هڪ حسين ۽ جميل تحرير ٿيو پون.

اڀر چنڊ، پس پرين، تو اوڏا، مون ڏور
سڄڻ سُتا ولهہ ۾، چوٽا پيري ڪپور
پيرين آءُ نہ پڄڻي، ٻاٻل ڏئي نہ ٻُور.

جنهن تي چڙهي اسور، سنجهي سڄڻ سيٽيان.

ڀٽائي صاحب جو پرين چندن ۽ ڪپور جي مهڪ سان واسيل وار وائڪا ڪري وايو منڊل تي وسندڙ ولهه کي سڳند سان سُرهو ڪري ٿو ڇڏي ۽ سموري ڪائنات سونهن سان سنوارجي ٿي وڃي. پرينءَ جي صورت ايڏي ته سهڻي آهي جو ماڻهو ان تي عاشق ٿي ٿو پوي ۽ هن جو من مستانو ٿي پوي ٿو:

صورت سندِينِ سالَ، پاڻ مصاحب سپرين

(يعني سندن صورت ڏاڍي سهڻي آهي ۽ پرين پاڻ ڏاڍا صحبتي آهن)

مولا ڏِنَن مُنهن ۾، نوري نيڻ نهال

سندي خواب خيال، مون من مستانو ڪيو.

هڪ اهڙي حسين ڪيفيت جو اولڙو سر سامونديءَ جي هن بيت ۾ به ڏسو:

سنهي لَڪَ، نَڪَ سَنئين، ڪجل ڀنن نيڻ

سامونڊي مون سيڻ، ڪِ تو ڪالهه لنگهائيا؟

اسان جي مها ڪويءَ وٽ سونهن جو جيڪو فلسفو ملي ٿو ان مطابق ضروري ناهي ته هر اهو ماڻهو جنهن جي صورت سُهڻي آهي سو حَسين آهي، جمال وارو آهي يا هن ۾ ڪا سونهن آهي. ماڻهوءَ جي جسماني سونهن جنهن جي تصوير ڀٽائي صاحب ننهن کان چوٽيءَ تائين خوبصورت بيتن ذريعي ٺاهي آهي سا اڳتي هلي حسن واري دائري کان ٻاهر اچي وڃي ٿي ۽ ڀٽائي صاحب سونهن کي ظاهري صورت جي پٺيان لڪل ڪنهن انساني ڳڻ ۾ تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

صورت ڳهڻو سهڻا، ٽاٽا سندن ٽوهه.

ريلو ڏِئي روح، جو ڪائي سو ڪامي مري.

هڪڙا اهڙا ماڻهو آهن جن جي شڪل شبيهه ته ڏاڍي سهڻي آهي پر سندن لڇڻ اهڙا اُگرا ۽ ڪَوڙا آهن جهڙا ٽوهه ۽ جيڪو ظاهري صورت واري اهڙي ٽوهه کي ڪائيندو سو ڪامي مرندو. هن بيت مان ڀٽائي صاحب جي سونهن واري فلسفي جو هڪ نئون پهلو سمجهه ۾ اچي ٿو ۽ لڳي ٿو ته صورت کان وڌيڪ اسان جو شاعر سيرت جي حسن جو متوالو آهي. اتي اهو به محسوس ٿئي ٿو ته سونهن رڳو

ڪجلين اکڙين، نوري نيڻن، چندن سان واسيل وارن، سنهي لڪ ۽ نڪ سنئين ۾ ئي لڪل ڪانهي پر ماڻهوءَ جي ماڻهپي ۾ گڻن ڪي به ڪا سونهن ٿئي ٿي.

سونهن وڃاءِ سومرا، وطن وڃان ڪيئن،
حُسن ڏاران هيئن، پسان ڪيئن پنهوار ڪي.

سونهن وڃاءِ سومرا، ميرو مُنهن ٿيوم
وڃڻ تت پيوم، جت هلڻ ناهه حُسن ري.

سونهن جو اهو تصور ڏسو جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي مهان شاعر سر مارئيءَ ۾ ڏنو آهي. عمر بادشاهه پاران ڪوهه تان کڄي وڃڻ کان پوءِ مارئي سمجهي ٿي ته هن جي سونهن وڃائجي وئي آهي جنهن ڪانسواءِ هوءَ وطن ڪيئن ورندي ۽ پنهوار ڪي ڪهڙو منهن ڏيکاريندي؟ مارئي اصل ۾ ٿر جائي هئي ۽ ان اڳي ۽ نه هاڻي ٿر ڄايون ڪنهن سينگار گهر ۾ ميڪ اپ ڪرائي پوءِ ڪوهه تي پاڻي ڀرڻ وينديون آهن يا مال چارڻ نڪرنديون آهن. منهن تي مٽيءَ جي مَيراڻ ته ٿر ۽ ٻر ۾ رهندڙ هر مرد توڙي عورت جو اهڃاڻ هوندو آهي. ان ڪري "ميرو منهن ٿيوم" وارن لفظن ۾ جيڪا مَيراڻ لڪل آهي تنهن جو مٽيءَ سان تعلق ناهي. اهو مَيراڻ مارئي جي ستر ۽ مارن سان وفاداريءَ واري وچن تي شڪ پوڻ جي ميراڻ آهي. اصولن تي سوديبازيءَ جي ميراڻ آهي ۽ دشمن جي آڏو هٿيار ڦٽا ڪرڻ واري طعني جي ميراڻ آهي. سو مارئي جيستائين پنهنجو سَترُ سيل ثابت نه ٿي ڪري تيستائين پنهنجو منهن ميرو تصور ٿي ڪري. ان صورتحال ۾ هوءَ محسوس ٿي ڪري ته هن جو حُسن هليو ويو آهي، هن جي سونهن ڪي سوليءَ تي لٽڪايو ويو آهي، پنهنجي ڌرتي ۽ وطن سان هن کي جيڪا حب آهي ان تي شڪ ڪيو ويو آهي ۽ مارن سان ازل کان به اڳي هن جو جيڪو قول ڪيل آهي، ان کي ڪوڙو ثابت ڪيو پيو وڃي. اهو ئي حسن آهي جنهن ڪانسواءِ مارئي ملير ڏانهن موٽڻ کي پاڻ لاءِ مهڻي هاب سمجهي ٿي.

سونهن وڃاءِ سومرا، مارو مَس مڄين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنگا ڏاڏي پوٽئين، ڪن ڏنا، ڪي ڏين
جي مان لوهہ لاهين، تہ ڪوٺن ۾ ڪيئن هٿان.

قيد جي شاعري جيڪا دنيا جي گهڻو ڪري هر انقلابي شاعر ڪئي آهي ان ۾ پيٽائي صاحب جي فڪر جي نواڻ اها آهي تہ هو قيد مان آزادي حاصل ڪرڻ واري جدوجهد کي حسن جي تحفظ ڪرڻ واري هلچل سمجهي ٿو. ۽ هو ڌرتي تي حسن جي حفاظت ڪرڻ ۽ انسانن ۾ ماڻهپي جي سونهن کي بچائڻ جي لاءِ جاکوڙ ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو. هو سمجهي ٿو تہ دنيا ۾ حُسن جو زوال انساني ڪمال جي شڪست آهي.

سونهن وڃايم سومرا، ڪيڏانهن ويم ڪمال
وڃان ڪيئن وطن ڏي، ههڙو وٺي حال
جي مان ڏين جمال، تہ پسان منهن پنهوار جو.

هاڻي اچو تہ ڏسون پيٽائيءَ صاحب جنهن کي "جمال" تو تصور ڪري، جنهن کي حسن سمجهي ساندڻ جي ڪوشش ٿو ڪري ۽ جنهن سونهن کي تحفظ ڏئي هن ڌرتيءَ تي برقرار رکڻ جي اڻ تڻ ۾ آهي، اها ڪهڙي شئي آهي ۽ ان کي حاصل ڪرڻ جو ڪهڙو نُسخو آهي. هن سلسلي ۾ پيٽائي صاحب اول سونهن جي موضوع تي مولانا روميءَ جو فلسفو پيش ٿو ڪري ۽ پوءِ پنهنجي فڪر کي ٿو واضح ڪري. سريمن ڪلياڻ جي پنجين داستان ۾ عام طور اهڙا ڇهہ بيت ملن ٿا جن ۾ پيٽائي صاحب "مثنوي" ۽ "ديوان شمس تبريز" جي حوالي سان مولانا روميءَ جي ان موضوع تي راءِ ٿو ٻڌائي.

طالبُ ڪَثَرَ سونهن سَن اِي روميءَ جي رَاءِ
ماڻهو ات ڪياءِ مَندُ نہ پَسين منڊيو.

يعني مانڊي جيڪو منڊ پڪيڙيو آهي. سونهن ان جو سرچشمو آهي. هتي دنيا ۾ ماڻهو ڪيئن آيا ۽ ڪثرت جا طالب ڪنهن جي ڳولا ۾ آهن. ان وحدت ۽ ڪثرت جي فلسفي تي روميءَ جي راءِ اها آهي[۲]

طالبُ ڪَثَرَ سونهن سَن ايءُ روميءَ جي رهاڻ
پهرين وڃائڻ پاڻُ، پوءِ پَسڻ پرينءَ کي.

سو وحدت ڪثرت جو روپ ورتو آهي ۽ سونهن ان مانداڻ جو سرچشمو آهي جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اول پنهنجو پاڻ وڃائڻ، پنهنجي انا کي قتلام ڪري پاڻ کي ان مقصد لاءِ ارپڻ ۽ منزل جي ڳولا جاري رکڻ ئي روميءَ جي رهاڻ آهي. البت پيناڻي صاحب انسان ۽ سونهن جي ان فلسفي تي پنهنجي کهڙي راءِ ٿو قائم ڪري، ان جو اندازو سرڪلياڻ جي هن بيت مان ٿي سگهي ٿو:

پاڻهين جل جلال، پاڻهين جان جمال

(يعني هو پاڻ ئي وڏي شان وارو آهي ۽ پاڻ ئي حسن جو مجسمو آهي)

پاڻهين صورت پرينءَ جي، پاڻهين حسن ڪمال
پاڻهين پير مريد ٿئي، پاڻهين پاڻ خيال
سڀ سڀوئي حال، منجهان ئي معلوم ٿيو.

سو اهو سڀ ڪجهه انسان کي پنهنجي اندر مان ئي معلوم ٿئي ٿو ته هو پاڻ ئي وڏي شان وارو آهي، پاڻ ئي حسن جو ڪمال آهي، پاڻ ئي اهو پرين آهي جيڪو هميشه حسناڪ آهي، پاڻ ئي پير آهي ۽ پاڻ ئي پنهنجو مريد آهي، پاڻ ئي هڪ خيال آهي ۽ پاڻ ئي اها حقيقت آهي، جيڪا وحدت مان ڦري ڪثرت تي آهي. اها کهڙي شئي آهي، اهو راز ڪهڙو آهي جنهن کي پيناڻي صاحب"پاڻ "تو ڪوٺي. ان جون بيون کهڙيون صورتون آهن، ان جا ٻيا کهڙا روپ آهن ۽ ان کي سمجهڻ لاءِ ٻين کهڙين شين جي تشبيهه ضروري آهي، حسن ۽ ذات جي ان فلسفي کي پيناڻي صاحب هن بيت ۾ اڃا به واضح ڪيو آهي:

سو هِي، سو هو، سو اجل، سو الله
سو پرين، سو پساهه، سو ويري، سو واهرو.

سو سونهن ۽ حسن جي فلسفي تي پيناڻي صاحب جي فڪر ۽ فلسفي جون ٻيون به ڪيتريون ئي ڪاياڻون آهن جن جو ذڪر ايندڙ پروگرام ۾ ڪنداسون. تيستائين موڪلاڻي ناهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قسط: 14

نَثر ان تحرير يا ڪلام کي چئبو آهي جنهن ۾ سَنئين سنواٽي نموني سان ڪا ڳالهه ڪئي وڃي يا ڪو مقصد بيان ڪيو وڃي. پر نظمُ اهڙي تحرير يا ڪلام هوندو آهي جنهن ۾ڪنهن مقصد يا ڳالهه کي نه رڳو فناڻتي نموني بيان ڪيو وڃي پر ان ۾ ڪم ايندڙ لفظ ۽ جملا به اهڙا استعمال ڪيا وڃن جيڪي وڻندڙ هجن. انهن ۾ فن هجيِ، ترنم هجي، بيان جا انوکا نمونا استعمال ڪيل هجن، خيال جي اڏام هجي ۽ جيڪا ٻولي استعمال ڪجي ان جا اچار سنگيت جي سرن وانگي وڻندڙ هجن. مون کي موهيندڙ ۽ دل ۾ چُڀي ويندڙ هجن. ٻين لفظن ۾ ايئن چئجي ته شاعري ڪنهن اهڙيءَ تحرير يا ڪلام کي چئبو جنهن ۾ سونهن هجي، لفظن ۾ حسن هجي ۽ جملن ۾ جمال نظر ايندو هجي.

ڀٽائي صاحب جي شاعري ان لحاظ کان سَڀِنِ وصفين سهڻي آهي، شايد ان ڪري ئي دنيا جي عالمنِ هن کي دُنيا جي عظيم شاعرن جي سٽ ۾ شمار ڪيو آهي. پاڻ گذريل ٻن پروگرامن کان وٺي ڀٽائي صاحب جي شاعريءَ جي موضوعاتي مطالعي جي سلسلي ۾ جنهن موضوع تي بيت پڙهي رهيا آهيون، اهو ئي آهي يعني حسن، جمال ۽ سونهن، ان سلسلي ۾ اسان ڀٽائي صاحب جا ڪيترا اهڙا بيت اوهان کي ٻڌايا آهن جن ۾ يا ته سونهن، حسن ۽ جمال وارا لفظ استعمال ٿيل آهن يا جيڪڏهن اهي لفظ موجود ناهن تڏهن به اهي بيت خود سونهن جو سنگم ۽ حسن جو ڪمال هئڻ جي ثابتي ڏين ٿا. اهڙي طرح اسان انساني حسن ۽ ماڻهوءَ جي جسماني سونهن سان گڏ ان جي پويان لڪل انهيءَ جمال کي به بيان ڪيو آهي جنهن کي ڀٽائي صاحب پنهنجي سونهن واري فلسفي جي سلسلي ۾ خاص اهميت ڏني آهي.

سچ پڇو ته ڀٽائي صاحب جنهن به موضوع تي شعر چيو آهي ان ۾ سونهن وارو عنصر نمايان آهي، پلي ته جنگ جي ميدان جي شاعري هجي، يا قيد ۽ بند جي ڪهاڻي، سنڌ جي فصلن جي تباهيءَ جو ذڪر هجي يا ٻيلن جي بربادي تي ماتم ڪيل هجي، سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ جو سڪي وڃڻ هجي يا ٽر ۾ وسڪاري جو ذڪر هجي، جبلن ۾ رهندڙ ماڻهن جو بيان هجي يا پاڻيءَ تي رهندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميربحرن جي زندگي بيان ڪيل هجي، ڪا لوڪ ڪهاڻي هجي يا تصوف جو فلسفو هجي، وڇوڙي جو ذڪر ڪيل هجي يا وصال جون واڌايون هجن، اوهان کي هر بيت ۾ ڪو حسن جو جلوو ۽ سونهن جي ساڄهه ضرور نظر ايندي. هن پروگرام ۾ اسان انساني سونهن ۽ فطرت جي حسن بابت ڪجهه بيت پڙهنداسون، جنهن مان محسوس ٿيندو تہ فطرت جو جمال ڀلي لاجواب هجي پر انسان سڀني کان سهڻو، حسين ۽ جميل آهي. فطرت جي حسن تي ڀٽائي جيڪو لکيو آهي ان بابت اسان ايندڙ پروگرام ۾ خاص ذڪر ڪنداسون.. تيستائين اوهان هي بہ بيت ٻڌو:

پر تون پرينءَ جو، جهڙ جيئن جهالا ڏئي
آءُ تنهن آريءَ کي ونيو راهہ رئان گهٽو.

اگر ايئن نہ انگ، جهڙو ڀَسڻ پرينءَ جو
سيٽن ريءَ سيدِ چئي، روح نہ رچن رنگ
سهسين ٿيا سارنگ، جاني آيو جوءِ ۾.

هي ٻئي بيت جن ۾ جُهڙ جي ڪنهن خوبصورت منظر کان وڌيڪ انساني حسن جي تعريف ڪيل آهي سي اوهان هن کان اڳ پيش ڪيل پروگرامن ۾ ٻڌي چڪا آهيو. هاڻي اچو تہ هي بيت ٻڌون:

تارا تر تروڪڙيون، مَٿن قلڙيون
ڪوءِ سي راتڙيون، جي پرين پڇاڻان مون پيون.

رات جي سيني تي ۽ اڀ جي چهري تي ستارن جا جنسار بلڪل اهڙي سونهن ڪري بيٺا آهن جهڙي ڪنهن خوبصورت انساني چهري تي ڪارا تِر ڏيکاري ڏيندا آهن ۽ رات جو حسن انهن ستارن جي سونهن سان وڌيڪ موهيندڙ لڳي رهيو آهي جن تي قلڙيون، چِٽَ ۽ گلِ نظر اچي رهيا آهن. پر اهڙيون حسن، پريون راتيون وڃي ٻن پون جن ۾ پرينِ ساڻ نہ هجن. ڀٽائي صاحب جي فلسفي جو محور انسان آهي. فطرت هن جي نظر ۾ انسان جي لاءِ ئي آهي.

چنڊ تنهنجي ذات، پاڙيان تان نہ پرين سين،
تون اُڇو ۾ رات، سڄڻ نت سوجهرا.

چنڊ جي سونهن ۾ جيڪو فطرت جو حسن آهي، ان جي انسان جي حسن سان ڀيٽ ڪئي وئي آهي ۽ ساڳي طرح هن بيت ۾ ڏسو تہ سڄ جي سونهن ۽ پرينءَ جي جمال وچ ۾ ڪهڙو فرق ڄاڻايل آهي:

پيشانيءَ ۾ پرينءَ جي پلائيءَ جا پيرَ
اڱڻِ اُڪنڊين جي، ڏئي پاپوهي پير
قمر پاڙي ڪيرُ شمس سپرين سين.

سو شمس ۽ قمر جي ڀيٽي ناهي جو سپرين جي جمال سان مقابلي ۾ اچي سگهن. ان سلسلي ۾ هڪڙو چنڊ ۽ هڪڙو سج تہ ڇا پر جيڪڏهن ڪيترائي سج اڀري اچن ۽ چوراسي چنڊ ڪڙي بيهن تہ بہ ڀٽائي صاحب جو پرين انهن کان وڌيڪ سهڻو آهي:

سَهسين سجن اڀري، چوراسي چندن
باالله ريءَ پرين، سڀ اُونداهي پانئيان.

سُرڪنيات ۾ اهڙا ڪيترائي بيت ملن ٿا جن ۾ ڀٽائي صاحب چنڊ، سج، ستارن ۽ آسمان جي حسن جو ڏاڍي فنائتي نموني سان ذڪر ڪيو آهي ۽ پوءِ انسان جي سونهن کي فطرت جي حسن کان اتم ثابت ڪندي چوي ٿو:

چوڏهينءَ چنڊ اُڀرين، سهسين ڪري سينگار
پلڪُ پريان جي نہ پڙين، جي جِيلن ڪرين هزار
جهڙو تون سڀ ڄمار، تهڙو دم دوست جو.

چنڊ چوانءِ حق، جي وڙهين، جي وڇرين
بہ اکيون ٽيون نڪ، تو ۾ ناهہ پرينءَ جو.

چنڊ چوانءِ سچ، جي مَٽي نہ پانئين
ڪڏهن اُڀرين سنهڙو، ڪڏهن اڀرين ڳچ

مُنهن ۾ ٻرئي مچ، توءِ ناهه پيشاني پرينءَ
جي.

۽ هاڻي فطرت جو حُسن، عشق ۽ انساني سونهن کي ڏسو ته پيٽائي صاحب ڪيئن ٿو ملائي هڪ ڪري ڇڏي. سر ڪنڀات جي.انهن بيتن ۾ جيڪو حُسن اوتيل آهي ان جو اندازو اوهان پاڻ لڳائي سگهو ٿا.

رات سَهائي، پونءِ سئين، پرت نئين، پنڌ پُور
مَيا محبوبن جي هلي وانءِ حضور
جي ڇِڙڪن ڇِتَ ۾، سي ڪيئن سڄڻ ڏور
الهه لڳ اسور، اتان ئي ٿي آءٌ تون.

چانڊوڪي رات آهي، زمين سنئين سڌي ۽ وشال آهي، نئون عشق لڳل آهي ۽ اٺ جي محتاجي آهي ته جيئن هوندي رات، هُت مڙئون.

رات سَهائي، پونءِ سَئين، پٽين وڏو پنڌ
هلندي جبيبن ڏي، ڪرها موڙ مَ ڪنڌ
ٻنڌڻ سوئي ٻنڌُ، جو پهچائي پرينءَ کي.

حسين رات، سدا سهڻو سپرين ۽ ڊگهي منزل اهو تصوير جو هڪڙو رخ آهي- ۽ ظالم سماج، محبت جا ويري ۽ انساني آزادين جا ازلي دشمن تصوير جي ٻئي پاسي پنهنجا ڪات ڪهاڙا لائي تکا ڪري رهيا آهن. پيار ڪندڙ ٻه روح، پلي پوءِ انهن جو نالو سهڻي ميهار هجي، سسئي پنهون هجي يا مومل راڻو هجي، انهن جني وچ ۾ رڪاوٽ بڻجندڙ هر عنصر جي پيٽائي صاحب شدت سان مذمت ٿو ڪري پوءِ اهو ڏم هجي، ڪچو گهڙو هجي، جادو جو ڪو ڪاڪ محل هجي يا هاڙو، ٻپ ۽ وندر نالي ڪو جبل هجي، پيٽائي صاحب جي لفظن ۾ جبلَ جکَ ٿا مارن ۽ جيڪي ماڻهو عاشقن جي راهه ۾ رڪاوٽ ٿا وجهن سي ڪَرَ آهن.

رات سَهائي، پونءِ سنئين، پائي گهرجي پَلُ
آهر ۾ ايلاچيون، چندن چري چَلُ
مون توئي سين ڳالهڙي، ٻئي ڪنهين مَ سَلُ

ها هُر ڪندو هل تہ ڪجايون ڪرن ڪي.

ٻلي تہ ڪر سڙي رک ٿين، ٻلي تہ انساني آزادين جي اڏام آڏو ايندڙ بدروح ڪردار محبت جي سريءَ کي کھاڙيءَ سان ڏڙڪان ڏار ڪري نہ سگهن، ٻلي تہ سهڻي پنهنجي مقدس نينهن جو نيبهہ ڪري سگهي ۽ عشق زنده باد ٿئي.

رات سَهائي، پونءِ سنئين، پرت نئين پنڌ پَسُ
ميا محبوبن ڏي، وڃڻ ڪجي وس
رات هلي تون رس، تہ خبر ڪرن ڪي نہ پوي.

سو ٻيڻائي صاحب سماجي رشتن ۽ ناتن جي سلسلي ۾ جاگيرداري ثقافتي قدرن جو ازلي دشمن آهي. هو لوڪ سنڌي ڪهاڻين جي سورمن ۽ سورمين جي عشق کي موت تي حاوي ڪري ڪاميابيءَ جي ڪنارن تي پهچائي ساهہ ٿو کڻي ۽ ان سلسلي ۾ نندي ڪنڌ جي مڙني عظيم صوفين وانگي اسان جو شاعر بہ پيار جو پاسو وٺي انارڪزم جي حد تائين انسان جي بنيادي آزادين جو پرچار ڪري ٿو. ان موضوع تي اڳتي هلي تفصيل سان بحث ڪنداسون جنهن مان ثابت ٿيندو تہ ٻيڻائي صاحب فرسوده سماجي قدرن کي ڪيڏيءَ بي درديءَ سان ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، بهرحال اسان حسن ۽ جمال جي موضوع تي ٻيڻائي صاحب جي شاعريءَ ۾ جيڪا سونهن آهي ان جو پرتوو پسڻ جي ڪوشش ڪنداسون ۽ اهڙي طرح ايندڙ پروگرام جو موضوع پڻ ساڳيو هوندو. تيستائين موڪلاڻي ناهي.

ٻيڻائيءَ جي شاعريءَ ۾ فطرت جو حسن

قسط: 15

فطرت جو حسن هڪ اهڙو موضوع آهي، جنهن تي دنيا جي هر شاعر لکيو آهي۔ پر دنيا ۾ ڪي اهڙا شاعر بہ پيدا ٿيا آهن جن جي شاعريءَ جو اهو هڪڙو ئي موضوع رهيو آهي. اهڙن شاعرن کي POETS OF THE NA-TURE يا فطرت جو شاعر ڪوٺيو ويندو آهي. انگريزي ٻوليءَ جي وڏن شاعرن مان وليم ورڊس ورٿ کي فطرت جو عظيم شاعر مڃيو ويندو آهي. هن جو ڪنول

جي گلن تي لکيل هڪ شعر ڏاڍو مشهور آهي جنهن ۾ هن پاڻيءَ جي هڪ حسين ڍنڍ جي ڪناري تي ڪنول جي گلن جي هجوم جي تصوير چٽي آهي ۽ فطرت جي ان ناچ جو حسن بيان ڪيو اٿس. جيڪو هير گهلڻ سان گلن تي حاوي ٿي وڃي ٿو. وليم ورڊس ورٿ جي ان نظم کي پڙهي محسوس ٿيندو آهي تہ شاعري جو فن ڪاريءَ مس سان لکيل لفظن مان سپيئي رنگ ۽ انهن جا جلوا ڏيکاري سگهي ٿو. انگريزي شاعري جي هن بادشاهہ شاعر اهڙو هڪ ٻيو خوبصورت شعر سن 1802ع ۾ لکيو هو جنهن ۾ پرهہ ڦٽيءَ مهل لنڊن جي ٿيمس نديءَ تي پڊل پل مٿان بيهي هن درياءَ جي حسن ۽ سڄي شهر جي مجموعي سونهن کي هڪ خوبصورت تصوير وانگي چٽيو هو.

پر سنڌي ٻوليءَ جي عظيم شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ ان انگريزي شاعر کان اڌ صدي اڳ ساڳي موضوع تي جيڪا شاعري ڪئي آهي ۽ جيڪي بيت چيا آهن انهن کي پڙهي سندس ئي هڪ بيت ۾ ڪيل ڳالهہ هانوَ ۾ هرڻ لڳي ٿي تہ، آسڻ جن اريچ، تن جي وهہ جو ورنُ ٿي ٻيو." سو ڀٽائي صاحب سر سارنگ، سامونڊي، سريراڳ، ڏهر ڪنيات وغيره ۾ فطرت جي سونهن تي جيڪي بيت چيا آهن انهن جو حسن حيران ڪندڙ آهي. چڻ جمال جو ڪمال آهي. سر ڪاموڏ ۾ ڀٽائي صاحب فطرت جي حسن تي جيڪا شاعري ڪئي آهي ان جو پرتوو هن هڪڙي بيت ۾ ڏسو:

هيٺ جَرُ مَٿي مَجَرُ ڪنڌيءَ ڪَنور تَرنِ
وَرِئي واهوندن، ڪينجهر ڪَتوري ٿِئي.

ڪَينجهر جي ڪنڌيءَ تي وڻن جا ڇهچ ساوا ڇُڳا لڙڪي رهيا آهن. هيٺ جالا رو جر جاري ۽ ساري آهي ۽ پاسي ۾ ڪنول جا گل پاڻيءَ تي تري رهيا آهن ۽ چيٽ ڦٽڻ جي مند اچڻ سان جيڪا هير گهلي رهي آهي ان سڄي ڍنڍ کي چڻ عطر جي سرهاڻ سان واسي ڇڏيو آهي. هي فطرت جو حسن آهي يا ڀٽائي صاحب جي شاعريءَ جي سونهن. ان تي سوچڻ کان اڳ هڪ ٻيو بيت پڙهو:

هيٺ جَرُ مَٿي مَجَرُ پاسي ۾ وٽراهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچي وڃي وچ ۾، تماچيءَ جي ساءِ
لڳي اتر واءُ، ڪينجهر هندورو ٿئي.

هن بيت ۾ جيڪا سونهن آهي ان کي رڳو محسوس ئي ڪري سگهجي ٿو. اتر لڳڻ سان ڪينجهر ڍنڍ جو هندورو ٿي وڃڻ. اهڙو منظر آهي جنهن کي ڀٽائي صاحب جي لفظن کان وڌيڪ بين لفظن ۾ بيان نه ٿو ڪري سگهجي. فطرت جو حسن، ڌرتيءَ، دريائن، جبلن، آسمان، چنڊ، سج، ستارن ۽ سيارن، بهار ۽ گلن جي مکڙين ۽ حسين انسانن جي اکين ۾ ٻکندو آهي. انسان ۽ ڪائنات پڻ فطرت جي سونهن جو هڪ موضوع آهي ۽ اسان جي هن پروگرام جو موضوع پڻ ڀٽائي صاحب جي شاعريءَ ۾ حسن، سونهن ۽ جمال آهي.

تهڙو ڪينجهر ۾ ڪين ٻيو، جهڙي سونهن سندياس
مَڏَ مِياڻيون، مَڪُڙا، مِڙئي معاف ٿياس
مَور ڇَل مٿانس، اَيو تماچي تي هٽي.

هن بيت ۾ اسان جو شاعر ڪينجهر ڍنڍ جي جملي حسن تي ڏسو ته نوريءَ ناليٰ هڪ مهاڻيءَ جي حسن کي ڪيئن ٿو حاوي ڪري. وري سنڌ جي مهاڻيءَ جي هڪ هيءَ تصوير به ڏسو:

ڪاريون، ڪوجهيون ڪُ وڙيون، مُور نه موچاريون
وني ويٺيون واٽ تي، ڪکيءَ جون ڪاريون
اُنين جون آريون، سمي رِيءَ ڪير سهي.
ڪِکِيءَ هاڻيون ڪاريون، ڇڇيءَ هَاٿَا ڇڄَ
پاندُ جنين جي پاندَ سين، لڳو ٿئي لڄَ
سمو چام سُهَجَ، اَيو ڪري ان سين.

هنن بيتن ۾ جن مهاڻين جو ذڪر ڪيل آهي، اهي رنگ جون ڪاريون آهن، وصفن جون ڪوجهيون، افعالن جون بڇڙيون، بدبودار جن جو پلوَ لڳڻ شرم جي ڳالهه آهي. پر انهن ۾ جيڪو حسن آهي، انهيءَ جي ڪري ئي سمو چام تماچي انهن جا انگل برداشت ٿو ڪري. ان جي معنيٰ اها ٿي ته ڀٽائي صاحب جي سونهن واري فلسفي ۾ هرويرو اڇو رنگ، عطر جي خوشبوءِ ۽ هترادو مٺڪ اپ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا اهميت نہ ڏنو رکي. ماڻهوءَ جي طبعي ۽ جسماني سونهن اهو حُسن ناهي جنهن ۾ پناڻي صاحب يقين رکي ٿو. اسان ڇي مَها ڪويءَ وٽ سونهن جا وصف انوکا آهن، عام رواجي ناهن:

مُهاڻي جي من ۾ نہ گيربُ نہ گاءِ(هَٺُ)
نيٽڻ سين ناز ڪري، ريجهاياڻين راءِ
سمو سين ملاءِ(وچان) هَيرياڻين حِرفت،سين.

سو هتي پناڻي صاحب جنهن حسن جي ڳالهہ ٿو ڪري تنهن جو صورت سان گهٽ ۽ ماڻهوءَ جي من سان وڌيڪ واسطو آهي. دل جو سچو اندر جو اجرو ۽ نماڻو انسان اسان جي شاعر کي وڌيڪ سهڻو ٿو لڳي جڏهن تہ حشمت وارو بادشاهہ، رعب وارو راءِ ۽ هيٺن کي هيسائيندڙ ماڻهو نيچ ٿو لڳي پلي تہ هن جا وصف ڪيڏا نہ سٺا هجن.

گندُ جِني جي گوڏ ۾، پاپوڙا پوشاڪ
اُنين جي اوطاق، راجا ريجهي آئيو.

هتي گند جي معنيٰ ڪچرو ناهي پر پيڻ جا پن ۽ پاڙون آهن، جيڪي ميربحرن جي جسم تي پوشاڪ جان ڦهليل هونديون آهن. اهڙن اڌ اگهاڙن، ڪارن ڪوجهن، ڏٻر نڀ ضعيفن ماڻهن جي اوطاق تي پناڻي صاحب هڪ راجا کي وٺي آيو آهي. هن تمثيل مان ظاهر آهي تہ پناڻي صاحب راجا جي حُسن کي مهاڻن جي ڪوجهيءَ سونهن کان نيچ ڏيکاري هيٺئين طبقي جي حسن کي مٿئين طبقي جي جمال ۽ دٻدٻي تي حاوي ڪري ڇڏيو آهي.

نوريءَ جي نوازيو، ٿيو تماچي تي

يعني ڄام تماچي جو نالو انهيءَ ڪري پيو ڳائجي جو هن نوريءَ مهاڻيءَ کي اتم سمجهي نوازڻ جي قابل سمجهيو نہ تہ سنڌ ۾ ڄام تہ ڪيترائي هئا جن جو نالو تاريخ جي ورقن تان ميسارجي ويو آهي.

ڪاچ جنين جو ڪڪيون، مال جنين جا مڏ
سمي سيئي سيڻ ڪيا، هِيڻَ جنين جا هڏ

ڄام پرتئي لَڏَ، سانگين جي سيد چئي.

هاڻي فطرت جي حسن تي ڪيل شاعريءَ ۾ ڪم آندل اکرن مان ڏسو ته ڀٽائي صاحب رنگ ڪيئن ٿو ڏيکاري. لڳي ٿو ته سندس هٿ ۾ قلم جي جاءِ تي ڪو برش جهليل آهي ۽ شاعرڪان وڌيڪ چئجي ته ڀٽائي صاحب هڪ چترڪار آهي:

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪارا ڪڪر ڪيسَ،
وڄون وسڻ آئيون، ڪري لعل لبيس،
پرين جي پرديس، مون کي مينهَن ميڙيا.

سر سارنگ جي هن بيت ۾ ڪڪرن جو ڪارو رنگ ۽ ڪنوڻين جو ريٽو رنگ صاف نظر اچي رهيو آهي. ۽ مينهن وسي رهيو آهي جنهن جو رنگ پرديسي پريتڻي جي ميلاپ جي روپ ۾ ظاهر ٿيو آهي.

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪريون ڪاريون
وسي ٿو وڏ ڦڙو، ٺهڪن ٿيون ٺاريون
لٿين لڪَ لطيف چئي، ڊايون ٺاساريون
ڀڄنديون ڀٽاريون، وَري وٺاڻ آئيون.

هن بيت ۾ وسڪاري جو حسن رنگن ۽ آوازن سميت ڏيکاريو ويو آهي. ڪارڙي رنگ جون ڪڪريون، وڏ ڦڙي مينهن جي وسڻ جو اڻ لکو آواز ۽ وڻن جي ٽارين جو ڀهڪڻ، ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڪلڻ ـ لفظ هتي نه رڳو رنگ مان ٻڌل برش تي سونهن جي تصوير ٺاهين ٿا پر يڪتاري جي هڪ تار ۽ تنبوري جي چار تارُن کان وڌيڪ چئجي ته سِتارَ جي سوَ سرن کي ڇيڙي وڌو آهي ۽ وڏ ڦڙي جو هڪ هڪ ڦڙو هڪ ساز بڻجي آواز پيدا ڪري رهيو آهي.

اڳڻ تازي، ٻهر ڪنڌيون، پڪا پَٽ سُنهنِ
سُرهي سيج، پاسي پرين، مَرُ پييا مينهن وسن
اسان ۽ پرين، هئُن برابر ڏينهڙا.

اڳڻ ۾ ٻڌل تازي گهوڙن جي سونهن، ٻاهر بيٺل ڪنڌين مَينهنِ جو حسن ۽ وسيع ميدان ۾ ماروئڙن جا پکا جيڪي، "هڪ اڳيئي سهڻا، ويتر مينهن اٺانِ." ان سان گڏ سيج تي پرين ۽ وايو منڊل ۾ خوشبوءِ جي مهڪ ـ حسن جي هن تصوير ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رنگن سان گڏ سرهاڻ بہ محسوس ڪري سگهجي ٿي. سو اکرن مان رنگ، آواز ۽ خوشبوءِ پيدا ڪرڻ، جهڙي تهڙي شاعر جي وس جي ڳالهہ ناهي، اهڙو شاعراڻو فن پيٽائي صاحب جي پائي جهڙي ڪنهن شاعر وٽ ئي ٿي سگهي ٿو. ايندڙ پروگرام ۾ پاڻ ساڳي موضوع تي پيٽائي صاحب جي بيتن مان حسن جا اجا بہ ڪي انوکا اولڙا ڏسي سگهنداسون جن ۾ رنگن، آواز ن۽ مهڪ کان وڌيڪ سونهن هوندي ۽ جمال جا جلوا ڏسڻ ۾ ايندا. تيستائين موڪلاڻي ناهي. سدائين گڏ.

قسط: 16

پيٽائي صاحب جو رسالو جنهن جي هينئر تائين ترتيب سُر وار آهي ان جو موضوعاتي اڀياس ڪندي اسان ڪيترن ئي اهم موضوعن تي بيت پڙهي انهن جي مختصر چنڊ ڇاڻ ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ گذريل ڪجهہ پروگرامن کان وٺي اسان پيٽائي صاحب جي شاعري ۾ حسن، سونهن ۽ جمال واري موضوع تي اوهان سان رهاڻ رچائيندا پيا اچون ۽ خاص ڪري اڳئين پروگرام کان وٺي "فطرت جي حسن" واري موضوع تي بيتن جي چونڊ ڪري اوهان سان اوري رهيا آهيون. هن وقت تائين اوهان جيڪي بيت ٻڌا آهن انهن ۾ ڪائنات جو حسن، ڌرتي ۽ آسمان جي سونهن ۽ انهيءَ جمال جا جلوا ڏسڻ ۾ آيا آهن جيڪي هر انهيءَ شي ۾ موجود نظر آيا آهن جنهن کي انسان جي هٿ يا پورهئي جنم ناهي ڏنو. فطرت دراصل نالو ئي انهن شين جو آهي. فطرت جي تخليق ۾ جيڪا سونهن سمايل آهي، ان کي پيٽائي صاحب ڪهڙن لفظن ۽ ڪيڏيءَ فنڪاريءَ سان چٽيو آهي، اسان ان کي بيان ڪرڻ جي مختصر ڪوشش ڪئي آهي. ان ڏس ۾ اسان کي بہ محسوس ٿيو آهي ۽ اوهان پاڻ بہ پرکيو هوندو تہ پيٽائي صاحب فطرت جي سونهن جا رنگ، ان جي حسن جا جلوا، سونهن جا ساز ۽ جمال جا تجلا پيدا ڪري سنڌي شاعريءَ کي ايڏو تہ خوبصورت بڻائي ڇڏيو آهي جو لڳي ٿو تہ ڄڻ اها فطرت جي سونهن آهي ۽ جملي ڪائنات جو حسن آهي.

هن پروگرام ۾ بہ اسان ڪجهہ اهڙا بيت پڙهنداسون جنهن ۾ لفظ

ڳالهائيندا، جهڙ جهونگارڻ شروع ڪندا. وسڪارو سهڻا ويس پائيندي نظر ايندو، سارنگ سينگار ڪري ايندو ۽ تر وارو رڻ پٽ نہ رڳو ساوڪ سان ڍڪجي ويندو پر ان مان رنگبرنگي گلن ڪڙي پوندا ۽ جنهن رچ مان ڏڪار جي سمي رت جي ڏپ ايندي آهي ان مان عطر ۽ عبير جي سرهاڻ محسوس ٿيڻ لڳندي.

سارنگ سينگاري، وچون وسڻ آئيون
مون کي ڪنوڻ خوش ڪيو، جا ڪَڪَر ۾ ڪاري
جُهڙن جهونگاري، لاٿم ڪَٽُ قلوب تان.

ڪاري ڪڪر ۾ اچي ڪنوڻ چمڪي رهي آهي ۽ مينهن کي ساڻ وٺي آئي آهي، جهڙ ڳالهائي ٿو، جهونگاري ٿو ۽ سارنگ جڻ تہ سينگار ڪيو آهي. ڌرتي ۽ آسمان جي هيڏي ساري سونهن بيت جي ٽن سٽن ۾ ڪيئن سمائي آهي، اها واقعي حيرت جي ڳالهہ آهي.

سارنگ سائي سٽَ، جهڙي لالي لاڪ جي،
اِئين سي اُڀن انگيا، جيئن سي چُنيءَ چِٽَ،
بَرسِيو پاسي پِٽَ، پَريائين ڪَنَ ڪِراڙ جا.

سارنگُ يعني وسڪارو ان جو سٽاءُ ۽ ان سٽاءَ جو رنگ لاڪ جهڙو ريٽو آهي جنهن سان چُنيءَ يا پوتيءَ تي چِٽَ ڪڍيا ويندا آهن. آسمان ۽ زمين تي گرميءَ جي اُٻَ، ان مان پيدا ٿيل ٻاڦ ۽ ٻاڦ مان ٺهيل ڪڪر ايئن ٿا لڳن جڻ آسمان لاڪ رتي لوئي تي پيو آهي يا چِٽن واري چُني تي پيو آهي ۽ فطرت جي انهيءَ سموري سونهن جو سماجي يا مادي ڪارج اهو ٿيو آهي جو پَلرَ جي پالوٽَ تي آهي ۽ پٽ ڏٿيءَ جي نگري وٽ جيڪا ڪِراڙ ڍِنڍ آهي ان جا ڪَڏا ڪوٻا پاڻيءَ سان تار ٿي ويا آهن ۽ هاڻي هن بيت مان ڏسجو خوشبوءِ ڪيئن ٿي اچي:

پِري پِٽَ تي آئيو، سارنگ سُهج منجهان،
ڪِڙيون ڪنٽهار جئن، وچون اتر واءَ،
سُرها سبزا ٿيا، ڏامڻَ ڏڀَ ڪيا،
پهري پَٽنئان، پريائين ڪَن ڪِراڙ جا.

ڪنوٽيون پٽ تي موٽي آيون آهن. سارنگ سينگارجي آيو آهي. اتر جي هير گهلي

پئي آهي جنهن جي نتيجي ۾ ڪنوڻ ڪنڻ هار گل جيان ٽڙي پئي آهي. تر سڄو سائو ٿي پيو آهي ۽ ان مان سرهاڻ وايو منڊل کي معطر ڪري ڇڏيو آهي. ڍامڻ نالي گاهه جا انبار لڳي ويا آهن ۽ مينهن سڄي زمين کي ٻائڙ ٻوڙ ڪري، هاڻي ڪِراڙ ڍنڍ جا ڪُنَ، سُڪل ڍورا ۽ ڪڏون پاڻي سان ڀري ڇڏيا آهن. فطرت جي حسن کي ڀٽائي صاحب جا لفظ ان وقت وڌيڪ سهڻو ڪريٰ تا ڇڏين جڏهن ڪنوڻ کي ڪنڻ هار گل سان تشبيهه ڏني ٿي وڃي، سارنگ کي گهوٽ وانگي سينگار ڪرايو ٿو وڃي ۽ ساوڪ سان ڍڪيل رڻ پٽ مان خوشبوئن جون دريون کوليون ٿيون وڃن. هنن بيتن مان ماڪيءَ جي لار جيان جيڪا سونهن ڳڙي رهي آهي ان کي فطرت جو حُسن چئجي يا ڀٽائي صاحب جي شاعراڻي فن جو جمال ڪوئجي، اهو فيصلو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

اڄ رَسيلا رنگ، بادل ڪڍيا بُرجَن سين،
سازَ سارنگيون، سُرندا، وڄائي ٻَرَ چنگ،
صُراحيون سارنگَ، پلٽيون رات پَڌامَ تي.

ڪڪرن آسمان ۾ شعاعن جا بُرج ٺاهي رَسُ ڀريا رنگ پيدا ڪيا آهن. هن بيت ۾ ڦهريون ڀيرو رنگ، رَسُ سان ڀريل ڏيکاريا ويا آهن. رنگن ۾ سواد، ذائقو ۽ ميٺاج ڀَرڻُ ڀٽائي صاحب جي فن جو ئي ڪمال آهي. ان کان پوءِ ترڪي سازَ وڄائيندي ڏيکاريو ويو آهي. ڌرتي جي حُسن جي ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي خوبصورت تصوير چٽي سگهجي ٿي، جڏهن رڻ پٽ ساز وڄائڻ شروع ڪري، سارنگيون ڇيڙي وڃي ۽ سرندا ڪٽي انهن مان سُرَ ڪڍي ٻڌائي. وري مينهوڳيءَ جي موسم جو حُسن ايئن محسوس ڪرايو وڃي ٿو جڻ ته سارنگُ پٽ جي پرسان پڌام نالي هڪ هنڌ تي پلر سان ڀريل صُراحيون زمين تي هاريندو هجي. ڪلاسيڪل ايراني شاعري ۾ جيڪا صراحي استعمال ٿيل آهي ان ۾ شراب اوتيل ڏيکاريل هوندو آهي. ڀٽائي صاحب جي هن بيت ۾ جيتوڻيڪ شراب جو ذڪر ڪيل ڪونهي، پر پوءِ به ايئن ٿو لڳي جڻ ته هن بيت ۾ جاڻايل صراحين ۾ مينهن جو پاڻي يا پلر پيل ناهي پر اهو شراب آهي جنهن جو زمين تي ڇٽڪار ڪيل آهي. چاڪاڻ ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسڪاري ڪان پوءِ زمين تي جيڪو سُڪار آيو آهي، جيڪا سونهن وڇائجي وئي آهي ۽ جنهن خوشبوءِ جي پالوٽ تي آهي ان مان چڻ تہ شراب جي نشي جي اڻ لکي مهڪ محسوس ٿيڻ لڳي ٿي. هي سڀ ڪجهہ ڀٽائي صاحب جي لفظن جي جادوگري ۽ شاعريءَ جي ڪاريگريءَ جو نتيجو آهي جو فطرت ايڏي حسين لڳي رهي آهي باوجود ان حقيقت جي تہ فطرت ۾ هميشہ ايڏو حسن هرويرو ناهي هوندو.

هاڻي وري فطرت ۽ انسان جي سونهن جو گڏيل ۽ جدا جدا جلوو ڏسو:

ڪَڪَرُ منجهہِ ڪپار، جُهڙُ نيٽئون نہ لهي،
جهڙا منهنجا سپرين، تهڙا ’مينگهہ ملهار
ڪڻ اکيون ڪل يار، تہ وجن سُور سنڌا ڪيو.

هن بيت ۾ مينگهہ ملهار ۽ سپرين هڪجهڙا سهڻا ڏيکاريل آهن. پر وري ٻئي بيت ۾ فطرت جي حسن کان پرينءَ جي صورت وڌيڪ حسين آهي:

ڏَٽ ڊِري، ٻَٽِ پيئون، ٿيا ولهارن وِيءَ،
(ولهارن وِيءَ ٿيا يعني ميدانن ۾ ساوا گاهہ ڦٽي پيا.)

سچ چنڊ نہ پاڙيان، سيڻن جي شبيهہ،
جي جاني اندر جِيءَ، سي پرين پيهي گهر آئيا.

۽ آخر ۾ هي بيت ڀڏو جنهن ۾ اوهان کي ڍهل شرنائين جو واڄو ٻڌڻ ۾ ايندو، وڄون تجلا ڏيندي نظر ايندين. پرهہ ڦٽيءَ جي مهل محسوس ٿيندي ۽ پريتم جي آمد جو احساس ٿيندو:

ڏَٽ ڊِري، ٻَٽِ پيئون، وِڄُن ڪيو واڄَو،
پکو پنهنجي پرينءَ لئہ، سِڀي ڪر ساڄو،
سڄڻ سباجهو، پيچ پنيءَ گهر آئيو.

چِنل چَنِنِ ۽ پراڻن پکن ۾ غريب ۽ مسڪين ماڻهو بہ محبت ڪرڻ جو حق رکن ٿا ۽ شايد سچو پيار اتي ئي پلجندو آهي جتي پيچ پنيءَ جو پرينءَ جي آمد تي ڪنوٽيون ڍُهل ٻڌجي واڄو ڪنديون آهن.

سو سائين ڀٽائي صاحب جي شاعريءَ ۾ سانوڻ جي مينهن جيان حُسن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ عشق جي جيڪا پالوٽ ٿيل آهي، تنهن بابت پنهنجي رهاڻ اجا جاري رهندي. في الحال اجازت ونندس. موڪلاڻي ناهي. سدائين گڏ.

پيتائيءَ جي شاعريءَ ۾ ويڙهه جو حُسنُ

قسط: 17

پٽ ڌڻيءَ پنهنجي سدا حيات شاعريءَ ۾ بي شمار موضوعن تي بيت چيا آهن پر حُسن هڪ اهڙو موضوع آهي جيڪو هن جي هر سُرَ، هر داستان ۽ هر شعر ۾ موجود آهي. بي شڪ اهو پيتائي صاحبَ جي شاعراڻي فن جو ڪمال آهي چاڪاڻ ته ڪي اهڙا به موضوع هوندا آهن جن ۾ عام طور تي اهڙي گنجائش موجود ناهي هوندي. مثال طور جيڪڏهن جنگ جي ميدان ۾ ڪنهن لڙائي جو ذڪر ڪرڻو هجي جتي رڳو هتيار، گهوڙا، لاش ۽ رتُ ئي نظر ايندو هجي ته اتي حُسن، جمال ۽ سونهن جو ذڪر ڪيئن ڪجي؟

ان سلسلي ۾ جڏهن پيتائي صاحب جي رسالي جو سر ڪلياڻ، يمن ڪلياڻ ۽ ڪيڏارو پڙهجي ٿو ته ڳالهه سمجهه ۾ اچي وڃي ٿي- اسان جي شاعر جن لڙاين جو علامتي انداز ۾ ذڪر ڪيو آهي انهن ۾ حق ۽ سچ لاءِ وڙهندڙ جوڌن، سورمن ۽ جهيڙيندڙن سان پيتائي صاحب عشق جي حد تائين پيار ڪيو آهي ۽ ناحق جي خلاف جنگ کي اڻ ٽر سمجهي امن قائم ڪرڻ لاءِ لڙائيءَ کي جائز قرار ڏيندي هن پنهنجن بهادر سپاهين کي گهوٽن وانگي سينگاري جنگ جي ميدان ۾ موڪليو آهي ۽ پوءِ انهن جي شان ۾ شعر چيا اٿس.

ڪانڌ ڪلارين ڪپڙين، ور وناهيو آءُ،
جت سانگين جي سٽ وهي، ات وک وڌندي پاءِ،
تان تان پوءِ مَ پاءِ، جان جان نوڏين نه چڙهين،

اي سورهه، تون گلن ڦلن سان پريل وهانوَ وارا ڪپڙا پائي جنگ جي ميدان ۾ ڪُڏي پوءِ ۽ جتي تيرن جو مينهن وسندو هجي اتي اڳتي ئي وڌندو رهه ۽ تيستائين ڪو به پوءِ پولو نه ڪر جيستائين شهادت سان شادي نه رچائي

اچين.هن بيت ۾ پٽائي صاحب جي انقلابيت ۽ هٿيارٻند جدوجهد لاءِ اتساهه پيدا ڪرڻ واري خصوصيت سان گڏ هن جي شاعراڻي فن جو ڪمال تہ ڏسو تہ جنگ جي ميدان واريءَ شاعري ۾ گلن ڦلن سان ڀريل ڪپڙن جو ذڪر ڪري ڪيئن ٿو سونهن جي پالوٽ ڪري.

دراصل هر شعر ۾ هڪڙي تصوير ٺهندي آهي ۽ جيئن ڪنهن تصوير ٺهڻ لاءِ ضروري هوندو آهي تہ ان ۾ حسن پيدا ڪيو وڃي ان ڪري هر شعر ۾ سونهن جو ڪو نہ ڪو رنگ ضرور ملائڻو پوندو آهي تہ جيئن حسين لڳي. هاڻي هڪ ٻئي بيت مان اوهان کي جيڪا تصوير ڏسڻ ۾ ايندي اها بہ جنگ جي ميدان جو منظر ڏيکاريندي ان تصوير کي خوبصورت ٺاهڻ لاءِ ڏسو تہ ڪيئن ان جي مٿان ڪارو ڪکر ڏيکاريو ويو آهي:

ڪاري ڪڪر هيٺ، مون جهيڙيندي ڇڏيا،
ڪارا ڪُند هٿن ۾، اڙل وڇيرا هيٺ،
تي تنين سين ڏيٺ، مونڻ جنين مهٺو.

جنگ جهڙي خوفناڪ موضوع تي چيل بيت ۾ حُسن پيدا ڪرڻ جو اهو فن پٽائي صاحب جهڙي عظيم شاعر جي ئي وس جي ڳالهہ آهي ـ هڪ بيت ۾ هن جنگ جي ميدان ۾ مينهن وانگي وسندڙ تيرن کي ڪارن ڪڪن سان تشبيهہ ڏئي، پنهنجي شعر ذريعي ٺاهي تصوير کي سونهن بخشي اٿس: اُڏاڻا اوڙ ڪري، ڪاري ڪڪين ڪان ـ يعني ڪارن ڪڪن وارا تير قطارون ڪري اڏامڻ لڳا هاڻي هن بيت ۾ هڪ شهيد جي تصوير ڏسو جيڪو جنگ جي ميدان ۾ وڙهي ڳيا ڳيا ٿي پيو آهي پٽائي صاحب انهيءَ تصوير ۾ حُسن جو رنگ ڪيئن ڀريو آهي ان جو بہ اندازو ڪندا:

ڏاڙهي رت رتياس، ڏند تہ ڏاڙهونءَ گل جيئن،
چوڏهين ماهہَ چنڊ جيئن، پڙ ۾ پاڳڙياس،
تنهن سورهيہ کي شاباس، جو مٿي پڙ پرزا ٿئي.

شهيد جي ڏندن کي ڏاڙهون جي گل سان تشبيهہ ڏيڻ ۽ لڙائي ۾ وڙهندي جنگ جي ميدان ۾ ڪري پيل پڳ کي چوڏهينءَ جي چنڊ سان تشبيهہ ڏيڻ شاعري ۾

حسن جو اهڙو سنگم آهي جنهن جي تخليق پٽائي صاحب جهڙو شاعر ئي ڪري سگهي ٿو جنهن پنهنجن بيتن ۾ شهادت کي ڪٿي ملهار ڪري ڪوٺيو آهي، ڪٿي شاديءَ جي ڏينهنَ سان ڀيٽيو آهي تہ ڪٿي محبوب جي ناز سان وچي ملايو آهي ۽ شهيدن جي مانَ ۾ جيڪي بيت چيا اٿس انهن ۾ هنن کي گهوٽ وانگي سينگاري شهادت سان لائون ڏياريون اٿس:

هوڏانهن هُن هاڪاريو، هيڏانهن هي هٽن،
سرنايون ۽ سُنڌڙا، ٻنين پار ٻُرن،
گهوٽن ۽ گهوڙن، رڻ ۾ لائون لڌيون.

گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهہ ڪوٽن، ڪڏهن واهي رڻ جا.

شهادت جي وهانوَ وارو اعزاز حاصل ڪندڙ گهوٽن جي سونهن جي هي بہ هڪ تصوير آهي جيڪا پٽائي صاحب سرڪيڏاري ۾ چِٽي آهي:

پاڪ جنين جا پير، ڪتان هيٺ نہ ڪوڙيا،
تنگ ترارن تڇيا، چٽيو پون چِڳير،(ڪلگين وارا)
ڊونڊي تنين جا ڍير، ڳجهڙين ڳر لائيا.

درحقيقت عام طور ڏٺو ويو آهي تہ شاعريءَ جي سٽن ۾ سونهن جا رنگ اهڙن موضوعن ۾ عام هوندا آهن جن جو تعلق عشق، محبت بهار، وسڪارو يا انساني جسمَ جي حُسن سان هوندو آهي. پر اسان جي عظيم شاعر ڦاسيءَ جي تختي جي تصوير ٺاهيندي بہ ان ۾ حُسن پئدا ڪيو آهي. هي رڳو شاعريءَ کي اعليٰ فن ڏيڻ جي ڪوشش ئي ناهي پر انهن انقلابي ڪردارن جي مجتا پڻ آهي جيڪي وقت جي ظلمت خلاف جهاد ڪندي ڦاسي تي چڙهي ٿا وڃن پر سر نہ ٿا جهڪائين:

محبت جي ميدان ۾ اچي پير پَيان،
سر وڍڻ، ڌڙ ڌار ڌرڻ، ايءُ سينگار سندان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيندا مون ڏنانِ، ٻيا محبوبن لئيٰ.

ڀٽائي صاحب جي نظر ۾ اهو سرنهن جو سينگار آهي جڏهن ڪو انسان عظيم مقصد ڪي ماڻڻ لاءِ ۽ وقت جي ڪوڙ نفاق ۽ پرماريہ خلاف جهيڙيندي سر وڃائي ٿو ڇڏي. اسان کي رسالي ۾ اهڙا ڪيترائي بيت ملن ٿا جن ۾ سوريءَ کي سينگار ڪوٺيو ويو آهي:

سوري آهہ سينگار، اصل عاشقن جو،
مُڙڻ، موٽڻ، ميهڻو، ٿيا نظاري نروار،
ڪسڻ جو قرار، اصل عاشقن کي.

سر ڪلياڻ جنهن کي عام طور ڀٽائي صاحب جي مذهبي فلسفي جي پرچار وارو سر سمجهيو ويندو آهي ان ۾ انقلابي ڪردارن جون تصويرون، شهادت جا عڪس ۽ اٽموٽ انسانن جي سونهن جا اڻ ڳڻيا تروراموجود آهن:

سوريءَ چڙهڻ، سيج پسڻ، ايءَ ڪم عاشقن.
پاهون ڪين پسن، سائو هلن سامهان.

سوري تي چڙهڻ ۽ سر جي قرباني ڏيڻ ڀٽائي صاحب جي نظر ۾ موڙ ڀڙي، گهوٽ ٿي، شاديءَ جي سيج تي وهڻ جي برابر آهي. "حورون هار ٻڌن، سهرا شهيدن کي."

بهرحال هن پروگرام ۾ اسان جيڪي بيت پڙهيا، انهن ۾ اسان جي عظيم شاعر پاران حق ۽ سچ لاءِ انقلابي جدوجهد جو جيڪو پيغام آهي سو ڀٽائي صاحب جي شاعريءَ جو هڪ الڳ موضوع آهي جنهن تي اڳتي هلي تفصيل سان روشني وڌي ويندي. في الحال هنن بيتن پڙهڻ جو مقصد اهو هو تہ اوهان کي شاعري جي انهيءَ فن سان واقف ڪجي جنهن ذريعي غير رومانوي موضوعن تي چيل بيتن منجهان اهڙيون تصويرون ٺاهي سگهجن ٿيون جن تي حسن، جمال ۽ سونهن وارن رنگن جي انڌلٺ نظر ايندي هجي. هي فن شاعريءَ کي عظيم بڻائي ٿو ۽ ڀٽائي صاحب ان هنر جو بادشاهہ لڳي ٿو اچو تہ آخر ۾ سنڌس هڪ خوبصورت بيت ٻڌون جنهن ۾ لڳي ٿو تہ ڀٽائي صاحب جي اک جي ڪئميرا هڪ وڏي جنگ جي ميدان تي رکيل آهي جنهن ۾ مختلف طرفن کان جهيڙيندڙ جوان هڪبئي تي زوردار وار ڪري رهيا آهن. هن بيت ۾ نظر ايندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تصوير ۾ جنگ هلندي نظر ايندي ۽ جنگ جا ڪردار چرپر ۾ محسوس ٿيندا. البت جنگ جو ميدان جنهن کي ڪيڏارو چئبو آهي ان جي تصوير ٺاهيندي پٽائي صاحب ان ۾ سونهن جو هڪ عنصر استعمال ڪيو آهي، جنهن سان جملي تصوير سهڻي ٿي لڳي.

چپر جيئن پهون، تيئن رڻ ڳجهن رانئيو،
ونڪا ونڪن گڏيا، ڏوڙيو ڏين ڍهون،
مُهاين وهون، نير مهانگو ڪنديون.

جيئن جبل تي اڇيون، ڪاريون ۽ چٽڪمريون ٻڪريون چڙهي ويندڍيون آهن ۽ پهاڙ جو منظر ٻيو ٿي ويندو آهي. تيئن جنگ جي ميدان ۾ ڪٽجي مري ويل ماڻهن جي لاشن تي ڳجهن اچي ڳاهٽ ڪيو آهي. بهادر بهادرن سان وڙهي رهيا آهن ۽ جنگ ايڏي وسيع آهي جو مرندڙن جون زالون مڙسن جي ماتم ڪرڻ لاءِ جڏهن پنهنجا ڪپڙا نيروليءَ وٽان رنگائينديون ته سنڌ نير واري واپاري جنس بزار ۾ مهانگي ٿي ويندي. سو هن بيت ۾ پهاڙ جي مٿان ٻڪرين جي رنگن واري جهرمر اها سونهن آهي جنهن جو رنگ هاري تصوير کي خوبصورت بڻايو ويندو آهي. پاڻ ايندڙ پروگرام ۾ اهڙيون ٻيون به تصويرون ڏسنداسين. تيستائين موڪلاڻي ناهي. .

قيد جي شاعري

قسط: 18

جيڪڏهن ايئن چئجي ته غلط نه ٿيندو ته دنيا جي بهترين شاعري قيد ۽ بند واري حالت ۾ تخليق ٿي آهي، جيلن ۽ ٽارچر ڪئمپن ۾ لکي وئي آهي. شهنشاهه ايران جي ڏينهن ۾ اتي جي جاسوس ۽ دهشتگرد تنظيم ”ساوڪ“ جي ٽارچر ڪئمپن ۾ ايراني شاعرن جي نئين نسل جيڪا شاعري ڪئي هئي سا جڏهن شهنشاهه ايران جي تختي اونڌي ٿيڻ ڪانپوءِ ٻاهر نڪتي ۽ منظر عام تي آئي ته ان کي پڙهي دنيا دنگ رهجي وئي، ويٽنام جو ابو هوچي منهه، جنهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عام طور تي رڳو سياسي اڳواڻ ۽ مها انقلابي طور سڃاتو ويندو آهي تنهن جيل ڪاٽڻ واري زندگي دوران جيڪا رس پيري، خوبصورت ۽ انقلابي توڙي رومانوي شاعري ڪئي آهي ان جو اندازو صرف ان جي مطالعي سان ئي سگهي ٿو. اهڙي طرح فلسطين ۽ دنيا جي بيشمار ٻين ملڪن ۾ ڪيترين ئي ٻولين جي شاعرن، وقت جي ظلمت خلاف بغاوت ڪندي ۽ انياءَ سان اٽڪي ظالم حڪمرانن جي تهه خانن ۽ قيد بند جي اونداهن ڪمرن ۾ رهي شاعريءَ جون انيڪ شمعون روشن ڪيون آهن. ان جو هڪ اهو به ڪارڻ آهي ته شاعراڻي مزاج وارو ماڻهو آزادي جو متوالو ٿيندو آهي ۽ اظهار جي آزادي ته هن جو ڌرم هوندو آهي. اهڙو انسان جڏهن قيد ڪيو ويندو آهي ۽ هن جي چپن کي تاڪا هنيا ويندا آهن تڏهن هن جي اندر جا اڌما ۽ تخليق جا ڦاٽندڙ جبل لاوا ٻڻجي هن جي چپن جا تاڪا ٽوڙي ٻاهر نڪري ايندا آهن ۽ انهن اڌمن ۽ احساسن کي عوام تائين پهچڻ لاءِ ڪين لفظن جو جيڪو جادو پارايو ويندو آهي انهن جو سنگم عظيم شاعريءَ کي جنم ڏيندو آهي.

هن خيال ۽ هن راءِ جي تصديق سنڌي ٻوليءَ جي مهان شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي هڪ بيت مان به ٿئي ٿي جنهن ۾ هن قيد ۽ بند واريءَ زندگيءَ دوران گهاريل دکدائڪ لمحن ۽ ڏکين ڏينهن کي هنئين بيان ڪيو آهي:

> سڪر سي ئي ڏينهن، جي مون گهاريا بند ۾،
> وسائيه وڏ ڦڙا، مٿي ماڙيءَ مينهن،
> واجهاٽيس وصال کي، ٽيس ٿهوارون ٽيئن
> نيرُ منهنجو نينهن، اُجاري اڇو ڪيو.

سرمارئيءَ جو هي بيت ۽ ان سر ۾ چيل جملي بيت ان حقيقت جي شاهدي ڏين ٿا ته قيد ۽ بند ۾ رهي عظيم شاعري سنڌي ٻوليءَ ۾ به ڪئي وئي آهي ۽ ان خوبصورت شاعري جو تخليقڪار ڀٽائي صاحب آهي. هونئن سنڌي شاعري جي جديد تاريخ تي نظر ڦيرائي ويندي ته صاف نظر ايندو ته شيخ اياز کان وٺي نئين ٽهيءَ جي ڪنهن ڳيرو شاعر تائين ٻي شمار سنڌي شاعرن قيد جي شاعري ڪئي آهي ۽ ان جو هڪڙو سبب اهو به آهي ته سنڌي شاعر پنهنجي عوام سان ڏک

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سک ۾ گڏ رهڻ وارو وچن پاڙڻ لاءِ سنڌ جي سياسي تاريخ جي هر بحراني مرحلي تي جيل ڪاٽيا آهن، بند ڏنا آهن ۽ ٽارچر پوگيا آهن. ان ڪري اسان جي جديد دور واري شاعريءَ جو وڏو حصو جيلن ۾ تخليق ڪيو ويو آهي. پر جڏهن اسان رسالي جو سر مارئي پڙهون ٿا ته اسان کي لڳي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ جي ڪلاسيڪل شاعرن پڻ قيد جي شاعري تخليق ڪئي آهي ۽ ان سلسلي ۾ خاص ڪري پنائي صاحب جا جيڪي بيت ملن ٿا انهن کي پڙهي محسوس ٿئي ٿو ته پنائي صاحب پاران تخليق ڪيل قيد واري شاعري دنيا جي ورلي ٻئي ڪنهن عظيم شاعر وٽان ملي سگهندي. اهو ٻڌي اوهان ضرور سوچيندا هوندا ته شايد اهو سڀ ڪجهه چوندي منهنجو مقصد اهو آهي ته پنائي صاحب به پنهنجي دور ۾ جيل ڪاٽيو آهي، قيد بند ڪيو ويو آهي ۽ هن کان به آڏي پڇا ٿي آهي ۽ هن کي به وقت جي ظالم حاڪمن جو ٽارچر پوڳڻو پيو آهي سو سائين باوجود ان جي ته هن پروگرام جو اهو موضوع ناهي، پر آءٌ سندس ٿي شاعريءَ جي حوالي سان ثابت ڪري سگهان ٿو ته اهو سچ آهي ته پنائي صاحب پنهنجي دور جي رجعت پسند ۽ جاگيرداري سوچ وارن حڪمرانن سان مهاڏو اٽڪايو هو ۽ پاڻ ان وقت 28 ورهين جي عمر ۾ ڦوهه جواني ماڻي رهيو هو جڏهن ڏهلي ۾ مغل شهنشاهيت ۽ سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي تنگ نظر حڪومت هارين جي تاريخي بغاوت کان پوءِ 1717ع ۾ جهوڪ شريف واري شاهه عنايت ۽ سندس ساٿين کي شهيد ڪري چڏيو هو جنهن کان پوءِ هڪ ڏکي عرصي تائين سنڌ جي صوفين خلاف مهم هلائي هئي ۽ ان دوران پنائي صاحب جي سوچ وارا ڪيترائي صوفي قيد ڪيا ويا هئا ۽ جيڪي پوئتي باقي بچيا هئا سي انڊر گرائونڊ ٿي ويا هئا يعني روپوش ٿي ويا هئا، سو پلي ته اسان کي اهڙو تاريخ جو ڪو ڪتاب نه ملي سگهي جنهن ۾ چاٽايل هجي ته پنائي صاحب به قيد ڪيو ويو هو يا هو لاهوت لا مڪان ۽ هنگلاج وغيره ڏانهن روپوش ٿي ويو هو، پر سوال اهو آهي ته ڇا شاهه جي رسالي کان وڌيڪ سنڌ جي مستند ٻي ڪا تاريخ ملي سگهي ٿي. اوهان کي اها ته پليءَ پت پروڙ هوندي ته پنائي صاحب جي دور ۾ تاريخ لکڻ جو ڪم گهٽو ٽٽو

درٻاري ليکڪ ڪندا هئا. انهن کان اها توقع ڪيئن ٿي ڪري سگهجي تہ اهي پنهنجن آقائن کان باغي ٿيل ڪردارن کي پنهنجي تاريخ ۾ جاءِ ڏين.

سو بهرحال، جيئن مون اڳ ۾ بہ عرض ڪيو تہ هن پروگرام جو موضوع اهو ناهي تہ ان حقيقت کي ثابت ڪيو وڃي تہ سنڌي ٻوليءَ جو عظيم شاعر بہ قيد ڪيو ويو هو ۽ هن بہ جيل ڪاٽيو هو. اسان جي هن پروگرام جو موضوع آهي."قيد جي شاعري" ان سلسلي ۾ اسان ڀٽائي صاحب جي شاعري جو موضوع وار مطالعو ڪندي ان موضوع تي بيت پڙهنداسون۽ بيت پاڻ هن بحث جو منطقي نتيجو ڪڍي ظاهر ڪندا.

قسمت قيد ڪياس، نہ تہ ڪير اچي هن ڪوٽ ۾،
ونحن اقرب اِليہ من حبل الوريد، وطن آءٌ ويندياس،
مارن کي ملندياس، ڪوئيون ڇڏي ڪڏهين.

ڳچي ڳانا لوهہ جا، زيرين ۽ زنجير
پيڪڙا پيرن ۾، ڪوٺين اندر ڪيرَ
چاري چوگانن ۾، واهيت ڪن وزير
ڇَنِ نہ ڇڄي آهيان، اهڙيءَ سِٽَ سرير
مارو چام مليرَ پڇج ڪي پنوهارِ ڪي.

هنن بيتن ۾ مارئيءَ کي علامت ناهي ڀٽائي صاحب ڪنهن اهڙي قيديءَ جي تصوير ٺو چٽي جيڪو بادشاهہ جي ڪنهن مضبوط قلعي يا ڪوٽ ۾ قيد ٿيل آهي. هن کي زيرون يعني بيڙيون پاتل آهن، زنجيرن سان جڪڙيل آهي، ڳچي ۾ رنگبرنگي ريشم جي ڳانن بدران لوهہ جا ڪڙا پاتل اٿس، پيرن ۾ لوهہُ جون ڪڙيون وڌل اٿس ۽ جبل جي اونداهين ڪوٺين يا تهہ خانن ۾ بند ڪيو ويو آهي. اهو قيدي جنهن ڪوٽ ۾ بند آهي ان جي چوگانن يعني ايوانن ۾ چاري يعني جاسوس گهمي ڦري رهيا آهن ۽ اهو قيدي ايڏو خطرناڪ آهي جو هن جي واهيت ۽ نظرداري ڪو ننڍو وڏو سپاهي نہ ٿو ڪري پر ان لاءِ وزير جي حيثيت جو اعليٰ عملدار مقرر ڪيو ويو آهي.

هيءَ قيد جي شاعري آهي ۽ ان شاعريءَ جو معيار ان حقيقت مان واضح آهي ته بيت ۾ قيدي پنهنجين هٿڪڙين، لوھ جي بيڙين ۽ زنجيرن جي آوازن سميت چرندي پرندي نظر اچي رهيو آهي:

هٿئين هٿ ڪَڙول، هينئڙي پيم هُن جا،
سانگي ساريم سومرا، ڏاڻي پاسي ڏول
ٻاٻاڻن سين ٻول، ڪيم نه ڪوٽ وهڻ جا.

(هٿن ۾ هٿڪڙيون حڪمران وڌيون آهن ۽ دل ماروءَ قيد ڪري ورتي آهي

زيريين ٻيڙين لوھ ۾، ڳِنَن ڪيس ڳاھُ
سنڪي سندي سومري، هَڏ مَ چاڙهيم ماھُ
سرتيون دعا ڪجاھُ، ته پرم پاروڙيءَ رهي.

هاڻي پٽائي صاحب ان قيديءَ جي ذهني ڪيفيت بيان ڪري ٿو جنهن کي هو مارئي ٿو سڏي- عام طور تي جيل اچڻ ڪانپوءِ قيديءَ کان آڏي پڇا ٿيندي آهي ۽ هن کي آڻ مڃڻ لاءِ زور بار وڌو ويندو آهي ۽ جيڪڏهن قيدي ڪنهن به لالچ لوڀ يا آچ کي قبول نه ڪندو آهي ته پوءِ سزا طور ڪيس ايذاءَ ڏنا ويندا آهن:

سِيل پچڻ جي سورا، مَتِ مَ آچج ميرَ
ٿورين گهٽين ڏينهڙين، ويندِيس هُتِ همير
مڃڻ منجهه مليرَ ڪنڌ متانهون نه ڪڍان.

سو اهو قيدي حڪمران جي آچ ٺڏي ٿو ڇڏي ۽ پوءِ هن کي ٽارچر ٿو ملي. هن جي جسم تي تيزڌار وارن اوزارن سان جهير ڏنا ٿا وڃن ۽ وڌيڪ ايذاءَ ڏيڻ لاءِ انهن تازن زخمن تي لوڻ ٻرڪيو ٿو وڃي:

جيئن لوڻ لڳين لائيين، چيري چيري چَمُ
ته ڪُرَ مون اڳي نه ڪيو اهڙو ڪوجهو ڪم
جان جان دعوئ دم، تان تان پرت پنوهار سين.

سر مارئي وارو قيدي ايذاءَ سهي به آڻ نه ٿو مڃي. ظالم بادشاھ جي ڪوٽ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قيد ٿيڻ جي باوجود هن جي هر شيءِ کان بائڪاٽ ٿو ڪري. نہ هن جو ڪپڙو ٿو پائي نہ هن جو تيل ٿو جسم کي لائي، ماڙين کي ترجي جهوپن کان گهٽ اهميت ٿو ڏئي. وار نہ ٿو ڌوئي ۽ ڦاٽل ڪپڙا جيڪي اباڻن ڏنا اٿس ۽ پنهنجي عوام پهرايا اٿس سي جيڪڏهن ڦاٽي ٿا پون تہ ان کي سبي ٿوپا ٽنگا ڏئي پائي ٿو پر حڪمران پاران ڏنل ڪپڙن کان نفرت ٿو ڪري ۽ پنهنجي عزم کي مانو نہ ٿو ڪري:

سِبي سيبا ڏئي، پوري نينهن نہ ڪچو ٿئي

ڪتيءَ وٺيون ڪُتيون، سِتي سَيٽي سي

مچڻ چونم ڪي، تہ لجايئي تر چائيون.

ميندا ڌوءِ نہ مارئي، نہ کِلي نہ کاءِ
عمر جي انصاف جا ويٺي واساما ڳاءِ
هيءَ جا ڪيئي هاءِ، سا، مهند، ايندءِ منهن ۾.

جيل ۾ ويٺي قيدي پور ٿو پچائي تہ حڪمران هن سان انصاف ڪندو يا نہ؟ ۽ پوءِ حڪمران کي مخاطب ٿي چوي ٿو تہ هي جيڪو تو هاجو ڪيو آهي. ان جي سزا توکي بہ ڀوڳڻي پوندي ۽ هڪ ڏينهن عوام اٿي پوندو ۽ جيڪي ڪجهہ تو ڪيو آهي ان جو ليکو ڏيڻو پوندءِ.

سو سائين، قيد جي شاعري، جيڪا پٽائي صاحب ڪئي آهي ان جو ڪئنواس ڏاڍو ڪشادو ۽ وسيع آهي. ان ۾ جيل جي اندر وارا منظر آهن، قيديءَ جو جيل کان ٻاهر عوام سان جيڪو رشتو آهي ان جا تفصيل آهن، قيد جون سختيون آهن. دل ۾ ايندڙ طرح طرح جا خيال آهن ۽ پوءِ حق سچ جي لڙائيءَ ۾ وڙهندڙ قيدي جي بغاوت آهي، سمجهوتي ڪرڻ کان انڪار آهي ۽ آخر ۾ ڏيکاريل آهي تہ حڪمران پاڻ صلح ٿو آڇي ۽ قيديءَ کي آزاد ٿو ڪري، سو سر مارئي ۾ قيد ٿيڻ کان وٺي قيد مان آزاد ٿيڻ تائين واري عرصي جون انيڪ

ڪيفيتون آهن جيڪي ايندڙ ڪجهه پروگرامن ۾ پيش ڪنداسون. تيستائين موڪلاڻي ناهي. سدائين گڏ.

قسط: 19

پنائي صحب جي شاعريءَ جو موضوعوار مطالعو ڪندي اسان اڳئين پروگرام ڪان وٺي جنهن موضوع تي بيتن جي چونڊ ڪري اوهان سان رهاڻ ڪري رهيا آهيون، ان جو موضوع آهي. "قيد جي شاعري" اڳئين پروگرام ۾ اوهان جيڪي بيت ٻڌا هئا انهن ۾ ڄاڻايل هو ته مارئي جي نالي ۾ هڪ قيدي يا قيدياڻي عمر سومري نالي ڪنهن بادشاهه جي قيد ۾ بند آهي ۽ ان بانديءَ کي وقت جو حاڪم جيڪي دلاسا دڙڪا، لوڀ ۽ لالچون ڏئي ٿو انهن کي قيدي ٺڏي ڇڏي ٿو ۽ پنهنجي اصولن تي ضد ٻڌيو بيٺو آهي. ساڳئي پروگرام ۾ اسان ڪجهه اهڙا بيت پڻ پڙهيا هئا جن مان قيد ۽ ان جي اندر حالتن جي تصوير چٽيل هئي ۽ قيد کان ٻاهر پنهنجن ماڻهن لاءِ اڪير هر وقت بنديءَ جي زبان تي هئي. هن پروگرام ۾ اسان ڪجهه وڌيڪ ڪيفيتن جو ذڪر ڪنداسون جيڪي سر مارئي ۾ پنائي صاحب پاران تخليق ڪيل قيديءَ واري ڪردار ۾ نظر اچن ٿيون.

بندي ٻيا قرارِ اسين لوچون لوهَ ۾
مٿي تن ترارِ سدا سانييئڙن جي

سر مارئيءَ ۾ پنائي صاحب جو باندي قيد ۾ به جدوجهد جاري رکيو ٿو اچي جڏهن ته جيل ۾ جيڪي ٻيا قيدي آهن، اهي آرام ۽ قرار سان قيد ڪاٽي رهيا آهن. ان جو هڪ ڪارڻ اهو به آهي ته هي قيدي انوکي قسم جو آهي. هن جي من ۾ تن مٿان ماروئڙن جي اُڪير جي تلوار لٽڪي رهي آهي، هو جيل ۾ هئڻ جي باوجود پنهنجي ديس واسين جي اهنجن آزارن، ڏکن ڏوجهرن ۽ سورن جا پور پچائي رهيو آهي. ان ڪري جيل ۾ به هن جو قرار ڦِٽل آهي، هو بي چين آهي ۽ سوچي رهيو آهي ته، همیرن حساب ڪهه ڄاڻان ڪيئن ٿيو؟ انهيءَ قيديءَ جي تصوير ڏاهيندي پنائي صاحب چوي ٿو:

ڪريو مُهاڙ ملير ڏي، روءِ اپي چوءِ
سُهجَ سوري پانئيان، سومرا سندوءِ
مِلڪَ ماروءَ جي آهيان، جَورِ نہ ٿيان جوءِ
سو قَلب ڪوٽ نہ هوءِ، جو هُتيجن هٿ ڪيو.

ڀٽائي صاحب جي قيد واريءَ شاعريءَ جو هيرو جنهن جو وطن ملير آهي تنهن کي پنهنجي وطن جي ٿي اڻ تڻ آهي. وقت جي بادشاهہ پاران ڪيس آڻ مجڻ لاءِ جيڪو سک ۽ آرام آڇيو وڃي ٿو ان کي ڦاهيءَ جو ڦندو تصور ڪندي سمجهوتو ڪرڻ جي مڙني امڪانن کي رد ڪندي اعلان ٿو ڪري تہ هن کي جهڪائي نہ ٿو سگهجي.

ڪريو مُهاڙ ملير ڏي، اُپيائي آهي
جا متي ڏِنيسِ مارئين، سا نہ لاهي
سومرا سَاهَي سَتِيءَ وجهہ مَ سنگهرون.

سو اهو قيدي وقت جي حاڪم کي مخاطب ٿي چوي ٿو تہ پنهنجن اصولن ۽ ست سِيل کي برقرار رکڻ واري قيديءَ کي زنجيرن ۾ جڪڙي قيد نہ ڪر. اهڙي طرح هن قيديءَ کي جيل جي ڪا بہ تڪليف جُهڪائي نہ ٿي سگهي. ها، البت پنهنجن مارن جي ميار مهڻو ۽ بي رخي هن لاءِ تڪليف جو باعث بڻجي ٿي:

جي ڪر لڌائون، تہ بنديءَ بند نہ ساريو
ماروئڙن آئون، جيڪس ويس وسري.

ماڙين ماريس ڪينڪي، مُيس مارُن لاءِ
ڪر لهندا ڪڏهين، منهنجي اچي ماءِ
سانپيئڙن سداءِ، وينو واجَهہ وجهي هِنيون.

ماڙيءَ کي قيد جي شاعريءَ ۾ ڀٽائي صاحب ٻن صورتن ۾ ڇاٽايو آهي. هڪ محلات يا بنگلو ۽ ٻيو جيل جي ماڙي جيڪا هر جيل جي سامهون واري لنگهہ جي مٿان ٺهيل هوندي آهي. اتي قيدي کي سڏي ان کان آڏي پڇا ڪئي ويندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ۽ سندس قيد جو جملي رڪارڊ پڻ اتي رکيو ويندو آهي. جڏهن پٽائي صاحب چوي ٿو ته،"پکن جي پريت، ماڙين سين نه منيان" ته اتي ماڙيءَ مان مراد آهي گهڻ ـماڙ عمارت ـوري هن بيت ۾ ڏسو جيل واري ماڙي ڏانهن اشارو آهي:

ماڙيءَ چڙهي ڏٺام، پکا پنهنوارن جا
هڪ اڳيئي سهڻا، ويتر مينهن اٺان
ڪهڙا ڏوهه ڪيام، جيئن ٿرِ مارُو، آءٌ ماڙئين ـ
هيءَ اها ماڙي آهيٰ جنهن بابت پٽائي
صاحبؔ هڪ ٻئي بيت ۾ چيو آهي ته،
"ماڙيءَ وِهيؔ مَسَ، ملير ويندي مارئي."
ڀهرين رات پسي، مون ماڙيءَ مَنُ ڦڪو ڪيو
مَوَهڙِ ماروئڙن ڪي، واحد ڏيج وسي
آهَرَ جنهن اَسِي، سو ملندو شال ملير ۾.

پٽائي صاحب جي قيد واري شاعريءَ جو باندي ڪو سمجهوتو نه ٿو ڪري، ڪا آڻ نه ٿو مڃي ۽ پنهنجي ارادن تي اٽل ۽ اڏول بيٺو آهي، ان جو هڪڙو راز اهو به آهي ته هن ڪردارجو خالق ڪيس ايئن ڪرڻ جو ڏس ڏئي ٿو:

مَ ڪي روءُ مَ رڙڪي، هنجون هڏ مَ هار
توتان بند ٻِدا ٿيو ٻيڙيون، نيئي ٻار
ڀهچندينءَ پنهوار، سَگِهي سنگهارن ڪي.

مَ ڪي روءُ، مَ رڙُڪي، مَ ڪي هَنجون هارِ
جهڙا اچن ڏينهڙا، تهڙا ويئي گهار
ڏکن پنيان سکڙا، سگها ٿين سگهار
لتا لوهَ لطيف چئي پروڙج پنهوار
ٻيڙيون نيئي ٻار، تو تان بند ٻِدا ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ﭘﻨﻬﻨﺠﻲ ﮐﺮدارﮐﻲ اﺟﺎ ﺑﻪ ﻫﻤﺖ ڏﻳﺎرﻳﻨﺪي، ﻫﻦ ﺟﻲ ﻋﺰمر ﮐﻲ وڌﻳﮏ ﭘﺨﺘﻮ ﮐﻨﺪي ۽ ﺑﺎﻧﺪيءَ ﮐﻲ ﺑﻨﺪ ﻣﺎن آزاد ﭤﻴﮡ ﺟﻲ ﺳﻠﺴﻠﻲ ۾ دﻟﺪارﻳﻮن ڏﻳﻨﺪي ڀﭩﺎﺋﻲ ﺻﺎﺣﺐ ﭼﻮي ﭤﻮ ﺗﻪ:

ﮐﻮ ڏﻳﻨﻬﻦ آﻫﻴﻦ ﮐﻮٽ ۾، ﻟﻮﺋﻲ ﻫَڏ مرَ ﻻﻫﻪ
ﮐﺎﻣَڻِ، آن ﺟﻲ ڪُﺮَ ﺟﻲ، آڏ وڏاﺋﻲ آﻫﻪِ
ﻫﺖ مرَ ﭘﺎڙج ﻫﻴﮑڙو، ﭘﺎﺋﺮ ﺟﻲ ﭘﺴﺎﻫﻪِ
ﺳﺘﻲ ﺳِﻴﻞ ﻧﺒﺎﻫﻪِ، ﻣﻠﻴﺮ وﻳﻨﺪﻳﻦءَ ﻣﺎرﺋﻲ.

وري ﭼﻮي ﭤﻮ:

ﺳﻲ ﺳﺎﻫﻴﮍﻳﻮن ﺳﺎرﻳﻦ ﺗﻮ، ﺳِﻴﻞُ ﺟﻨﻴﻦ ﺟﻮ ﺳﭻ
ﻣﺎروءَ رﻳﺊ مرَ ﻣﭻ، ﺳِﻴﻬﻮ ﭘﺎﺋﻴﺞ ﺳﻮن ﮐﻲ.

ﭘﻨﻬﻨﺠﻲ ﻗﻴﺪي واريءَ ﺷﺎﻋﺮيءَ ۾ ڀﭩﺎﺋﻲ ﺻﺎﺣﺐ ﭘﻨﻬﻨﺠﻲ ﺑﺎﻧﺪي ﮐﺮدارﮐﻲ ﺟﻴﮑﺎ ﺗﻌﻠﻴﻢ ڏﻧﻲ آﻫﻲ ان ﺟﻮ ﻧﺘﻴﺠﻮ اﻫﻮ ﻧﮑﺮي ﭤﻮ ﺗﻪ ﻣﺎرﺋﻲ ﭼﻮي ﭤﻲ:

ﮐﺎﻧﺪ ﻧﻪ ﮐﻨﺪﻳﺲ ﮐﻮ ﭔﻴﻮ، ﮐﺘﻴﺮو ﭤﻲ ﺧﻮب
ﻣﻴﺮوﺋﻲ ﻣﺤﺒﻮب، اﺳﺎن ﻣﺎرو ﻣﻦ ۾.

ﻣُﻨﻬﻦ ﻣﻨﻬﻨﺠﻮ ﺳﻮﻣﺮا، مَر ﻣﻴﺮوﺋﻲ ﻫﻮءِ
ﻣﺘﺎن ﻣﺎرو ﭼﻮءِ، ڏوﺗﻮءِ ڏوراﭩﻦ ۾.

ﺳﻮ اﻫﺎ ڇﮑﺘﺎڻ ﺟﺎري آﻫﻲ. ﻣﺎرﺋﻲ ﻗﻴﺪ ۾ ﺑﻨﺪ آﻫﻲ ۽ وﻗﺖ ﺟﻲ ﺣﺎﮐﻢ آڏو ﺟﻬﮑڻ ﮐﺎن اﻧﮑﺎري آﻫﻲ. ﻫﻦ ﮐﻲ ﭘﻨﻬﻨﺠﻲ ﻣﺎرن ﺟﻲ ﻟﻮڙ ﻟﭭﻞ آﻫﻲ ۽ راﺗﻮ ڏﻳﻨﻬﻦ ﭘﻨﻬﻨﺠﻲ وﻃﻦ ۽ ﻋﻮام ﺟﻮ ﺋﻲ ﺳﻮﭼﻲ رﻫﻲ آﻫﻲ.”ﺟﺎﭴﻨﺪي ﺟﻮ ﺋﻲ ﺳُﺘﻲ پڻ ﺳﻮﺋﻲ“واري ﮐﻴﻔﻴﺖ ﻫﻦ ﺗﻲ ﭼﺎﻧﻴﻞ آﻫﻲ ۽ ﭘﻮءِ ﺟﮇﻫﻦ ﻣﺎرﺋﻲ ﻣﺎرن ﺟﻲ ڏﻧﻞ ﮐﺘﻲءَ ۾ ﺳﻤﻬﻲ رات ﺟﻮ ﻧﻨﮉ ﺟﻲ ﻫﻨﺞ ۾ ﻫﻠﻲ ﭤﻲ وﺟﻲ ﺗﻪ ﺧﻮاب ﭤﻲ ﻟﻬﻲ:

رات ﻟﮉمر ﺳُﻬﻨﻮ ﮐﺘﻲءَ ۾ ﺧﺎﺻﻮ
اﻧﺎﻣﻴﻨﻬﻦ ﻣﻠﻴﺮ ۾، ﭤﻴﻮ ﺗﮍ ﺗﮍ ﺗﻤﺎﺷﻮ
ﭼﻮرﻳﺎن ﺟﺎن ﭘﺎﺳﻮ، ﺗﻪ ﺟﺴﻮ زﻧﺠﻴﺮن ۾.

ﺳﻮ ﺳﺎﺋﻴﻦ، ﻗﻴﺪ ﺟﻲ ﺷﺎﻋﺮي ﺟﻮ ﮐﺮدار، وﻗﺖ ﺟﻮ ﺣﺎﮐﻢ، اﻧﻬﻲءَ اڻ ـﻣﻮٽ ﻓﻠﺴﻔﻲ ﺟﻮ ﺧﺎﻟﻖ ۽ ﻣﺎرن ﺟﻮن ﻣﻴﺎرون، ﺳﺎﻫﻴﮍن ﺟﻮن ﺳﺎروﭩﻴﻮن، ”ﮐﻦ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فيڪون" ڪان بہ اڳي ڪيل وچن ۽ انهن اصولن تي پاسخاطريءَ جي سلسلي ۾ پٽائي صاحب جيڪا شاعري ڪئي آهي، اهو موضوع اجا اسان جي ڪجھ پروگرامن تائين جاري رهندو. تيستائين اجازت، موڪلاڻي ناهي.

قسط: 20

پٽائي صاحب پنهنجي رسالي ۾ جيڪا قيد جي شاعري ڪئي آهي، ان جون انيڪ ڪيفيتون آهن ۽ سندس شاعراڻو فن ايڏو تہ سگهارو آهي جو هن جي لفظن ۾ قيديءَ جي چرپر بہ محسوس ٿئي ٿي. رسالي جي قيد واريءَ شاعريءَ جو ڪردار، يعني مارئي، نہ رڳو جسماني طور چرندي پرندي نظر اچي ٿي پر هن جي ذهن ۾ جيڪو مانداڻ متل آهي ان جي لوچ بہ محسوس ٿئي ٿي. هن کان اڳ ڪجھ پروگرامن ۾ پٽائي صاحب جي باندي ڪردار جي عزم، حوصلي، آڻ نہ مڃڻ ۽ اصولن تي پختي رهڻ بابت ڪافي بيت پڙهيا هئاسون. هن پروگرام ۾ قيديءَ جي انهيءَ ڪيفيت جو ذڪر ڪنداسون جنهن ۾ هن کي پنهنجو عوام ياد ٿو اچي، پنهنجن مارن جي سارهانوَ ۾ هرڻ تي لڳي ۽ انهن سانگيئڙن جي اڪير اندرمان اڌمو بڻجي ٻاهر ٿي نڪري جن لاءِ قيدي بندِ ۾ پوڄي رهيو آهي:

نڪو اير نہ پير، نہ ڪي اوٺي آئيو
مون وٽ آيو ڪو نہ ڪو، پاٿران پري پير
ڪتابتون ڪير، آڻي ڏيندم ان جون.

نہ خبر، نہ خواب، نہ ڪو اوٺي آئيو
هُتي جو رهت ڪَهين، ڏنو ڪو نہ جواب
هميرن حساب، ڪُهہُ ڄاڻان ڪيئن ٿيو.

هيءَ اهڙي ڪيفيت آهي جنهن ۾ قيديءَ جو پنهنجي عوام سان رابطو ٽٽي ويو آهي ۽ مارئيءَ کي اها ڳڻتي ڳاري رهي آهي ۽ همير سومري هن جي غريب ماروئڙن سان الائي ڪهڙي ويڌن ڪئي. ان ڳاراڻي ۾ گهڻو وقت گرڻ کان پوءِ

قيديءَ کي نراسائي ۽ نااميديءَ جو احساس ٿيڻ لڳي ٿو ته آخر مارو هن جي ڪَر ڇو نه ٿا لهن؟ هن جي خبر چار معلوم ڪرڻ جي اڻ تڻ ڇو نه ٿا ڪن. آخر ڳالهه ڇا آهي؟ ڇا ايئن ته ناهي ته مارن ٻاجهه ڪانگهاري ڪري ڇڏي آهي؟

ڪيمر مهاڙ مَلير ڏي، متي ڪوٽ چڙهي
نت نهاري ڏيهه ڏي، ڳوڙها پيم ڳڙي
نڱي ڪُوڪَ قلب ماڻ، منجهان روح رڙي
وِيڙهيچڻ وري، ڪَرَ نه لڌي ڪڏهين

لنگڙياري لوءِ ۾، جنين لاءِ ٿياس
(يعني جنين لاءِ هتي هن علائقي ۾ لينگهون لوڏي رهي آهيان)
تنين تِرَ جيترو، پلڪ نه پڇياس
جهروڪن (يعني ماڙين)
جهوريو هنيون، ڪوئين آءٌ ڪُنياس
مارُن مونجهه مياسِ، نه ته ماڙين ماريس ڪين ڪي.

ماڙين ماريس ڪين ڪي، مُيس مارن لاءِ
ڪَرَ لهندا ڪڏهين، منهنجي اچي ماءِ
سانيئڙن سنداءِ، وينو واجهه وجهي هنيون.

هنن بيتن ۾ قيدي ان پريشانيءَ جو ذڪر تو ڪري جيڪا عوام سان رابطو ٽٽي وڃڻ جي حالت ۾ هن تي طاري آهي ۽ مارئي چوي ٿي ته مو نکي جيڪا مونجهه ماري رهي آهي سان مارُن جي آهي. جيل جون ماڙيون منهنجي پريشانيءَ جو ڪارڻ ناهن. ڳڻتي اها آهي ته مارن جو ديس وسيو الائي ڪو نه، تر ۾ ڏڪار ختم ٿيو الائي نه، ان اوسيئڙي ۾ ويٺي آهيان، ته من ڪو مليرمان ڪا خير جي خبر ڪٺي اچي.

آيو ڪير ڏيهان، جنهن ڪَرَ پڇان خبرون
وچون اُنِ وٽان، رات ماروءَ تي وُٺيون
جِهجان ۽ جُهران، جيئن سٽان پري ٿٺا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليڪچر
پيڻائيءَ جو نظريو

سنڌ، ترقي پسند ادبي تحريڪ ۽ پيڻائيءَ جي حقيقي فڪر ۽ نظرئي جو شارح، جيڪو پاڻ چوني ٿو ته ڪيس پيڻائيءَ جو شاونسٽ ڪوٺيندا آهن ۽ هڪ وڏي ادبي ۽ صحافتي نالي واري ماناٿتي انور پيرزادو کان"پيڻائيءَ جو نظريو" واري موضوع تي 26 آگسٽ 1988ع تي سنڌي ادبي سنگت ڏوڪريءَ پاران ليڪچر ڪرايو ويو. هن پروقار تقريب ۾ نئين ٽهيءَ جي ترقي پسند شاعرن، اديبن ۽ عام سياسي شخصيتن جهجهي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. تقريب جي ڪارروائيءَ جي ابتدا انور ابڙي پيڻائيءَ جي بيت سان ڪندي سنگت ڏوڪريءَ جي سيڪريٽري ۽ نوجوان ڪهاڻيڪار نثار کوکر ڪي ماناٿتي مهمان انور پيرزادي جي مانَ ۾ آجياڻي وارا لفظ چوڻ کان پوءِ وڏيڪ ڪارروائي هلائڻ لاءِ سڏ ڪيو. نثار کوکر جي آجياڻي کان پوءِ نئين ٽهيءَ جي ترقي پسند شاعر محمد علي پناڻ، انور پيرزادو تي لکيل پنهنجو تعارفي مقالو پڙهيو. هن چيو ته"رسول حمزه طوف چيو هيو ته اهو نه چئه ته مون کي موضوع ڏيو. اهو چوڻ گهڻو بهتر آهي ته مون کي اکيون ڏي." انور وٽ موضوع به پنهنجا آهن، ته مسئلا به پنهنجا آهن. هن پنهنجي اکين سان جيڪو ڪجهه ڏٺو آهي، اهو ئي لکيو آهي. هن شيخ اياز وانگر مهاڻيءَ کي سينگاريءَ جا چلڙ لاهڻ جهڙين تصوراتي ۽ بناوٽي ڳالهه ڪڏهن به نه چئي آهي. هن کان لکت ۾ هيل تائين مشاهدي جي ڪا به چڪ نه ٿي آهي. هن پنهنجي هر تخليق کي باريڪ بينيءَ سان جاچي پوءِ لکيو آهي. هن وڏيڪ چيو ته انور بنيادي طور تي نظم ۽ آزاد نظم جو ذهين ترين شاعر آهي، پر هن وايون، غزل، ترائيل، هائيڪا، نثري نظم ۽ گيت به اهڙي مهارت سان لکيا آهن، جو هڪ ڪن کان ٻئي ٻئي کان ڪيڻ ڏکيا آهن. شاعريءَ کان علاوه پيڻائيءَ تي نئين رخ کان تحقيقي مضمون، ڪهاڻيون، ڪالم ۽ اخباري رپورٽون به

پنهنجي حساب سان مختلف انداز ۾ لکيون آهن. هو اديب هئڻ سان گڏ هڪ با ضمير صحافي پڻ آهي.

محمد علي پٺاڻ ڪانپوءِ نئين نسل جي ترجمان ۽ اتساهيندڙ تخليقن جي سرجڻهار انور پيرزادي پنهنجي ليڪچر جي شروعات ڪئي.

انور پيرزادي چيو ته ”پٽائي جي ideology (نظرئي) کي معلوم ڪرڻ لاءِ هن جي شاعريءَ جو totality (تڪميل) ۾ تجزيو ڪرڻو پوندو. هن جي شاعري ڇا آهي؟، صوفي ازم ۽ ان جي معنيٰ ڇا آهي؟ هن جو مذهب ڪهڙو آهي؟ خدا تعاليٰ متعلق هو ڇا ٿو چوي؟ پٽائي 1689ع ۾ پيدا ٿيو ۽ 1752ع ۾ وفات ڪري ويو.(اهي سن مهرباني ڪري ياد رکجو.) ڪارل مارڪس 1818ع ۾ پيدا ٿيو ۽ 1883ع ۾ وفات ڪري ويو. 1717ع ۾ شاهه عنايت جي تحريڪ پيدا ٿي ۽ 1871ع ۾ پيرس ڪميون ٿي هئي. اسان جي سياسي ڪتابن ۾ هينئر انقلابي جدوجهد، جيڪا سڄي دنيا جي آهي، جيڪا سوشلزم ۽ ڪميونزم ڏانهن وٺي ٿي وڃي. ان لاءِ ڪا بغاوت ٿي هئي، جنهن کي ان وقت جي بادشاهن چيڀاٽي ڇڏيو هيو. انهيءَ جو ذڪر پيرس ڪميون جي ناليٰ سان ملي ٿو. جيڪا 1871ع ۾ ڪچلي ويئي هئي. سنڌ جي تاريخ ۾ اهو سوشلزم جو پهريون تجربو سڄي دنيا جي تختي تي 1717ع ۾ جهوڪ ۾ ٿيو آهي. انهيءَ کان اڳ ۾ ڪٿي به ناهي ٿيو. اسان کي فخر ڪرڻ جي لاءِ تمام وڏيون علامتون آهن. دنيا جي پهرئين جمهوري علامت موهن جي دڙي جي سرن مان ملي ٿي. مائيڪل جانسين ۽ ٻين محققن مطابق، پر اسان دنيا جي ابهن سيني مظلوم ماڻهن وانگر آهيون، جن ۾ خاميون به آهن ته بهادريءَ جا اهڃاڻ به ۽ ٻيو به سڀ ڪجهه آهي، انهيءَ سڄي totality کي پٽائي پنهنجي شاعريءَ ۾ سميٽيو آهي، پٽائي جي جيڪا سڄي شاعري آهي، هن جو مذهب، هن جو سياسي نقطہ نظر، هن جو اقتصادي حالتن تي رد عمل ۽ هن جو سماجيات تي بحث، سنڌ جي تاريخ جون اهم ڪڙيون آهن، جن کي هن قلمبند ڪيو آهي. اهي روايتون، هن جا انهيءَ وقت جي عظيم شاعرن جي شاعريءَ جا ترجما، جيئن اسان اڄ محمود درويش ۽ ايران جي انقلابي شاعرن جا نثري ترجما ڪري رسالن ۾ ڇپايون ٿا، تيئن پٽائيءَ به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي دور جي تمام وڏن ڪوين جا ڪي چند سٺا شعرڪٿي جيئن جو تيئن سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا آهن. ڀٽائي جي سموري شاعريءَ کي مجموعي طور تي ڏسجي ٿو ته انهيءَ مان هن جي آئڊيولاجي(نظريو) ۽ زندگيءَ متعلق هن جو رخ معلوم ٿئي ٿو. ادب متعلق ڀٽائي جي آئڊيولاجي ڇٽي آهي. سياسي نظام متعلق هن جو نظريو ڇا آهي؟ اقتصادي صورتحال کي هن ڪيئن سمجهيو آهي؟ سماجي ۽ سنڌ جي تاريخي اهڃاڻن کي هن ڪيئن ڏٺو آهي؟ ڪيئن انهن کي قلمبند ڪيو اٿائين؟ انهن سڀني شين کي ڀٽائي سميٽيو آهي.

انور پنهنجي ليڪچر کي جاري رکندي چيو ته.”ڀٽائي اڍائي پوڻا ٽي سئو سال اڳي جو شاعر آهي، جنهن کي عام طور تي اسان جا نوجوان. اڄ جي دور جا توڙي پراڻي ٽهيءَ جا ڇو ته پراڻيءَ ٽهيءَ جي سنڌي اديبن ته ڀٽائيءَ کي قرآن جو مترجم ۽ مذهبي شاعر ڪري پيش ڪيو آهي، انهن ته ڀٽائي کي سمجهيو ئي ناهي. انهن لاءِ ڀٽائي چيو هو:

ڏسي پسي الله، ٽا نبي هٽن ڏوڙ ۾.

ڀٽائيءَ کي سمجهڻ جي صلاحيت اسان جي موجوده نئين نسل ۾ پئدا ٿي آهي، جيڪو هن کي own (قبول) به ڪري ٿو ۽ پرکڻ به چاهي ٿو. پر ڀٽائيءَ متعلق هنن جي ذهن ۾ هڪڙا عجيب خيال پئدا ٿيا آهن. ته هو پراڻي زماني جو شاعر آهي. پر توهان کي خبر هجڻ گهرجي ته دنيا ۾ ورلي ائين ٿيو آهي، جو هڪڙي ٻولي(سنسڪرت) جو عظيم شاعر اڃان تائين عظيم شاعر ليکيو وڃي ٿو جڏهن ته هن جي ٻولي استعمال ۾ ئي ڪانهي. اهو سنسڪرت جو شاعر آهي ڪاليداس.

عظيم شاعر جي حيثيت دنيا جي تاريخ ۾ ايڏي اوچي ٿيندي آهي جو ان جي ٻولي مروج به ناهي ته به هو دنيا جي عظيم شاعرن مان هڪڙو آهي. ڀٽائي جي ٻولي ته هينئر انتهائي ترقي يافته دور مان گذري رهي آهي.ان جا ڳالهائڻ ۽ پڙهڻ وارا بيشمار آهن. سو مجموعي طور تي ائين چئي سگهجي ٿو ته ڀٽائي جي جيڪا به آئڊيولاجي آهي، سا نه صرف humanist آهي ۽ نه صرف

هن جي نظرئي ۽ پاليسيءَ ۾ انسانيت پرستي آهي، پر پنهنجي دور جي ترقي پسندي پڻ هن جي آئڊيولاجيءَ ۾ موجود آهي. ترقي پسندي relative term آهي. نسبتي طريقي سان ترقي پسنديءَ کي جاچيو ويندو آهي. غلاميءَ واري دور کان جاگيرداري دور کي ترقي پسند چوندا آهن. جاگيرداري دور کان بورزوا نظام يا سرمائيداري نظام کي ترقي پسند دور چوندا آهن ۽ سرمائيداري نظام کان سوشلسٽ نظام ترقي پسند ليکيو ويندو آهي. اهڙي قسم سان انسان جيئن جيئن ترقي ڪري ٿو، تيئن جيڪا ماضي ڇڏي ٿو، جيڪي جهرنڊڙ ۽ سماجي ڪرنڊڙ قدر آهن، اهي رجعت پسند تاريخ جي رجعت پسند ڪباڙ خانن ۾ گم ٿي تا وڃن ۽ انسان کي ارتقائي طور تي هن جي مادي خاصيتن مطابق اڳتي وڌڻ جو موقعو ملي ٿو. جيڪا هن جي ترقي پسنديءَ واري رفتار آهي. پيئائي نه رڳو پنهنجي دور جو ترقي پسند شاعر هيو، پر آءٌ ٿو چوان ته پيئائي سنڌ جي مستقبل جو به ترقي پسند شاعر آهي. دنيا جي ادب جڏهن ترقي ڪئي ته انهيءَ جي جيڪا اهم ترقي هئي، سا اها ته هن انسان تي concentrate (غور) ڪيو. هن انسان کي focus ڪيو. هن پنهنجي اندر جي اک(جيئن ڪئميرا جي اک آهي) انسان تي فوڪس ڪئي. هينئر به دنيا جون جيڪي به ترقي پسند بين الاقوامي ادبي تنظيمون آهن يا بين الاقوامي ڪانفرنسون ٿين ٿيون، انهن ۾ عالمي ترقي پسند ادب جي ڪسوٽي اها آهي ته اهو انسان تي ويچار ڪري. انسان کي توجهه جو مرڪز بڻائيندي پيئائيءَ چيو:

”ڪوهه ٿو ڪاڳر ڪورئين، ويئو وڃائين مس
ڏور تئائين ڏس، اکر جئان ئي جڙيا. “

انور پنهنجي بحث کي جاري رکندي چيو ته،”پيئائي جي هيءَ لائين توهان ذهن ۾ رکو.

ڏور تئائين ڏس، اکر جئائين جڙيا.

اکر ڪٿان جڙندا آهن؟ اکر انسان جي زبان مان جڙندا آهن. اکر انسان وٽان ايندا آهن ته اکرن ۾ وچڙي وڃڻ هڪڙي ڳالهه آهي ۽ اکر جتان پئدا ٿين ٿا اتي ويچار ڪرڻ بي ڳالهه آهي. سو اکر وسيلو آهن. انسان جي مظلوميت کي چٽڻ جو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انقلابي امنگن کي چٽڻ جو، تاريخي ارتقا کي قلمبند ڪرڻ جو. موهن جي دڙي جي اسڪرپٽ اڃ اسان پڙهي نہ ٿا سگهون. ان کي ڪا معنيٰ هوندي، في الحال تہ اهي اکر آهن. سو، اسان چئُ تہ ليڪا ٿا ڪڍون. انهن ليڪن کي ڪا معنيٰ آهي پر جي اکر انسان تي ويچار نٿا ڪن، ان جي خدمت نہ ٿا ڪن، ان کي عظيم ۽ تعظيم لائق نٿا بنائن تہ اهو ادب براءِ ادب آهي ۽ ادب براءِ زندگي جا جيڪي بہ نظريا آهن، انهن مان ڀٽائيءَ جي انهيءَ لائين جي حوالي سان تہ"ڏور تٽائين ڏس، اکر جٽائين جڙيا" مان ثابت ٿئي ٿو تہ ڀٽائي جو نظريو ادب براءِ زندگي رهيو آهي. مزيدار ڳالهہ اها آهي تہ ادب براءِ ادب ۽ ادب براءِ زندگيءَ جو بحث ڀٽائي کان بہ ڏيڍ سئو سال پوءِ يورپ ۾ شروع ٿيو. ڀٽائيءَ جي شاعري ۾ هڪڙا -uni versal (ڪائناتي) قدر آهن. انهيءَ ڪري هن جي شاعري مها شاعري آهي. نہ رڳو ڀٽائي صاحب جي آئڊيولاجي انسان پرست آهي، پر ترقي پسند بہ آهي. ۽ نہ رڳو پنهنجي دور ۾ پر هن وقت بہ، سنڌ جي موجوده مرحلن ۾ بہ ترقي پسند آهي. هن جي مذهب سميت، رسالي ۾ مذهبي بيتن سميت اڄ جي دور جي ترقي پسند شاعري آهي ۽ مستقبل جي بہ."

موجوده حالتن سان ڀٽائيءَ جي شاعريءَ کي لاڳو ڪندي، انور وڏيڪ ڳالهائيندي چيو تہ." جڏهن توهان وٽ ڪالاباغ ڊئم ٺهندو ۽ ان خلاف پروپئگنڊا ڪرڻ تي سرڪار پابندي وجهندي، تڏهن توهان پمفليٽ لکي نہ سگهندئو. پمفليٽ لکندڙ هٿن ۾ هٿڪڙيون هونديون ۽ اهي لکندڙ ماڻهو جيلن ۾ بند هوندا. ڪو شاعر ڪالاباغ ڊئم جو نالو وٺي نہ سگهندو. ان وقت اهو هڪڙو بيت ڀٽائيءَ جو اسان جي اندر جو ترجمان ٿيندو، هڪبئي کي پڙهي ٻڌائيندا سين تہ خبر پوندي تہ هي ڪالاباغ ڊئم تي لکيل بيت آهي:

سر سڪو سال ٿيا، هنج هريو ئي پير
هي ڪنگ ويچارو ڪير، جو رسي ان رمز کي.

اها علامتي شاعري آهي ۽ علامتي شاعري ئي دنيا جي وڏي ۾ وڏي شاعري آهي. ڪيترا اسان جا جذباتي دوست چوندا آهن تہ انهيءَ علامتي شاعريءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪھڙي ضرورت آھي، نثر ۾ سنئين سڌي ڳالھ ڪبي آھي ۽ نظم ۾ سنوان سڌا لفظ بہ استعمال نہ ڪبا آھن. محاورا استعمال ڪبا آھن. زبان کي beautiy (خوبصورت) ڪبو آھي. شاعري لفظن جي composition (جڙاوت) آھي. جيئن آوازن جي ڪمپوزيشن راڳ ٿيندو آھي. سنگيت ٿيندي آھي، تيئن لفظن جي ڪمپوزيشن کي شاعري چئبو آھي. انھيءَ ڪري انھيءَ ۾ ڪو فن پيدا ڪبو آھي، ڪا سونھن ۽ جماليات پيدا ڪبي آھيٰ. يعني جنگ جھڙي ميدان ۾ جتي جماليات جو تہ سلسلو ئي ناھي، جتي رت پيو وھي، جتي بارود جي ڌپ ھجي، جتي: سر ڊونديان ڌڙ نہ لھان، ڌڙ ڊونديان سر ناھ. واري صورتحال ھجي، انھيءَ تصوير ۾ ڪا سونھن پرڻ اوکو فن آھي.

ڪاري ڪڪر هيٺ مون، جهيڙيندي ڇڏيا.

انھيءَ ئي ڪينواس تي مٿان ڪارو ڪڪر آھي ۽ ھيٺان رتوڇاڻ آھي. ڀٽائي جي آئڊيولاجي نہ رڳو پنھنجي وقت جي ترقي پسند آئڊيولاجي آھي ۽ انسان پرستي ان ۾ وڏل آھي پر انھيءَ ۾ اھا humanism بہ آھي، جيڪا مستقبل ۾ مارڪسزم ۽ ليننزم جو بنياد بڻي آھي. جيئن مون عرض ڪيو تہ شاھ عنايت جي تحريڪ ھيٺين طبقي جي ماڻھن جي تحريڪ آھيٰ ڪارل مارڪس دنيا کي ھڪڙي اھم ڳالھ ٻڌائي تہ:"پورھيت طبقو بورجوا طبقي جو تختو اونڌو ڪري سگھي ٿو."اھا ھڪ نئين ڳالھ ھئي جيڪا ھن پنھنجي دور ۾ ٻڌائي تہ پرولتاري آھي بورجوازي جو. اھا ڳالھ ھن ڪڏھن ٻڌائي ھئي(مارڪس anti-thesis 1818ع ۾ پيدا ٿيو ھو ۽ 1883ع ۾ وفات ڪئي ھئائين) 1717ع ۾ شاھ عنايت اھو تجربو ڪري ڏيکاريو تہ."ھاري رورل بورجوازي جو اينٽي ٿيسز آھي" اھو ان جي ملڪيت تي قبضو ڪري سگھي ٿو ۽ سڄي ملڪيت مساوات سان ورھائي سگھي ٿو. انھيءَ مان منھنجي چوڻ جي اھا مراد ناھي تہ مارڪس ڪجھ نہ ھو ۽ شاھ عنايت سڀ ڪجھ ھو. مارڪسزم ليننزم ڪجھ ناھي، ڀٽائيءَ جي آئڊيولاجي سڀ ڪجھ آھي. پر آءٌ اھو بہ چوان ٿو تہ ڀٽائيءَ جي آئڊيولاجي بہ انقلابي آھي.جيئن مارڪسزم ۽ ليننزم آھي البت ڀٽائيءَ جي انقلابيت گھڻو اڳڀائي آھي. ڀٽائي مظلوم ماڻھن جو سيني ڪان وڏو شاعر آھي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏکي توءِ ڏڪار، توڙي وسن مينهڙا.

ٿر ۾ جڏهن مينهن وسندا آهن، سنڌ ۾ جڏهن پوڏون ٿينديون آهن، آبادڪاري ٿيندي آهي، تڏهن هي صورتحال ٿيندي آهي تہ:

پاڻيهي پچي پيئون، ريءَ واهت ريءَ واڙ
جوءِ ڪشادي جيڏئيين، ملير موڪ مهاڙ.

اها agricultural economy (زرعي معيشت) جنهن ۾ بارشون پون ۽ فصل پاڻهي ڦٽي پون، انهن جي واهت بہ نہ ڪجي، لوڙها بہ نہ هڻجن، اهو دور هو پيڙائي وارو تہ پيڙائي زرعي معيشت ڏانهن اشارو ڪري ٿو تہ اهي ماڻهو ايڏا سکي هئا، جيڪي اهڙي اقتصادي نظام ۾ رهندا هئا ۽ هنن جو سياسي نظام اهو هو تہ:

نڪا جهل نہ پل، نہ ڪو راڻر ڏيهہ ۾
آٽيو وجهن آهرين، روڙيو رتا گل
مارو پاڻ املهہ، مليرئون مرڪٽو.

مان اهو نٿو چوان تہ مارڪسزم ۽ لیننزم ڪي نہ پڙهو، رڳو پيڙائيءَ کي پڙهو. پر هر ملڪ ۾ هر قوم ۾ انقلاب اتان جي مخصوص حالتن مطابق ايندو آهي، تہ حالتن جي اها مخصوصيت جيڪا آهي، اها ڇا آهي؟ اها ئي پيڙائيءَ وٽان سمجهي سگهجي ٿي:

سي مَرُ ٻڌن سندرا، وندر جي وڄن
ٻيون ڪوه ٻڌن، چوڙي جي ڇڏينديون.

اها انقلابيت آهي.

سپ ننگيون ٿي نڪرو، لالچ ڇڏي لوپ
سپريان جي سوپ، ننڍون ڪندي نہ ملي.

پرينءَ پر پرت مان، تو ساهڙ سڌ ڪري
نہ گهڙان موٽي وڃان، تہ ڪا ساه سري
مرجان پرت پڙي، گهران گهوريو جندڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها پنهنجو سر قربان ڪرڻ واري ڀٽائي صاحب جي جيڪا تلقين آهي، پنهنجي ڪردارن لاءِ:

ڪي ڪلهنئون ڪوريان، ڪ جاجڪ جسي سين ڏنئيين

ڀٽائيءَ جا اهڙا ڪيترائي بيت ملندا.

سو، ڀٽائي سنڌي ٻولي، سنڌ ۽ سنڌ ڌرتيءَ تي رهندڙ عوام جو ترقي پسند انقلابي ۽ عظيم فنائتي شاعريءَ جو هڪڙو مها ڪوي آهي."

انور، مذهب بابت ڀٽائيءَ جي آئيڊيولاجيءَ جي وضاحت ڪندي چيو ته:"اينگلس لکيو آهي ته middle ages(انساني تاريخ جي وچئين دور) ۾ اها روايت هوندي هئي ته جيڪي به علم دنيا ۾ رائج هوندا هئا، اهي theology يا مذهب جي روشنيءَ ۾ بيان ڪيا ويندا هئا. ستارن جو علم هجي، انساني جسم جي سائنس هجي، يا اخلاقيات هجي، جيڪو به علم انهيءَ وقت موجود هوندو هو، اهو سڀ مذهب جي حوالي سان بيان ڪيو ويندو هيو. ڇاڪاڻ ته ماڻهو مذهبي زبان وڌيڪ سمجهندا هئا. ماڻهوءَ سان جڏهن رجوع ڪبو آهي، جڏهن عوام سان ڳالهائبو آهي ته انهن جي زبان ۾ ڳالهائبو آهي، جيڪا هو سمجهي سگهن. جڏهن ڀٽائي صاحب ڏٺو ته هي سڀ سنڌي مسلمان جيڪي سنڌ جي علائقي ۾ رهن ٿا. ڇاڪاڻ ته ڀٽائي سنڌي شاعر هيو. هن جي constituency سنڌي مسلمان جي هئي ته هن جيڪي مذهب تي شاعري ڪئي سا خبرداريءَ سان هڪ هڪ لفظ کي ڏسي هن مذهب تي شاعري ڪئي. ڇاڪاڻ ته اهو دور سنڌ جي تاريخ جي سڀ کان وڏي مذهبي ڪٽرپڻي جو دور هيو. اهو سنڌ جي تاريخ جو سڀ کان وڌيڪ جهنگلي ماحول هيو. جنهن ۾ ڀٽائي جهڙو عظيم انسان ايڏي حساس دل رکندڙ شاعر جيئرو هيو. سنڌي ماڻهن جي تاريخ بيان ڪندي ڀٽائيءَ چيو هو:

جا اسلامان اڳي هئي، سا سٽائون ٻانگ.

پر سنڌين جي ملڪ ۾ مسجدن اندر رجسٽر رکيا ويندا هئا، جنهن ۾ هر نماز جي ٽائيم تي حاضري لڳائي ويندي هئي ۽ اهو لکيو ويندو هيو ته او سي پاسي گهرن ۾ رهندڙ ماڻهو جيڪڏهن نماز پڙهڻ ناهن آيا ته شهرن جو چونڪن تي انهن کي ڦٽڪا هنيا ويندا. انهيءَ دور ۾ ايڏي ٻوسٽ ۽ گهٽ جي ماحول ۾، اهو اهڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماحول ٿيندو آهي، جڏهن ڪوئي ڳالهائي ناهي سگھندو. هي اهو دور هيو 1717ع وارو، باوجود انهيءَ جي تہ ڀٽائي ڪي تمام ڏکھي ۽ انقلابي تحريڪ جو پسمنظر هيو. هو 28 ورهين جو جوان هو. جڏهن سندس دور واري جهوڪ تحريڪ ڪان هو سڌو متاثر ٿيندي نظر اچي ٿو ۽ اهو ئي سبب هيو جو جڏهن شاهہ عنايت شهيد ٿيو ۽ انهيءَ جا جيڪي تمام ويجهڙا ڪامريڊ شهيد ٿيا، ۽ باقي جيڪي بچيا انهن کي جيل جون سزائون مليون، ۽ انهن مان جيڪي پاڻ بچائي ويا، اهي جبلن ۾ هليا ويا تہ هن ڀرپور مذهب جي اوٽ ۾ شاعري ڪئي. مذهب تي ڀٽائيءَ جيڪو لکيو آهي، اهو پڙهي ايمانداريءَ سان مون کي ايئن محسوس ٿيندو آهي تہ ڀٽائي هي محاورا، هي مذهبي رسمن جا نالا، اهي صرف انهيءَ ڪري ورتا آهن تہ ماڻهو اها ڳالهہ سمجهن.

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهِ نماز
سڀ وڃائي ساز، تهان پوءِ تڪبير چئہ.

ڀٽائي سيڪيولرازم جو پيغمبر آهي. اهو ڀٽائي صاحب جي آئيڊيولاجي جو هڪڙو جدا پهلو آهي تہ سيڪيولر ازم جو جيڪو نظريو آهي، اهو ڪهڙو آهي؟ اهو اُهو آهي تہ انسان جي جيڪا سماجي، سياسي، اقتصادي، دنوي زندگي آهي، ان سان مذهب جو ڪو بہ تعلق ڪونهي. انهيءَ کي سيڪيولر ازم چئبو آهي. ڀٽائي اهڙو مذهبي شاعر ناهي، جهڙو ڪيترا دوست سمجهن ٿا. هن جو جيڪو رسالو آهي، ان سان زيادتيون ٿيل آهن. انهيءَ جي ترتيب سان هاچا ٿيل آهن. گنج سڀ کان پراڻو نسخو آهي. جيڪو ڀٽ شاهہ تي پيو آهي، انهيءَ ۾ سڀ سِ سڀ بيت ۽ بيشمار اُهي بيت جيڪي ان وقت ماڻهن کان ٻڌا ويا هئا، اهي سڀ انهيءَ ۾ سهيڙيا ويا آهن. انهيءَ گنج کان اڳ ۾ چوٽيهہ نسخا مليا آهن ۽ اجا بہ جيڪڏهن سنڌ ۾ ڳولجن تہ بيشمار ملندا ۽ اهي سيئي رسالا جيڪي بہ گنج تائين مليا آهن، انهن جي ڏنل ترتيب ۾ شروعات سر سسئيءَ آبريءَ کان ٿئي ٿي. جنهن جو پهريون بيت اهو آهي تہ:

پرتوو پرينءَ جو، جهڙ جيان جهالا ڏئي

آءُ تنهن آريءَ کي، ويٺو راهه روئان گهڻو.

۽ انهيءَ گنج ڪانپوءِ وري جيڪي به رسالا ڇپيا، انهن سڀني کي سريمن ڪلياڻ کان شروع ڪيو ويو. سريمن ڪلياڻ کان انهيءَ ڪري ڇاڪاڻ ته هي سرشام جو راڳ آهي.(ڇاڪاڻ ته انهيءَ وقت ڪا تقرير ڪرڻ جي گنجائش ڪا نه هئي، انهيءَ وقت سياسي سرگرمين تي بندشون هيون، جڏهن پيٽائي پنهنجو رسالو پئي لکيو. انهيءَ ڪري هن مذهبي اوٽ ورتي، مذهب جي روپ ۾ لکيو. اهو نياپو هيو. اها style هوندي هئي ۽ اهڙي قسم سان جيئن رات ٽرندي ويندي هئي، تيئن وقت مطابق راڳ ڳائيندا ويندا هئا.

مالڪوس رات جو راڳ آهي ۽ انهيءَ ڪانپوءِ پوئين رات ۾ پرڀاتي، آسا ۽ انهيءَ کان اڳ ۾ راڻو، سورٺ، ڳائي صبح جو بس ڪندا هئا. پيٽائي جي درگاهه تي نماز مهل صبح جو سر(هينئر تائين) مارئي پڙهندا آهن. ته انهيءَ جي ڪري رسالي کي جڏهن musical composition(سنگيت سٽا) ملي. تڏهن سريمن ڪلياڻ آڏو آيو. البت پيٽائي کي اهڙي قسم جو شاعر ڪري پيش ڪرڻ ته هن جي شاعري قرآن جو سنڌي ترجمو آهي، انهيءَ شوق ۾ اسان جي دوستن ان کي اها ترتيب ڏني آهي. انهيءَ ڪري توهان پيٽائي صاحب کي پڙهو تڏهن ان ڳالهه کي ذهن ۾ نه رکو، صرف ان جي musical ترتيب کي ذهن ۾ رکو. باقي جهڙي وقت توهان ان کي content ۾ پڙهندئو ته پيٽائيءَ ۽ توهان پاڻ ۾ دوبدو هوندئو. ۽ ان جي سموري جيڪا آئڊيولاجي آهي. اها توهان جي سمجهه ۾ اچي ويندي.“

انور، خدا بابت پيٽائيءَ جي آئڊيولاجيءَ جي وضاحت ڪندي چوي ٿو ته:”پيٽائي بي شرڪ کي رد ڪري ٿو.“ چوي ٿو ته:

جي بي شرڪ پانئين پاڻ کي، ته عين شرڪ ايءُ

خدا تعاليٰ سان ان جي ڪنهن به تخليق کي پيٽائڻ کي شرڪ چئبو آهي. پيٽائي صاحب ان کي رد ڪري ڇڏيو. انهيءَ کان سواءِ پيٽائي صاحب والٽيئر واري ٿيوري ته:

it is not god who has created man.
it is the man who has created god.

پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪئي آهي. ڀٽائي صاحب صبر ۽ شڪر ڪي به رد ڪيو آهي: ”صبر ۽ شڪر ڪي، ڪاڏي آءٌ ڪندي؟

آهيان جنهن سندي، سو ته گهرجي ساڻ مون.“

انور، جاگيرداري قدرن جي مڪمل نفي ڪرڻ واري عورت جي آزاد حيثيت بابت ڀٽائيءَ جي آئڊيولاجي جي وضاحت ڪندي چوي ٿو ته:

ساهڙ ڏاران سهٽي، اڏوتي آهي
ڪنڌيون جو ڪاهي، پاسي تنهن پاڪ ٿئي.

تهڙا چاليها نه چاليهه، جهڙو پسڻ پرينءَ جو.

آگم ايءُ نه انگ، جهڙو پسڻ پرينءَ جو.

مڙس کي ڇڏي جيڪا عورت درياءُ ٽپي مينهر سان ملڻ ٿي وڃي، انهيءَ کي 1689ع ۽ 1752ع کي ته ڇڏي ڏيو، پر ويهين صديءَ جي پوئين ڏهاڪي ۾ اسان جي middle class (وچولي طبقي) جا پڙهيا لکيا ماڻهو ڪاري ٿا ڪن. ڀٽائي ان جو defence (بچاءُ) ڪيو آهي. اهو بيت پڙهي، آءٌ محسوس ڪندو آهيان، ته هتي ڀٽائي انارڪسٽ آهي. ڪڏهن ڪڏهن انارڪسٽ ٿيڻ ضروري ٿيندو آهي، ڪنهن شئي کي انتهائي شدت سان condemn (رد) ڪرڻ ۽ مذمت ڪرڻ جي لاءِ ڀٽائي عورت جي آزادي جي (حمايت) ڪرڻ جي لاءِ عورتن جي حوالي سان انارڪزم جي حد تائين وڃي پهتو آهي ته:

ڏم پاسي ۾ ڏڪندو، ضحت وٽ سنگهار.

يعني هوءَ جڏهن مڙس سان سمهيل آهي، تڏهن ناپاڪ آهي، جيستائين ساهڙ سان نٿي ملي، تيستائين ناپاڪ آهي، اڏوتي آهي، اڏوتل آهي، هن کي مٽي ۾ ٽڙ آهي، ڪنڌيون جو ڪاهي، پاسي تنهن پاڪ ٿئي

۽ جڏهن اتي ٿي وڃي ميهر وٽ، تڏهن پاڪ ٿي ٿئي. انهيءَ سلسلي ۾ ٻيا به بيت اٿس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيٽائي عورت جيٰ معاملي ۾ جيڪي به جاگيرداري قدر آهن، انهن سيني کي رد ڪري ڇڏيو آهي. پيريءَ جو جيڪو ادارو آهي، انهيءَ کي رد ڪري ڇڏيو آهي.

انور آخر ۾ چيو ته:”پيٽائي ڪي ذاتي طوز تي مون جيئئن ڏٺو آهي ۽ وري هڪڙي شاعر جي من سان به هن جي شاعريءَ کي پڙهيو آهي ته پيٽائي سان عقيدت جي باوجود(پيٽائي جهڙي شاعر سان عقيدت به ٿي سگهي ٿي.) پر انهن سيني ڳالهين کي ڇڏي بنا ڪنهن جهجهڪ جي چئي سگهجي ٿو ته پيٽائي نه رڳو سترهين ۽ ارڙهين صديءَ جو نه رڳو ترقي پسند، ڪميٽيڊ ۽ تمام وڏو عوامي ۽ تخليقي شاعر آهي پر هو ماضي، حال ۽ مستقبل جو عظيم شاعر آهي.

سهيڙيندڙ: انور ابڙو

ليڪچر

پٺائي: سنڌ جي قومي وحدت جي اڏاوت ڪندڙ شاعر

سنڌ جا دوستو!

استاد (گلاب ڀڳڙو) هن پروگرام جو انٽروڊڪشن (تعارف) ڪندي خاصو جذباتي ٿي ويو. ڪيس هڪڙو تمام ڏگهو بئڪ گرائونڊ (پس منظر) آهي. سنڌي ادبي سنگت، سنڌي ادب جي هڪڙي تاريخ ساز تنظيم رهي آهي جنهن جا ڏاڍا عجيب دور گذريا. ڪنهن زماني ۾ اسان جنهن جاءِ تي ويهي سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻي ڪندا هئاسين، اتان اسان کي اٿاري ڇڏيندا هئا. سنڌي ادبي سنگت جي ڪنٽينيوٽي ته اينٽي ون يونٽ موومينٽ کان هلي ٿي پر اسان جڏهن انهيءَ ۾ آياسين ته اها جنرل ضياءَ جي يارهن سالہ ڊگهي ڊڪٽيٽر شپ هئي جنهن ۾ اسان خاصو پوڳيو سين تڏهن اهو استاد ۽ اسان ٿي هوندا هئاسين، جيڪي جيئن ٻلي پنهنجي ٻچڙن کي هڪڙي جاءِ تان ڪڍي ٻي جاءِ تي پهچائيندي آهي، ايئن جايون مٽائيندا هئاسين. انهيءَ خاصي ڏکئي وقت ۾ تمام ٿورا اسان جا اهڙا دوست هئا، جن ۾ وڏي ڊيڊيڪشن هئي ۽ انهن ۾ استاد هڪڙو بہ هيو. رات ۽ ان کان اڳ جڏهن استاد سان رابطو ٿيو ته مون کيس هڪڙي تجويز ڏني ته اوهان جيڪي بہ هتي پروگرام ڪيا آهن، انهن مان جيڪا بہ آئوٽ پٽ ٿي آهي، سا پني تي آڻجي ۽ ڇپائجي. پڙهيل لکيل قومن ۾ اهو ٽريڊيشن هوندو آهي ته انهن جون جيڪي بہ ادبي ڪاوشون هونديون آهن، اهي انهن کي لازمي ڇپائينديون آهن. ڪنهن زماني ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو هڪڙو انگريز سنڌ ۾ آيو هو. جنهن هتي اچي ليڪچر ڏيڻ شروع ڪيا. اهو پراڻو اڪائونٽ مون کي مليو ۽ اسان جڏهن "سنڌ ٽريبون" ۾ ڪم ڪندا هئاسين، ته اتي اهو مون قسط وار ڇپيو.

اهو انگريز چوندو هو ته توهان پنهنجي روزاني زندگيءَ ۾ جيڪي بہ ڏسو ٿا، رات جو اهو تحرير ڪري ڇڏيو. انهيءَ سان پوءِ ائين ٿيندو ته سنڌ جي تاريخ مرتب ٿي ويندي. اسان وٽ اهو ٽريڊيشن تمام ٿورن پڙهيل لکيل ماڻهن ۾

آهي، مثال عبدالقادر منگي، جڏهن ٽر جو ڊي سي هو تہ اتي هن”ٽر سيمينار“ ڪرايو. جنهن ۾ جمع ٿيل مواد ڇپائي، هن ڇڻ تہ سيمينار جو ڪم مڪمل ڪيو. تازو ڪليم لاشاري پڻ سکر ۾ ڊيوٽي ڪرڻ ويو ۽ ٽيون ڏينهن ملاقات ٿيس تہ يارهن ڪتاب ڏيکاريئين. جيڪي”هسٽاريڪل سوسائٽي“ پاران سکر جي تاريخ تي هن ڇپرايا آهن. مون کي ياد پيو اچي تہ اختر بلوچ جي ڪتاب”قيدياڻيءَ جي ڊائري“ ۾ پليجي صاحب بابت سراج ميمڻ هڪڙو رمارڪ ڏنو هو تہ پليجي جهڙا ڏهہ ماڻهو سنڌ ۾ هجن تہ جيڪر سنڌ ۾ انقلاب اچي وڃي. مان چوان ٿو، تہ عبدالقادر منگي ۽ ڪليم لاشاريءَ جهڙا جيڪڏهن سورهن ضلعي آفيسر سنڌ جي سيني ضلعن ۾ هجن، تہ سڄي سنڌ ڊاڪيومينٽ ٿي ويندي. چوڻ جو مقصد اهو آ تہ جيڪا بہ اسان جي ادبي ڪاوش آهي، انهيءَ کي پني تي آڻڻ تمام ضروري آهي ۽ اهو ڏکيو ڪم بہ آهي. چاڪاڻ تہ استاد بخاري پڻ تہ اهي سيئي جيڪي پروگرام ٿيا آهن، سي ڪيسٽن ۾ رڪارڊ ٿيل آهن، جن کي ٻُڌي پني تي لاهڻو پوندو. انهيءَ ڪانپوءِ انهن جي ايڊيٽنگ ٿيندي ۽ ڇپڻ جي قابل ٿاهي ڇپائبو جنهن تي پئسا بہ خرچ ٿيندا ۽ محنت بہ ٿيندي تہ ان حوالي سان منهنجو خيال آهي تہ هينئر جڏهن استاد وري سگا جي اليڪشن وڙهڻ ڏانهن وڃي پيو ۽ هن وقت سگا ڪراچي شاخ جو جنرل سيڪريٽري آهي: تہ استاد کي مون اهو پئي چيو تہ اهو ڪم توهان کي هوندئن ئي ڪرڻو آهي. پوءِ ڪنهن عهدي تي هجو يا نہ هجو.استاد ڪاهوڙي قسم جو ماڻهو آهي.ادب جو اهڙو خادم آهي، جو اسان تہ اهڙا تي ئي نتا سگهون. هو وڏي ڊيڊيڪشن سان ڪم ڪري ٿو. اسان پنهنجي حال سارو سندس مدد ڪنداسين. مثال اسان کي ڪيسٽ ڏيندو تہ اسان ان کي ٻُڌي پني تي لاهي ڏينداسين ۽ اهو ڪنداسين، جيڪو ڪري سگهنداسين. ڪجهہ ٻين دوستن کان بہ ڇپائيءَ جي حوالي سان مدد وٺنداسين ۽ منهنجي خيال ۾ تہ ڪليم لاشاري اسان جي مدد ڪندو، چاڪاڻ تہ هن وٽ ڇپائيءَ جو انفراسٽرڪچر آهي ۽ اميد ڪرڻ کپي تہ اسان اهڙو ڪتاب تيار ڪنداسين. جنهن ۾ اهو سڄو مواد ڇپبو.

اچوڪي هن پروگرام جي حوالي سان مان عرض ڪيان تہ مون کي

پٽائيءَ تي ماهر نہ سمجهو ۽ ڪو چوي تہ مان ماهر آهيان تہ اها ڏاڍي ڏکي ڳالهہ آهي. چاڪاڻ تہ پٽائيءَ جا رسالا، جن اسان جي تمام وڏن محققن مرتب ڪيا آهن، انهن بہ پٽائيءَ جي لفظن جي معنائن ۾ جيڪي غلطيون ڪيون آهن، اهي ڇپجي ويون آهن. تازو ٻانهي خان شيخ جو بہ مرتب ڪيل جيڪو رسالو ڇپيو آهي، انهيءَ ۾ بہ ڪو ارڙهن اهڙين چڪن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪي ڪانئس سرزد ٿيون آهن. ج ع منگهاڻي تنهن زماني کان وٺي جڏهن اسان"عوامي آواز" ۾ ڪم ڪندا هئاسين، پٽائيءَ جي خاص ڪري سسئيءَ جي پنجن سرن ۾ جيڪي لفظ آهن، انهن جا پس منظر لکڻ جي هڪڙي exercise ڪئي هئي ۽ هينئر ان جو ڪو ڪتاب تيار ٿيو آهي، جيڪو شاهہ لطيف چيئر جي حوالي آهي. ان ۾، ڇپيل رسالن ۾ پٽائيءَ جي لفظن جون غلط معنائون جيڪي ڇپيل آهن، انهن ڏانهن ڌيان ڇڪايو ويو آهي، تہ مون کي توهان پٽائيءَ تي ماهر نہ سمجهو. چاڪاڻ تہ توهان حاضرين مان هڪڙو ماڻهو اٿي ۽ جيڪڏهن مون کان پڇي، تہ پٽائيءَ جي فلاڻي بيت جي فلاڻي لفظ جي معنيٰ ڇا آهي ۽ اها مون کي نہ اچي تہ مان ڪيئن ٿو چئي سگهان تہ مان پٽائيءَ جو ماهر آهيان ۽ اها توقع توهان مون ۾ رکجو بہ نہ ۽ ڪنهن ٻئي ۾ بہ نہ رکجو، نہ ئي ڪنهن محقق ۾ رکجو. اسان سنڌ کي ٿورو گهڻو جيڪو گهمي ڏٺو آ، تہ ان حوالي سان چئجي ٿو تہ سنڌ جو ماهر يا تہ ٻڪرار آ يا مهاڻو آ يا هاري آ يا ڪو ڪمي ڪاري يا اتان جو لوڪل ماڻهو، جيڪو سنڌ جي انهيءَ علائقي تي گرفت ٿو رکي ۽ اتان جي اينٿرو پالا جي ۽ ٻوليءَ بابت ڄاڻ رکي ٿو، پر انهن جي بہ هڪڙي محدوديت اها آهي تہ هو جنهن علائقي ۾ رهن ٿا، انهي جي ٻوليءَ کي وڌيڪ سمجهي سگهن ٿا. مثال جيڪڏهن ڪو ڪڇي ۾ رهي ٿو تہ اهو"سر سهڻي" کي تہ وڌيڪ آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو، پر سسئيءَ جي پنجن سرن ۾ هن جي لاءِ ڪيترائي اوپرا لفظ اچن ٿا. چاڪاڻ تہ اهو هن جو ترنہ آهي. ڊيلٽا ۾ ڪارو ۽ منو، جيڪو درياهہ جي پڇڙي ۽ درياهہ جو وچ آهي. انهيءَ جا لهجا مختلف آهن. اُهي لهجا جبل جي ماڻهوءَ کي سمجهہ ۾ نہ ٿا اچن. تہ جي ماڻهوءَ لاءِ جبل جي ۽ ڪڇي جي ٻولي

صفا اوپري آهي. ايئن اسان جا جيڪي محقق ۽ دانشور آهن، انهن سان خود اهو مسئلو آهي ته ڪين پنهنجي علائقي جي ٻولي سمجهه ۾ اچي ٿي، پر ٻين علائقن جي ٻوليءَ کي سمجهڻ لاءِ انهن کي مطالعو ڪرڻو پوي ٿو ۽ اتي travel ڪرڻو پوي ٿو. چاڪاڻ ته travel ڪرڻ کانسواءِ انهن علائقن جون ريتون رسمون ۽ اينٿرو پالاجي سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. پناڻي صاحب واحد ماڻهو آهي، جنهن کي سنڌي ٻوليءَ جي سيني لهجن جي خبر آهي ۽ اينٿرو پالاجيءَ جي پڻ ـ سندس رسالي ۾ يارهن زبانن جا لفظ ملن ٿا. اها ٻي ڳالهه آهي ته اسان سمجهون ٿا ته پناڻي صاحب اُمي هو. اڻ پڙهيل هو ۽ ان لاءِ ڪامريڊ سوڀي جو هڪڙو رمارڪ هو ته توهان سنڌي مسلمان نوجوان چو پڙهندئو. توهان جو پيغمبر ۽ عظيم شاعر جيڪڏهن اُمي ٿي سگهن ٿا ته توهان کي پڙهڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. ته اهو هڪڙو چٽڪو ڪلچر آهي، جيڪو اسان ۾ موجود آهي. حالانڪ پناڻي صاحب جو عالم اهو آهي ته"تول وهاڻا توشڪون" يعني"توشڪ" لفظ ترڪي ٻوليءَ جو آهي، جنهن جي معنيٰ"بيڊ" آهي ۽"ڪارايل" لفظ ڪردش ٻوليءَ جو آهي. جيڪو پناڻي صاحب جي سر جو نالو آهي ته، اها هندي، اُها فارسي، اُها عربي، اُها سرائيڪي، اُها بلوچي، اُها ڪڇي، اُها گجراتي ۽ اُها ٿر جي ٻولي، جبل جا پنهنجا مخصوص لفظ سندس شاعريءَ ۾ ملن ٿا ۽ سنڌ چڻ ته هن جي مائڪرو اسڪوپ هيٺان آهي. خوردبينيءَ هيٺان آهي، جتي ڪِول ٿي چري ته سندس شاعريءَ ۾ نظر ٿي اچي. ته، اهڙو جينيس هو پناڻي صاحب جنهن جي ايڏي فوٽوگرافڪ ميموري هئي ۽ هن ايڏو ٿي سفر ڪيو هو سنڌ جو، جنهن جو اندازو ناهي. اسان جيڪڏهن پنج ڇهه دفعا ٿرويا آهيون ته اچا تائين اسان کي اتان جي ڪيترن لفظن جي معنيٰ نه ٿي اچي. ته، انهي جي ڪري ئي چئجي ٿو ته پناڻيءَ تي مهارت ڏاڍو مشڪل ڪم آهي. هينئر تائين سندس به هڪ مڪمل رسالو جوڙي ۽ ترتيب ڏئي نه سگهيا آهيون. يعنيٰ collect نه ڪري سگهيا آهيون. هينئر به سنڌ ۾ ماڻهو آهن، جيڪي چون ٿا ته پناڻيءَ جا جيڪي به رسالا ڇپيا پيا آهن، انهن کان ٽي چار هزار بيت اسان جي سينن ۾ سانديا پيا آهن. توهان اچو ته اسان توهان کي ڏيون. سنڌ ۾ اهڙي ڪا به ڏرڪانهي، جيڪا وچي

انهن کان اُهي وٺي ڇپائي. تہ، ڇوڻ جو مقصد اهو آ تہ هي اهو دنيا جو انوکو شاعر آهي، جنهن کي هن جي پنهنجي قوم جي ماڻهن ۾ پڙهندڙن سون سالن تائين پنهنجي سيني ۾ محفوظ ڪري رکيو آهي. اسان جي جديد دور جا شاعر پنو ڪڻن ٿا، انهي تي لفظ لکن ٿا. مشق ڪن ٿا، رديف لکن ٿا. قافيا لکن ٿا، هُمُ آواز لفظن جون لسٽون ٺاهن ٿا، سليڪشن ڪن ٿا تہ هاڻي ڪهڙو رديف ۽ قافيو هتي استعمال ڪجي. ايڏي محنت ڪري شاعري ڪن ٿا ۽ پوءِ جڏهن تمام وڏا شاعر ٿين ٿا تہ خبر ٿي پوي تہ هنن جا ڪتاب ڇپياڪو هزار ڪاپيون ۽ اُهي جڏهن مارڪيٽ ۾ ويا تہ الائي ڪيتريون ڪاپيون ڪين موٽي مليون. جڏهن تہ ڀٽائي صاحب روايت مطابق جنهن وقت پنهنجو رسالو ڪراڙ ڍنڍ ۾ اڇلايو پئي تہ مريدن کي ڏاڍي تشويش ٿي. انهن چيو تہ،توهان "هي پيننگ پيا ڪريو. ڪراڙ ۾ رسالو جو اڇلايو ٿا، تہ توهان جي شاعريءَ جو ڇا ٿيندو؟" جنهن تي ڀٽائي صاحب وراڻيو." ابا، هوءَ مائي نيامت جيئري ويٺي آهي، مري ڪو نہ وئي آهي. انهيءَ جي سيني ۾ اهو سچو رسالو موجود آهي." پوءِ چون ٿا تہ"گنج" جي جڏهن لکائي شروع ٿي، تہ ان جو اصلي source اها مائي نيامت ئي هئي تہ، منهنجي ڇوڻ جو مقصد آ تہ اسان جي پيڙهي ناهي، جو اسان چئون تہ ڀٽائيءَ جي رسالي جا حافظ آهيون. ان جون تمثيلون سمجهڻ تہ اڃا گهڻو پري آهن، پر ان جي ٺوس لفظن جون معنائون سمجهڻ بہ ڏاڍو ڏکيو آ. ان جي لاءِ انهن علائقن ۾ travel ڪرڻو پوندو. اتي رهڻو پوندو، تڏهن انهن لفظن جي معنيٰ سمجهہ ۾ ايندي.

اڄ جنهن موضوع تي مون کي هتي ليڪچر ڏيڻ لاءِ گهرايو ويو آهي، سو آهي،" ڀٽائي سنڌ جي قومي وحدت جي اڏاوت ڪندڙ شاعر."

اڏيو جو اوڏن، سو ڍنگهر ڍلوم َ ٿئي،
جنهن پر ويهي ڪن، ليکو لاکي ڄامَ سين.

هي ليڪچر دراصل هڪڙي ڪچهري آهي، جيڪا اسان پاڻ ۾ ڪريون ٿا، هڪڙو بحث ٿا ڪريون، جنهن مان ڪيترا موضوع نڪرندا، جنهن تي توهان بہ سوچيو، اسان بہ سوچيندا سين.

پٽائيءَ کي سمجهڻ، ان جي پيغام، اصطلاحن ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪا هن جي contribution آ، انهيءَ کي سمجهڻ، هن اسمن مان صفتون ڪيئن ٺاهيون آهن، صفتن مان فعل ڪيئن ٺاهيا آهن، سنڌي گرامر ڪيئن ٺاهيو آهي؟ ان سلسلي ۾ مان چوان ٿو تہ پٽائي سنڌ جي قومي وحدت جو اڏيندڙ آهي.۽ اهڙي دليل جي حمايت ۾ مان اهو عرض ڪندس تہ سياسي طور سنڌ جون سرحدون اتر ۾ هينئر اوباوڙو ۽ ڏکڻ ۾ ڪراچيءَ تائين آهن، پر ڪجهہ وقت اڳ جڏهن اسان جي نون سنڌي ڀائرن ڪراچيءَ کي ٻاهہ ڏئي ڇڏي هئي، تڏهن چيو ويندو هو تہ سنڌ جون ڏاڪڻيون سرحدون ڪوٽڙي شهر ڪان اتر ۾ ڪا تي نظر ٿيون اچن.1611ع ۾ هڪڙي عرب جاگرافيدان پنهنجي اڪائونٽ ۾ لکيو آهي تہ سنڌ جون سرحدون ملتان ۽ ڪشمير تائين آهن. معنيٰ سنڌو درياهہ جتان نڪري ٿو ۽ جتي ختم ٿئي ٿو. سنڌ ۽ سنڌي قوم اها ئي آهي ۽ ان جي تخليق جو وڏو محرڪ سنڌو درياهہ ئي آهي. توهان پڙهو هوندو تہ ندين جي ڪنارن تي تهذيبون پيدا ٿينديون آهن. ندين جي ڪنارن تي تهذيبون ڇو ٿيون پيدا ٿيون. ڇاڪاڻ تہ نديون lively hood پيدا ڪنديون آهن، human habilate کي جنم ڏينديون آهن. درياهہ ۾ پاڻي ايندو آ، اوٽل ٿيندي آ ۽ لکين ڪروڙين ايڪڙ زمين آباد ٿيندي آ ۽ پوءِ ماڻهو وڃي اَنُ ۾ ان اڇلائيندا آهن، ڇٽ ڪيڙ ڪندا آهن تہ فصل ڪٽي ايندا آهن. خوشحال رهندا آهن. اهو جيڪو process آهي انڊس جي جاگرافيءَ جو انهيءَ سنڌ جي تاريخ پيدا ڪئي آهي. ڪنهن زماني ۾ مون هڪڙو مضمون لکيو هو”سنڌ ڪٿي آهي؟“، اهو انهيءَ وقت انهيءَ جي ڪري لکيو ويو يا اسان کي اها ڳالهہ انهيءَ جي ڪري محسوس ٿي، ڇاڪاڻ تہ سنڌ ۾ جهڙي وقت اسان travel ڪيو، تہ ٽر وڃون تہ ٽر جو ماڻهو چئي تہ فلاڻو سنڌ ويو آ، تہ ان ڪان پڇيوسين تہ، ”سنڌ ڪٿان تي شروع ٿئي؟“ تہ چيائين،”نئين ڪوٽ ڪان“ جبل ۾ وياسين تہ جبل جي ماڻهوءَ چيو،”فلاڻو ماڻهو سنڌ ويو آ.“ انهي ڪان پڇيوسين”سنڌ ڪٿان تي شروع ٿئي؟“ چيائين،”لا ل باغ ڪان.“ يعني جبل جتي پورو ٿو ٿئي ۽ سنڌو درياهہ جو ميداني علائقو شروع ٿو ٿئي. ڪراچيءَ جي ابراهيم حيدريءَ جي ڪنهن مهاڻي ڪان توهان پڇو”هي توهان جي ڪنڌي واري ٻيڙي آ. پر اهڙيون ٻيڙيون بہ تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽينڊيون آهن نہ. جن کي هيٺان کنڊو نہ ٽينڊو آهي؟" چونڊو" سائين، اُهي سنڌ ۾ ٽينڊيون آهن." معنيٰ مٺي پاڻيءَ ۾ جيڪا ٻيڙي هوندي ٽراڪڙي هوندي ۽ کاري ۾ جيڪا هوندي، ان کي کنڊو هوندو. ڇو تہ ان ۾ لهرون ڏکيون آهن. انهيءَ جي ڪري. انڊس expedition دوران ڇامپور وياسين پنجاب جي علائقي ۾، جتي هڪڙو سرائيڪي اسان جو گائيڊ هيو. انهيءَ ٻڌايو تہ سندس پيءُ ڇامپور مان نڪري اوپر ويندو هو درياهہ ٽپي ڪنهن علائقي ۾، موٽي ايندو هو تہ پڇندا هيس تہ"سنڌ خوش هئي؟ انهيءَ کان پوءِ مون اهو اندازو لڳايو تہ سنڌ جي اها defina-tion بلڪل صحيح آهي، سنڌ معنيٰ سنڌو درياهہ جا ٻہ ڪنارا ۽ سنڌو درياهہ جي معنيٰ آهي مٺي پاڻيءَ جو سمنڊ يا مٺي پاڻيءَ جو درياهہ. جنهن جي ٻنهي ڪنارن تي رهندڙ ماڻهو سنڌي ڪوٺجن، پوءِ ڀلي اهي تبت کان شروع ٿيندا هجن ۽ سمنڊ تائين هجن. اُهو سمنڊ، جنهن کان اسان عربي سمنڊ ٿا ڪوٺيون. انهيءَ حوالي سان ايم ايچ پنهور هڪڙو فرانس مان پراڻو نقشو ڪڍي آيو. جيڪو سنڌا لاجيءَ کي هن تحفي ۾ ڏنو. انهيءَ نقشي ۾ گلف آف ڪڇ جي جاءِ تي لکيو پيو هو" گلف آف سنڌي" يعني هي سمنڊ جيڪو آهي، اهو سنڌي سمنڊ آهي ۽ اهو انهيءَ جو قديم نالو آهي. انهيءَ سنڌي سمنڊ کي وري هڪڙو ٻيو بہ بيڪ گرائونڊ آهي، ڪراچيءَ جي سامونڊي علائقي ۾ مون هڪڙي مُهاڻي کان پڇيو تہ"توهان سمنڊ کي درياهہ ڇو ٿا ڪوٺيو؟" (توهان ابراهيم حيدريءَ وڃو، بابا ڀٽ وڃو تہ هو توهان کي چونڊا، ڦلاٽا مڇي مارڻ درياهہ ۾ ويا آهن) هن چيو"درياهہ انهيءَ ڪري ٿا ڪوٺيون جو اسان جا ابا ڏاڏا، تنهن زماني ۾ جڏهن مشيني ٻيڙيون ڪو نہ هيون، جيستائين بہ سمنڊ ۾ ويندا هئا مڇي مارڻ تہ سڙهہ جي سهاري ۽ هوا جي زور تي، تہ اوستائين هنن کي مٺو پاڻي نظر ايندو هو. تڏهن اهي ان کي درياهہ چوندا هئا. ڇو تہ مٺو پاڻي سمنڊ ۾ تہ ٿيندو ئي ڪونهي." بعد ۾ سائنٽيفڪ سروي کان پوءِ خبر پئي تہ sindh has got 80 miles of contenental shelp هندوستان کي اهو contenental shelp ڇهہ ميل آهي ۽ بلوچستان کي بہ ڇهہ ميل آهي. رڳو سنڌ کي ئي اهو 80 ميل آهي. اهو contenental shelp هڪڙو

slope آهي، جيڪو سنڌو درياهه لٽ وجهي 80 ميلن تائين ٺاهيو آهي. انهيءَ slope پوڻ سان چا ٿو ٿئي ته ڪنارو سولو ٿي ٿو وڃي، سنڙ ٿي ٿو وڃي، خراب نٿو ٿئي، ٻيڙين جي لاءِ، جهازن جي لاءِ. انڊس جو ايٽرو ڊيلٽا ۽ سنو پورٽ مان سمجهان ٿو ته هن نندي ڪنڌ ۾ ٻي نديءَ جو ڪو نه آهي. ۽ اهو جيڪو 80 ميل slope آهي سمنڊ اندر درياهه جي پاڻيءَ جو، ان بابت ايم ايڇ پنهور ٻڌايو ته هڪ دفعي هو جهاز ۾ چڙهي سرئلنڪا پئي ويو ته ڪلاڪ تائين ڪيس سمنڊ اندر اهو اڇو پٽو نظر پئي آيو ته، اهو shelp contenental سلٽ جو ٺهيل آ ۽ سلٽ مڇي ته کائيندي آ، پر ماڻهو به کائيندا آهن. توهان ٻڌو هوندو ته عورتون جنهن وقت اميد سان ٿينديون آهن ته ميٽ کائينديون آهن. اسان جو ڳوٺ(پلهڙيجي) درياهه جي ڪناري تي آ ۽ درياهه جي پيٽ ۾ لٽ جهڙي وقت سڪندو آهي ته اهو ڦاٽي ٽڪر ٽڪر ٿي پوندو آ. جنهن کي ”چڪ“ چيو ويندو آ ۽ اهي”چڪ“ اسان جي ڳوٺ جا ٻه ٽي ڇوڪرا کائيندا هئا، جيڪي ان جا ايڊڪٽ هوندا هئا. هدايت منگي، سنڌ جو مشهور اديب آ، ان جو وڏو ٻاءُ به لٽ جي مٽي کائيندو هو ۽ جيڪڏهن هو اها نه کائي ته ڪيس نشي وانگر ان جي ٻاڙ لڳندي هئي. ته، جنهن مٽيءَ کي ماڻهو کائي سگهي ٿو، اها مڇيءَ لاءِ ته وڏيڪ شوق واري خوراڪ آهي. تڏهن ئي سنڌ جي ساحل تي مڇي وڌيڪ آهي ۽ بلوچستان جي ساحل تي گهٽ آهي. ڇو ته بلوچستان جو shelp contenental ڇهه ميل آهي ۽ سنڌ جو 80 ميل آهي. باوجود انهيءَ جي ته ساڍا ست سو ڪلوميٽر بلوچستان جو ڪوسٽ آهي ۽ سنڌ جو ڪوسٽ 300 ڪلوميٽر آهي. ته، سنڌ کي ٿورو علائقو آهي، پر گهٽي مڇي هتي ٿي مري. چاڪاڻ ته هتي مٽيءَ جا تهه وڇايل آهن، جيڪي مڇي کائي ٿي.

سو مون عرض پئي ڪيو ته سنڌ ۽ سنڌي قوم جي جيڪا ارتقا آهي، ان جو ماحول سنڌو درياهه تيار ڪيو. جنهن جي ٻن ڪنارن تي پٿر جي دور جو ماڻهو جبل ۽ غارن مان نڪري اچي آباد ٿيو. جتي ان پنهنجو روزگار ڳوليو ۽ زراعت کي هٿي ڏنائين. چون ٿا ته ان ۾ عورت هڪڙي بانيءَ جو ڪردار ادا ڪيو ۽ درياهه ان کي habitate ٺاهي ڏنو. اوهان جي معلومات لاءِ عرض آهي ته هن وقت جڏهن

گهڻ ۾ گهڻ گذريل چئن سالن کان سنڌ ۾ پاڻيءَ جو خوفناڪ بحران هلي رهيو آهي ته سنڌو درياهه جي پڇاڙ ۾ اهو human habitate تباهه ٿي رهيو آهي. جيڪو درياهه ٺاهيو هو ۽ جنهن جي نتيجي ۾ سنڌي قوم وجود ۾ آئي هئي: ڪيٽي بندر ۽ ٻيا جيڪي درياهه جي پڇاڙ وارا علائقا آهن، اهي garben area آهن. جتي عام فصل ناهن ٿيندا. اتي توهان کي انب، چقون ۽ ڪيلي جا باغ ٿي ملندا. اها ذرتي هينئر دلدل ٿي رهي آ. جتي ماڻهو اوچتو گڙپ ٿي ويندو آهي. اسان جڏهن سنڌوءَ جي سفر تان موٽياسين پئي ته جيپ واري کي چيوسين ته، جاءِ تاڙي ڇڏجانءِ، جاتي اسان پنهنجا تنبو هڻنداسين. هو جاءِ تاڙيندي تاڙيندي ڏيڻ ۾ هليو ويو ۽ سندس جيپ آهستي آهستي هيٺ وڃڻ لڳي، پاسي ۾ ننڍا ننڍا ٻوڙيا ٻوڙيا ٿي هَوا نڪتي پئي ۽ جيپ جيئن پوءِ تيئن وڃي پئي هيٺ هلندي ۽ جڏهن ڊرائيونگ سيٽ تائين هيٺ هلي وئي ته وڏي مشڪل سان هو ٻاهر نڪري آيو ۽ وڏو لڪڙو ڪٽي اتي ڪوڙيائين ۽ اسان کي ٻڌايائين ته جيپ اُتي گڙپ ٿي وئي آهي. اسان پڳاسين ۽ اتي جيڪي مقامي مهاڻا هئا، انهن کي مدد جو چيوسين ۽ سندن مڪينيڪل وزدم جي ٻهريون دفعو خبر پئي. هو هڪڙا ڊگها ڦٽا ڪٽي آيا ۽ الائي ڪيئن هڪٻئي جي هينان ڏئي جيپ ڪڍي اسان کي آڻي ڏنائون. ته، اهي garben areas هينئر ڏيڍين ۾ تبديل ٿي ويون آهن hvman habitate۽ رهڻ جي ڄاين وارو اهو ماحول، جيڪو سنڌو درياهه ٺاهيو هو، سو سمنڊ ختم ڪري رهيو آهي ۽ ماڻهو اتان لڏين پيا.

ته، سنڌي قوم جي ارتقا، جيڪا سنڌو درياهه جي جاگرافيائي تاريخ جي حوالي سان ٿي، ان کي پيٽ جي لاءِ مٺو پاڻي ۽ کاڌي. لاءِ کاڌو سنڌو درياهه ٿي سپلاءِ ڪيو. پيٽ ڀرڻ کان پوءِ ان کي ذهني خوراڪ کپندي هئي، جنهن سان ڪا قوم پنهنجي تڪميل تي پهچي ٿي ۽ انهيءَ ۾ پڻائيءَ جو جيڪو contribu-tion آهي اهو مون کي سڀ کان وڏيڪ ٿو لڳي.

قومون پئسن سان نه ٺهنديون آهن ۽ نه فوجي فتحن سان ٺهنديون آهن، جو ڪو هڪڙو سنڌي جنرل پيدا ٿئي ۽ سڪندراعظم وانگر سڄي دنيا کي فتح

ڪري اچي ته اها سڄي دنيا سنڌي قوم تي ويندي، ائين ڪو نه ٿيندو آ. قوم جي defination جيڪا ڊڪشنريءَ ۾ آهي ته،"ڪنهن خطي ۾ رهندڙ ماڻهو رضاڪارانه طورتي پاڻ ۾ گڏ رهڻ چاهن، ساڳي ٻولي ڳالهائيندا هجن ۽ انهن جا economic intrest ساڳيا هجن." سنڌي قوم جو structure به ائين ئي ٺهيو آهي. اسان وٽ هڪڙا سانورا ماڻهو آهن. هڪڙا پورا ڊگها ماڻهو آهن. هڪڙن جو نڪ ڪڙائون آ، هڪڙن جو هيٺ آ، مختلف وصف آهن. مختلف اينٿڪ گروپ آهن. مختلف اينٿروپالاجي آهي. سنڌي ماڻهو سهڻو شايد انهي جي ڪري به آهي، جو ان ۾ تمام وڏي ورائٽي آهي. صدين کان وٺي مختلف بوڪڙو قومون، اتر اولهه، ڏکڻ ۽ اوپر کان هن گرين بيلٽ ۾ انهيءَ lively hood جي تلاش ۾ هتي آيون، human ٿيون ۽ سنڌن ڇماروں گڏري ويون. مهين جي دڙي جي ماڻهن ته ٿر جي سائوٿ ايسٽ ڪارنر آف سنڌ وڃي وسائي. چاڪاڻ ته dancing girl جي ٻانهن تي جيڪي چوڙيون آهن، اهي ٿر ۾ ئي آهن ۽ اسان جي علائقي ۾ ڪو نه آهن ۽ crescent horn bull جيڪي ڍڳي جا آهن، اهي به ٿر ۾ آهن. ان ڪانسواءِ ٻيون به ڪيتريون ئي نشانيون آهن. مُهين جي دڙي جا خاص طورتي ماڻهو، جن لاءِ چيو وڃي ٿو اهي سانورا ۽ وچولي قد جا هئا ۽ سنڌن نڪ چپ ٿلها هئا، سنها نه هئا، اهي جيئن سنڌو درياهه اترکان ڏکڻ ڏانهن وهڪرو ڪندو آهي، تيئن اترکان ڏکڻ ڏانهن ۽ گهڻو ڪري ٿر جي ننگرپارڪر ۾ وڃي آباد ٿيل آهن. پوئتي باقي جيڪا سنڌ بچي ٿي، ان ۾ اترکان ٽرئفڪ جاري آهي ۽ پشاورکان ريل گاڏي ماڻهو ڪٽي اچي اتي ئي ڇڏي ۽ ان جي لنڪ افغانستان وارو ڪابل درياهه ڏيون بيٺو آ. جيڪو تمام تاريخي درياهه آ. سڪندراعظم يونان کان جڏهن نڪتو ته هيڏي اسان وٽ ڪابل درياهه مان اچي اباسين ۾ پيو ۽ اباسين ڪانپوءِ سمنڊ تائين آيو. اهو تاريخي روٽ آ ۽ ان کي تمام وڏي اهميت آ. چاڪاڻ ته اتي جنهن جاءِ تي ڪابل درياهه ۽ سنڌو درياهه پاڻ ۾ ملن ٿا، اتي توهان ويندئو ته توهان کي نظر ايندو ته گهٽي ۾ گهڻو لٽ ڪابل درياهه جو آ. جنهن جو پاڻي توهان کي صفا ميرو نظر ايندو. اباسين ۽ سنڌو درياهه جو پاڻي اترکان اٽڪ وٽ اچي ٿو، ته تربيلا ڊيم جو بيٺل پاڻي آ جيڪو سيمي جو پاڻي آ ۽ هيٺان سمي ٿو اچي. اهو ڪارو

پاڻي، لڙيانو ناهي. هماليہ کان وٺي اهو پاڻي سڀ ڳارڪنيون ٿو اچي. جنهن جي بنياد تي چون ٿا تہ سنڌ ۽ پنجاب جي ڌرتي الله پيدا ڪئي آ. through the process هاڻي ڳالهہ اچي ٿي سنڌين جي وحدت جي، اتحاد جي ۽ قوم هجڻ جي، تہ ان تي توهان کي ياد هوندو تہ مرحوم فقيرمحمد لاشاريءَ هڪڙو بحث ڇيڙيو هو تہ سنڌي قوم اجا نهي ڪانهي چو تہ انهيءَ ۾ اهو اتحاد ۽ ايڪتا ناهي، جيڪا قومن ۾ ٿيندي آهي. تازو فون تي منهنجي عبدالله مگسي صاحب سان ملاقات ٿي، جنهن شڪايت ڪئي تہ هڪڙي سنڌي پاور فل رائيٽر،(جيڪو هڪ سنڌي اخبار جو ايڊيٽر بہ آهي ۽ فقير محمد لاشاريءَ کانپوءِ ان جا ڪالم ڪيترا سنڌي ماڻهو ڪٽي، فريم ڪرائي پنهنجي گهرن ۾ رکن ٿا) ڪنهن ليڪچر ۾ يا ڪچهريءَ ۾ چيو آ تہ سنڌي ٿرڊ ڪلاس قوم آ، سنڌي قوم بابت اهي ريمارڪس تمام سيريس آهن. منهنجي چوڻ جو مقصد ايئن ناهي تہ ايئن آهي، پر اهي سيريس ريمارڪس آهن ۽ سيريس ان ڪري آهن، جو سنڌي قوم بنگالي قوم نہ آهي. جو سڀ توهان کي هڪ قد، هڪ رنگ ۽ ساڳين وصفن وارا نظر اچن. سنڌي ماڻهو، مختلف نسلن جا ماڻهو آهن، جن جو اينٿرو پوليجيڪل بئڪ گرائونڊ مختلف آهي. انهن ۾ يونان، هنس، چائنيز ۽ يورپين وصفن وارا چهرا توهان کي نظر ايندا لبنان ۾ جيئن ايسٽ ۽ ويسٽ جو ميلاپ ٿيندو آ، انهيءَ ڪري لبنان جو حسن ڏاڍو مشهور آ، سنڌ جو بہ ائين ئي آهي. سنڌ جو بہ ويسٽ سان هڪڙو ريسل ڪانٽيڪٽ آهي. ايسٽ ۽ ويسٽ ٻنهي جو هڪڙو سنگم آ. ڏاڍو خوبصورت ۽ وڏي ويرائٽيءَ وارو. سنڌ جا وڏ گهراڻا سيد، مخدوم، مخدوم زاده، پيرزادا ۽ ٻيون ڪيتريون فيوڊل فيمليز دل پشوري ڪندي چونديون آهن تہ اسان pure رئيس ۽ خالص قوم آهيون. انهيءَ جي ڪري ٻاهران شاديون نہ ڪندا آهن ۽ پنهنجو رت ٻين سان نہ ملائيندا آهن، پر ڪين اها خبر ئي ڪانهي تہ سنڌن رت سوَ دفعا ملي چڪو آ ٻين قومن سان. جنهن تي اجا وڏيڪ سائنٽيفڪ ريسرچ ٿيڻي آهي تہ، سنڌ ۾ جيڪا پسماندگيءَ واري هٺ ڌرمي آهي، انهيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن تہ ايئن محسوس ٿيندو آ تہ سنڌي مسلمان، اجا مسلمان

ئي ڪو نہ ٿيا آهن. اسلام جي رسول ﷺ عربن کي تمام جاهل ڏٺو، جنهن وقت ڏناڻين تہ هو پنهنجي نياڻين کي پورين ٿا پيا، ۽ اهو هڪڙو وڏو وحشي ازم آهي تہ انهن کي سمجهايائين ۽ چيائين تہ، نياڻين کي جيئري نہ پوريو. ماڻهو ٿيو. تہ، سنڌي مسلمان اڃا انهيءَ حساب سان ماڻهو ٿي ڪو نہ ٿيا آهن. ڇاڪاڻ تہ اسان جا انگ اکر اهي آهن تہ اسان روزانو "ڪاري" ڪري ڪهندا آهيون ۽ سال ۾ جيئن تہ 365 ڏينهن ٿائين تہ اسان جي kari killing جي figure سنڌ ۾ 900 آهي ۽ 1000 بہ آهي، تہ اسان ۾ اهو جيڪو هٺُ آهي، وڏيرڪو هٺ ۽ جيڪي بيشمار ذاتيون آهن. اهي پاڻ کي تمام اتم سمجهن ٿيون ۽ ٻئي کي مٽ ثاني نہ ٿيون ڀانئن. ڪو ڇوي ٿو تہ مان ٻروچ آهيان ۽ سماٽ ٿي نہ ٿو سگهان ۽ ڪو چوي ٿو تہ مان سماٽ آهيان تہ ٻروچ ٿي نٿو سگهان. ايئن سيد ۽ ٻروچ سمجهي ٿو تہ مان ئي اتم آهيان پر جيڪڏهن سائنٽيفڪ طريقي سان سوچجي تہ اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ڪونهي. سنڌ، سنڌي ذهن ۽ سنڌي حسن جيڪو آهي، اهو ان مڪسچر جي پيداوار آهي، اسان ماڻهو سٺي نسل وٺڻ لاءِ جانورن ۽ پکين ۾ اهو سائنسي طريقو استعمال ڪندا آهيون. ڪتن جا شوقين وڏيرا ڪتي جو سٺو ڪار وٺندا ۽ ڪڪڙ ويڙهائيندڙ شوقين انهي جو مڪسچر وٺندا، cross وٺندا. انساني نسل ۾ اسان cross جي مخالفت ڪيون ٿا ۽ چئون ٿا تہ، هڪڙي ذات وارو ٻي ذات ۾ شادي نہ ڪندو ۽ هڪڙي ذات واري عورت ٻي ذات ۾ وينديٍ تہ اها "ڪاري" ٿي ويندي، قتل ٿي ويندي. تہ، سنڌو درياهہ جي جاگرافيءَ جڏهن haman habi-tate پيدا ڪيو تہ انهن ماڻهن کي هڪڙي قوم جي صورت ڏيڻ جي لاءِ intel-lectual education جي ضرورت پئي ۽ نہ رڳو انٽليڪچوئل ايجيوڪيشن پر هڪٻئي سان واقفيت جي پڻ ضرورت پين. جو بہ اوپرا ماڻهو هڪٻئي سان گڏ ڪيئن رهندا، جيستائين هڪٻئي کي نٿا سڃاڻن. توهان ٿر جي تاريخ ۾ ڪوسا ذات جو هڪڙو باب پڙهيو هوندو ۽ جڏهن سائين نواز علي ڪوسي صاحب سان ننگرپارڪر ۾ ملندوءَ، تہ هو توهان کي ٿر جو ماهر نظر ايندو. تہ، ڪوسا ٻروچ جبل مان ٿر ۾ اچي آباد ٿيا ۽ قديم زماني کان وٺي انگريزن جي زماني تائين پينل ڪوڊ جي حوالي سان جيڪي رپورٽون آهن، انهن ۾ ڪين ڏوهاري ذات سمجهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو هو. هاڻي اهي بلڪل ٽري تي ويا آهن.

تہ، مان چوان ٿو تہ ٻاهران جيڪي بہ قومون حملي آور جي روپ ۾ سنڌ ۾ آيون تہ اهي سڀ ڏوهاري هيون. پر هتي اڄڻ ڪانپوءِ سنڌو تهذيب جي ميٽا فزڪس ۾ ماڻهوءَ مان انسان بڻيا ۽ ۽ ڏهہ هزار سال پراڻي تهذيب انهن کي مهذب ڪيو. جنرل جارج انڊس تي هڪڙو ڪتاب لکيو جنهن ۾ هن باقائدي ڪونيشن ۾ ذڪر ڪيو تہ، سنڌي هاريءَ هر ڪاهيندي ڏٺو تہ، هڪڙا اوپرا ماڻهو هيڏي(سنڌ ۾) آيا، جيڪي بدمعاش هئا ۽ هٿيارن سان مسلح هئا، تہ هن دل ۾ دعا گهري تہ نوان آقا، خدا ڪري تہ پراڻن آقائن کان وڌيڪ رحم دل هجن.

۽ اها سنڌي ماڻهوءَ جي جيڪا صديون پراڻي بي حسي ۽ helplessness آهي. ليڪ انهي ڏانهن اشارو ڪيو آهي.

تہ، اسان سڀ غريب هئاسين. اسان تي هنن حڪومتون ڪيون، ڌاڪا ڄمايا ۽ اهي مختلف ماڻهو سنڌ ۾ موجود هئا ۽ آهن، انهن کي ثقافتي طور گڏ رهڻ لاءِ ڀٽائي صاحب تيار ڪيو ۽ اهو ڪم هن ايئن ڪيو، جو سنڌس رسالو جڏهن جبل جو ماڻهو ٿو پڙهي تہ ان کي ٿر جي ٻولي، ٿر جي ثقافت، رسمون ۽ اٽڻي ويهڻي سمجهہ ۾ اچي ٿي. ايئن ڪاڇي، ڪڇي ۽ ڊيلٽا جون ريتون رسمون ۽ ڪلچر رسالي ۾ موجود آهي ۽ انهن علائقن جا ماڻهو اهو پڙهي هڪٻئي کان واقفيت حاصل ڪن ٿا.

اسان پنهنجي درياهہ جي ڪناري واري ڳوٺ(پلهڙيجي) ۾ جهڙي وقت شعور جي اک پٽي سين تہ رسالو پڙهيوسين تہ"سر مارئي" پڙهڻ ڪانپوءِ ٿر گهمڻ جي خواهش پيدا ٿي. ڇاڪاڻ تہ"مارئي" جو سر پڙهبو تہ ان ۾ ٿر جو ئي ذڪر ايندو. ٿر ٿوهر، گهر جهوپڙا، ٻارڻ جنين پوهہ ۽ سسئيءَ جو ذڪر ٿيندو تہ، جبل جي life ايندي ۽ ان تي ڀٽائي پنج سر لکيا"سسئي آبري"،"ڪوهياري"،"حسيني"، "ديسي" ۽"معذوري" ٿر تي ٿي سر"مارئي"،"ڍهر" ۽"سارنگ" مني، ڪاري ۽ ڊيلٽا تي "سهڻي"،"سريراڳ" ۽"سامونڊي" لکيائين ۽ ڪاڇي تي"ڪنبيات."

رات سهائي، ٻون ۽ سنئين، پٽين وڏو پنڌ...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي"پٽيون" ڪاڇي ۾ ٿي آهن، قطب تاري کي توهان پنهنجي سڄي ۾ ڪاٻي ڪلهي تي رکي هلندا هلو، هلندا هلو. توهان کي ڪو خطرو نه هوندو، نه ٿي آڏو ڪو ڏڙي ڏڪو ايندو. ايئن سڌا پٽ آهن ڪاڇي جا.

ته، سنڌي قوم جي حوالي سان پيتائي صاحب جو contribution سڀ کان وڏيڪ آهي ۽ هن ٿي سنڌ جي مختلف علائقن جي ماڻهن کي رسالي ذريعي هڪبئي کان واقف ڪيو ۽ ويجهو آندو. انهن جي common causes ۽ دائمي دردن تي ڀرپور طريقي سان لکيائين. پاڻيءَ جي مسئلي تي هڪڙي سٽ ڏنائين، "قادر ڪرين ڪرم، ته ان جي وطن تي وس ٿئي." جو ته سنڌ جا ٽوٽل علائقا گهمي ڦري هن ان جي درد جو حل اهو ٿي ڏسيو، مان سمجهان ٿو ته هينئر ان ڳالهه لاءِ اجا وڌيڪ awareness جي ضرورت آهي ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ پاڻي جي جيڪا قيامت تي چڪي آ، انهيءَ جو حل صرف مينهن ٿي آهن. پنجاب توهان کي پاڻي ڏيڻ لاءِ تيار ڪونهي.1971ع جيان جي ٻيو دفعو به ملڪ ٽٽو ته پرواهه ناهي، پر پاڻي ناهي ڏيڻو سنڌ کي- بنگالين سان ان جيڪو ڪجهه ڪيو. اها ساڳي ڳالهه آهي ته، ان صورت ۾ سنڌ جو حل اهو ٿي آهي، جيڪو پيتائيءَ جي سٽ ۾ هو ته:

قادر ڪرين ڪرم، ته ان جي وطن تي وس ٿئي...

سو سائين هي شاعر سنڌ جو قومي وحدت جو اڏيندڙ انهيءَ جي ڪري ٿي آهي، جو سنڌ جي وڻ وڻ جي ڪائيءَ واري ماڻهوءَ کي تهذيب سان هڪبئي سان رهڻ لاءِ تيار ڪيو ۽ انهن جي دائمي دردن کي پنهنجي شاعريءَ جي موتين واري لڙهيءَ ۾ پوئي ڇڏيائين. اتر جي ٻوليءَ جا درياهه جي وهڪري جيان جيئن ڪهرا ۽ شوخ لفظ ڪٽي متي هلندو ويو، اها ٻولي مٺي ٿيندي وئي ۽ ان جو ميناج وڌندو ويو. جو ته پيتائي صاحب سنڌ جي مختلف علائقن ۾ travel ڪيو ۽ مختلف علائقن جي ٻولي، اينٿروپالاجي ۽ ريتن رسمن کي study ڪئي ۽ ان تي ماهر هو. تڏهن ٿي رسالي ۾ سڄي سنڌ جو نقشو موجود رکيائين ۽ سنڌي قوم جي اڏاوت ۽ ارتقا ۾، سنڌو درياهه وانگر بي مثال ڪردار ادا ڪيائين.

مهرباني.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچ تا مرد چون، ڪنهن ڪي وٺي نہ وٺي

”سپَت سنڌُو“ يا ’هَپت هندُو“ واري علائقي جا ليکاري دوستو!

پلي ڪري آيا

جيءَ ڪري آيا

نِمستي

حق موجود!

شمشيرالحيدريءَ سان جڏهن مان”حق موجود“ چئي ملندو آهيان تہ هو جواب ۾ چوندو آهي”ناحق موجود“ _اوهان سنڌ جي ڪلچر، ادب، ٻوليءَ ۽ تاريخ وارو جيڪو”شاهہ_سچل _سامي“ نالي ٽڪنڊو ٺاهيو آهي، ان جي وڏي ۾ وڏي ڪنڊ مان آواز اچي ٿو:

”اگهيو ڪاٿو ڪچ، ماٺڪن موٽ ٿي
پلئہ پايو سچ، آچيندي لڄ مران. “

۽ ٻي ڪُنڊ مان اهڙو ئي هڪڙو ٻيو آواز ٻُري ٿو:

”ماٺ ڪريان تہ مشرڪ ٿيان،
ڪچان، تان ڪافر،
انهيءَ وائيءَ وِرّ، سمجهي ڪو سچيڏنو چوي.“

جڏهن تہ هن عظيم ٽڪنڊي جي ٽينءَ ڪنڊ مان سامي ٿو چوي:

ناحق جيءَ زلي، ٿو ڪرمن جي ڪُلپت ۾.

سو اسان سان جيڪي”ناحق“ ٿين ٿا، شايد انهن جو هڪڙو ڪارڻ اهو بہ آهي تہ اسان جا ڪرم ڪِنا آهن. سهڻيءَ جي ڪردار بابت پٽائيءَ چيو:

ڪنهن جنهن گهيڙ گهڙِي، جيئن اونڙان نڙ ٿئوس
سالم گهڙي سهڻي، ڪُنن ڪين ڪيوس
اُهسُ اڪڙين ۾، پريان جو پيوس
حقا حق ٿيوس، هئي طالب حق جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر اسان خاص ڪري سنڌ وارا سنڌي موجود دور جي سهڻين کي ڏڙا ڏڙ"ڪاري" ڪري کهي رهيا آهيون. هن سال 2004ع ۾ اسان حد کان وڌيڪ مهذب ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي 12 مهينن ۾ صرف 300 عورتون ڪُٺيون آهن جڏهن ته گذريل ڪجهه سالن جي رپورٽ اها آهي ته اسان سراسري طور روزانو ٻه عدد عورتون قتل ڪيون آهن ۽ انهن جي رت ۾ هٿ پري سيني تي هٽي ماتم ڪندا آهيون ته اسانِ سان زندگيءَ جي هر شعبي ۾"ناحق" ٿي رهيا آهن.

متي ڏنل ڊاٽا data جي بنياد تي تجزيو analysisڪنداسين ته ثابت ٿيندو ته"حق" معنيٰ"مرد" ۽"ناحق" معنيٰ"عورت"_ سنڌي ٻوليءَ جي جديد لغت ۾ انهن ٻن لفظن جي معنيٰ ايئن لکڻ گهرجي. اهو اسان جو فيوڊل ڪلچر آهي.

سو سائين، ان مان اندازو لڳايو ته اسان شاهه، سچل ۽ سامي جا ڪيڏا وڏا پوئلڳ آهيون. اسان سنڌي ٻوليءَ جي وڏي ۾ وڏي شاعر جي ڪلام ۾ استعمال ڪيل لفظن جو پنجاهه سيڪڙو مس سمجهندا آهيون جڏهن ته ڪراچيءَ ۾ رهندڙ اسان جا ٻار"تنهن"ڪي"تاخن" ڪري سڏيندا آهن. سنڌ جي وڏي ۾ وڏي محقق ۽ پيڙائيءَ جي پارکو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ طرفان ترتيب ڏنل پيڙائيءَ جي لغت مان ٻانهي خان، ج ع منگهاڻي ۽ رحمان پالاريءَ جيڪي غلطيون ڪيون آهن سي اڃي تي ڪاري طور محفوظ آهن. هاڻي ته اسان وٽ اهڙا جوان به پيدا ٿيا آهن جيڪي چون ٿا ته اچو ته پيڙائيءَ جي بيتن ۾ تصحيح ڪريون ۽ پيڙائي جيڪي غلط لفظ استعمال ڪيا آهن، اهي ڪڍي انهن جي جاءِ تي صحيح لفظ لکون، ان حوالي سان اسان جي هڪڙي سنڌي اديب ۽ شاعر تجويز ڏني آهي ته پيڙائيءَ جي هڪڙي بيت ۾ استعمال ڪيل لفظ"نوم" ڪڍي ان جي جاءِ تي ان جو ڪو سنڌي متبادل لفظ لکيو وڃي. اهو سڀ ڪجهه اسان اهو چاٽندي ڪري رهيا آهيون ته پيڙائي شاعري ۽ ٻولي سان گڏ موسيقي جو به ايڏو وڏو چاٽو هو جو هن تنبوري ۾ ٻن اضافي تارُن جو واڌارو ڪري ورتو هو. جڏهن ته اسان کي ڪو ڪلام ٻڌندي خبر به نه پوندي آهي ته ڳاڻٽو اهو ڪلام ڪهڙي راڳڻي يا راڳ ۾ ڳائي رهيو آهي. پر پوءِ به اسان پاڻ کي پيڙائيءَ کان وڌو شاعر ثابت ڪرڻ جي چڪر ۾ آهيون ۽ ڪلم ڪلا چئي رهيا آهيون ته پيڙائي تنقيد کان چو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بالاتر آهي. جڏهن ته اسان سرہاڻن ۾ ايئن چئي رهيا آهيون ته پٽائيءَ جي بيتن ۾ فحش نگاري آهي ۽ هن جا ڪي بيت اخلاق ڪان ڪريل آهن. .

سچل ته آهي ئي ڪافر شاعر ـ”نوري ـ ناري ناهيان يارو ـ آهيان رب جبار ـ پيينر مون کي چا ٿيون پائيو؟“ توبهه نعوذباالله ـ اهڙي شاعر جي چوڻ تي ڪير هلندو، پلا blasphemy law ۾ ڦاسي ڪاٽڻي ته ناهي. باقي بچيو سامي سو جي مسلمان هجي ها ته هن جي ڪلام کي ويچار هيٺ ضرور آڻجي ها.

پٽائيءَ هڪڙا ٻه بيت لکيا آهن. هڪڙي ۾ مسلمانن کي مخاطب آهي ۽ ٻئي ۾ هندن کي.

جي ٻي شرڪ پائين پاڻ کي ته عين شرڪ ايءُ
وڃائي وجود کي پاڻان پاسي ٿيءُ
هڏهن ڪونهي ”هيءُ“، ”هو“ پڻ ڪونهي ”هن“ ري.

۽ ٻئي بيت ۾ چيائين:

ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر مَ ڪوٺاءِ
هندو هڏ مَ آهين، جڻيو تو مَ جڳاءِ
تلڪ تنين کي لاءِ، سچا جي شرڪ سين.

حق ۽ سچ جي هن جدوجهد ۾ پٽائيءَ نه رڳو وقت جي ظالم حڪمرانن، ٻهروپي ماڻهن، لالچي نفعي خور واپارين ۽ عاشقن جي وچ ۾ وٿيون وجهندڙ فيوڊل درندن کي منهن تي سچ چيو آهي پر خود پنهنجن آدرشي ڪردارن کي به نه بخشيو اٿس. جنهن ڪردار لاءِ هن چيو ته ”بسبئي لنگهي سو، مرد جنهن مات ڪيا“ ان تي جلهه ڪندي چيائين:

سُتينءَ پير ڏُکها ڪري، وڏي جاڙ ڪياءِ
جي در پر اُپين سڄڻين، ته سُر پُر هوند سُياءِ
اصل آريءَ جام جي، سگهي تون مَ سياءِ
پنهونءَ سين پياءِ، ٿي نياڳي ننڊون ڪرين؟

ست ۽ سيل جي ديويءَ مارئيءَ کي مخاطب ٿيندي چيائين:

هي مُنهن ڏيئي ٻن، تون وِهه ڪائي نہ مرين
تان جي ملير چائين، تو سين سگ نہ ڪن
ڪيئن منجهان تون تن، پاڻ ڪوٺائين مارئي؟

جنهن سهڻيءَ کي عشق جو اعليٰ سرٽيفڪيٽ ڏيندي چيائين تہ ”هلو تہ پڇون سهڻي، جا ڪَر ڄاڻي نينهن“، تنهن لاءِ چيائين:

ڏينهان گذاري ڏمر سين، راتيون وٽ ميهار
ڪنيائين ٻيئي پار، تئان ٻڏي سهڻي.

اهڙيءَ طرح راءِ ڏياچ جنهن سنگيت تي سر ڏئي ڇڏيو تنهن کي وري ورجائي چيائين تہ ”هي سڪٿو سُر آهي، سِرَ ۾ سجڻ نانهہ ڪي“ سو تون سر ڇو نہ ٿو وڍي ڏين. محبوب کيءَ مٺڻي تي مٺائڻ سبب ليلا تي جلهون ڪيائين ۽ تنگ نظر مُلن لاءِ چيائين: ڏسي پسي الله، تا ٽيون هٿن ڌوڙ ۾.“

سو سائين، اوهان جيڪو شاهہ ـ سچل ـ ساميءَ وارو ادبي ٽڪنڊو ٺاهيو آهي سو ٽپور پاسو ٽڪنڊو ناهي. اُن جو هڪ پاسو باقي ٻين پاسن کان تمام ڳرو آهي. سچل ۽ سامي برابر عظيم شاعر آهن، روحل فقير بہ پنهنجو مَٽ پاڻ هو جنهن چيو هو تہ ”پيرم ۾ پرميشور، تہ ٻيو ۾ ڪو ٻيو؟“ ۽ گروهڙي صاحب بہ عظيم شاعر هو جنهن چيو هو تہ ”ڦوڙائي فراق جو قدر ڪونجڙين ـ ٻيو تن مائرن، پُٽَ جنين پرڏيهہ ويا.“ اهڙيءَ طرح شاهہ ڪريم ۽ شاهہ عنايت بہ وڏا شاعر هئا. پر ڊاڪٽر سورلي جو چوڻ سچ آهي تہ ”سنڌو ماٿري ۽ خاص ڪري سنڌ ۽ پنجاب ۾ وڏا وڏا شاعر ٿي گذريا آهن، پر لطيف ۽ فريد scholarly poets آهن.

سو جيڪڏهن شاعريءَ جي معيار ۽ art of expression جي ڳالهہ ڪبي تہ پوءِ ڀٽائي حرفِ آخر محسوس ٿيندو.

لڪ ڇڙهيو، رڻ روءِ، ڪري سپاجها سڏڙا
هينئڙو ڪچي تند جيئن، ڇڇيو ڇڇيو پوءِ
ڪو ڳنڍيندڙ هوءِ تہ پريت. پراڻي مَ ٿئي.

سنڌي ٻوليءَ جي انهيءَ عظيم شاعر جي ڪراڙ ڏنڊ سڪي پئي آهي، سندس روضي تي صفائي ڪانهي ۽ ڀٽ شاهہ کي سنڌ جي ثقافتي ۽ ادبي گادي وارو هنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺاهڻ وارا خواب اجا تائين اڌورا آهن. ان سلسلي ۾ انٽرنيٽ تي جڏهن هاءِ گهوڙا ڪئي وئي ۽ ڪجهه اوور سيز سنڌين راءِ ڏني ته اسان ٽا پنهنجن پئسن سان ٽيوب ويل هٽايون ته پرڏيهه جي هڪڙي سنڌي هندوءَ اي ميل موڪلي چيو ته ”ڀٽائيءَ جي ڪراڙ ڍنڍ زمين ۾ ڪو سوراخ ته ڪونهي جنهن ڪي اوهان گلاس پاڻيءَ سان ڀري ڇڏيندئو. جيڪڏهن پاڪستان سرڪار اسان جي پئسي ڪي سنڌ ۾ اچڻ جي اجازت ڏئي ته هوند ڀٽ شاهه کي اسان ننڍڙي آمريڪا بڻائي ڇڏيون.“ هن وقت پاڪستان ۽ هندستان وچ ۾ تعلقات بهتر ٿي رهيا آهن. ان موقعي جو فائدو وٺي سنڌ ۾ ٻاهرين سيڙپ کي اجازت ڏني وڃي ته جيئن ڪراڙ ڍنڍ جي beautification به ٿئي، ڪوڪرو به ڪُلي ته جيئن اسان هندستان جو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي به ڏسي سگهون ۽ اتي ايسٽ انڊيا طرفان ٺٽي ۾ لڳايل واپاري ڪوٺين بابت تحقيقي مواد حاصل ڪري سگهون. اسان کي سڀ کان وڏيڪ ضرورت ان جي آهي ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ اچ وڃ وڌي ته جيئن اسان هندستان ۾ ڀٽائي جا آثار ڳولي لهون ۽ ڪاڇ، لڏاڻو، گرنار ۽ پورب جا پنڌ ڪري سگهون.

ان لاءِ اجا به بهتر تجويز اها آهي جيڪا 2001ع ۾ آمريڪا جي گاديءَ واري شهر واشنگٽن ڊي سي ۾ پروفيسر ستيش ڪمار روهڙا بين الاقوامي سنڌي ڪانفرنس ۾ ڏني هئي ته هڪ بين الاقوامي سنڌي يونيورسٽي قائم ڪرڻ گهرجي جيڪا سنڌ، سنڌي ثقافت ۽ ادب توڙي ٻين معاملن تي تحقيق ڪرائي ۽ سنڌي شاگردن توڙي شاگرديائڻين کي اعليٰ تعليم ڏيڻ لاءِ ماحول تيار ڪري. ان تجويز ۾ اهو به چيو ويو هو ته اها بين الاقوامي سنڌي يونيورسٽي پاڪستان ۽ هندستان جي سرحدن کان ٻاهر خاص ڪري آمريڪا جي گاديءَ واري شهر واشنگٽن ۾ قائم ڪئي وڃي ته جيئن دنيا جي مختلف ملڪن ۾ رهندڙ سنڌي آزاديءَ سان اتي اچي وڃي سگهن. ڇاڪاڻ ته پاڪستان ۽ هندستان جي تعلقات جي ڪا خبر نه ٿي پوي، ڪڏهن صلح جون ڳالهيون ٿا ڪن، ته ڪڏهن جنگ جون.

سو هاڻي جڏهن ٻنهي ملڪن وچ ۾ ويجهڙائپ ٿي رهي آهي ته جيڪر

اسان وٽ ڊاڪٽر خوبچنداڻي جھڙو ماڻھو اچي جيڪو گڏيل قومن کان وٺي دھلي تائين انفارميشن ٽيڪنالاجي جو وڏو نالو آھي ۽ جنھن جي ڪاوشن سان سنڌي ٻولي آءِ ٽي جي ٻولي ٽيڻ جو اعزاز حاصل ڪيو آھي. ماجد ڀرڳڙي، اياز شاھ ۽ عظيم سومري ان سلسلي ۾ ڪافي ڪوششون ڪيون آھن جنھن ڪري سنڌي اڄ انٽرنيٽ جي ٻولي ٿي چڪي آھي، پر ان حوالي سان اڃا بہ گھڻو ڪجھ ڪرڻ جي ضرورت آھي.

اڳي ايئن ھياس جيئن جھومڪ جھوڙا ڪتئين
ھاڻي ايئن ٿياس، سانجھيئڙي جيئن سپرين.

(18 کان 20 ڊسمبر 2004ع تي ڪراچي جي بيچ لگزري ھوٽل ۾ سنڌ گريجوئيٽس پاران بين الاقوامي شاھ ـ سچل ـ سامي امن ڪانفرنس جي موقعي تي پڙھيل.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فنا جو فڪر

جي فنا ٿيا فقير، هلو تڪيا پسون تن جا

جان تن ڪرين نہ تيئن، سوئيريان ئي سنهڙو
پرين پائيندا ڪيئن، توکي اکڙين ۾.

جي تون چاهين ٿو تہ پرين توکي اکين ۾ پائين تہ پوءِ پاڻ کي ڪُتي ڪُتي ۾ پينهي سرمي جيان سنهو ڪرڻو پوندو.

پائيون جان نہ ڪجن، روئي ڏوئي اکيون
جر ڪجر جن اکين ۾، سي ڪيئن پرين پسن.

پرينءَ کي پسڻ لاءِ فراق جي مرحلي مان گذرڻو پوندو. پرينءَ کي پسڻ لاءِ اکيون پائيون ئي گهرجن. پاڻ وڃائي پوءِ پرينءَ کي ڏسي سگهجي ٿو. ڪلڻ ۾ ڪجڻ سان تہ پرين نہ ملندو!

اي پڻ ڪوڙي سڌ
جيئن ڪِليو، ڪايو، سمهين.

جي ٻي شرڪ ڀانئين پاڻ کي تہ عين شرڪ ايءُ
وڃائي وجود کي پاڻان پاسي ٿيءُ،
هڏهن ڪونهي هيءُ، هو پڻ ڪونهي هِنَ ري.

ڪيهي ڪامَ ڪاپڙي، ٿا اهڙي روش رون
نہ ڪا دل دوزخ ڏي، نہ ڪي بهشت گهرن
نہ ڪو ڪم ڪفار سين، نہ مسلماني مَن
ايا ايئن چون تہ پرين ڪجو پانهنجو.

هي فنا جو فڪر آهي. فنا جي فڪر کي سمجهڻ لاءِ سُئِيَ تي چيل ڀٽائي جي بيت تي سوچيو:

پاتشاهي نہ پاڙيان، سرتيون سُئيءَ ساڻ
ڏکي اگهاڙن کي، ڪين ڏکيائين پاڻ
بيهر چاپي چاڻ، اِبر جي اوصاف کي.

سُئي، ٻين کي ڍڪي ٿي، پاڻ کي نہ ٿي ڍڪي. ان رازکي سمجهڻ لاءِ بيهر چمٽو پوندو ۽ بيهر چمڻ لاءِ اڳ ۾ جيئري ئي مرڻو پوندو.

جي تون ڪالهہ مُئي، تہ ڪالهہ ٿي گڏي پرين کي
ڪڏهن ڪا نہ سُئي، تہ ڪا سگهي گڏي سڄڻين.

پر جي تو ۾ اجا جيئڻ جو آ سانگو آهي، ۽ جيئري مرڻ نہ ٿو چاهين تہ پوءِ پرين ڪيئن پسي سگهندين؟

ڪِلي ويرَ ڪنڪ ۾ پاڪر جو پائي،
اجا ان کي جيئڻ جو آ سانگو آهي،
سورهيہ سو چائي، جو رڳو ئي رڻ گهڙي.

تڏهن تہ ڀٽائيءَ چيو تہ:

تو سگ ساهہ ڪٽڻ سين، جيئڻ گوشي جاءِ
مرڻ! مون سين آءُ تہ پٽيءَ تو پند ڪيان.

مرڻا اڳي جي مُئا، مري ٿيا نہ مات،
هوندا سي حيات، جيڻان اڳي جي جيا.

فنا جو فڪر اهو فلسفو آهي، جيڪو ماري مچ ڪيل من مان ڦٽي نڪري ٿو. ان دماغ ۽ شعور مان، ڦٽي نڪري ٿو. جنهن پنهنجي وحشي جيوت جي نشانن سان جنگ جوٽي حقيقي جهاد ڪيو هجي. جنهن ماڻهوءَ مان انسان ٿيڻ جو ڪٺن مرحلو طئي ڪيو هجي ۽ پوءِ انسان مان الله ٿيڻ لاءِ اناالحق جو نعرو هنيو هجي.

مينهن ڦڙو هڪ معمولي پاڻيءَ جو قطرو ٿئي ٿو، پر جڏهن سمونڊ ۾ فنا ٿئي ٿو تہ پوءِ اهو قطرو نہ پر سمونڊ بڻجيو پوي. جيسين ماڻهو آهي تيسين: ”جيڪي ڪم بندو ڪري، سو مڙيو ئي ڏوهہ“. واري صورتحال آهي ۽ جڏهن اهو

مرحلو اچي ٿو جنهن لاءِ ڀٽائي چوي ٿو تہ:”پنهون تيس پاڻ، ڀسئي، تان سُور هٿا“ تہ پوءِ ڏوهہ ڪرڻ جي گنجائش ختم ٿيو وڃي.

سو، ماڻهوءَ ۾ جيستائين هئڻ آهي، تيستائين هن جون پنج ئي آڱريون پنهنجي پيٽ ۾ آهن ۽ ان ڪري هو سڀئيءَ وانگي ٿي نہ ٿو سگهي جنهن لاءِ ڀٽائي چيو تہ”ڏکي اگهاڙن ڪي، ڪين ڏکيائين پاڻ.“

دراصل، ماڻهوءَ جي فڪر تي هن جي شخصيت جو وڏو اثر ٿئي ٿو. اندر ۾ ابليس ويهاري جيڪو فڪر ڏنو ويندو سو حقيقت ڏانهن وٺي نہ ويندو. جيستائين من ماري مُجَ نہ ٿو ڪيو وڃي، تيستائين ڀٽائيءَ جي فنا واري فڪر کي ڇهي نہ ٿو سگهجي.

ڀِٽيندي سائي، جنهن سور ٻڌايو سندرو
ٻي هر ڪائي، هٽندي هٽ ميار جا.

فنا جي فڪر جي حوالي سان جيڪو اهم موضوع آهي سو اِهو آهي تہ انسان پنهنجي نفس کي پنهنجي ڪنٽرول ۾ ڪيئن ڪري، پنهنجي نفس کي ڪيئن ماري. نفس مطمعنا جيڪو صوفي مت جي حوالي سان مشهور اصطلاح آهي ان تي پهچڻ لاءِ ماڻهو ڇا ڪري؟ هتي هڪ اهم سوال اِهو بہ آهي تہ ڀٽائي صاحب جي فڪر کي ڇهڻ، پهچڻ، پروڙڻ لاءِ ڇا اهو ممڪن آهي تہ جنهن ماڻهوءَ فنا نہ ورتي آهي اهو ڀٽائي جي فنا جي فڪر کي ڇُهي سگهي. اِهو هڪ اهم سوال آهي ڇا ڪاڻ تہ:

ڀٽيندي سائي، جنهن سُور ٻڌايو سندرو
ٻي هر ڪائي، هٽندي هٽ ميار جا.

ڀٽائي جي سلسلي ۾ اسان جيڪا بہ تحقيق ڪيون ٿا اها گهڻو ڪري عقلي بنيادن تي آهي، مشاهدي، علم جي مدد سان اهو مرحلو طئي ڪيو وڃي ٿو پر اُهو فڪر، اها perception جيڪو ڀٽائي جي فلسفي جو نقطو بڻجي ٿو انهيءَ کي سمجهڻ لاءِ ڀٽائي جي practical زندگيءَ کي سمجهڻ ڏاڍو ضروري آهي. ڊاڪٽر سورلي ۽ ٻين محققن تفصيل سان بحث ڪيو آهي تہ ڀٽائي جي دور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تفصيلي تاريخ اسان کي نٿي ملي، ان ڪري هن جي رسالي ۾ هن کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اسان جيڪڏهن ماڻهوءَ مان انسان ٿيڻ چاهيون ٿا ته ڀٽائي اسان کي اهو ٿي گس ڏئي ٿو ته اسان پنهنجي اندر کي اُجاريون پر خود ڀٽائي کي سمجهڻ لاءِ هن جي طريقت تي عمل ڪرڻ ڏاڍو ضروري آهي ۽ هن جي طريقت اِها ٿي آهي ته: جي تون ڪالهه مُئي ته ڪالهه ٿي گڏي پرينءَ کي“ ۽ هن جو مرڻ، جيئري مرڻ ۽ مري جيئڻ وارو فلسفو جيڪو آهي ان کي تفصيل سان سمجهڻو پوندو پر عملي طور تي ان تي عمل ڪرڻو پوندو جنهن ڪانسواءِ ڀٽائي صاحب تي ڪا ريسرچ ڪرڻ بابت ڪو opinion form ڪرڻ بيحد مشڪل آهي.

(ڪراچي يونيورسٽي جي شاهه لطيف چيئر پاران ڀٽائي ڪانفرنس
لاءِ لکيل 10 مئي 2002 هوٽل ريجنٽ پلازا، ڪراچي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهه لطيف پنهنجي دور جو سڄاڻ انسان

شاهه لطيف پنهنجي دور جو نہ رڳو سُڄان انسانُ، يعني سڃيءَ ڄاڻ وارو انسان، يا"وڏيءَ ڄاڻ وارو ماڻهو" يا "ڄاڻو ماڻهو" هو پر هو تہ ڄاڻ جو سمونڊ هو، علم جو درياهہ هو. درياءُ جنهن لاءِ پاڻ چيو هئائين:"مَٽي تي مهراڻ جو نہ ڪو عار نہ پار" ـ ۽ سمنڊ جنهن لاءِ چيائين تہ:"سمونڊ ڪين سُڪن، هوڙين جو ڪاٺو ٽُٽي ـ پاٽيءَ سين پيڪ ڪي، تيلاهن وڻجارن ـ لالون سي لهن، سڄاڻ ۽ اڄاڻ تہ عام ماڻهو ٿيندا آهن، پيڙائي تہ تاريخ جو حادثو هو، جنهن جهڙا ماڻهو ڪنهن قوم ۾ ورلي پيدا ٿيندا آهن. پيڙائي انسان جينيالاجي جي ڪا انوکي سائنسي ايجاد هئي جنهن جو ڇيد شايد جينيٽڪ سائنس جا ماهر بہ ڪري نہ سگهن. ايتري مختصر عمر ۾، يعني 1689ع کان 1750ع تائين هن سنڌ کي جيترو ڏسي پسي ڊاڪيومينٽ ڪيو آهي سو اسان گذريل ٽن سو سالن ۾ ڪري نہ سگهيا آهيون. ڄڻ تہ هن جي فوٽوگرافڪ ميمري هئي، ڄڻ تہ هن جي اک وڊيو ڪئميرا هئي، جو هن جيڪو ڏٺو پئي سا فلم ٺهندي پئي وئي ۽ پوءِ جڏهن هو تنبورو تاڻي راڳ رسالي جي سرواڻي ڪندو هو تہ ان وقت تصور جي اسڪرين تي سنڌ جي هڪ اهڙي ڊاڪيومينٽري هلڻ لڳندي هئي جنهن ۾ ڪٿي بہ جي ڪا ڪِوِل بہ چرندي هئي تہ نظر ايندي هئي.

سنڌ، هنڌ، سمونڊ ۽ درياهہ ايشيا ۽ خاص ڪري ان جو ڏاکڻو حصو يعني سائوٿ ايشيا پيڙائيءَ جي شاعريءَ ۾ ڪيترو تفصيل سان چٽيل آهي ان جي هڪڙي جهلڪ هن ڪهاڻيءَ مان معلوم ٿي سگهي ٿي.

شاهه لطيف جي رسالي، زندگي ۽ فلسفي تي ڪم ڪرڻ لاءِ هڪ نيم سرڪاري اداري ۾ قابل ماڻهن جي گڏجاڻي ٿي رهي هئي. ايجنڊا اها هئي تہ پيڙائيءَ بابت هڪ ڪمپيوٽر جي سي ڊي ٺاهڻي آهي جنهن ۾ شاهه جي رسالي جا بيت لکجي بہ اچن. ڪنهن آواز ۾ اچاريا بہ وڃن ۽ ترنم سان ڳاتا بہ وڃن. ان تي هڪ تجويز آئي تہ جيئن ئي ڪمپيوٽر جي اسڪرين تي پيڙائيءَ جو بيت لکجي

اچي ۽ ان ۾ ڪنهن ماڳ، ڪردارِيا واقعي جو ذڪر هجي ته ان تي بلب ٽمڪڻ لڳي جنهن تي ڪرسر رکي ڪِلڪِ ڪيو وڃي ته پاسي کان هڪ ونڊو يا دري کلي پئي جنهن ۾ ان ماڳ، ڪردارِيا واقعي جا تفصيل، آڊيو وڊيو فلم ۽ ٻيا وچور اچڻ لڳن. مثال جيڪڏهن هي سٽَ اسڪرين تي اچي ته"جي تو پهڻ پب جا. ته لڳَ منهنجا لوهه"، ته"پب" لفظ تي بلب ٻري پوي ۽ ان تي ڪرسر رکي ڪِلڪِ ڪجي ته پاسي کان کلندڙ دريءَ ۾ پب جبل جو فوٽو ۽ ان بابت ٻي معلومات اچڻ گهرجي ته اهو جبل دنيا جي نقشي تي ڪهڙي ڏکڻ ۽ ونڪرائي ڦاڪ ۾ اتر يا اوير طرف ڪهڙي ڏگري وٽ آهي، ان جي سمنڊ جي سطح کان ڪيتري اچائي آهي، ان جو پٿر ڪهڙي قسم جو آهي، ان جا لڪ، ٻوٽا، جانور انساني آبادي وغيره ڪهڙي آهي؟

اهڙي طرح سنڌ جا جبل، ڍنڍون، ڍورا، ٻيلا، درياهي وهڪرا، ذاتيون، قبيلا، ماڳ مڪان، جنگيون، تاريخي واقعا، جاگرافيائي اهڃاڻ ۽ ٻي معلومات جيڪا شاهه جي رسالي ۾ موجود آهي تنهن تان پردو کڄي وڃي ته سنڌ دنيا آڏو چٽي طرح ظاهر ٿي پوي. گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي جڏهن ان مرحلي تي پهتي ته گڏجاڻي پنهنجي اختتام تي پهچي وئي، يعني گڏجاڻي پوري ٿي وئي، ڇاڪاڻ ته صدارتي ڪرسيءَ فرمايو ته ان جي معنيٰ اها آهي ته اوهان شاهه جي رسالي جي روشنيءَ ۾ سنڌ جو انسائڪلو پيڊيا ٺاهڻ گهرو ٿا. هي تجويز سي ڊي جي دائري کان ٻاهر آهي ۽ انسائيڪلوپيڊيا ٺاهڻ لاءِ ڪو وڏو سافٽ ويئر ٺاهڻو پوندو، سي ڊي ته صرف mb700 جي ٿيندي آهي.

اها ڳالهه بلڪل صحيح هئي. شاهه جو رسالو سنڌ جو انسائيڪلوپيڊيا آهي ۽ پيتائي سنڌ جو ماضي، حال ۽ مستقبل آهي. سنڌ ۽ سنڌي زبان جي هن عظيم شاعر کي ڊاڪٽر سورلي دنيا جي ستن ٻولين جي عظيم شاعرن مان اتم ڪري رکيو آهي. اهي ٻوليون آهن: يوناني، اطالوي، چيني، فرانسيسي، عربي، اردو ۽ سنڌي ـ هونئين به سنڌ هڪ تاريخي ٽڪنڊو آهي جنهن جون ٽي ڪنڊون آهن: سنڌو درياهه، مهين جو دڙو ۽ پيتائي.

سو شاهه جي رسالي جي روشنيءَ ۾ سنڌ جو انسائيڪلوپيڊيا ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺهندو. پر سوال اهو آهي تہ اهو ڪم ڪير ڪندو؟ سنڌالاجي اهو ڪم ڪندي يا سنڌ يونيورسٽي طرفان تازو قائم ڪيل ادارو "ڪوآرڊينيشن ڪائونسل فار پروموشن آف شاهہ عبداللطيف ڀٽائي اسٽڊيز" اهو بار کڻندو؟ ڪراچي يونيورسٽي جي شاهہ لطيف چيئر طرفان اهو ڪم سرانجام ڏنو ويندو يا سنڌ ڪلچر ڊپارٽمينٽ اهو ڪم ڪندو. نئون ٺهيل مٽياري ضلعو ۽ ان جي ضلعي حڪومت ۾ اهڙي ڪم ڪرڻ جو حوصلو آهي يا پاڪستان جو ورثہ نالي وفاقي ادارو ڪم ڪندو. پٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪان وٺي گڏيل قومن جي يونيسڪو تائين بيشمار ادارن جي فرضن ۾ هي ڪم اچي وڃي ٿو ۽ سنڌ سنگت ڪان وٺي سنڌ ۽ هند جي سنڌي سول سوسائٽي جو اهو فرض بڻجي ٿو. سنڌ جي خيرپورميرس واري يونيورسٽي جو نالو شاهہ لطيف رکيل آهي، ان جو بہ فرض ٿئي ٿو تہ ڀٽائي تي ٿيندڙ تحقيق ۾ هٿ ونڊائي. ان ڪان علاوه سنڌ جي مڙني يونيورسٽين جي سنڌي ڊپارٽمينٽس، فئڪلٽي آف آرٽس اينڊ هيومينٽيس، اينٿروپالاجي ڊپارٽمينٽ، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۽ جيڪي بہ سنڌ ۾ سرڪاري غير سرڪاري ۽ خانگي توڙي پرڏيهي علمي ۽ ادبي ادارا ڪم ڪري رهيا آهن. انهن جو فرض بڻجي ٿو تہ اهي شاهہ لطيف تي تحقيق ڪرائين ۽ ان ڪم ۾ سهڪار ڪن.

ڀٽائي تي علمي تحقيق جو کهڙو ڪم ٿيڻ گهرجي سو بہ پنهنجي جاءِ تي تمام اهم ۽ اختلافي مامرو ٿي پيو آهي. ڪيترا فرد پاڻ کي ڀٽائي جا پارکو ۽ محقق، ماهر ۽ عقلِ ڪُل سمجهي جيڪو دل ۾ اچين ٿو سو ڪيون بيٺا آهن جنهن جي نتيجي ۾ ڀٽائي جي رسالي کي فائدي بدران نقصان رسي رهيو آهي. شاهہ جي مستند رسالي جي نالي ۾ ڪو محقق ڀٽائي جو هڪ بيت ٿو خارج ڪري تہ ٻيو پارکو سڄو سارو سر رسالي مان ڪڍي ٿو ڇڏي. هاڻي تہ اسان جي هڪ محترم سينيئر سنڌي اديب ڀٽائيءَ جي بيتن جي سٽن ۾ ڪم آيل لفظن کي مٽائڻ شروع ڪيو آهي. اهڙي طرح ويهين ۽ ايڪويهين صديءَ سنڌ ۾ علمي افلاس ۽ غربت جي هڪ اها بہ علامت ظاهر ٿي آهي جو سنڌي ليکڪ شاهہ

جي رسالي کي ايڊٽ ڪرڻ شروع ڪيو آهي. اهو ايئن آهي جيئن اسين سنڌي ٻوليءَ جي عظيم شاعر کي سنڌي سيکارڻ جي ڪوشش ڪندا هجون. سياڻي هن کي اسلام سيکارڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ۽ پوءِ هن کي سچي مسلمان سان گڏ پڪو پاڪستاني ثابت ڪرڻ لاءِ ڪراچي جي هڪ خاص سياسي پارٽي جو ميمبر شپ ڪارڊ وٺي ڏيڻو پوندو.

منهنجي خيال ۾ ڀِٽائي سان اها مسخري بند ٿيڻ گهرجي. هن جو رسالو جيڪو هن جا راڳي فقير ٽن صدين کان سندس مزار تي روزانو سج لٿي کان سج اڀرڻ تائين سر تار تي ڳائي رهيا آهن ان گنج کي مستند رسالو تسليم ڪرڻ گهرجي ڀلي ته ان ۾ ڪبير جي نالي وارا بيت هجن، ڀلي ته ان ۾ بابا گرونانڪ جا دوها هجن، ڀلي ته ان ۾ شاهه عنايت جو نالو هجي ۽ ڀلي ته ٻين شاعرن جو به ڪلام ان ۾ شامل هجي. هي جملي پيغام ڀِٽائيءَ سنڌي عوام کي ڏيڻ چاهي پيو ان ڪريٰ هن جي رسالي جو نالو ٿي گنج هو جنهن ۾ ڌاريو ڪلام ڄاڻي واڻي وڌو ويو هو ۽ موجود هو.

اسان مان ڪو به ليکڪ نه ته ايتري سنڌي ٻولي ڄاڻي ٿو جيڪا ڀِٽائيءَ کي ايندي هئي، نه وري هو ايڏو وڏو فيلسفوف هو جيڏو ڀِٽائي هو. ڀِٽائيءَ جو فلسفو"فنا" ۾ لڪل آهي جيئري مرڻ ۾ لڪل آهي ۽ اسان سڀئي نام نهاد ليکڪ ۽ ماهر پئسي جا پوڄاري، اقتدار جا بکيا، ڪئريئر جا ڪريزي ۽ غريبن جو رت ست چوسيندڙ پئرا سائيٽ قسم جا ماڻهو آهيون. ڀِٽائي چيو"ڪونهي اڳهه اهڙو، جهڙي محبت مَنِ" يعني هن جو اڳواڻ عشق هو پر اسان جو اڳواڻ جنرل مشرف آهي، سنڌ جو وڏو وزير يا گورنر يا ڪو سياستدان آهي. اسان ڪيئن ڀِٽائي جي ٻولي سڃاڻي سگهون، اسان ڪيئن ڀِٽائي کي تصوف جو فلسفو سيکاري سگهون. اسان مان اهو ڪهڙو شاعر آهي جيڪو ڀِٽائي جي بيتن جي چند وديا ٺيڪ ڪري سگهي. جن سنگيت جي سُرن ۾ ڀِٽائيءَ مختلف سر لکيا آهن، انهيءَ سنگيت کان اسان ڪيترو واقف آهيون. مون کي ته ڪڏهن ڪڏهن اهو به انديشو ٿيندو آهي ته ريڊيو پاڪستان تي نوڪري ڪندڙ ڪو نه ڪو سنڌي آفيسر هڪ ڏينهن اٿي ويهي چوندو ته ڀِٽائيءَ جي راڳي فقيرن کي موسيقيءَ جي ڪا به ڄاڻ

ڪانهي ۽ نہ پيٽائي سنگيت چاٽندو.هو اها ڳالهہ بلڪل ايئن آهي جيئن سنڌ جي هڪ ڏاهي چيو تہ پيٽائي سر ڪيڏارو لکيو ئي ناهي ۽ ڪجهہ بين ڏاهن جي رسالي چا ڪيترائي بيت خارج ڪري ڇڏي.

اها واردات پسي مون کي هڪ لطيفو ياد پئي آيو جنهن مطابق ٻنهي پاسن کان سمهيل ٻن زالن مان هڪ زال حُجت ڪري مڙس جي ڏاڙهيءَ مان هڪ اڇو وار پٽي ورتو ۽ ٻيءَ زال ضد ۾ مڙسَ جي ڏاڙهي جي ٻئي پاسي مان هڪ ڪارو وار پٽي ورتو. اها ڪارروائي سڄي رات جاري رهي ۽ صبح جو مڙس ٺُرڙ ٿي اٿيو هو. سو اسان سنڌي اديب ۽ ليکڪ پيٽائي سان جيڪو نادان دوست وارو رويو رکيو آهي ان جو نتيجو اهو نڪرندو تہ نام نهاد مستند رسالي جي نالي ۾ اسان شاهہ جي رسالي کي هڪ دفعو ٻيهر ڪراڙ ڏيڻ ۾ ڪيرائي پوءِ ان جو پاٺي بند ڪري ڇڏينداسين تہ جيئن نہ رهي بانس ۽ نہ وڄي بانسري.

اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ان سان اسان جي علمي غربت تہ عالمي اِشو ٿي ايري ايندي، پر شاهہ جي رسالي، پيٽائي جي فلسفي، ڀٽ جي ميلي، لطيف جي راڳي فقيرن، تنبوري جي تارن ۽ سندن ڪلام تي ڪو بہ فرق ڪو نہ پوندو.

اسان جي ڊرائنگ روم جي دانشورن کي اها خبر ئي ڪانهي تہ سال ۾ 365 ڏينهن ٿيندا آهن پر ڀٽ تي 453 ميڙاڪا ٿيندا آهن. شاهہ جو رسالو نہ رڳو روزانو سج لٿي کان پرهہ ڦٽيءَ تائين پڙهيو وڃي ٿو پر جمع ۽ آچر ڏينهن صبح جو بہ تنبوري جو راڳ ٿئي ٿو. ڀٽ تي هر روز ميلو متل رهي ٿو. اوهان رات جو ڪنهن بہ وقت هڪ وڳي، ٻي وڳي، ٽئين وڳي يا پنجين وڳي درگاهہ تي ايندا تہ ڀٽ شاهہ اوهان کي جاڳيل نظر ايندي ۽ پيٽائيءَ جا راڳي فقير جڏهن آخري بيت پڙهندا تہ: پرهہ ڦٽندي ڦال، وڏم ويڙهيچن لئہ"تہ ان وقت واقعي پرهہ ڦٽي پوندي آهي ۽ فقير اڏيءَ تان اٿندا آهن.ڪو زمانو هو جو جڏهن پيٽائيءَ جا راڳي فقير راڳ ۾ صبح ڪري تنبورو هيٺ رکي اڏي تان اٿندا هئا تہ هيٺ رت پيو هوندو هو.

هن وَقت پيٽائيءَ جو فڪر پوري عالم جي ضرورت آهي، گڏيل قومن آمريڪا، انگلستان کان وٺي عالمي ميڊيا ۽ عورتن جي تنظيمن کي مذهبي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دهشتگردن جيڪو ڪارو ڪيو آهي ان خلاف war against terror هلي رهي اهي، پر اها جنگ آهي، ان ۾ بارود ڦاٽي ٿو رت وهي ٿو، مسئلي جو اهو حل وحشياڻو ۽ دهشتگرديءَ وارو آهي، پر ڀٽائي واري حل ۾ تهذيب آهي، امن آهي، رواداري آهي. ڀٽائي جي فڪر ۾ دنيا جا سڀ مذهب آهن، پاٽي جي پوڄا(سنڌو تهذيب جو مذهب) هندو ڌرم، ٻڌ ڌرم، جين ڌرم وغيره وغيره ۽ انهن جملي مذهبي فڪر جو نچوڙ ڀٽائي جي طريقت آهي. ڀٽائي جي انهيءَ فڪر کي عام ڪرڻ سان دنيا مان اصولي طور مذهبي دهشتگردي، تنگ نظري ۽ تعصب ختم ٿي ويندو ۽ دنيا ان حقيقت کان واقف ٿي ويندي ته بندي ۽ الله وچ ۾ رشتو ذاتي ۽ انتهائي ذاتي آهي. اصل جهاد نفس خلاف جهاد آهي.

جي ٻي شرڪ. ڀانئين پاڻ کي
ته عين شرڪ ايءُ
وڃائيءَ وجود کي پاڻان پاسي ٿيءُ
هڏهن ڪينهي هيءُ، هو پڻ ڪينهي هن ري.(ڀٽائي)

(ڀٽائيءَ جي سال 2006ع واري ميلي جي موقعي تي تاريخ 16 مارچ، ڏينهن خميس تي سنڌ ثقافت کاتي طرفان مقرر ڪيل مٿئين موضوع تي پڙهيل مقالو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريمَ، تنهنجا پارَ

(تنوير عباسيءَ جي ڪتاب"شاهه لطيف جي شاعري" جو اڀياس)

هونئن به تنقيد اوکو ڪم آهي. وري جيڪڏهن ڪو پٽائيءَ جي پايي جو شاعر هجي ته پوءِ ته پرک اجا به ڏکي ٿيو پوي. اهڙي ڪم ڪرڻ کان اڳ ۾ شاعر جي فن، ٻوليءَ فڪر، تاريخي دورن ۾ هن جي وقت جي مجموعي تخليقي فن جو مطالعو ڪرڻ ضروري آهي، جنهن کان پوءِ ئي هن جي ذات ڪي من ۾ سهيڙي ٻيهر تخليق ڪرڻ جو نالو تنقيد آهي. اها ڳالهه مڃڻي ئي پوندي ته شاعريءَ جي نزول واري ڪيفيت، ان وقت من جي آنند ماند، پيڙا ۾ جذباتي گهرائي، جيڪا ڪو حساس شاعر شعر لکڻ وقت محسوس ڪري سگهي ٿو، ان کي نثر ۾ پڙهندڙن تائين رسائڻ کان اڳ نقاد لاءِ ضروري آهي ته هو سڀ کان اڳ ان ڪيفيت کي شاعراڻن جذبن ساڻ محسوس ڪري ۽ اهو ڪم صرف شاعر کان ئي ٿي سگهي ٿو.

پٽائيءَ تي ڪن ٻين ماڻهن به لکيو آهي ۽ انهن مان ڪن ته ڪتاب پڻ لکي تيار ڪيا آهن پر انهن کي پٽائيءَ جهڙي سوريتي شاعر لاءِ ڪامياب نقاد چئي نه ٿو سگهجي. انهن مان هڪڙا ته شاعريءَ جي الف ـ ب کان به واقف ڪو نه آهن ۽ سڄي عمر استخاراتن ۾ گذاري، ڦيٽا چندا ڪري، تعويذ لکي اٻوجهه عوام کي ڦري پيٽ پالي وڃي مٿي چڙهيا آهن.

اهڙن ماڻهن لاءِ پٽائيءَ اهڙاڻي طور هيئن چيو آهي:

انڌا اونڌا ويچ، کل ڪڄاڙيا ڪانيئين
اسين ڏکي ڏيل ۾، تون پيارين پيچ
سوري جنين سيج، مرڻ تن مشاهدو.

باقي وَڃهي ملن سان تہ پٽائيءَ ڪو بہ رک رکاءُ نہ ڪيو آهي:

ڏسي پَسي الله، ٿا نِپيون هڻن ڏوڙ ۾.

پٽائيءَ جا ٻيا نقاد صوفي آهن. اهي صوفي نقاد ڪڙي ۾ قاتل جي هيراڪ، موکيءَ جي وٽڻ جي ماريل ۽ ڪلاڙ جي سخن جي گهايل شاعر پٽائيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي شاعريءَ جي معنيٰ صرف صوفي ازم جي روشني ۾ سمجهائڻ ويهندا آهن. سنڌي اُدبي تنقيد واري ان رج مان تنوير رڙ ڪئي آهي. تنوير جي ڪوشش ۽ محنت ڪي ڪنهن نالي، ڪنهن لقب ۽ ڪنهن تعظيم ڏيڻ کان اڳ هن جي ڪتاب تي متاچري نظر وجهڻ ضروري آهي ۽ ان کان اڳ هڪ ٻي ڳالهه به ذهن ۾ رکڻي پونديٰ تہ تنوير نثر جو سهارو وٺي پيتائي جي نظم کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. نثر ۽ نظم ۽ تنوير ۽ پيتائيءَ وچ ۾ جيڪو جمالياتي فرق آهي، ان جو اثر تنوير جي سڄي ڪتاب جي اسٽائيل تي اوس پوڻو آهي ۽ اهو برابر پيو آهي، جنهن ۾ تنوير جو ڪو بہ ڏوهہ ڪونهي. ڀلا پيتائيءَ جي هن سٽ ۾ سمايل سور نثر ۾ ڪيئن ٿو وڌيڪ بيان ڪري سگهجي تہ:

هيهان هوت پنهونءَ سين، جي مون ٿئي ملاقات
تہ ٻانهن وجهي وات، ريهون ڪيان روهہ ۾.

اهڙي ڏکئي ڪم ۾ هٿ وجهڻ کان اڳ ۾ ۽"شاهہ لطيف جي شاعري" جهڙي جامع عنوان سان ڪتاب لکڻ کان اڳ ۾ تنوير وضاحت ڪري ڇڏي آهي تہ "هن ڪتاب لکڻ جو مقصد شاهہ لطيف جي شاعراڻين خوبين جي ڳولا آهي." هن ائين بہ لکيو آهي تہ."اسان جي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾، خاص ڪري شاهہ لطيف وٽ اٿاهہ شاعراڻيون خوبيون آهن، جن جو مون فقط چئن عنوانن هيٺ اڀياس ڪيو آهي. اهڙا ڪيترائي عنوان تي سگهن ٿا، جن هيٺ عظيم شاعر جي شعر تي لکي سگهجي ٿو. هي فقط شروعاتي ڪم آهي."

ڪتاب جا اهي چار عنوان آهن: 1. شاهہ لطيف جي عوامي شاعري. 2. شاهہ لطيف جي شاعريءَ جي موسيقي. 3. شاهہ لطيف جي عڪسي شاعري ۽ 4. شاهہ لطيف جي اهڃاڻي شاعري. چئني عنوانن مان هر هڪ تي لکڻ کان اڳ ۾ تنوير مختصر پر ڀرپور مهاڳ لکيو آهي ۽ تجزيو ڪندي عوامي شاعريءَ جي تاريخي ارتقا، شاعريءَ ۽ موسيقيءَ جو تاريخي ميلاپ، عڪسي شاعريءَ جي وصف ۽ تعريف ۽ اهڃاڻي شاعريءَ جي اهميت تي روشني وجهي پڙهندڙ جي بهترين رهنمائي ڪئي آهي. عوامي شاعريءَ جي تاريخي اوسر تي پنهنجي عالمانہ راءِ ڏيندي تنوير، قديم انساني دور"پرمتو ڪميونزم" جو ذڪر ڪيو آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن ۾ هر انساني تخليق سڄي سماج جي ملڪيت هوندي هئي. ان کان پوءِ قبائلي ۽ جاگيرداري سرشتن، نجي ملڪيت جي تصور کي اپاريو ۽ اقتصادي ڦرلٽ سان گڏ ذهني پرماريت(انٽيليڪچوئل) به شروع ٿي وئي. ان وقت قاتلن ۽ خونين کي فاتح ۽ سورمو سڏيو ويو، سندن شان ۾ قصيدا لکيا ويا. ان وقت پيٽائي ان ظالماڻي جمود کي ٽوڙي عوامي ٻولي ۾ لکندي چيو ته:

"جي تون فارسي سکئين، گولو توءِ غلام."

اهو پڙهي ائين محسوس ٿئي ٿو ته تنوير هڪ ته نهايت حقيقت پسندي ۽ سچائيءَ سان ويهي لکيو آهي ۽ هر قسم جي نعري بازيءَ کان پرهيز ڪئي اٿائين ۽ ٻيو ته هن پيٽائي جو جديد ۽ معروضي(آبجيڪٽو) اڀياس ڪيو آهي، جيڪو اڄ کان اڳ ڪنهن به ڪو نه ڪيو آهي. اڄ تائين پيٽائيءَ کي صرف لفظي طور عظيم سڏيو ويو آهي. ٿلهي واهه واهه ڪئي وئي آهي(ڪجهه عقيدت وچان ۽ باقي سواءِ ڪجهه سمجهڻ جي). اهڙي طرح هن باب ۾ تنوير ڪاميابيءَ سان پيٽائيءَ کي هڪ عوامي شاعر ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ۽ هن جي عواميت ۾ انقلابيت پڻ محسوس ڪرائي اٿائين. پر جيئن ته ڪتاب مختصر آهي: ان ڪري رڳو پيٽائي جي ٻولي ۽ اسٽائيل مان ثابت ڪيو ويو آهي ته: پيٽائيءَ جي شاعري عوامي نوعيت جي هئي. عوامي شاعري ڪيئن عوام جي وڏي اڪثريت جي تاريخي مفادن کي نشانبر ڪري عوام جو نعرو بڻجي وڃي ٿي. ان تي اڃا به تفصيل سان لکڻ جي ضرورت هئي.

هن باب جي آخر ۾ پنهنجي پرک کي سهيڙيندي، تنوير پيٽائيءَ جي شاعراڻي عظمت جو سبب هيئن ڏنو آهي:

"سندس(پيٽائيءَ جي) عظمت، ايليٽ جي اصول مطابق سندس مقامي ۽ قومي هجڻ ۾ آهي." منهنجي خيال ۾ پيٽائيءَ جي نهايت شاندار ۽ سائنسي سوچ ڏيندڙ هيٺين بيت جو مفهوم نه مقامي آهي ۽ نه قومي، يونيورسل(ڪائناتي) آهي. البت ان جو اظهار نيٺ سنڌي عوامي طرز جو آهي.

بکيءَ کل نه اُجهي، ڍڪيءَ ڏمر ناهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اگهاڙيءَ وهانُو ويو ويچاريءَ وسري.

هن بيت ۾ پيٽائيءَ جي سچي بين الاقواميت ظاهر ٿئي ٿي، جنهن جي اندر”ايليٽ جو مقامي ۽ قوميُ پهلو پڻ شامل آهي: بيت ۾ ڇاڻايل بکي ڏکي ۽ اگهاڙي، مظلوم انسانيت ٿي آهي، پوءِ اها هتي جي هجي، فلسطين جي هجي يا ڏکڻ آفريقا ۾ رهندي هجي.۽ انهيءَ مظلوم انسانيت جي علامت وري عورت کي بڻايو ويو آهي،جيڪو پهلو شاعر جي سماجي شعور ڏانهن اشارو ڪري ٿو.هن ئي باب ۾ 17 صفحي تي ٽي ايس ايليٽ جي حوالن کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ ته ”شاعري اهڙو فن آهي جيڪو سختيءَ سان قومي آهي.“ تنوير هڪ هنڌ”احساس“ کي بہ”سنڌي“ ڪوٺيو آهي. احساس جو اظهار ۽ نمونو سنڌي ۽ قومي ٿي سگهي ٿو ڇاڪاڻ تہ هر ٻوليءَ کي پنهنجو خاص لساني ۽ ثقافتي مزاج ٿئي ٿو. مثال طور بک جو احساس جتي ڪٿي آهي. البت ان جو اظهار هر ٻوليءَ ۾ مختلف ٿي سگهي ٿو. انگريزي ٻولي ۾”انفينڪشس سمائيل“ لاءِ ڪنهن بہ ٻي ٻولي جي ٻن لفظن ۾ ترجمو اهڙي جمالياتي سٽ پيدا ڪري نہ سگهندو جيڪا انگريزي جي هنن ٻن لفظن ۾ آهي. باقي مرڪ جي سونهن ۽ احساس(فيلنگ) هر ٻولي ۽ هر قوم ۾ آهي.

تنوير جي هن ڪتاب جو ٻيو باب،”شاهہ جي شاعريءَ جي موسيقي“ نهايت ڪامياب ڪوشش آهي. جيڪڏهن تنوير ڊاڪٽر سان گڏ هڪ غنائي شاعر نہ هجي ها تہ هي باب اهڙي پيرائتي نموني لکي نہ سگهي ها. هن باب ۾ تنوير جو هي تجزيو نهايت گهريُ سوچ تي ٻڌل آهي جنهن ۾ هن لکيو آهي تہ شاعريءَ جي موسيقيُ شعر جي ڳائي سگهجڻ يا ڳائڻ لائق هجڻ جي خاصيت کان الڳ شئي آهي.“ هن دليل کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ تنوير، پيٽائيءَ جيُ بيتن مان لفظن جي وسيلي جلترنگ وڄائيُ ڏيکاريا آهن ۽ پيٽائيءَ جي شاعريءَ جي اهڙي پهلوءَ ڏانهن پڙهندڙ کي وٺي ويو آهي، جيڪو اڄ تائين اوپرو رهيو آهي.

تنوير جي ان دعويٰ سان ڪو بہ اختلاف نہ ڪندو تہ.”اهو لطيف جي فن جو ڪمال آهي تہ لفظن جي آواز سان جهڙو چاهي تهڙو ماحول پيدا ڪري سگهجي ٿو.“ تنوير تفصيلي مثالن سان ثابت ڪيو آهي تہ.”ٻٽو قافيو، اندروني

قافيو، حرف صحيح جو ورجاءُ، خالص معنوي موسيقي، اهي سڀ ڳالهيون آهن جيڪي شاهه لطيف کي عظيم غنائي شاعر بڻائين ٿيون.“

ٽيون باب ”شاهه لطيف جي عڪسي شاعري“ بابت آهي، جنهن کي پڙهي ائين محسوس ٿئي ٿو تہ پيڻائي موهن جو دڙو آهي جنهن کي اڃا مڪمل طور کوٽيو نہ ويو آهي ۽ ان ۾ بيشمار املهہ ماڻڪ پوريل آهن. هي باب تنوير جي هن ڪتاب جي جان ۽ هن جي تخليقي پرک جو ڪمال آهي.هن کان اڳ پيڻائيءَ جي شاعراڻي عظمت جي هن پهلو ڏانهن تمام ٿورن اديبن جو ڌيان ڇڪيو آهي. تنوير هن باب کي وري اهڙي خوبصورتي سان نڀايو آهي ۽ اهڙي پيرائتي نموني ويهي سمجهاڻي ڏني آهي، جو پڙهندڙ پيڻائيءَ جي هڪ هڪ عڪس کي من جي ڪئنواس تي چٽو پٽو ڏسي ۽ پسي سگهي ٿو. هي باب پڙهي منهنجي دل تہ چاهيو پئي تہ ڪاش تنوير هي سڄو ڪتاب پيڻائي جي عڪسي شاعريءَ تي لکي پورو ڪري ڏئي ها. مان سمجهان ٿو تہ پيڻائيءَ جي پيهر مطالعي لاءِ اسان مان هر هڪ کي هي باب پڙهڻ گهرجي. جنهن کان پوءِ ئي پيڻائي شدت سان پنهنجي همعصر شاعرن کان گهڻو مٿانهون ۽ دنيا جي عظيم شاعرن مان هڪ محسوس ٿيڻ لڳي ٿو.

عڪسي شاعريءَ جي مطالعي کانپوءِ سنڌي جي روايتي شاعري، رديفن ۽ قافين جي ڌڪاڌڪي، قصيدا گوئي ۽ مولودي شاعري بلڪل شاعري ئي نہ ٿي لڳي ۽ ان حقيقت کي ميٽو ٿو پوي تہ.”وڏن وڏن ڪتابن لکڻ کان بهتر آهي تہ سڄي عمر ۾ رڳو هڪڙو عڪس تخليق ڪجي جنهن جهڙا هزارين عڪس پيڻائيءَ جي شاعريءَ ۾ موجود آهن.“

هن ڪتاب جو چوٿون ۽ آخري باب ”شاهه لطيف جي اهڃاڻي شاعري“ آهي. سيني بابن وانگي، تنوير هن باب جو پڻ مڪمل مهاڳ لکي اهڃاڻي شاعريءَ جو فني تاڃي پيٽو ڪاميابي سان سمجهايو آهي. البت ان پهلوءَ تي تمام گهٽ لکيو ويو آهي تہ سنڌي شاعريءَ جي ڪلاسيڪي دور جون اهي ڪهڙيون ذهني، سماجي، اقتصادي ۽ سياسي مجبوريون هيون، جنهن ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڃاڻي شاعري پيدا ٿي؟جيڪا درحقيقت انڊر گرائونڊ شاعري آهي ۽ اهڙي شاعري ڪنڊڙ لوڪ ۾ لڪا پڙهندا وتندا هئا. هن باب ۾ پيڙائي جي غير اهڃاڻي شاعريءَ تي به لکڻ گهربو هو، جيڪا پيڙائي جي عام ڪري قديم نسخن ۾ جهجهي انداز ۾ ملي ٿي.

هن باب ۾ تنوير پيڙائيءَ جي اهڃاڻن جون جيڪي تمثيلون سمجهايون آهن، سڀ اصولي طور تي ته صحيح آهن، پر انهن ڪي پيڙائيءَ جي مجموعي فڪر جي روشني ۾ واضح نه ڪري، ادبي غير جانبداري جو مظاهرو ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽائي جي شاعراڻي عظمت جو لڪل راز

اياز هڪ نظم ۾ چيو آهي ته اها شاعري ئي ناهي جيڪا دل کي نه ٿي گرمائي. شاعريءَ جي هيءَ خوبي ٻين سيني فني پابندين ۽ نظرياتي جوابدارن کان اتم آهي. شاعري ۽ پروپيگنڊا ۾ اهو ئي فرق آهي. نعريبازي عظيم شاعري جو زوال آهي. هڪ سچي شاعر جي شاعري جيڪو نعرو ڏيندي آهي، اهو نعرو شاعري ۽ فنڪار جو وجود ٿيئي ملي اهڙي طرح هڪ ٿي ويندا آهن جو اها شاعري نه صرف نعرو ئي هوندي آهي ۽ نه صرف شاعري ئي art for arts sake هوندي آهي. اهڙي شاعري عوامي ٿي پوندي آهي ۽ ان جي هڪ هڪ سٽ عوام نعرو ڪري ڪڍندو آهي.

چوڻ جو مقصد اهو هو ته پٽائي جي شاعريءَ کي جيڪڏهن هن ڪسوٽيءَ تي پرکيو وڃي ته ايئن ٿو لڳي ته گهٽ ۾ گهٽ ان ماڻهوءَ لاءِ جنهن جي مادري ٻولي سنڌي آهي، پٽائيءَ جي شاعريءَ کان علاوه دنيا جي ٻئي ڪنهن به شاعر جو ڪلام وڌيڪ دل گرمائيندڙ ناهي.

پٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ سوز، سور، پيڙا، جذباتي اڌما ۽ خيال جي ايتري اوچائي آهي، جنهن تائين اڄ تائين ڪو به پڙهيل ڏيهي پرڏيهي شاعر پهچي نه سگهيو آهي. نهايت غير جذباتي لفظن ۾ مون کي ته ايئن ٿو لڳي ته پٽائي جي ڪيترين ئي اڌ ۽ پورين سٽن کي enjoy ڪرڻ ۽ روح سان چکڻ لاءِ به گهٽ ۾ گهٽ به جنم گهرجن.

مان سمجهان ٿو ته اها راءِ بي معنيٰ آهي ته ڪو به نثر نويس پٽائي سان پورو انصاف ڪري نه سگهندو. در حقيقت شاعر به ڪو اهڙو هجي جيڪو خود ڏات ڏٽي هئڻ گهرجي ۽ سونهن وانگي پٽائي جي شاعري مان اتساهه وٺي، ان اتساهه جي مدد سان پٽائي جي فن کي، ٻيهر تخليق ڪري اهڙي جمالياتي دٻاءَ وچان جنهن کي لفظن ۾ بيان ڪري نه ٿو سگهجي. مان سمجهان ٿو ته ايتري شاعراڻي ڏات رکندڙ نثر نويس به سيني رجعت پسند شاعرن کان هزار دفعا وڌيڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنائي تي سچ لکي سگهن ٿا.

هيٺ پنائي جون ڪجهه اڻ پوريون رچنائون ڏجن ٿيون، جن ۾ سمايل پيڙا کي ڪوگهايل من ئي محسوس ڪري سگهي ٿو:

ڪنهن جنهين ۾ آهين، سا پرپروڙڻ ڏاکڙو.
هيهان هوت پنهونءَ سين، جي مون ٿئي ملاقات
تہ ٻانهن وجهي وات، ريهون ڪيان روهہ ۾.
رات سهاڻي، پونءِ سنئين
پريت نئين، پنڌ پور.

سرتين سانگ سکن سان، مون جان رت نہ رون.

تڙ تکڙ، تار گهرڻ، ايءُ ڪاٽيارينُ ڪم.

رهہ اچوکي راتڙي، لالڻ مون لائي
وچ ۾ ڦوڙائي، اهڙي سفر سپرين.

ڪانڌ تنهنجي پانڌريءَ، سيءَ مران سڀ رات
ڪامل ڪپاهن ۾، جهپ نہ اچي جهات
اچين جي پريات، تہ آءٌ سيءُ نہ ساريان.

ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن ۾، ڏئي ڏوراپا ڏم
عقل، مت شرم، ٿيئي نينهن نهوڙيا

اکين ۾ هنئين، ڦاهي ڪاڏي پرينءَ لاءِ.

منهن وِجهيو مَٽن ۾، موکِي اپي روءِ
متارا مري ويا، اگڻِ اچي نہ ڪوءِ
متارَ نئون پوءِ، منا مَٽَ ڀني ٿيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيو آهين پٽ ۾، ڪانگل ڪوهه تيوءِ
اڳي اس تڙڪو نه سهين، اڄ سارو ڏينهن سنوءِ
پسي حال سندوءِ، ڪانگن ڪانگيرو ڪيو.

ساهڙ ڏارا سهٽي اڏوتي آهي
ڪنڍيون جو ڪاهي، پاسي تنهن پاڪ ٿئي.
(اڏوتي معنيٰ نه ڏوتل، ناپاڪ)

مون ڪي ماءُ مجاز، پڇاري ڄيئن پڇيو
وسريا ورد وظيفا، نه ڪارهي نماز
هينئڙو بحري باز، چائي ڪيو چنبن ۾.

سون ساريڪا هٽڙا، ڪوهه نه ڪتين رڌ
ويهي ڪنڊ ڪاپوڪر، گهتون گوهيون ڇڏ
ته صرافائي سڌ، مرڪي هوند مٽائيين.

منڌيون مٽ گڙن، جهوڪ ٻه سونهين پهيڙا
سندي سنگهارن، جوءِ جياري جڏڙا
(منڌيون: ماٽڏاٽيون-جهوڪ: اوطاق -پهيڙا: مهمان)

لوڪ لڪ ڪري، مون رات سڄائي رانئيو.
وس ڙي مينهن وس، تو وسندي وس ٿئي.

ڏول مر ڪٽي ٻانهڙي پره مر ڪٽي پاند
آئون پنهنجو ڪانڌ، لوڪان لڪي رانئيان

الوڙڻ نه ڏئي، ورزوڏئين ونجهه ڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لطيف جو لوڙهو

(نئون دريافت ٿيل ماڳ)

ڀٽائيءَ سنڌ جي گهٽ کري هر علائقي ۾ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، رسم رواج ۽ خاص ڪري سنڌي ٻوليءَ جي لهجي جو غور سان اڀياس ڪيو هيو، جنهن جو ثبوت سندس شاعري آهي. اڄ سنڌ جا آرڪيالاجسٽ ۽ مهم ـ جو انهن ماڳن مڪانن ۾ گسن پيچرن کي ڳولي رهيا آهن، جتي ڀٽائي صاحب ويو هو ۽ اتي ڪي گهڙيون گهاريون هئائين. اهڙو ئي هڪ "ڀٽائيءَ جو تڪيو" ضلعي شڪارپور جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ترائي ۾ ڪجهه سال اڳ دريافت ڪيو ويو آهي. جتي ٽن چئن سالن کان هر سال ميلو لڳندو آهي. اهڙي طرح لاهوت لا مڪان ۽ هنگلاج جي رستي ۾ ڪجهه اهڙا هنڌ دريافت ڪيا ويا آهن، جتي ڀٽائي صاحب ترسيو هيو. اهڙو ئي هڪ هنڌ ڳوٺ لنڊو دڙو ۾ به دريافت ڪيو ويو آهي. اهو ڳوٺ سنڌ ـ پنجاب، سرحد تي سنڌ جي آخري ريلوي اسٽيشن ريتي کان تقريبن ويهه ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي واقع آهي. هي سمورو علائقو ترجهڙو ئي آهي. جتي ڏور تائين واري ۽ واريءَ جا دڙا نظر ايندا آهن. انهن واريءَ جي دڙن مان هڪ دڙي جو نالو "لنڊو دڙو" آهي، جنهن جي مناسبت سان ڳوٺ تي "لنڊو دڙو" نالو پئجي ويو. هي ڳوٺ ديهه گونجي، تعلقو صادق آباد، ضلعي رحيم يار خان جي جاگرافيائي حدن اندر آهي، جيڪو پنجاب جو هڪ حصو آهي. ماضيءَ ۾ هي سمورو علائقو "بهاولپور رياست" سڏبو هو. ان ڳوٺ ۾ هڪ ننڍڙي مسجد آهي، جنهن جي چوڌاري وڏا وڏا وڻ ۽ سرسبز کيت آهن. مسجد جي اڳيان هڪ وڏو وڻ بيٺل آهي جنهن جي باري ۾ ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته ڀٽائي صاحب ان وڻ جي هيٺان ويهندو هيو. ڀٽائي صاحب جي هتي آمد سبب اڄ هي هنڌ "لطيف جو لوڙهو" جي نالي سان مشهور آهي.

مسجد جي اڪيلي گنبذ جي مٿان ڪاشيءَ جي لڳل نيل جي باري ۾

ڳوٺاڻا چون ٿا ته، اها نيل پهريان پٽ شاهه تي پٽائي صاحب جي روضي تي لڳل هئي ۽ جڏهن پٽائيءَ جي روضي تي سونيون نيلون لڳايون ويون، تڏهن پٽائي، صاحب جي فقيرن اها نيل ڳوٺ"لنڊو دڙو" ۾ قائم لطيف جي لوڙهي جي مجاورن کي تبرڪ طور ڏني هئي. ان وقت محمد ابراهيم پٽنو نالي شخص"لطيف جو لوڙهو" جو خدمتگار هيو، جنهن کانپوءِ سندس پٽ محمد بخش پٽنو بهاري ڏيندو هو ۽ اڄڪلهه ان جو وڏو پوٽو غلام حسين پٽنو اها خدمت انجام ڏيئي رهيو آهي.

سنڌ جي سرحد کان ڏيڍ ميل جي مفاصلي تي پنجاب ۾ واقع ڳوٺ جا رهواسي"پٽنا ذات" سان واسطو رکن ٿا. اهي ڳوٺاڻا نج سنڌي ٻولي ڳالهائن ٿا جنهن تي ڏکڻ پنجاب جي رياستي ٻوليءَ جا اثرپڻ آهن.

هي ڳوٺ بجلي، روڊ ۽ ٻين بنيادي سهولتن کان محروم آهي، هتان جون زمينون تمام گهڻو زرخيز آهن. ڳوٺاڻن جي اچ وڃ ضلعي سکر جي ڏهرکي شهرءِ ضلعي رحيم يار خان جي صادق آباد سان رهندي آهي.

ڪنهن دور ۾ ان"لطيف جو لوڙهو" جي خدمت هڪ عورت مائي خانزادي فقيرياڻي ڪندي هئي، جيڪا"لطيف جو لوڙهو" جي پهرئين مجاور محمد ابراهيم پٽني جي گهرواري هئي. ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته اها مائي ڪارا ڪپڙا پائي پٽائي جي ميلي تي پيرين پنڌ ويندي هئي.

جڏهن مان پنهنجي دوست اختيار پٽنو سان گڏجي"لطيف جو لوڙهو" وٽ پهتس ته ڳوٺاڻن ٻڌايو ته هڪ پيري جام ساقي سنڌ جي درگاهن جو مطالعو ڪندي هتي آيو هيو، جنهن کي"لطيف جو لوڙهو" واري مسجد جي گنبذ ۾ لڳل ڪاشيءِ جي نيل ڏيکاري ويئي هئي ۽ ڪيس ٻڌايو ويو هيو ته اها نيل پٽ شاهه جي فقيرن"لطيف جو لوڙهو" وٽ قائم مسجد تي لڳائڻ لاءِ فقير محمد ابراهيم پٽني کي ڏني هئي. ڳوٺاڻن وڌيڪ ٻڌايو ته جام ساقيءَ پٽ شاهه تي وڃي پٽ شاهه جي فقيرن کان ان ڳالهه جي تصديق ڪئي هئي، جنهن کانپوءِ اهو طئي ٿي ويو هيو ته هيءَ جڳهه واقعي"لطيف جو لوڙهو" آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيو وڃي ٿو تہ جڏهن ڀٽائي صاحبُ پنهنجي ڏاڏي شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جي روضي جي لاءِ ملتان مان ڪاشيءِ خريدڻ جي لاءِ ويو هيو تہ هن ڳوٺ مان گذرندي هتي پنهنجو لوڙهو قائم ڪيو هئائين. ڳوٺاڻن ٻڌايو تہ ”لطيف جو لوڙهو“ واري مسجد بہ ڀٽائي صاحب خود نهرائي هئي. اڄڪلهہ ان جڳهہ تي ڀٽائي صاحب جي ڀٽ شاهہ تي ٿيندڙ ميلي جي آخري ڏينهن تي خيرات ٿيندي آهي جنهن موقعي تي مقامي فنڪار ڀٽائي صاحب جو ڪلام ڳائيندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽ تي ميلا

عام طور اسان سيني کي اها ئي خبر آهي تہ پٽائيءَ جو ميلو سال ۾ رڳو هڪ دفعو 14 صفر تي ٽن ڏينهن لاءِ لڳندو آهي، پر ايئن ناهي.پٽ تي سال ۾ ڪيئي ميلا لڳن ٿا. سال ۾ جملي 12 مهينا ٿين ٿا. هر مهيني پٽ تي هڪ وڏو اجتماع ٿئي ٿو، جنهن کي"سائو سومار" چئجي ٿو. هر نئين چنڊ جو پهريون سومر پٽ شاهہ تي"سائو سومار" ڪري ميلي جيان ملهايو وڃي ٿو. ان ڏينهن پٽائيءَ جا لاڙڪ فقير سندس مزار جي اڱڻ ۾ اوپر پاسي ۽ عَلم جي اولهہ ۾ لوهي جهنگلي اندر جمع ڪيل ڪک ڪانن کي باهہ ڏيئي هڪ وڏو مچ ٻاريندا آهن، جنهن جي چوڌاري گول ڦيرا ڏيندا آهن ۽ تنبورن بنا پٽائيءَ جا بيت تحت اللفظ پڙهندا آهن. پٽائي جا لاڙڪ ذات وارا فقير ٿي مچ کي سائو ڪندا آهن ۽ اهي ئي رسالي جا بيت پڙهندا آهن. گادي نشين ان وقت نشست گاهہ ۾ اچي ويهندو آهي ۽ پوءِ جڏهن فقير مچ مٿان ڦيرا ڏئي بيت پڙهي بس ڪندا آهن تہ تمراٽين واري وڏي اوطاق مان ٻيا بہ راڳي فقير ايندا آهن تہ ان وقت گادي نشين بہ سائي سومار واري مچ تي ايندو آهي ۽ هن جي اڳواٽيءَ ۾ دعا گهري ويندي آهي.

"سائي سومار" وارو اجتماع صوفي مت ۾ قادري طَريقي جو شغل آهي ۽ ان کي"ڪريمي روايت" پڻ چيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ پٽائي جي ڏاڏي شاهہ ڪَريم بلڙي واري جي مزار تي اهڙو اجتماع شروع ڪان وٺي ٿئي ٿو، ان لحاظ کان چئي سگهجي ٿو تہ خود پٽائي پاڻ بہ پنهنجي ڏاڏي جي مزار تي"سائو سومار" ملهايو هوندو.

باهہ جي مچ مٿان ڦيرا ننڍي کنڊ جي قديم مذهبي روايت آهي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ ان جو بڻ بٽياد سنڌو ماٿري واري تهذيب ۾ هجي، جيڪا هندو ڌرم کان بہ پراڻي آهي. سو آتش پرستي جي روايت جا آثار سنڌي صوفي ازم ۾ بہ نظر اچن ٿا.

"سائي سومار" واري ڏڻ تي پٽ شاهہ ۾ جيڪو اجتماع ٿئي ٿو، سو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميلي جو ذِڪ ڏئي ٿو. ڪراڙ ڍنڍ ڪان وٺي ڀٽ جي چوٽيءَ تائين ماڻهن جو سمونڊ ڇولليون هڻڻ لڳي ٿو. دنبوري چوڪ ڪان وٺي ڀٽائيءَ جي مزار تائين ماڻهن جي منڊين جو درياهه هوندو آهي، جيڪو ڇولليون هڻندو رهندو آهي. سو ڀٽ شاهه تي سال ۾ ٻارنهن ميلا ته سائي سومار جا لڳن ٿا ۽ ٻيا ٻارنهن ميلا وري هر چنڊ جي چوڏهينءَ تاريخ تي لڳن ٿا. نڌي ڪنڊ جي صوفي ۽ ويدانتي روايتن ۾ ”چوڏس“ (چنڊ جي چوڏهين) هڪ ڏڻ ٿئي ٿو. ان ڏينهن تي گهٽو ڪري هر هندو ۽ مسلمان صوفي بزرگ جي درگاهه تي ”چوڏس“ ڪي ڏڻ ڪري ملهايو ويندو آهي. پلا جڏهن سمونڊ به چنڊ جي چوڏهينءَ تي اٿلي پوي ٿو ۽ ”جوار ڀاٽا“ يا وڏي ٻوڏ ڪري ٿو ته چئبو ته فطرتي ڪائنات ۾ رات ويلي روشن ترين چنڊ ۾ ضرور ڪا موهت آهي، جيڪا جمالياتي به آهي ته سائنسي به آهي. سو ڀٽ شاهه تي به چنڊ جي هر چوڏهين رات چڻ ته ميلو لڳندو آهي، پري پري ڪان ڀٽائي جا معتقد ۽ عاشق اچي مڙندا آهن ۽ ڀٽائيءَ جي راڳي فقيرن طرفان دنبوري تي رسالو ٻڌي لڳ ڀڳ هڪ وڳي رات جو ”سهڻي جي دعا“ تي هٿ کڻي روحاني سُڪون حاصل ڪندا آهن ۽ من جون مرادون پوريون ڪري ڀٽائي جي راڳي فقيرن ڪان ”سڳڙا“ وٺي گهر ڀيڙا ٿيندا آهن.

ساڳي طرح ماهه ڦهريون جمعو پڻ ڀٽ تي ميلي جيان ملهايو وڃي ٿو. ان ڏينهن پري پري ڪان ماڻهو اچيو ڀٽ تي جمع ٿين ۽ ننڍڙو وڏو ميلو مچائين. ڀٽائيءَ جا راڳي فقير معمول جيان سج لٿي ڪان سڀج اڀرڻ تائين دنبوري تي رسالي جا بيت ڳائين ٿا ۽ ڀٽ شاهه شهر ۾ ڪاروبار تيز ٿي وڃي ٿو.

اڄ ڪلهه ته ڀٽ شاهه تي ڀٽائي جا فقير روزانو سج لٿي ڪانپوءِ رات ٿيندي ئي دنبورا تاٽي رسالو پڙهڻ لڳندا آهن ۽ صبح تائين ڳائيندا رهندا آهن، رات جو سنجهي مهل ”سر ڪلياڻ“ ڳائڻ سان ”وائي جو راڳ“ يا ”شاهه جو راڳ“ شروع ٿيندو آهي پوءِ جي چاندوڪي رات هوندي آهي ته فقير سر ڪنيات جا ڪجهه داستان ڳائيندا آهن، نه ته ٻي صورت ۾ ”سر راڳ“ يا ”سريراڳ“ ۽ سامونڊي ڳائيندا آهن. محرم جي مهيني ۾ سر ڪيڏارو ۽ ٻين مهينن ۾ سر سهڻي ڳائيندا آهن. اهڙي طرح سر يمن ڪلياڻ، ڪلياڻ، ڪنيات، سامونڊي ۽ سر راڳ ڪان پوءِ جڏهن

سر سهڻي چيڙيندا آهن ته وقت اڌ رات کان ٽپي ويندو آهي ۽ اٽڪل هڪ وڳي ڌاري دنبورا هيٺ رکي هٿ مٿي کڻي"سهڻي جي دعا" گهرندا آهن. سهڻي جي دعا، سڀ کان وڏي ۾ وڏي"دعا" ليکي ويندي آهي، جيڪا راڳي فقيرن جُو سرواڻ پڙهندو آهي. سهڻي جي دعا کان پوءِ ڪيترا معتقد واپس هليا ويندا آهن. البت پٽائيءَ جا راڳي فقير سر سهڻي کانپوءِ سسئي جا پنج سر ڳائيندا آهن، جنهن کانپوءِ رات جو پوئين پهر شروع ٿي ويندو آهي، جنهن ۾ رسالي جا ٻيا ڪيترا سر ڳايا ويندا آهن، تان جون ـ باک ڦٽي پوندي آهي ۽ فجر جي نماز جي آذان ايندي آهي. پٽ شاهه تي ان سمي سنيئن ۽ شعيئن جون ٻه آذانون ٻڌڻ ۾ ايندِيوْن آهن. ان دوران پٽائي جا راڳي فقير پنهنجا دنبورا هيٺ ڪري خاموش ٿي ويهي ٻئي آذانون ٻڌندا آهن ۽ جڏهن ٻئي آذانون پوريون ٿينديون آهن ته پوءِ ٻيهر پنهنجا دنبورا تاڻي آخري سر مارُئي ڳائيندا آهن، جنهن جو پهريون بيت لونءَ ڪانڊاري ڇڏيندو آهي:

پرهه ڦٽندي ڦال، وڏم ويڙهيچن لئه
وٺا مينهن ملير تي مارن ڪاهيا مال
حيف تنهنجي حال، جو مُند ساريو نا مران!

ان سمي اوير پاسي آسمان تي اڇاڻ نمودار ٿيندي آهي ۽ رات جو ڪارو نقاب لهي ويندو آهي ۽ ڏينهن جي روشن روءِ پڌري ٿي پوندي آهي. اهڙي طرح پٽائيءَ جا فقير سر مارئي جا چند داستان ڳائڻ کانپوءِ آخري دعا گهرندا آهن، جنهن کانپوءِ راڳي فقير توڙي ياتري پٽائي جو آڱر خالي ڪري پنهنجي پنهنجي آسڻ ڏانهن راهي ٿي ويندا آهن ۽ اهڙي طرح عبادت واري رات پنهنجي اختتام کي پهچي ويندي آهي. سو ان لحاظ کان ڏٺو وڃي ته پٽ تي ٻارهَو ئي ميلو آهي، يعني سال جا 365 ڏينهن ئي اجتماع آهي. انگريزيءَ ۾ چوندا آهنseeing is be lieving سو اوهان ڪنهن به رات ڪنهن به وقت پرهه ڦٽڻ واري مهل تائين اوچتو پٽ تي ويندا ته اوهان کي پٽائيءَ جي راڳي فقير جا دنبورا يا تنبورا تاڻيل نظر ايندا ۽ ڪيترا مرد ۽ زالون وجد ۾ ويڙهيل نظر ايندا. ڪراڙ

ڍنڍ جي ڪناري تي پاڙي ڪرائي تي آيل بسن جو ڳاهٽ نظر ايندو ۽ ميلي جو سمو هوندو.

پٽ تي متي ذڪر ڪيل"ڏهاڙيءَ واري ميلي" ۾ وڏيڪ شدت جمعي واري رات ايندي آهي، هر خميس جي شام جو جمعي جي رات ملهائڻ لاءِ ڪتان ڪتان جا ماڻهو اچي ڳاهٽ ٿيندا آهن. بسون پرجي ايندیون آهن ۽ مزار تي جتين جو ٺيڪو ڪٽندڙ ٺيڪيدار ٺيڪجي ويندو آهي، ان رات شاهه جو راڳ تہ معمول مطابق ٿيندو آهي، پر ماڻهن جي گهڻائيءَ سبب پٽ شاهه جو ڏيک ٺي بيو تي ويندو آهي.

اهڙي طرح پٽ تي هر هفتي هڪڙو ميلو پڻ لڳندو آهي، يعني مهيني ۾ اهڙا چار ميلا لڳندا آهن ۽ سال ۾ جملي 48 ميلا مچندا آهن.

وري"جمعي رات چوڏهين" تي پٽ شاهه ۾ جيڪو ميلو لڳندو آهي سو ساليانی ميلي کانپوءِ شايد وڏي ۾ وڏو اجتماع هوندو آهي. ان جو سبب اهو آهي تہ"جمعي رات" ۽"چنڊ جي چوڏهين" وارا ٻہ ڏڻ گڏجي پوندا آهن."جمعي رات واري چوڏهين" سال ۾ هڪڙو دفعو ايندي آهي، ان ڪري ان ڏينهن وارو ميلو سال جو هڪ وڏيڪ انوکو اجتماع هوندو آهي. سو سال ۾ هڪڙو ميلو جمعي رات واري چوڏهين تي بہ لڳي ٿو جيڪو 14 صفر واري ساليانی ميلي کان علاوه آهي.

پٽ شاهه تي ساليانی ميلي کان بہ وڏو اجتماع ان ڏينهن ٿيندو آهي جنهن ڏينهن صفر جي 14 هين جمعي رات هوندي آهي. پٽائي جو ميلو هر سال 14 صفر تي شروع ٿي 16 صفر تائين ٽي ڏينهن هلندو آهي پر هر پنجن سالن کانپوءِ هڪ اهڙو ساليانو ميلو ايندو آهي جنهن جي پهرين ڏمال يعني چوڏهين صفر جمعي رات بہ هوندي آهي. پٽائي جا معتقدَ ان رات کي"حج اڪبر" جو درجو ڏيندا آهن. ان ڏينهن ماڻهن ۽ گاڏين جي اهڙي پيهہ ٿيندي آهي جو ڪا بہ گاڏي پٽ شاهه شهر ۾ داخل نہ ٿي سگهندي آهي. پٽ شاهه شهر کان قومي شاهراهہ ڏانهن ويندڙ 3 ڪلوميٽر رستي جو هڪ ڪلوميٽر چڙهہ تہ"ڪار پارڪ" بڻجي ويندي آهي. ميلي گير ماڻهن جون مُچون پٽ کان اتر ڏکڻ، اوڀر ۽ اولهہ ڏانهن ڪلوميٽر ڪن مفاصلي تائين پکڙجي ويندیون آهن. شهر ۾ هوٽلن ۽ دڪانن جو ڪاروبار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوچ تي هوندو آهي ۽ ڀٽ شاهه جو شهر بس ماڻهن جو ڇڻ سمونڊ لڳندو آهي.

سال 2002 واري ڀٽائي جي ميلي جي ڀرپور ڌمال"جمعي رات" هئي، جنهن تي عجيب لقاءُ هو. ٻيو اهڙو ساليانو ميلو وري سال 2007ع ۾ ٿيندو.

رجب مهيني جي 2(ٻي) تاريخ هر سال سنڌ ۾ سنڌي ٻولي جي عظيم شاعر ۽ صوفي بزرگ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو جنم ڏينهن ملهايو ويندو آهي، ان ڏينهن به ڀٽ شاهه تي ميلو لڳندو آهي.

هر سال عيدالاضحيٰ کان هڪ ڏينهن اڳ يعني 9 ذي الحج تي ڀٽائيءَ جي مزار تي سندس مريد ڇڻ ته حج ڪرڻ ايندا آهن. هو چوندا آهن ته"مڪي شريف وڃڻ جي طاقت ناهي، ان ڪري ڀٽ ڏٽي تي حج ڪرڻ آيا آهيون." اهڙي هڪ مريد ڀٽائيءَ جو بيت پڙهيو: "جيڪي ڪم بندو ڪري، سو مڙيوئي ڏوهه. تون پارس آءُ لوهه سَجيين ته سون ٿيان." ... ۽ چيائين"اچ پنهنجا مڙئي ڏوهه ڌوپي ويندا." سو حج واري ڏينهن تي به ڀٽ شاهه تي ميلو لڳندو آهي.

ان کان علاوه ڀٽائيءَ جي والد بزرگوار شاهه حبيب جي ساليانو عرس جي موقعي تي، ڀٽائيءَ کانپوءِ شاهه جي راڳ واري گادي نشين تمر فقير ۽ ڀٽائي جي راڳائي يعقوب شهيد جي ٻارهين تي به ڀٽ شاهه ميلي جي ڏِڪَ ڏيندو آهي. اهڙي طرح حضرت علي(ڪرم الله وجهه) جي ولادت تي پڻ ڇڻ ته ميلو متل هوندو آهي.

ان سلسلي ۾ مون کي هڪ ذاتي تجربو ٿيو. چنڊ جي چوڏهين تاريخ هجي ۽ جمعي جي رات پڻ ڀٽ شاهه تي جو وڃان ته ڏسان ته ٽرئفڪ جام(جئم) لڳي پئي آهي، دنبوري چوڪ کان مزار تائين واري پٽ جي چڙهائي تي ماڻهن جي منڊين جو ڇڻ سمونڊ هجي، مزار اندر وڃڻ کان اڳ جُتي لاهي رکڻ واري جاءِ تي جُتين جو پهاڙ لڳو پيو هجي. جُتيون جمع ڪرڻ واري هَمراهه جُتيون وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. چي، جُتيون رکڻ جي جاءِ ناهي ۽ ٽوڪنَ به ختم ٿي ويا آهن سو جُتيون پاڻ سان کڻي وڃو. ڏٺم ته واقعي جُتين جو ڍيرُ ڪمري ۾ ڇت سان لڳل هجي. مزار کان ٿي واپس اچي هڪ ڪٻاڙي هوٽل تي چانهه لاءِ ويٺس ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوٽل واري ٻڌايو تہ”اڄوڪي ڏينهن رات دوران هوٽل تي ماني لاءِ چار مڻ اٽو هلي چڪو آهي.“ هن وڌيڪ ٻڌايو تہ”اڄ چنڊ جي چوڏهين، جمع جي رات ۽ مولا مشڪل ڪشا جي ولادت جو ڏڻ آهي.“

ان حوالي سان ڀٽ شاهہ جو هڪ ٻيو مشاهدو بہ دلچسپ هيو. ان ڏينهن سيوهڻ ۾ قلندر شهباز جي ميلي جي وچين ڌمال هئي. مون سوچيو تہ سنڌ جو وڏي ۾ وڏو ميلو سيوهڻ ۾ ٿي رهيو آهي، اڄ ڀٽ تي ماڻهن جي پيهہ نہ هوندي سو وڃي ٿو سانتيڪي ماحول ۾ رسالو ٻڌان. جان وڃان تہ پير پاٽڻ جي جاءِ نہ هجي، ماڻهن جو سمونڊ چوليون پيو هڻي. چٽائي ڏٺم تہ ماڻهو گهٽو ڪري اوپرا، اترين علائقن جا پناڻ، ڪراچيءَ جا ڪڇي ميمڻ ۽ مهاجر وغيره اڪثريت ۾ نظر اچي رهيا هئا. پڇا ڪيم تہ خبر پئي قلندر شهباز جي ميلي جي موٽ آهي، سو ماڻهن جو وڏو تعداد ڀٽ شاهہ تي حاضري ڀرڻ آيو آهي. بس ميلي جو سمو هو. ايتري پيهہ هئي جو سانتيڪي ماحول ۾ رسالو ٻڌڻ بدران پري ويهي لائوڊ اسپيڪر مان بہ ٿي. داستان ٻڌي پري پري ڪان سهڻي جي دعا گهري وڃي مور فقير جي ڪافي تي قراري ٿيس. ۽ اتي جي مقامي ماڻهن اهو بہ ٻڌايو تہ قلندر شهباز جو ميلو 18، 19 ۽ 20 شعبان تي ٿيندو. اتان لاهوتي 21 ۽ 22 شعبان جي لال باغ ڪان لاهوت لامڪان جي سفر تي پيرين پنڌ روانا ٿيندا. رمضان ميهني جي 9،10 ۽ 11 تاريخ خضدار ضلعي جي حدن اندر پَبَ جبل ۾ شاهہ نوراني جي درگاهہ تي ميلو ڪري لاهوت لامڪان واري غار جي زيارت ڪري 13 رمضان تي اتان موٽي ڀٽ شاهہ تي ايندا آهن. اها چنڊ جي چوڏهين هوندي ۽ ڀٽ شاهہ تي ميلي جو ڏيک هوندو. لاهوت ڪري موٽندڙ لاهوتي ڀٽ شاهہ تي ان ڪري بہ اچن ٿا جو ڀٽائيءَ چيو آهي تہ”نانگا تنهنجو نانءُ، لکجي لاهوت ۾“. چڻ اهو رجسٽر ڀٽائيءَ وٽ آهي، جنهن ۾ لاهوتين جا نالا درج ٿين ٿا.

سو سيوهڻ ۾ قلندر شهباز جي ميلي جي موٽ تي ۽ لاهوت لامڪان ڪان موٽ تي ڀٽ شاهہ ۾ بہ ميلا لڳن ٿا.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ڀٽائي جي عرس تي جيڪو ٽن ڏينهن وارو ساليانو ميلو لڳي ٿو سو سيني ڪان وڏو ميڙاڪو آهي. ڀٽائي جو ساليانو ميلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قلندر شهباز جي ميلي کانپوءِ سنڌ جو وڏي ۾ وڏو ميلو آهي. هن ميلي جي خاص ڳالهه ملاکڙو آهي جيڪو وري سڄي سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏو هجي ٿو. ميلو، ميڙو يا ميڙاڪو وڇوڙيل ماڻهنً کي پاڻ ۾ ملائيندو آهي سو ڀٽ شاهه تي جڏهن صفر 15،14 ۽ 16 تي ٽن ڏينهن وارو ميلو مچي ٿو ته سنڌ جي ڏيگهه ويڪر ۾ هر جاءِ تان ماڻهو اچن ٿا. ٿر جا ماڻهو جابلو ماڻهن سان ملن ٿا. درياهي ماڻهو ڪاڇي جي لوڪن سان ملن ٿا ۽ سڄي سنڌ جا ماڻهو هڪٻئي سان ميل ملاقاتون ڪن ٿا.

ڀٽائي جيئن ته سنڌ ۽ سنڌي ٻولي توڙي ادب جو ماضي، حال ۽ مستقبل آهي، ان ڪري ڀٽ شاهه چڻ ته سنڌ جي ثقافتي ۽ روحاني گادي جو هنڌ آهي. ميلي جا ٽيئي ڏينهن ڀٽ شاهه جي فضا ڀٽائي جي بيتن سان گونجندي آهي ۽ سنڌ جي ثقافتي ۽ قومي وحدت الوجود جو پيغام عام ٿيندو آهي. مٿي ذڪر ڪيل مڙني ڏڻن ۽ وارن جي وچور کي جيڪڏهن يڪجا ڪجي ۽ انگي حساب سان ان جو ليکو ڪجي ته واضح ٿئي ٿو ته بنا ڪنهن وڏاءَ جي ڀٽ تي سال ۾ جملي 453 ميڙاڪا ٿين ٿا جن کي مذهبي اجتماع، ثقافتي ميلا يا سماجي ڳڏجاڻيون پڻ ڪوٺي سگهجي ٿو.

ساري رات سبحانً، جاڳي جن ياد ڪيو،
اُن جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مانُ،
ڪوڙين ڪَنِ سلام، اچيو آسڻ اُنِ جي.(ڀٽائي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انور پيرزادي سان ڳالهہ ٻولهہ

پينل انٽرويو: بدر ابڙو ۽ عطيہ دائود

پينل: ڏر بنديءَ جو زمانو آهي، مختلف ڏريون پٽائيءَ کي پنهنجي حساب سان مذهبي، صوفي، قوم پرست يا وطن دوست ٿيون سڏين. توهان ڇا ٿا چئو؟

انور: منهنجي خيال ۾ تہ پٽائيءَ کي ٻيهر پڙهڻو پوندو ۽ ڪاٻي ڏروارا ڇا ٿا چون، ساڄي ڏروارا ڇا ٿا چون يا عام ماڻهو هن کي ڪيئن ٿو محسوس ڪري، پٽائيءَ جي مزار تي سڪا باسڻ لاءِ ويندڙ عقيدتمند ڇا ٿا سوچين؟ انهيءَ جو اڀياس ۽ سروي ڪرڻو پوندو. جيئنستائين"پٽائيءَ جي ڳولا" جو تعلق آهي تہ ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ ڳولا اڃا نہ ٿي آهي. موهن جي دڙي جي کوٽائي اڃا نہ ٿي آهي. اها ڳولا ٿيڻ کپي. جڏهن تفصيل سان پٽائيءَ جو جائزو ورتو ويندو تہ مون کي يقين آهي تہ اها ڳالهہ سامهون ايندي تہ پٽائي سنڌ جي ماضي، حال ۽ مستقبل جو شاعر آهي. سندس شاعري ۽ فن جي لحاظ کان تہ ڪو بہ اختلاف نہ آهي پر مان چوان ٿو تہ سنڌ جي مسئلن جي حوالي سان پٽائيءَ جي شاعري کي سنڌ جي مستقبل جي شاعري ثابت ڪري سگهجي ٿو.

سر سڪو سال ٿيا، هنج هريوئي پير
هي ڪنگ ويچارو ڪير، جو رسي ان رمز کي.

سال گذري ويا جو سنڌو درياهہ منجهہ پاڻي ڪونهي پر هنج جو پير آلو آهي. ڪنگ ان راز کي سمجهي نٿو سگهي. ڇاڪاڻ تہ هنج صاف پاڻي منجهہ هوندو آهي ۽ جيئن چيو ويندو آهي تہ موتي ڪائيندو آهي، پوءِ جڏهن هن اهو پاڻي نہ ڏٺو آهي تہ ان ڏک ۾ روئي ڏنو اٿائين ۽ ان جي تلاش ۾ بي حال ٿيڻ لڳو آهي، پر ڪنگ جيڪو لڙي ۾ ڪني پاڻيءَ منجهہ گذارو ڪندو آهي، اهو درد محسوس نہ ٿو ڪري سگهي تہ هتي اهو پاڻي ڪونهي، جنهن لاءِ پٽائيءَ چيو آهي تہ:

عطر ۽ عنبير جا جر ۾ وهن جال.

ان ڪري پٽائيءَ جي نقطہ نگاهہ کان اسٽڊي ڪرڻي پوندي، خاصو جائزو وٺڻو

پوندو، ماڻهن کان انٽرويو وٺڻا پوندا. پوءِ ئي ڀٽائيءَ جي خبر پوندي.

پينل: اڄڪلهه مها پارت جهڙن ڪلاسيڪل فن پارن مان به ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته انهن ۾ به جوهري جنگ جو ذڪر آهي، ان ڪري اڄ به ان جي افاديت آهي. توهان جي ڀٽائي جي شاعري متعلق اهڙي دعويٰ ڪيئن مختلف آهي؟

انور: مان ان باري ۾ بلڪل ڪليئر آهيان. مها پارت هجي، يا ڪا ٻي هائيپوٿيسز هجي، يا ڪو ٻيو فلسفو هجي ماڻهوءَ جي نفسيات آهي ته هو پنهنجي مذهبي وسيلن مان تخليقي تعبيرون ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. مثلن لاهوت لامڪان ۾ جيڪي پٿر آهن، پاڻيءَ جي وهڪري ۾ تن جو چونو ڳري نڪري ويو آهي ۽ باقي جيڪي پٿر بچيا آهن انهن جو هڪ قدرتي ڊيڪ آهي. ۽ هاڻي انهن جي ڊيڪ کي ماڻهن مختلف نالا ڏنا آهن. پر ڀٽائي سنڌ جي يونيورسل مسئلن تي يونيورسل طريقي سان لکيو آهي. سنڌ جي تاريخي اوسر ۾ ان جا ڪي خاص مسئلا رهيا آهن. مثال طور سنڌ، سنڌو درياءَ جي ٻن ڪنارن تي آباد ملڪ آهي ۽ سنڌو درياءَ وهڪرا بدلائي ٿو ۽ ڪن هنڌن ٻوڏن اٿڻ جو سبب بڻجي ٿو. ته ڪٿي ماڻهو ڏڪر جو شڪار ٿي وڃن ٿا. فطرت ڪڏهن به ناراض ٿي سگهي ٿي ۽ ماڻهوءَ جي فطرت جي خلاف جدوجهد سدائين جاري رهي ٿي. فطرت سان انسان جو جهيڙو ته هلندڙ آهي. سو سنڌ ۾ به ڏڪار آيا، ڌارين جون لڙائيون ٿيون ۽ اهڙا ٻيا معاملا ٿيا ته انهن (موضوعن) کي ڀٽائي پنهنجي شاعريءَ ۾ تمام سگهاري طريقي سان پيش ڪيو آهي. مسئلا نُوس مسئلا آهن جيڪي ڀٽائي کهيا آهن ۽ مان سمجهان ٿو ته جيستائين سنڌ زنده آهي، اهي مسئلا وري وري پيا اسرندا جيڪڏهن انهن کي حل نٿو ڪجي ته ڏڪر ٿيندو، فصل تباهه ٿيندا ۽ ڌاريون قومون هتي ڪالوني ٺاهينديون. سنڌ جي انهن سيني مسئلن خلاف، ڀٽائي صاحب بيت لکي ٿو. انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته ڀٽائي مستقبل جو شاعر آهي.

پينل: ڀٽائيءَ جيڪي ڏنو آهي سو تصوف جي علامتن ۾ آهي، ٻئي طرف

تصوف هتي هڪ سگهارڀ تحريڪ رهيو آهي ۽ ان جو اثر بہ موجود آهي. توهان جو ڇا خيال آهي، اج جي دور ۾ تصوف ڪردار ادا ڪري سگهندو. ڇاڪاڻ تہ ان جو بنياد وري بہ سيڪيولرازم تي بيهي ٿو؟

انور: جيڪڏهن ڀٽائيءَ کي هڪ شاعر جي حيثيت ۾ ڏٺو وڃي تہ توهان ڀٽائيءَ کي صوفي چئي نٿا سگهو. سنجيدگيءَ سان جيڪڏهن ڀٽائيءَ جو مجسمو ڏسندو تہ هو صوفي لڳندو ۽ جي ڀٽائيءَ جي ٻولي ڏسندئو تہ انهيءَ مان صوفي ازم جي ٽرمنالاجي ملندي، هاڻي هي ٽي پهلو ٿي ويا. هڪڙو ڀٽائيءَ جي شاعري، ٻيو ڀٽائيءَ جي شڪل شبيهہ ۽ ٽيون ڀٽائيءَ جي ٽرمنالاجي. انهيءَ حوالي سان آئون اهو عرض ڪيان تہ اينگلس لکيو تہ اها هڪ قائم ٿيل روايت هئي تہ زندگيءَ جو ڪو بہ فلسفو ٿيالاجيءَ جي معرفت پيش ڪيو ويندو هو. مذهبي ٽرمنالاجي سان زندگيءَ جا سڀ مسئلا سائنس، آرٽس وغيره وسيلي پيش ڪيا ويندا هئا. هاڻي اها هڪ دور جي مضبوط روايت هئي. جنهن جي ڪري ڪو بہ رائيٽر انهيءَ روايت کي ٽپي نہ پيو ڏئي سگهي ۽ اها ڳالهہ سمجهڻ لاءِ اهو سمجهڻ ضروري آهي تہ اج جو سنڌي.ليڪڪ جيڪڏهن ترقي پسند نقطئہ نگاهہ سان نٿو لکي تہ هن جي لکڻي کي ڪو ئي ڪو نہ پڙهندو. هن وقت ترقي پسند نقطئہ نظر يا سچائي سنڌي ادب ۾ هڪ اهڙو سگهارو لاڙو ٿي چڪو آهي جنهن کي ڪوئي بہ ٽپي ڏيئي نٿو سگهي ۽ اها هن دور جي سخت روايت آهي ـ اهڙي طرح اها مذهبي ٽرمنالاجي واري اها ٻولي ان دور جي تقاضا هئي جو اهو دور مذهبي ڪٽرپڻي جي اوج وارو دور هو. انهيءَ دور ۾ مذهب جي اوٽ ۾ سچيءَ ڳالهہ ڪرڻ غداري يا بغاوت هئي باقي انهي جي باوجود جيئن مثال:

ڪل شئي يرجع الله الا املحہ. اصل ٿي جهچان جهانگين ڪاڻ.

تہ هر ڪا شئي پنهنجي اصل ڏانهن موٽندي، عمر سومري ۽ مارئي جي وچ ۾ جيڪو جهڳڙو آهي، انهيءَ جو نتيجو ڀٽائي صاحب. قرآن شريف جي آيت جو حوالو ڏئي ٿو ڪڍي. جيئن ماڻهن کي قائل ڪري سگهجي تہ هر ڪا شئي پنهنجي وقت سان موٽندي ۽ جيڪڏهن اهو نقطئہ نظر آهي تہ مارئي ملير واپس پهچي ويندي تہ ان جي معنيٰ اها نڪتي تہ اها عمر سومري ۽ عمرڪوٽ جي

شڪست آهي. ڀٽائي صاحب ان ڳالهه کي پوءِ ڀلي هن جي ٽرمنالاجي اسلام هئي، هو پنهنجي شخصيت جي اعتبار کان يونيورسل آهي، انهيءَ ۾ هو جينيس آهي. انهيءَ ۾ هن کي ڪو بہ مذهب ڪونهي. باقي ان سوال سان آئون متفق آهيان تہ صوفي ازم پنهنجي دور جو تہ تمام ترقي پسند نظريو هيو. ترقي پسندي خود هڪ نسبتي شئي آهي. جنهن دور ۾ ڀٽائي صاحب هو ،ان دور ۾ ڀٽائي صاحب جي صوفي ازم نہ رڳو ترقي پسند هئي، پر ان دور جو انقلابي فلسفو هو. مون اڳ بہ ڪن مضمونن ۾ لکيو.هو تہ،"ڀٽائي ترقي پسند هو انهيءَ ڪري صوفي هو." ۽ ايئن نہ آهي تہ، ڇاڪاڻ تہ هو صوفي هو تنهن ڪري هن جي شاعري ترقي پسند هئي. هن جو من جينيس هو، انهيءَ ۾ سڄي روشن خيالي بہ هئي تہ ترقي پسندي بہ هئي تہ انقلابي اوج بہ هو. هو انهن سڀني شين جو مجموعو هو.

پينل: شاهہ ڀٽائيءَ جا عورتن وارا ڪردار اڄ ڪان جدا حالتن مان آهن، ان زماني جا قدر ٻيا هئا. اڄ جي عورت ڪهڙي.طرح پاڻ کي مڃائي سگهي ٿي. جڏهن تہ هن جي لاءِ حالتون بہ بدلجي چڪيون آهن؟

انور:

سڀ ننگيون ٿي نڪرو لالچ ڇڏي لوڀ
سپريان جي سوڀ ننڍون ڪندي نہ ملي.

اها هڪ علامتي ڳالهہ آهي.

جي هٿ نہ هوت پسن، سي ڪيئن ڪيچ پسنديون.

ڀٽائي صاحب جيڪو سهڻيءَ جو سفر ڏيکاريو آهي، ان سفر کي هن جا جاکوڙ جي علامت ڪري پيش ڪيو آهي، ضروري ناهي تہ هر ڪنهن کي ڪيچ، لاهوت يا هنگلاج وڃڻ گهرجي. سفر کي تہ ڀٽائيءَ جدوجهد جي علامت ڪري پيش ڪيو آهي ۽ اها جدوجهد وقت جي ظالم قوتن جي خلاف آهي. اها تہ هر ڪنهن کي ڪرڻي آهي. هن وقت جي عورت هجي يا ماضيءَ جي هجي يا مستقبل جي هجي، انهن جي آڏو کي رڪاوٽون اينديون ۽ انهيءَ ۾ جيڪڏهن هن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جدوجهد ڪرڻي آهي تہ ڪيس پنهنجو وجود بلڪل وڃائڻو پوندو.

جي بي شرڪ پانئين پاڻ ڪي، تہ عين شرڪ اڀءُ
وڃائي وجود ڪي، پاٽان پاسي تيءُ
هڏهين ڪونهي هيءُ، هو پڻ ڪونهي هن ري.

سادن اکرن ۾ ايئن چئي سگهجي ٿو تہ سنڌ جي مستقبل جي عورت کي بہ صحيح راهہ ڏسڻ جو رنگ، ڍنگ يا تفصيل رسالي ۾ موجود آهن ۽ گوبند مالهيءَ پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ لکيو آهي تہ ”ڪراڙا اسان کي چوندا هئا تہ بابا زندگيءَ ۾ جيڪڏهن ڪٿي منجهي پئو تہ توهان کي ٻہ ڪتاب آهن جيڪي توهان جي رهنمائي ڪندا: هڪڙو گرنٿ صاحب گرو نانڪ جو ۽ ٻيو پيڙائي صاحب جو رسالو.

انور پيرزادي سان ڳالهه ٻولهه

منهنجو وس هلي ته مان ڀٽ شاهه کي ”يونيورسٽي ٽائون“ ۾ تبديل ڪري ڇڏيان

انٽرويو: انور ابڙو

14 مارچ 2006ع تي جڏهن مون انور پيرزادي صاحب جن سان ڀٽائي سائينءَ جن بابت ڳالهه ٻولهه ڪرڻ شروع ڪئي ته، ڀٽائي ۽ ڀٽ شاهه بابت ڳالهائيندي چيائين: ”جيڪڏهن منهنجي حڪومت هجي ته مان سڀ کان پهريان ڀٽ شاهه کي هڪ يونيورسٽي ٽائون بڻايان. bhit shah should be a university town جتي ٿيولاجي، تصوف، انٿرولاجي، راڳ ۽ ٻين سائنسي علمن جي تعليم ڏني وڃي. اها هڪ بين الاقوامي يونيورسٽي هجي، جتي دنيا جي ماڻهن کي ٽيررازم جي اينٽي ٿيسز پڙهائي وڃي. جيڪو اڄ جي دنيا جو وڏي ۾ وڏو مسئلو آهي. ڀٽ شاهه يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي نوجوانن سان پرڏيهي شاگردن کي داخلا ڏني وڃي.“ ”ڀٽ شاهه يونيورسٽي ٽائون ۾ رڳو شاگرد، پروفيسر، ڀٽائيءَ جا راڳائي فقير، ڀٽائيءَ جي خاندان سان لاڳاپو رکندڙ سيد، هنرمند(جن ۾ اجرڪ ٺاهڻ وارا شامل آهن). ان يونيورسٽيءَ جا ٻيا ملازم ۽ انهن جا گهر ڀاتي رهندا. انهن کانسواءِ اتي ٻيو ڪنهن کي به رهڻ جي اجازت نه هوندي. اها هڪ singing university پڻ هوندي. اهو هڪ ننڍڙو پر خاص علمي، هنري ۽ موسيقيءَ جو علائقو هوندو.“

انور پيرزادي صاحب پراڻي دور واري ڀٽ شاهه جي حدن ۽ ان جي 75 سالن جي هڪ ڪراڙي رهواسيءَ هڪ ٻيري انڪشاف ڪيو ته ”اڳ ۾ ڀٽ شاهه تي ڀٽائيءَ جي مزار، مسجد، حويلي ۽ ڪبڙ(جنهن ۾ ڀٽائي سائينءَ جي امڙ رسي ٻڌي ڏُڌُ ولوڙيندي هئي) کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه هوندو هيو. جڏهن ته ڪراڙ ڍنڍ جي ڏکڻ ۾ رندين جا پڪا هوندا هئا. سو، جڏهن ڪانيو خان (ڄام صادق مرحوم جو والد) ڀٽائي جي ميلي جي موقعي تي ڀٽ شاهه تي ايندو هيو ته، هو سڪن جون خرزينون ڀري ايندو هيو ۽ ڏکڻ واري پاسي کان ڀٽ شاهه تي پهچندي ئي ماڻهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ سڪن جون مُنيون پري اڇلائيندو هيو. جڏهن ماڻهو اهي سِڪا کڻڻ جي لاءِ اوڏانهن ڊوڙ پائيندا هيا، تہ هُو رندين جا پڪا ڌاڪي وجهندا هيا. پوءِ رندين، ڪانيو خان سان شڪايت ڪئي تہ، هو سخاوت پلي ڪري، پر اهڙي طريقي سان نہ، جو سندن اجها ڊهيٰ پون.“ هاڻي اهي ناچڻيون پٺائيءَ جي درگاهہ جي اُتر ۾ مچر ڪالونيءَ ۾ رهن ٿيون. پٺائي جي مزار جي اُتر ۾ ملاکڙو ٿيندو آهي.“

انور پيرزادي جي اها بہ تجويز هئي تہ،”دنبوري چونڪ، ڪان پٺائيءَ جي درگاهہ ڏانهن ويندي پنهي پاسن کان جيڪي دوڪان آهن، سي سڀ ڊاٿا وڃن ۽ انهن جي مالڪن کي ان جو معاوضو ڏنو وڃي. ائين ڪرڻ سان ماڻهو جيڪڏهن شيخ اياز جي قبر ڪان بيهي ڏسندو تہ ڪيس پٺائيءَ جي مزار چٽي نظر ايندي.“ هن چيو تہ”this is my dream about bhit shah(ڀِٽ شاهہ بابت اِهو سندس خواب آهي.)“

انور پيرزادي تجويز ڪيل ڀٽ شاهہ يونيورسٽيءَ جي اهميت بابت ڳالهائيندي چيو تہ،”ان سان آمريڪا سميت سڄي دنيا ڀٽ شاهہ تي ڇڪجي ايندي. جتي دهشتگرديءَ جي خلاف جدوجهد جو هڪ گڏيل تصور (concept) تيار ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ پٺائيءَ جي صوفي ازم ۾ اسلام، ٻڌمت ۽ هندومت سميت دنيا جي سمورن مذهبن جي ڳالهہ ٿيل آهي. هِن جي شاعريءَ ۾ سيني مذهبن جي ماڻهن جي لاءِ ساڳيو پيغام آهي. رڳو هن نالا ٻيا استعمال ڪيا آهن. پٺائيءَ منهنجي شاعريءَ ۾ شيعہ ۽ سُني فرقي سميت سيني فرقن جي ڳالهہ ڪئي آهي. پٺائيءَ چيو تہ،”آڳاهو جن علي، آءٌ نہ جيئندي ان ري.“ پٺائي جي شاعري ان گلدستي وانگر آهي، جنهن ۾ هزارين رنگن جا گل هوندا آهن، پر سيني جي خوشبوءِ ساڳي هوندي آهي.“

انور پيرزادي لاڳاپيل ادارن جي سربراهن بابت ڳالهائيندي چيو تہ،”گل محمد عمراڻي جڏهن سنڌ ثقافت کاتي جو ڊائريڪٽر جنرل هيو تہ، اهو هڪ ڏينهن بہ ڀٽ شاهہ تي نہ ويو هيو. جڏهن تہ هن وقت جيڪو ڊائريڪٽر جنرل آهي جتوئي، ان کي مون هڪ ڏينهن چيو تہ، توهان هر هفتي جڏهن پنهنجي ڳوٺ وڃڻ جي لاءِ ڀٽ شاهہ جي پرسان گذرو ٿا تہ، ڀٽ شاهہ تي ضرور وڃو. اتي وڃي هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪپ چانهہ جو پيئي، توهان جي اتي وڃڻ سان پٽ شاهہ تي ڪم ڪندڙ ملازم سرگرم رهندا."

انور پيرزادي چيو تہ،"پٽ شاهہ تي مقرر پوليس کي حڪم ڏجي تہ، اها پٽائيءَ جي مزار جو تقدس بحال ڪري، ياترين کي تحفظ فراهم ڪري. ڪراڙ ڍنڍ کي انساني بيڪار مادن ۽ گند ڪچري کان بچائي. پٽ شاهہ تي ڪا بہ دهشتگردي ڪانهي. ان ڪري پوليس جو اتي اِن ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ ڪم ناهي. ان کي جيڪڏهن ڏاڙيلن ۽ دهشتگردن جي خلاف ويڙهاڪو آهي تہ پوءِ اِن کي لاڙڪاڻي ۽ ڪراچيءَ موڪليو وڃي."

پٽائيءَ جي شاعريءَ کي محفوظ ڪرڻ بابت ٿيندڙ ڪوشش بابت انور پيرزادي ٻڌايو تہ،"هڪ پيري شاهہ لطيف چيئر، ڪراچيءَ جي هڪ ڳڏجاڻيءَ ۾ اها رأءِ آئي تہ،"پٽائيءَ جي شاعريءَ جون اهڙي طرح سي ڊيز تيار ڪيون وڃن، جو پٽائي جي بيتن ۾ سنڌ جي جنهن بہ شيءِ يا علائقي جو ذڪر ٿيل هجي. ان جا images ۽ مختصر تعارف ڏيڻ گهرجي. مثال جي طور تي جيئن پٽائيءَ جي اها سٽ آهي تہ:"جي تو پهڻ پب جا تہ لڳ منهنجا لوهہ." تہ اِن ۾ پب جبل جي تصوير ۽ تاريخ اچڻ گهرجي. اهڙي طرح پٽائي جي شاعري آڊيو ۽ ويوئل فارم ۾ آڻڻ گهرجي." جڏهن ڳڏجاڻي ختم ٿي تہ، چيو ويو تہ، اِها تہ سنڌ جي انسائيڪلوپيڊيا ٿي ويندي. ڇاڪاڻ تہ پٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ سنڌ جا سيئي خطا، جبل، لاڙ، ٿر، ڪاڇو، ڪوهستان، ڪڇو، ڊيلٽا، ٻيڙيون، پکي، جيت، جٺيا، جانور، گاهہ، گل، ڪاڏا، لباس، ريتون رسمون، مطلب تہ سنڌ ۾ جيڪڏهن ڪا کِوِل بہ ٿي چُري تہ اها بہ پٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ نظر ٿي اچي. پر اِهو ڪم اڃا رهيو پيو آهي. ڪو بہ ادارو اهڙي قسم جو ڪم ڪرڻ جي لاءِ تيار ناهي."

انور پيرزادي چيو تہ،"پٽائيءَ کي ڊاڪيومينٽ ڪرڻ جي لاءِ اسان کي هڪ ٻي سنڌالاجي جوڙڻي پوندي. باقي ڪروڙين روپين جي بجيٽ کي بيڪار نموني سان ضايع ڪرڻ سان پٽائيءَ جو قد نٿو وڌائي سگهجي. پٽائيءَ جو قد نہ هڪ سينٽي ميٽر وڌائي ٿو سگهجي ۽ نہ وري گهٽائي ٿو سگهجي. پٽائيءَ سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهرباني ڪرڻ جي ڪا بہ ضرورت ناهي.“

انور پيرزادي ڀٽائيءَ جي شاعري بابت هڪ واقعو ٻڌائيندي چيو تہ: ”سنڌو ڊيلٽا جي ڪنڌيءَ تي رهندڙ هڪ جهور پوڙهي(جيڪو هاڻي شايد مري چڪو هوندو) ڪيس هڪ ڀيري ٻڌايو هيو تہ،”ڀٽائيءَ جو”تتيءَ تڏيءَ ڪاهہ“ وارو بيت ٻن نہ، پر ڇئن سٽن جو آهي. ۽ پوءِ هُن ڀٽائيءَ جو پورو بيت هِن طرح ٻڌايو هو:

تتيءَ تڏيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
لوچي ٻَڌُ لطيف چئي، ڪمر ڪيچين ڪاڻ،
جيسين آهي، سوجهرو، تيسين ڪرهل ڪاهہ،
متان تئِيَ اونداهہ، پير نہ لهين پرينءَ جو.

هڪ سوال جي جواب ۾ انور پيرزادي چيو تہ،”هن دنيا ۾. بيزاري، ڪوفتون ۽ فرسٽريشن آهي، جنهن جي لاءِ ڀٽ شاهہ هڪ وڏي سڪون واري ڪائنات آهي. هن وقت ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ سنڌي ماڻهو ڀٽائيءَ کان سکن. ڇاڪاڻ تہ ڀٽائي سنڌ جي ماضي، حال ۽ مستقبل جو شاعر آهي.“ـ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريتم! تنهنجا پارَ ڪهڙا چئي ڪهڙا چوان

اسان سنڌي اهلِ ڪتاب آهيون ۽ ان ڪتاب جو نالو "شاهه جو رسالو آهي." هن رسالي ۾ ڪڏهن ڪڏهن لڳندو آهي ته پيتائيءَ جي شاعريءَ جو مقصد عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ راز ۽ نياز ڪي بيان ڪرڻ آهي پيو ڪو ان ۾ مواد ئي ڪونهي. ڪڏهن ڪڏهن لڳندو آ ته نه قرآن شريف جو عربي مان سنڌي ۾ ترجمو ڪري مسلمانن ڪي سمجهائڻ ته اسلام ڇا ٿيندو آهي، الله ڇا ٿيندو آهي، صحيح راهه ڪهڙي آهي، الله ڪي ڪيئن حاصل ڪبو آ. اهو بيان ڪرڻ رسالي جو مقصد آهي. ڪڏهن ڪڏهن لڳندو آ ته نه هن جي شاعري جو مقصد آ ته سنڌي لئنگويج ڪي ڪيئن ٺيڪ ڪجي، ان جو گرامر ڪيئن ٺاهجي، ان جا **phonetics** ڪيئن ٺاهجن. ان شاعريءَ ۾ **intrinsic music** ڪيئن وجهجي، سنڌي لئنگويج جي **linguistic development** ڪيئن ڪجي، ڇڻ ان ڪان وڌيڪ رسالي ۾ ٻي ڪائي شئي ئي ڪانهي. ڪڏهن ڪڏهن لڳندو آ ته سنڌ ڪي **total documents** ڪرڻ هن ماڻهوءَ جو مقصد هو، ڪڏهن ڪڏهن لڳندو آ ته نه هيءُ ته ڪو انڊرگرائونڊ تحريڪ جو ماڻهو هيو جيڪو ماڻهن ڪي سمجهائڻ پيو چاهي ته:

ڪـــي سُـــمـــهـــ، ڪـــي جـــاڳ، ڪـــاءُ اڏورو آن،
تـه جا مـورت تـنـهـنجي مـن، تـنـهـن مشاهدو ماڻـيـئن.

سو سائين پريتم! تنهنجا پار ڪهڙا چئي ڪهڙا چوان. مونکي لڳي ٿو ته هيءُ ڪتاب جنهن جو نالو "شاهه جو رسالو" آ ان ۾ سنڌي ماڻهو ڪي هن ڪائنات ۾ رهڻ لاءِ جيڪا **total philosophy** کپي اها موجود آهي ۽ اهڙي انداز ۾ موجود آهي جيڪا هو ٻي ڪنهن ٻولي ۾ سمجهي ئي نٿو سگهي ڇاڪاڻ ته هڪ ته اها هن جي پنهنجي ٻولي آ جنهن ۾ هن ڪي سمجهايو ويو آهي پيو ته هن ايڏي **poetic**، ايڏي **artistic** ۽ ايڏي **impressive** انداز سان سمجهايو آ جوان ۾ ته هو **unsurpassed** آهي. اهڙو **art of expression** هن وقت تائين پيدا ئي نه ٿيو آ. پيتائي جي معاملي ۾ اوهان مونکي شائونسٽ چئي سگهو ٿا ڇو ته شاعر ۽ فلاسافر ته دنيا ۾ ٻيا به موجود آهن.

انور پيرزادو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعویٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي ڄڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڄاڻائي کي ياڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ ياڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چــو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪُرِ پائي چيو تہ "منهنجا يارُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)